سائين، مان اوهان جي ڳالهين کي سمجهي رهيو آهيان، ۽ خوب سمجهو ٿا، پر هڪ ڳالهه واهه جي ٿي وئي آهي ته اوهان هتي آغا قيوم جي مفت ۾ واهه جو شهرت ڪرائي ڇڏي، هاڻي هي ڪتاب اگهاڙو سچ پهريون بيسٽ سيلر هجي نه پر خير سان هاڻي ته ٿي ئي ويندو، اوهان کي پنهنجي شڪارپور سان بي پناهه دل صحيح پر آغا قيوم صاحب ته اڃي اوهان جا هٿ چمي، ڇو ته اوهان هن جي هٿ بدنام ٿي ڪرائي پر واهه جو نالو جمرائي ڇڏيو....... سلامت رهو سائين

March 21, 2011 at 4:46

My Shikarpur's Pictures شڪاپور جون تصويرون

خيرپور جي هڪ هندو ڊاڪٽر هڪ ڪتاب لکيو هيو شايد ڪتاب جو نالو هيس جنس ۽ سماج اهو ڪتاب ٻه سٺو هيو ۽ معلوماتي ۽ ڳالهيون سائنسي بنيادن تي ٽيل هيون ۽ جنس کي ايجوڪيٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ليکڪ جو نالو ڊاڪٽر پرڀو مل هيو هن پهريون دفعو ٻڌايو ته مشت زني يعني ميسٽرشن سان ڪو نقصان ناهي، احتلام جو ڪو ٻه نقصان ناهي، عورت جيڪڏهن پيٽ سان هجي ته زال ۽ مڙس کي ڪهڙي پوزيشن ۾ مباشرت ڪرڻ گهرجي ايستائين جو هن پوزيشنس ٻه ڪارٽونن جي روپ ۾ ڏنيون هيون ۽ جنسي ڏند ڪٿائن تي بحث ڪيو هيو، ۽ ٻي اهم ڳالهه ان ڪتاب جي اها هئي ته هن جنسي عضون جا نالو لوڪل سنڌي ٻولي ۾ وارا ڏنا هيا،

March 21, 2011 at 4:47am

My Shikarpur's Pictures شڪاپور جون تصويرون

آغا قيوم پنهنجي آتم ڪٿا اگهاڙو سچ جي ٽائيٽل تي لکيو آهي ته هي سنڌي ۾ جو فحش ترين ڪتاب آهي، يعني هن ۾ عيش عشرت، مزي ۽ لطف جي ڳالهه آهي، نڪي هن اها ڳالهه ڪئي آهي ته هي ڪتاب ڪو سيڪس تي معلوماتي يا تعليمي ڪتاب آهي.

Marc 21, 2011 at 4:50am

Rozeena Shams Dear brother **Hisam** you always have done well to share very wonderful things regarding shikarpur, I always appreciate and defend your case, but the book of mr. **Agha Qayoom** is real shil and full of fith. That is of no use to write for this more. I request to stop this fuss to be spread out more.

Marc 21, 2011 at 4:52pm

Rozeena Shams the write has tried to earn the cheapest gianto abuse and insult others. Let me say he is the mean of the meanest people. It is opinion after reading it, he rael hell boy, he has played havoc with whole sindhi nation. He should be ignored once for all. Thank you.

March 21, 2011 at 4:59pm

Moheen Alee well good to know about as many thing, one of them is tha. Ada **hisam** is elaborated each every thing, what is say more?.,, just would say I would now read this book, as adi Rozeena said, onle? So may I know how I read online this book please.

March 22, 2011 at 8:35am

Zahoor Soomro Ada **Hisam** as you have written a little bit introduction about the book which actually provide the gralnce of the book. If such cheapest thigs are highlighted in the way to gain negative publicity and earn through insulting other's self esteem, must be knocked down immediately.

March 22, 2011 at 3:33pm

Scanned with CamScanner

Zahoor Soomro Sindhi culture is the superb culture and have strong moralty and respect for others. The love peace and hormony is the massage of sindhi nation.
However discussing different dimensions of sexuality can not be the problem but the problem is the vulgarity and the cheap way of expression used in the write up, I strongly condemn such write up. I think people collectively shall sue him in the court of law.
March 22, 2011 at 3:36pm
Rozeena Shams agreed with zahoor, but this should not be deleted, it is a like mirror and the record of my shikarpur
March 23, 2011 at 3:23am
Moheen Alee Exactly you correct
March 23, 2011 at 4:29am
Amar Fayaz

ته ادا حسام! اڃان تائين اهو "لاهوتيءَ واري اعلان" وانگر پنڊڻ هلي ٿو!

مونکي سچ ۾ تعجب ٿئي ٿو.

ٻ منهنجي ڀيڻ روزينه شمس صاحبه ڳالهه صرف اها ناهي ته "منهنجي شڪارپور" ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري ٿو اهو هتي آٽڻو آهي، ٻ اسان ائين ڪري به نه ٿا سگهون، ڇو ته ڳالهه جيڪڏهن اخلاقيات جي آهي ته پوءِ هتي اسان وري متضاد رويا ڇو ٿا رکون؟ مثال جيڪڏهن گهر ۾ اها ساڳي روش شروع ٿي ته هوند ماءُ پيءُ پنهنجي ٻارن سان پنهنجي نجي رابطا به سلين؟ ڇا اهو ممڪن آهي؟ قطعي طور تي اها ڳالهه قابل قبول نه ٿيندي. ڇو ته اظهار راءِ به هڪ مخصوص جڳهه تي ٻيهجي پوندي آهي. مان پير حسام الدين جي ان قول جو پڪو قائل آهيان ته "هر ڳالهه، هر ماڻهوءَ سان، هر جڳهه تي ٻ هر وقت نه ڪبي آهي، جيڪو ائين ڪندو سو جٺ آهي." آغا قيوم جيڪا حرڪت ڪئي آهي، جي غور سان ڏسو ته ٺيڪ اها ئي حرڪت آهي جيڪا پير صاحب جي ڳالهه جي ابت ۾ ڪبي آهي، هن غلط ڳالهه غلط جڳهه تي غلط ماڻهن سان ٻ غلط وقت تي ڪئي. بس قصو ڪوتاهه ٿئي ٿو اتي. پر جيڪڏهن هن پاڻ واري ڳالهه کي وٺنداسين ته ڇا اسان به اها ئي حرڪت نه ڪري رهيا آهيون؟ مان سمجهان ٿو ته هتي اها ڳالهه رکڻي ئي نه هئي. ان جا دليل هاڻ ٻڌو مهرباني ڪري.

نمبر هڪ: ڇا فيس بوڪ تي اسان سڀ هڪ ئي نفسيات جا مالڪ آهيون؟ نه، ته پوءِ هن موضوع کي هتي رکي اسان ڇا ٻڌائڻ چاهيون ٿا؟ ته اسان اهڙا هيون؟ ڪنهن چيو ته اسان اهڙا آهيون؟ پر اسان مفت ۾ هن ڪريل ئي سهي پر ان جي مشهوري نه ڪري رهيا آهيون نه؟ ڇا ائين ناهي؟ هن وٽ اخلاق جا جيڪي پئمانا آهن اهي پاڻ وارن پئمانن کان مختلف آهن، جنهن ۾ هن لاءِ جيڪي عزت جا سبب آهن اهي اسان وٽ بيعزتيءَ جا ٻ اسان وٽ جيڪي عزتن جا سبب آهن سا هن وٽ بيعزتيءَ جا، اوهان ائين ئي ته ٻڌائڻ چاهيو آنه؟ ته پوءِ هتي اسان هن کي خوار نه پر عزت بخشي رهيا آهيون. اها منهنجي ڳالهه وري غور سان سوچيو.

نمبر ۲. مارڪس فلسفي تحت هن دنيا ۾ اصل اقتصاديات آهي باقي ٻيون سڀ شيون ثانوي حيثيت رکن ٿيون. سو اسان هتي آغا قيوم سان گڏ هن جي فضول ڪتاب اگهاڙي سچ جي بہ ليڪ ٽاڪ مشهوري ڪري رهيا آهيون. هتي اوهان کي ڏسو، گهڻن دوستن جي دل ۾ هن ڪتاب کي پڙهڻ جو اتساهہ پيدا ٿيو آهي. معنيٰ اهو ڪتاب هاڻي خريد ڪيو ويندو! ۽ واقعي هاڻي ان ڪتاب جي گهرج وڌي ويئي، ۽ جيترو بہ ڪتاب خريد ڪيو ويندو، ان ۾ ڪنهن کي فائدو ملندو؟ اوهان کي يا آغا کي؟ مان سمجهان ٿو تہ هوئڻ اهو ڪتاب بيسٽ سيلر نہ هجي پر اسان هاڻي ڪري ڇڏيو، ٻي طرح سان ڏسجي تہ اسان اڻ سڌي طرح سان آغا قيوم کي معاشي طرح اجان مضبوط پيا ڪريون. ڇا ائين ناهي؟

ادا سائين اسان جا جڪ ڪائڻ سهي آهن پر ٻيلي عقل ڪان بہ ڪم وٺڻ گهرجي يا دهل وڄي دوسو مڙي وانگر اسان لڳا پيا هجون تبصري بازيءَ ۾ ۽ هو اسان تي وينو کلي؟

ڪي واقعا اهڙا هوندا آهن جن کي نظر انداز ڪبو آهي. ڀلي دل ۾ زهر جي ڍڪ پرٽا پون. ڇو تہ اڪثر نظر اندازي دنيا جي تمام وڏي بيعزتي هوندي آهي. پر معاف ڪجو اوهان ان ڏاهپ کا ڪم نہ ورتو، ۽ جذباتي ٿي آغا صاحب کي وڏي عزت بخشي ڇڏي. لوهان ٺيڪ اهائي حرڪت ڪريو ٿا جيڪا هڪ فلمي ايڪٽريس پنهنجي پاڻ کي مشهور بنائڻ لاءِ پاڻ تي ڪوڙا جنسي اسڪينڊل ٺهرائي پئسا ڀري ميڊيا ۾ عام ڪندي آهي، ۽ ميڊيا ٺيڪ ٺاڪ نموني سان اها ونگار وهندي آهي. ڪٿي اوهان بہ تہ اها ونگار وهو ٿا؟

خدا جي واسطي مونکي غلط نہ سمجهجو، مان هاڻي سمجهان ٿو جڏهن لوهان فون ڪري ٻڌايو، ۽ مان توهان کي جهليو تہ فوري طور تي اهو هن کي مشهور ڪرڻ بند ڪريو، پر اها اسٽوري اجان هتي آهي، مان ان جي معنيٰ ڇا سمجهان؟

مان پنهنجي ٻچن کي ڏسي ۽ انهن جو قسم کڻي چوان ٿو تہ آغا قيوم هڪ ڪريل حرڪت ڪئي آهي، پر اها ساڳي حرڪت ڪنهن ٻي نموني سان اسان ڇو ٿا ڪريون؟

منهنجو بس ايترو ئي عرض آهي.

دعاگو

امر فياض

Zahoor Soomro Agreed with **Rozeena**, we shall keep this on My shikarpur, Even the evil side is the part of society and need to be discussed rather then ignoring it. The solution to the problems can be discovered by highlighting the problems. This is the reason the west has found out the ways to deal with different sexual orientations of people by providing them freedom of pursuing their own preferences, where as the same behaviours prevail in our society but by ignoring them the problems may get even worst.

The tragedy of people over there is that they hide the issues and problems rather than discussing them. That's the reason evil behaviours such as "Karo Kari" sati and other issues still prevails and cause the damages to the people.

March 24, 2011 at 12:22pm

Scanned with CamScanner

My Shikarpur's Pictures شڪارپور جون تصويرون

ادا فياض اوهان جي ڳالهه اکين تي، مان پاڻ به اوهان کي چيو هيو ته هيءَ پوسٽنگ ختم ڪرڻ گهرجي، پر مون پوءِ سوچيو ته دوستن سان صلاح مشورو ڪجي ڇو ته جيڪي دوست ماءِ شڪارپور تي ويٺا آهن انهن جو خيال ڪرڻ گهرجي، پوءِ مان دوستن سان موبائيل تي ڪانٽيڪٽ ڪيو ته ڇا هيءَ پوسٽ ڊليٽ ڪرڻ گهرجي، پوءِ مان ماڻهن کان رايا ورتا ته اها ڳالهه سوچي ته ان شيءَ کي اهڙي طريقي سان حل ڪجي جو سهڻي طريقي سان مسئلو حل ٿي وڃي، پوءِ مان سوچيو ته جمهوري حوالي سان جيترا رايا گهڻا ملندا پوءِ اهو فيصلو ڪيو، جي اهي رايا گهڻا آيا ته هيءَ پوسٽ ڊليٽ ڪرڻ گهرجي ته مان ڊليٽ ڪندس، جي ٿورڙا آيا ته مان ڊليٽ نه ڪندس.

March 25, 2011 at 2:08pm
Amar Fayaz

ادا سائين اوهان جي مرضي، فقير رمتا ڀلا

March 25, 2011 at 2:00am
My Shikarpur's Pictures شڪارپور جون تصويرون

ٻي ڳالهه اها به سوچڻ جي آهي ته جي ڪي ڪتاب اهڙا اچن ٿا ته ڇا انهن جو جائزو نه وٺڻ گهرجي؟ ڇا انهن ڪتابن کي بنهه وساري ڇڏجي؟ ڇا دوستن جي ذهني لاڙن ۽ معلومات کي اگنور ڪجي؟ مان هڪ مثال ڏيان ٿو، شايد اهو 2009 جو سال هيو جڏهن سرڪش سنڌيءَ جي آتم ڪٿا جو جلد ٻيو ”جوليون جيءَ جهان جون“ مارڪيٽ ۾ آيو، ڪتاب ڇا آيو، واويلا مچي وئي، فيمينسٽ عورتون جاڳي پيون، دانشور اٿي ڪڙا ٿيا، صحافين پاڻ مو ڪيو، روز سرڪش خلاف مضمون، آرٽيڪل، تقريرن ۾ وڏي انساني ليول جون ڳالهيون، انساني حقن جي باقائده پوئواري ڪئي وئي، تان جو وڃي سرڪش تي ڪيس ڪيو ويو ۽ هن ڪينسر جي مريض کي ڪورٽ جا چڪر ڪاٽڻا پيا، هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ عورت شاعره لاءِ اها ڳالهه ڪئي هئي ته هن کي ڪاري قرار ڏنو وڃي، دوستن کي اها شيءَ محسوس ٿي ته هڪ اهڙو شاعر جڏهن هن ديس مٿان آمريت جو راڄ ڇانيل هيو، يعني ضيا جو مارشلائي دور ته ان وقت هن پير جو ڳوٺ ۾ پنهنجو شاندار نظم پڙهي نه رڳو فوجين کي حيران ڪيو هيو، پر الله داد ٻوهيو ڪنهن پوهي ۾ اچي ويو هيو ته آخر هن شاعر ڇا پڙهيو آهي جو هي سڀ ماڻهو جهومي اٿيا آهن، ان وقت ”ادب جا فڪري محرڪ“ جو ليکڪ الله داد ٻوهيو صاحب تعليم کاتي ۾ DEO هيو، مونکي اجازت ڏيو ته اهو نظم هتي پيش ڪيان.

سرڪش سنڌيءَ جو شاندار نظم
امنگ دل جي ڏري پئي آ
چپن جي ڇپجي ٽري پئي آ
ڪڇون پڇون ڪيئن،

Scanned with CamScanner

لڇون جسون ٽٽا
زبان رت سان ڀري پئي آ

جهڳي اسان جي ڪکن پنن جي
نظر انهيءَ ۾ به دشمنن جي
لڪي لڪي ويا وڪوڙي ويري
ڪکن تي ڪوسي رکي ويا ڪيري
دکي دکي سا ٻري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ

اسان جي نَس نَس وڍي وئي آ
اسان جي رڳ رڳ رڏي وئي آ
ڀڳيا ڀڳيا تي چرون پرون ٿا
ڀڳل ٽٽل ڪي ڀڳنڊڻ گهرون ٿا
جگر جليو دل ٻري پئي آ

اسان جي دنيا ۾ ويل آهي
اسان جي جذبن ڪي نيل آهي
ڳليءَ ڳليءَ ۾ آيو آ قاتل
اتي تمنا پڄي نه منزل
ڏسي تڏي تي مري وئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ

هجي ڪو لمحو، تئي نه غم ڪو
هجي مهينو، سڙي نه سينو
نه سال جو ڪو سوال آهي
سمورو جيون وبال آهي
سڄي حياتي ڪري پئي آ
زبان رت سان ڀري پئي آ

جنهن وقت اهو نظم پيش ٿيو ته اهو ضيا مارشلا جو شروعاتي دور هيو. 80 جو ڏهاڪو سنڌ ۾ شعور جو ڏهاڪو رهيو آهي ۽ 88 کان پوءِ شعور ڍهڻ شروع ٿيو. خير، جنهن وقت اهو نظم پڙهيو ويو ته ان وقت استاد بخاري به اتي موجود هيو ته ڊاڪٽر تنوير

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

Scanned with CamScanner

عباسي بہ، مان لفظ اھو ٿو چوان تہ اھڙي شاعر جڏھن پنھنجي ڪتاب ۾ ھڪ عورت تي ڳالھايو يا الزام تراشي ڪئي تہ سڄي سنڌ جاڳي پئي، ان تي لکيو ويو، مان سوچيان ٿو آغا قيوم جيڪو لکيو آھي ان تي سڄي سنڌ خاموش ڇو آھي؟ ڪير قلم ڇو ڪو نہ ٿو کڻي؟ ڪاڏي ويا دانشور، ڪاڏي ويا سڀ اڪاري، پڇون تہ چوندا "اسان اگنور ڪيو آھي" مان پڇان ٿو ڇو؟ جي اھا برائي آھي تہ ان سان بہ وڙھو نہ ان تي بہ ڪيس ڪيو نہ جيئن سرڪش کي برو ڪري ون ون ڪئي وئي، بلڪل جيڪي ماڻھو ايڏي وڏي پئماني تي ويھي انسان ذات کي ذليل ڪن، ڇا انھن جي اھڙي ڪرتوتن تي ھڪ لفظ لکڻ پاپ آھي، جي اھو سمجھيو وڃي ٿو تہ ائين ڪرڻ سان برائي ڦھلجي ٿي تہ مان اھا ڳالھہ مڃي نٿو سگھان، ڇو تہ دوستن جيڪي دليل سان ۽ برجستا خيال پنھنجي ڪمينٽس ۾ ڏنا آھن، ڇا اھا شيءِ ۽ ڏاھي ڇڏجي، مثال طور جيڪو فياض امر لکيو آھي اھو ڏاھي ڇڏيان، يا ٻين ماڻھن جيڪو لکيو آھي ڏاھي ڇڏيان.

ھا جي منھنجي ڏاھڻ سان برائي ڍڪجي ٿي وڃي، تہ مان اھو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آھيان، پر مان نٿو سمجھان تہ اسانجي خاموشيءَ سان بلا ٽري ويندي يا ائين ڪجي جيئن ڪبوتر ڪندو آھي يا خطرو ڏسي شتر مرغ پنھنجي منڊي واريءَ ۾ لڪائي سمجھندو آھي تہ ھر بلا ٽري وئي ان سوچ کي انگريزيءَ ۾ Ostrich approach چوندا آھن.

الائي ڪيترا ليڪڪ آھن، الائي ھو ڇا ڇا لکن ٿا، پر جي ليڪڪ ٻين جي ذاتي زندگين کي اڇاليندا تہ ڇا سڄي سنڌ خاموش ٿي ويھندي. مان ھڪ نئون مثال ٿو ڏيان تہ اڄ ئي منھنجي فيس بوڪ جي وال تي شڪارپور لاءِ جاڪوڙيندڙ اياز ابڙو، جنھن 18 مارچ 2011 تي شڪارپور ۾ ڪامياب پروگرام "شيخ اياز ڪانفرين" جي سري ھيٺ ڪيو ۽ اوريان پريان ماڻھن کي ميڙيو ۽ شڪارپور جي زمين تان انقلابي گيتن جي گونج تي، تبديليءَ جي ڳالھہ ڪئي وئي، ماڻھن جا روح تازا ٿيا، ان ھمراھہ اڄ ئي منھنجي وال تي لکيو آھي تہ!

"تاج بلوچ ماھوار سوجھرو جي مارچ 2011 واري تازي شماري ۾ سنڌ جي مھان شاعر شيخ اياز بابت ايڊيٽوريل ۾ جيڪا غير اخلاقي ۽ غير مھذب ٻولي استعمال ڪئي آھي سا مذمت جوڳي آھي، تاج بلوچ ھميشہ سنڌي اديبن ۽ شاعرن کي گھٽ وڌ ڳالھائيندو رھيو آھي. ڇا اھو ضروري آھي تہ اسان خاموش رھون ۽ ھر ڀيري ھن جي ذھن جو گند پڙھندا رھون؟ اڇو تہ سڀ گڏجي تاج بلوچ ۽ سوجھرو جو ادبي بائيڪاٽ ڪيون"

مان چوان ٿو ھرڪ کي ڳڻڻ گھرجي، ماڻھو خاموش ڪيترو ويندو. خاموشي ايجا ڊپريشن وڌائيندي، مان اھو نٿو چوان تہ رڳو آغا قيوم لاءِ الي ڪڙا ٿيو، پر ھن ڪان ڪير تہ پڇاڻو ڪري تہ آخر ڇو ٿو ٻين جي عزتون نيلام ڪيون آھن. ڀلا ائين ڪرڻ سان تو کي مليو ڇا، يا ڇا ملندو؟ اھڙو بہ ڪير نہ پڇي تہ پوءِ مھرانگي لڳي ٿي.

March 25, 2011 at 3:18am

Jahanzeb Khan The autor **Agha Qayoom "Lali"** does not explain the homosexuality among our young geenraion but, he elaborates the current situations of rural areas of the interior parts of the Sindhin his notions. Homosexuality not only explained by the author but, it has been take place in our lower areas since many years. Numerous teenage guys enjoys handloom and after they cry over spilit milk, Every one knows the results of it, Such as (LOSS OF MEMORY, WEAKNESS & OTHER PROBLEMS). The main cause of its spreading is the abundance of naked photos, videos at every where, it is not only the sin of media except entire public of society, Our yougs should keep aloof themselves from it. It is better for them...

March 27, 2011 at 1:57 am

Salman Soomro Dear. Hisam, you have dared to share such a thing which is strange to our society. **Agha Qayoom** has written this in a very abusive language if he had written this in literary language it could be a master piece.

Marc 28, 2011 at 11:41am

My Shikarpur's Pictures شڪارپور جون تصويرون

Agha Shoaib Ahmed Khan wrote this on My Shikapur (group on facebook) I cut his comments and published in this thread: Asslam Ale kum Mr. Hisam Memon Sahib it is indeed your prerogative to publish what ever your publish as for as your comment regarding agha Lalis book that it is a constructive work I m not agrred with your ideas. As far as my post on your wall is concerened I m extermly sory if your got hurt post I m sorry again.

March 29. 2011 at 3:46 am

Jan Magsi Qayoom Shb tawhan wado mazkayo athave....

October 6, 2011 at 1:21pm

Fayaz Khakheli

هن چتو آغا قيوم پنهنجي سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتاب ۾ سائين جي ايم سيد جهڙي شخصيت خلاف من گهڙت سازشي عنصرن جي چُرچ تي بڪواس ڪئي آهي جنهن کي اسان مڪمل طور تي رد ڪريون ٿا.

Janauary 14, 2012 at 2:51am

Abdullah Dayo **Agha Lali** is mind blowing writer who has portrayed the catastroplhe of his life. I love his writing style and loved his idea of protecting the rights of sexual monorities including LGBT rights.

February 10, 2012 at 12:14pm

Sajjad Ali

April 7, 2012 at 10:37am

هن ڪتاب جي اربعا صدر زرداري جي دالي ڪڻي الس... وري مثال انهي جي تقرير ۾ صدر صاحب جي عضون کي دو ليهٽ ڪرڻ..... ها ها ها......

Scanned with CamScanner

پارٽ ون جي حوالي سان

پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف انوکو احتجاج

ڪن ڪيو پر سو به ڪهڙو احتجاج، جهڙو تهڙو جڻ ته ڪدڙو احتجاج. (استاد بخاري)

سنڌوءَ منڇر

سنڌوءَ جو ٻڪ منڇر جو ڍُڪ – هڪ امرت پيو زم زم سمجهيو (استاد بخاري)

راءِ جو اظهار: اديبن جا ڪمينٽس

مصلحت خداوندي

چوندا آهن، ديوارُن کي ڪَنَ ٿين ٿا،
پر اهو به چڱو ٿيو جو، ديوارُن کي ناهي زبان!
نه ته، ته جيڪر ڪيئي راز اُگهاڙا ٿين ها،
ڪي ئي قصا، اونداهين جو سينو چيري عام ٿين ها،
خول شرافت جا چهرن تان لهي وڃن ها،
۽ هيئان جي ظاهر ٿين ها، چهرا، ڪيڏا ڇهَڪَ ڏين ها!؟
ڪئي سونا لڳندڙ ماڻهو، رولڊ–گولڊ جا ثابت ٿين ها،
سپنا پنهنجي ساپيائن تي روئي ڏين ها،
ويساهن جي ورڪڙ تي سپ، سُندر سوچون وهه پيئن ها،
(جاڙ جيئن ڦا، جي جيئن ها!)
چڱو ٿيو جو ديوارُن کي ناهي زبان (اياز گل)

ڪڙوءَ ڪرو لکي ٿو

آغا نيوم هڪ باصلاحيت ۽ سَچاڻ ليکڪ آهي. هي اُگهاڙي سچ جو دعويدار آهي. ڪڙو لکي ٿو ۽ ڪرو لکي ٿو. جيڪڏهن انهن سچائين کي وڏيڪ تخليقي انداز سان، علامت ۽ هين لني خوبين سان سينگاري، ڪنهن ادبي حد بنديءَ اندر لکجي ته پوءِ ماڻهن کان لڪائي چوريءَ پڙهڻ جي ضرورت محسوس نه ٿيندي.

آغا نيوم انهيءَ ڳالهه کي سمجهي ٿو، پر هي چاهي ٿو ته ماڻهو سندس ڪتاب کي عام ڪتابن وانگر نه پڙهن. (ادل سومرو)

بي حد پيارو دوست

آغا نيوم منهنجو جان من دوست آهي جنهن سان زندگيءَ جا بهترين سال گذ گذاريا آهن. سنڌ جو سير – ڪيئي يادگار گڏجاڻيون ۽ هن نڊلي پڙا وانگر هر هنڌ منهنجي بي پناهه عزت ڪئي ۽ احترام ڏنو ۽ اهو سڀ منهنجي زندگيءَ جو بهترين سرمايو آهي. هن انتهائي بولڊ موضوع تي هي ڪتاب لکيو آهي ۽ نڊلي ڪڏهن اهڙي ڪتاب لکڻ جي جرئت هن ئي ڪئي آهي زنده باد آغا نيوم زنده باد. (نصير مرزا)

جڏهن هي سچ پچ لالي هو

صلاحيتون ته هر ماڻهوءَ ۾ موجود هونديون آهن، پر انهن صلاحيتن کي صحيح رخ ۾ استعمال ڪرڻ سان منزل ڏانهن وڌي سگهجي ٿو. انسان مجموعي طور سائين ۽ خرابين جو مرڪب هجي ٿو، جنين جنين هو شعور جون منزلون طئه ڪري ٿو

تئين تئين آن ۾ ميچوئرٽي اچي ٿي ۽ هو پاڻ کي بئلنس ڪري سماج لاءِ ڪو قبوليت جوڳو بڻائي ٿو پر ساڳي وقت سماج ۾ انسان ذات لاءِ لاباڻو بڻائي ٿو.

آغا قيوم عرف لاليءَ کي آئون 1980ع واري ڏهاڪي کان سڃاڻان جڏهن هي سچ پچ لالي هو. هن ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون موجود آهن، هن ٻاراڻي رسالي لالي ذريعي تمام گهڻي مڃتا ماڻي، هن جون لکڻيون ادبي رس چس سان ڀرپور آهن، پر مونکي سندس ان انداز سان سخت اعتراض آهي. جنهن کي هو اگهاڙو سچ چوي ٿو. منهنجي خواهش آهي تہ هو پنهنجن صلاحيتن کي هاڪاري اندازي ۾ استعمال ڪري ۽ پنهنجي لکڻين ذريعي پنهنجو اهڙو ڪردار ادا ڪري جنهن سان پاڻ بہ مطمئن ٿي سگهي ۽ سندس دوست بہ خوشي محسوس ڪن. مرتضيٰ سيال

ڀڙيون اعزاز

سيڪس اهم پرابيلم آهي ۽ دنيا جي هر عظيم تخليق جو انسينٽو رهيو آهي، سيڪس جو تخليق ۾ ذڪر ضروري آهي، ڪرڻ ٺيڪ بلڪ نيچرل آهي، پر دوستن جي گهر وارين يا رستي هلندي، برقي پوش نياڻين جي پيرن تي نظر پوندي بہ واڇ گودو ٿي وڃي ۽ اها تخليق ۾ تنيبجي وڃي اها سيڪسي فرسٽريشن آهي ۽ اُن جو علاج شادي دفتر ۾ موجود آهي، باقي آغا قيوم جي اها پيچ يا لائين ناهي هونءَ بہ هي بادشاهہ ماڻهو آهي، هن تي ڪهڙي معيار ۽ ها آغا قيوم جنهن جي ڀڙين سڃاڻپ لالي نالي ٻارن جو اهو رسالو آهي، جنهن 1981 کي ساهت سال ڪري ملهائڻ جي اعلان ڪان پوءِ ساهت سال جي حوالي سان سڀ کان ڀڙين ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي اهو اعزاز ماڻيو پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ سنڌي ساهت سال جي تاريخ مرتب ڪندڙن تاريخ ۾ هن جو ذڪر ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو، 1981 کي سنڌي ساهت سال ڪري ملهائڻ جو اعلان حيدرآباد جي پارس هوٽل تي سنڌي ادبي بورڊ جي سرواڻ سائين علامہ غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي صدارت ۾ ٿيو. جنهن ۾ هڪ ائڊهاڪ ڪميٽي ٺاهي وئي. جنهن جو سيڪريٽري سائين غلام علي الانا کي ڪيو ويو، اسسٽنٽ سيڪريٽري سائين خان محمد پنهور ۽ خزانچي سليم قريشي کي مقرر ڪيو ويو هو. 31 ڊسمبر 1981 ۾ انهيءَ سلسلي ۾ سائين خان محمد پنهور سنڌي ساهت سال هڪ جائزو لکيو هو. اهو مذڪوره مضمون سنڌ جي سمورين اخبارون ۾ ڇپيو هو جيڪو بعد ۾ هڪ ريڪارڊ جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويو هو. پر افسوس تہ ان ۾ اها گهٽتائي رهي وئي جيڪا هن شخص آغا قيوم سان بي انصافي هئي. (نثار حسيني)

ضمير جي پيش نظر لکي ٿو

آغا قيوم جون لکڻيون پڙهي ڪڏهن بہ اهو ناهي لڳندو تہ ڪو اهي ڪن خيالن جي بنياد تي لکيون ويون آهن. سندس ڀڙيون اگهاڙو سچ ۽ ان بعد آيل ٻيون گول مال ڪتاب ظاهر ڪن ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا بہ اهڙا ليکڪ آهن، جيڪي نهايت ئي دل جي گهراين سان، ذهن ۽ ضمير جي پيش نظر اهو سڀ ڪجهہ لکي سگهن ٿا، جيڪو نظرياتي اديب بہ لکي ناهن سگهندا. سنڌي ٻولي ۾ اهڙي سگهاري سوچ سان لکندڙ سهڻي آغا قيوم کي سلام پيش ڪجي ٿو. (جعفر ميمڻ)

ليکڪ کي ڪو حق ناهي

آتم ڪٿا يا آتم ڪهاڻي، پنهنجي زندگيءَ جي پيرائتي احوال کي چئبو آهي، ليڪن ان ۾ هر گز ڪنهن ٻئي جي عيب جوئي ڪرڻ جو ليکڪ کي ڪو حق ناهي.

(قاضي خادم)

آغا قيوم زور آ

(سرور نواز ٻگهيو)

ڪتاب جو ڏاڍو چوٻول آهي

بزم روح رهاڻ جا مون تي ڪيترائي احسان آهن. تمام گهڻن سينئر اديبن ۽ عالمن سان هتي گهڻي وقت کان پوءِ وري ملاقاتون ٿيون. نون اديبن سگهڙن، عالمن ۽ شاعرن سان بہ نياز حاصل ٿيو. انهن مهربانن مان نهايت پياري شخصيت جو مالڪ آغا قيوم صاحب پڻ آهي، سندس ڪتاب اگهاڙو سچ نظر مان تہ نہ گذريو آهي پر انهيءَ ڪتاب جو ڏاڍو چوٻول آهي. اهاڪا رواجي ڳالهہ نہ آهي ڪنهن ڪتاب جو ذڪر هر محفل ۾ ٿئي (پوءِ پلي اُهو ناراضگيءَ جي اظهار طور هجي) هڪ وڏي ڳالهہ آهي. بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر ڪرندو تہ چنڊا تہ ضرور اُٿندا، اڳتي هلي آغا صاحب مونکي ڪجهہ پراڻيون تصويرون ڏيکاريون جيڪي سندن ننڍپڻ واري دور سان تعلق رکن ٿيون. انهن تصويرن ۾ سندن ڪيترائي رفيق ڏسجن ٿا جن ۾ اڪثريت ڏيپلائي ميمڻ جي آهي پاڻ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب بابت هڪ ٻاراڻو ناول لکڻ جو بہ ارادو رکن ٿا الله تعاليٰ کين خوش ۽ آباد رکي.

محمدعلي ڏيپلائي

مکڻ جو ڪونواءِ

حبيبن هيڪار منهنجا مَهُرَ سڏ ڪيم

ساري سپ چمار اورڻ اوءِ ٿيو.

لالي آغا قيوم جڏهن مونکي بزم روح رهاڻ جي هفتيوار گڏجاڻي ۾ مليو تہ سندس رنگ ڍنگ گفتار، لباس گفتگو جو سيلقو الڳ لڳو جڏهن واقفيت ڪرايم تہ پنهنجائپ محسوس ٿي، لڳو سالن کان واقفڪار آهي. بحرحال لالي تمام پيارو محبت ڪندڙ فقير طبيعت جو مالڪ، منهنجي خيال ۾ اُگهاڙي سچ ڪي لکي نہ رڳو جُرئت جو مظاهرو ڪيو پر معاشري اهڙي رنگ جي ترجماني ڪئي آهي. لالي واقع بہ اسان جي معاشري جي حالتن مان رچي لال ٿيل آهي. سندس لکڻ جو سواد مُٺو لفظن جي تسلسل ڇاڻي ٿو، سنڌي ٻولي کي مکڻ جو ڪونواءَ آهي.

نياز مند – علي نواز پلي

انقلابي ڪتاب

آغا قيوم هڪ سچو، بهار ۽ جرئتمندانہ سوچ جو مالڪ آهي، جنهن اگهاڙو سچ ۽ ان کان اڳ ٻاراڻي ادب ۾ لالي جو رسالو ڏنو. اڄ تائين سنڌي زبان ۾ اهڙو اُگهاڙو سچ جهڙو انقلابي ڪتاب نہ لکيو ويو آهي نہ پڙهيو ويو آهي. مون آغا قيوم جي هڪ سالگرهہ تي هن جي زندگيءَ تي طويل نظم لکيو هو، جيڪو هڪ يادگار آهي. دنيا هن شخص کي پسند ڪري يا نہ ڪري. اسان جي هن سان دلڙي آهي. اسان هن سان هر صورت ۾ ناتو نڀائيندا رهنداسين.

(طالب پنيرو)

هن جي اندر ۾ سچ لڪيل آهي

آغا قيوم ڪي جنهن روپ رنگ نظر سان ڏسو ٿا، اصل هن جي اندر ۾ جو ڪجهه سچ لڪل آهي. انهيءَ ڪان گهڻا ماڻهو شايد واقف ناهن، پر هن ماڻهو جي اندر ۾ سچ ۽ لفظن جو ذخيرو لڪل آهي. انهيءَ ڪي پرکڻ ضروري آهي. اگهاڙو سچ ڪتاب پڙهڻ سان گهڻا ماڻهو انکي ڳلا سمجهن ٿا، پر وقت حالتن جي ڳالهه ڪان منهن نه موڙجي. او هان هن شخص ڪان پريشان نه ٿيو. حساب ڪتاب وٺڻ وارو اجا ڪو پيو آهي او هان ناهيون.
(جمن پٽي)

هن جڏهن لکيو خوب لکيو

لالي آغا ڏاڍو سنو لکي سگهندو آهي، اجا گهڻو ڪجهه لکي سگهي ٿو، هن جڏهن لکيو آهي خوب لکيو آهي، جنهن ۾ ادبي رنگ موجود آهي. پر هن جيڪو منفي انداز اختيار ڪيو آهي ان سان گهڻا اديب يا ليکڪ مُتفق ناهن. ان سان لالي ڪي ڪو به فرق ڪو نه ٿو پوي. هن جي طبيعت بردبار آهي. بس دعا آهي ته خوش و خرم ۽ شاد ۽ آباد رهي.
(مولا بخش محبتي)

هڪ سچو ۽ کرو ماڻهو

آغا قيوم لالي جي شخصيت ڪان اڳي ئي واقف هئس. پر هن سان منهنجي روبرو واقفيت محترم حميد سنڌيءَ جي گهر بزم روح رهاڻ ۾ ٿي. هن ڪي اڳي آئون ڏسي حيرت ڪائيندو هئس، پر جڏهن هن بزم ۾ ڪچهري ڪيم ته خبر پئي ته هي ڪيڏو نه رڳو دلچسپ پر سچو ۽ کرو ماڻهو لڳو، هن اگهاڙو سچ ۾ نه صرف پنهن بابت صاف صاف ڳالهيون چيو اٿس پر پاڻ ڪي به بخش نه ڪيو اٿس، اها ئي هن جي بهادري ۽ سچائي آهي، دنيا ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن، سنڌ ڀاڳن واري آهي جو هتي به اهڙو آئيني جهڙو ليکڪ رهي ٿو، مونکي يقين آهي ته ڪو به شخص جيڪڏهن هن جي لکڻي جو هڪ پنو پڙهندو ته هن جي ڪتاب ڪي مڪمل پڙهڻ ڪان سواءِ رهي نه سگهندو.
(چيتن ڪمار منگيهوار)

قطعو: لاليءَ جو جنم ڏينهن

ماڻهو جمن گهڻا ٿا پر خوش ميزاج لالي
چيڙاڪ ڪي نه چاهي، چاهي سماج لالي
هتِ ڪيڪ جنم ڪاٽي، عزت ۽ مانُ ماڻيو
روح رهاڻ طرفان اَحسن خراجَ لالي
(الحاج شاهنواز "مسافر"

سليم جمالي جي رولاڪين جي ڪتاب سري گهاٽ ڪان هيرا منڊي
ڪي ڏنل آغا قيوم جو خصوصي انٽرويو جيڪو ڪيڻ مان نڪرندڙ سلسليوار ڏياڙيءَ ۾ پڻ ڇپيو

اگهاڙو ماڻهو

پنهنجي زندگيءَ جي گولڊن جوبلي ٿي هن پنهنجي لاءِ لکيو، پيٽ ئي نه پئي اڌ صدي جيترو عرصو گذري ويو، هي حسين زندگي ائين گذري ويئي جڻ مان آڌي رات جو اوچتو ننڊ مان اٿي پيو، ٽان هيٺ لهي، ٻيلي پير باٿ روم وڃي پيشاب ڪري موٽيو هجان، ڪنهن وانگر پوڪندي پوڪندي بس گذاري ڇڏي زندگي، وقت جڻ منهنجي

منهن تي پُوئدو ڏئي گذري ويو. وقت جي اسٽيج تي منهنجي بنا ٽڪيٽ جي جڻ ننگي نمائش لڳي، مان سڀ ڇمار تماشو بڻجي رهيس.

ها!! مان ان ڏنڌ ۾ گم ٿيل شخص جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جيڪو منڪر نڪيرن جي هن ديس ۾ بنھ انوکو، نرالو، منفرد، وڪريل، ڇڙواڳ، بي ڊپو ۽ اگهاڙو ماڻهو آهي. هن پنهنجي ڪتاب ”اگهاڙو سچ“ ۾ ڪلي دل سان سچ بڪيو آهي. سندس ذاتي زندگي تي پڌل هن ڪتاب ۾ سندس زندگي بابت ڇرڪائيندڙ پوز ڪنهن بلو پرنٽ فلم جيان پروجيڪٽ تي ڏيکاري رهيو آهي. سندس چوڻ موجب، ”منهنجي هي آتم ڪٿا تهذيب جي نئين چادر تي ڇڻ مني جي داغ جيان بلڪل چٽي آهي. هن ”مهذب ۽ تهذيب يافته معاشري“ ۾ بيهودا ۽ واهيات ترين ڪتاب آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجو هر سچ اگهاڙو سچ آهي. اهڙي سچائي ۽ جرئت جو ڪير سوچي نه ٿو سگهي. منهنجي جيون ڪهاڻي ”اگهاڙو سچ“ دراصل منهنجي سموري زندگي جو هڪ مڪمل بلو پرنٽ آهي. مان مزاجن ڇڙواڳ خيالن جو مالڪ آهيان، مان فطرتن ننگو آهيان، منهنجي تحريرن کي پنهنجي انفراديت آهي، مان پنهنجي بي غسل ۽ بي ڪفن ماضي جو داستان آهيان، مان هڪ جيئري جاڳندي ڪهاڻي آهيان، منهنجي اندر ۾ غلاظت ۽ گندگي جا ڍير آهن جيڪي مان سڀ زندگي سانڍي پئي هليس، تن جي مون هڪ نئين تاريخ لکي آهي. مان پنهنجي فطري ۽ غير فطري ڏوهن ۽ گناهن کي لڪائڻ ۾ ڪامياب نه ويس، منهنجو هر گناهه نرڙ تي سجدن جي نشان وانگر چٽو آهي. هن ڪتاب اگهاڙي سچ جون ڪهاڻيون ڇڻ منهنجو يوم حساب آهن. مون جيڪو ڪجهه ڪيو، اهو آئون سرعام اعتراف ڪريان ٿو. قبر ۾ ملائڪ جڏهن مونکان حساب ڪتاب پڇندا ته مان ڪين پنهنجي سمورن عيبن ۽ ثوابن جي ڪهاڻي پنهنجي هي آتم ڪٿان ”اگهاڙي سچ“ ڪين اعزازي ڪاپي طور ڏيندس ته بابا سائين!! هي اٿئو اچو ڪارو سڀ ڪجهه“

18 مارچ 1961ع تي شڪارپور ۾ جنم وٺندڙ سڀي ڄمار حيدرآبادي نه نر نه مادي ٿي رهندڙ آغا قيوم جنهن کي ڪيترائي ماڻهو پيار مان ”لالي“ سڏين ٿا، سندس نالو مون پهريون دفعو 11 اپريل 2001ع تي سنڌ جي سمورين سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارون ۾ پڙهيو. جڏهن هن پارٽي جي ڪوٽ خلاف حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان ڪدڙن فقيرن سان گڏجي ڪدڙن جو روپ ڌاري پيرن ۾ ڇير ٻڌي رقص ڪري انوکو احتجاج رڪارڊ ڪرايو هو، هي برصغير جي تاريخ ۾ سنڌ اندر پنهنجي نوعيت جو پهريون غير معمولي ۽ انوکو احتجاج هو. ڪامريڊ مير محمد ٽالپر لکيو، ”آئون ڪدڙن فقيرن کي سنڌ جو نمڪ حلالي سمجهان ٿو، سنڌ جي موقع پرست ۽ سرڪاري دلال وڏيرن جي منهن تي هنن ڪدڙن دانگي ڦيري ڇڏي.“ انهي احتجاج ولري تصوير جي هيٺيان حسن مجتبيٰ جو هي نظم،

هي ڪراڙ جي ڪنڌي
ڇڻ فرات جي ندي
هي مارويون ملير جون
ڪربلا جي سنڌ ۾ نئين ڪٿا لکن پيون
پر فقير قافلو پنهنجي راهه تي رميل
هي اسير قافلو پنهنجي ڳالهه تي ڄميل.

Scanned with CamScanner

جنهن منهنجي وجود جي سانت ۾ مالار ۾ ٿل ٻرپا ڪيو، وڏو عرصو گذري ويو، اوچتو 2011ع جي شروعات ۾ سنڌي ادب جي ايوان ۾ هڪ ڪتاب وڏو گوڙ ڪيو، پلوڙ شاعر عزيز ڪنگراڻي بقول "آغا جو هي ڪتاب "اگهاڙو سچ" ڪنهن سٽل شهر مٿان ڪرندڙ اوچتي بم وانگر آهي." پوءِ ڪافي دفعا هن ماڻهو سان مون ملاقات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪو مون کان وڏيڪ رول پارٽي نڪتو ۽ ملي نه سگهيو. هڪ دفعي اوچتو رات جي پهر ۾ اڌ اگهاڙي ڊريس ۾ چپن تي سگريٽ لڳائي ايگريڪلچر ڪامپليڪس جي پر شور پر هجوم ڪوئيٽا بخارا هوٽل ۾ لاهوڪن ريڊيميٽ ڇورن سان گڏ وڏا ٽهڪ ڏئي رهيو هو، مختصر عليڪ سليڪ ڪانپوءِ هن ماڻهون سان مون ڪافي ڏکيون ڪچهريون ڪيون ۽ هن پنهنجي اندر جو روڳ مون سان شيئر ڪيو. پنهنجي پياري دوست اياز دوست گائنچي جي اصرار تي آغا جي مختصر بي وضو جيون ڪهاڻي ڪجهه هن ريت آهي.

"توهان ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهيو............؟؟"

حيراني وچان منهنجو منهن تڪي، هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيائين، "هي دنيا حرامي ٻار جيان آهي ۽ انهي حرامزادي ٻار جي ننگي تصوير آهيان مان. مان هڪ صدي اڳ ڄاول انسان آهيان، ڪنهن آسماني حساب ڪتاب جي غلطي سبب هڪ صدي اڳ پيدا ٿيو آهيان. منهنجي ڪهاڻي انهن ڏينهن کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن مون هن دنيا ۾ اک کولي هئي. خدا مون کي بنا ڪنهن منهنجي عمل دخل يا مرضي جي هن جڳ ۾ آندو. نه منهنجي پيدائش منهنجي هٿ ۾ هئي، نه هي وهيءَ جيڪا گذري پئي منهنجي وس ۾ آهي. منهنجو پيدا ٿيڻ ڪو چرچو يا مسخري نه هئي، اڪثر ٻار ماءُ جي پيٽان مٽي ۾ ايندا آهن ۽ مان پيرن ڀر "پيرڙيو" ٿي اوندو آيس، ڄمڻ سان اوندو هئس ته اڄ تائين هر عمل ۾ اوندو آهيان. منهنجا ڪپڙا ماڻهن جهڙا نه آهن، منهنجي پوشاڪ براءِ نام هوندي آهي. مون لاءِ هر قسم جي لباس جي آزادي آهي، بدن جا سمورا عيب ڍڪڻ لاءِ منهنجي لڱن تي پورو لٽو به نه هوندو آهي. منهنجي شخصيت شيشي وانگر آهي جنهن ۾ هر شي صاف نظر اچي ٿي، اگهاڙي ٻار جيان بلڪل ننگو آهيان."

"الف" اگهاڙو ٿي رهڻ جو ڪو خاص سبب؟؟"

"هر ماڻهو اگهاڙو آهي، مون ته تن جا ڪپڙا لاٿا آهن. ماڻهو اندر ۾ ائين آهن جيئن مان آهيان، رڳو ڪپڙن جو فير آهي. مان ٻاهران اگهاڙو آهيان ۽ اهي اندران، ڳالهه مڙني ساڳي آهي. سڀ ننگا آهيون، آئون اگهارو ماڻهو آهيان، آئون جڏهن پورا ڪپڙا پائيندس ته اهو صرف ۽ صرف منهنجو ڪفن هوندو، پر منهنجي آخري خواهش اها هوندي ته مونکي بنا ڪفن جي ننگو دفن ڪجو ڇو ته مان بي ڪفن ماضي جو ننگو ليکڪ آهيان هوندين به مان ننگو آيس ۽ ننگو وڃڻ ٿو چاهيان.

"توهان هم جنس پرست آهيو............؟؟!"

"ها! مان هم جنس پرست آهيان."

"خير مان.......... ڪو خاص سبب؟؟"

"ها ها ها ....(وڏو ٽهڪ ڏئي) جمالي صاحب! آسماني ڪتابن موجب اڌ جڳ ڄاد ڪان انسان ذات ۾ اها ڇوس آهي، 90 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو حياتي ۾ گهٽ ۾

گهٽ هڪ پيرو ائين ضرور ڪيو هوندو. نفسياتي ماهر چون ٿا ته "پهريون جنسي عمل وڏي اهميت جو حامل هوندو آهي، جيڪڏهن اوهان جو پهريون جنسي تجربو مرد سان ٿئي ٿو ته پڪ ڄاڻو اوهان هم جنس پرست ٿي ويندا."

"توهان ڪيئن ٿيا..........؟؟"

" منهنجي ننڍپڻ واري اسڪولي جيون جو هي واقعو جيڪو يقينن خوف سان لاڳاپيل آهي، سڄي جيون تي حاوي رهيو، ڇهين ڪلاس ۾ استاد کان مليل ان "اُبتي سبق ۽ اکر" منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي. استاد مان مون جيڪو فيض پرايو، تنهن مونکي هم جنس پرست بنائي ڇڏيو. هو شوقين مڙس هو. ٿاهو ڪا هميشه پاڻ سان کڻندو هو، هو موچارن شاگردن جا ڳل پٽيندو هو. سهڻن شاگردن تي ساهه ڏيندو هو، پنهنجي هڙان وڙان تن جي مدد ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاگردن کان زور به ڏياريندو هو.

سو اهڙي ريت ڳلن تي جڏهن اڀرندڙ جواني جا موهيڙا ظاهر ٿيا، جواني جڏهن جسم ۾ پچڻ شروع ڪيو. منهنجي جسم ۾ عجيب گدگدي ٿي، سيڪس ۾ اها ڦير گهير رات توڙي ڏينهن منهنجي ننڊ حرام ڪري ڇڏي، چوندا آهن ته "علت وڃي، پر عادت نه وڃي. سو مان تيرهن ورهين جي عمر ۾ هم جنس پرست ٿيس ۽ اڄ مان 52 ورهين جو هم جنس پرست آهيان. مون بي شمار جسمن ۾ پنهنجي شهوت ورهائي، جوڀن ۾ منهنجي "چنڊ" تي ڪيئي چڪور چريا ٿي پيا. مان اها ڙال هئس جنهن جا ڪيئي مڙس هئا ۽ مان اهو مڙس هئس، جنهن جو ڪيئي ڙالون هيون. مون پنهنجي وجود جي تڪميل انيڪ جسمن مان ڪئي، سڄي زندگي ڪنهن نه ڪنهن ڀورل سان منهنجو تعلق رهيو، مونکي جتي به حُسن نظر آيو مون انکي ڪاريگري ۽ منفرد فن سان پنهنجي زندگي جي سونهن بڻايو. منهنجي زندگي ۾ ايترا ته محبوب آيا جو مان صرف انهن جي نالن جو هار ٺاهي پنهنجي ڳچي ۾ وجهان ته هار جي وزن ۾ منهنجو ساهه نڪري ويندو."

"ڇا سيڪس توهان جي سموري حياتي جو سرواڻ عنصر رهيو آهي؟؟"

"مون ننڍپڻ کان ئي سيڪس جا ڪيترائي مشاهدا ڪيا آهن. مونکي سيڪس جي انو کائي بي حد پسند آهي. مون سيڪس جي نوان خاطر ڪا به وٿي نه ڇڏي آهي. مونکي سيڪس جو روايتي روپ هرگز پسند نه آهي. منهنجي زندگي فقط سيڪس تائين محدود رهي آهي سواءِ هم جنس پرستي جي منهنجي ڪا ٻي وندر ناهي، مان هم جنس پرستي جو قائل آهيان. سنڌ ۾ هم جنس پرستن جي قطارن ۾ مان توهان کي پهرين صفن ۾ بيٺل ملندس، مان پنهنجي هم جنس پرستي کي قبول ڪريان ٿو، مان تسليم شده هم جنس پرست آهيان."

"ڪڏهن انگريزن جي زد ۾ آيا؟؟"

" مان يورپ ۽ آمريڪ ۾ رهندڙ ماڻهن جهڙو مزاج رکندڙ شخص آهيان، مونکي سيڪس لڪائڻ جو هنر اچي ئي ڪو نه ٿو، مان دنيا جي نظر ۾ ڪريڪٽر ليس آهيان، پر دنيا جي مونکي پرواهه ناهي، مونکي ليڪچر ڏيندڙ ڪيترائي اعليٰ اسڪولن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا معتبر استاد ۽ پروفيسر موٽ ۾ مون وٽان

Scanned with CamScanner

انبرويئر ۾ آلاٽ ڪٽي ويا هوندا. مونکي برائين جي سند ۽ تمغا ڏيندڙ ڪيئي دانشور ۽ مها شاعر اڄ بہ منهنجي هينڊي ڪيمپ ڪئميرا ۾ ننگا ڏسجن ٿا. اڄ جيڪي منهنجا دوست منهنجي ڪردار تي آڱر اپي ڪن ٿا، انهن جي اڪثريت بہ ذاتي طور ايتري بدعنوان ۽ بدڪردار آهي. مون مٿي فحاشي جا الزام آهن، هتي پاڪ دامن ڪوئي ڪونهي، هتي هر مطلب، رنگ ۽ ڍنگ جا نرالا ماڻهو رهن ٿا، رڳو ڳوليو اوهان کي مطلب جو ماڻهو ملي ويندو، بظاهر نظر ايندڙ نهايت شريف اندروني ڪيترو ڪميڻو هوندو آهي، اهو سَر چنڊئي ڪاهوڙين کي معلوم آهي."

"لکڻ پڙهڻ طرف ڪيئن مائل ٿيا؟؟"

"بابي جي وفات کان فورن بعد اسان مٿان مصيبتن جا پهاڙ اچي ٽٽا، اسان زيرو تي اچي وياسون. ريشم گلي حيدرآباد جي محبوب ڪلاٿ مارڪيٽ ۾ يونس پائي وٽ سيلز مين جي نوڪري ڪئي، ان ڪانپوءِ ماروئي ميوزڪ سينٽر تي اسٽاف بواءِ جي نوڪري ڪئي، اتي طارق اشرف سان ملاقات ٿي، جيڪو مونکي سهڻي پريس وٺي آيو، جتي ڪهاڻيڪار نسيم ڪرل جي ڪنهن ڪتاب جا پروف گم ٿي ويا. طارق جي ڪاوڙ سبب مون نوڪري ڇڏي، جتان وري عثمان ڏيپلائي صاحب جي انسان اڪيڊمي ۾ چائلڊ اسسٽنٽ تي لڳس، جتان پوءِ مدد علي سنڌي مونکي سنڌ نيوز پريس ۾ پروف ريڊر ڪري رکيو، جتان سائين نثار حسيني وٺي ويو ۽ مان آگم پبليشنگ ايجنسي جو ٿي رهجي ويس. ڪو زمانو هو، جڏهن حيدرآباد شهر سياسي، سماجي ۽ ادبي سرگرمين جو مرڪز هو. ان زماني ۾ سڄاڻ ليکڪن، سياسي ڪارڪنن ۽ صحافين لاءِ معتبر بيٺڪ آگم هئي، جنهن جو روح روان سائين نيڪ محمد شاهہ هو. سنڌي ڪيتر جي هي تاريخ ساز شخصيت ادبي حلقن ۾ نثار حسيني جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. آگم منهنجو آستانو رهيو تہ منهنجي ادبي اوسر ۽ پذيرائي جو سبب بہ جتي لاتعداد اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. آگم هميشہ ياد رکڻ جهڙو ادارو آهي، هتي گهاريل گهڙيون منهنجي زندگي جون انمول گهڙيون هيون. 80 واري ڏهاڪي ۾ مون سنڌي ٻولي ۾ ٻارن جي ذهن کي وسيع ڪندڙ هڪ منفرد رسالو "لالي" ڪڍيو، جنهن هڪ حد تائين سنڌي ٻاراڻي ادب کي نئون موڙ ڏنو."

"معاف ڪجو، هڪ ڳالهہ تہ توهان ٻاراڻي ادب طرف ڪيئن آيا؟؟"

"ننڍي وهيءَ ۾ منهنجا ويچار پنهنجي ڄمار جي ڇوڪرن کان اڳيرا ۽ اُسريل هئا. اهڙي ريت مان ترت سرگرم ۽ پرجوش بڻجي ويس. پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ مون علي بابا چاليهہ چور، چار درويش، حاتم طائي، الف ليليٰ ۽ امير حمزه جهڙا داستان پڙهي ڇڏيا. منهنجي سدائين ٻارن سان محبت رهي آهي، سنڌ ۽ سنڌ جي ٻارن سان مونکي بي پناهہ پيار آهي. ٻارن سان مونکي بلڪل ٻار ٿيڻو پوي ٿو. منهنجي اندر جو هي ٻار ڏاڍو شوخ ۽ شرارتي آهي. مان محسوس ڪندو آهيان تہ مان اڃا وڏو ٿيو ئي نہ آهيان يا عمر ۾ وڏي بہ اڃا ٻارڙن جيان نادان آهيان. اهڙي ريت زندگي جي اوائلي ڏينهن ۾ ٻاراڻي عمر کان وٺي ڪتابن سان نفسياتي لڳاءُ هئڻ سبب مون ڪتابن تي ٻين شين کان وڌيڪ ترجيح ڏني. تن ڏينهن ۾ سواءِ گل ڦل جي سنڌي ۾ ٻارڙن لاءِ ڪو معياري رسالو نہ هو، ٿورو پوءِ هلال پاڪستان پاران محمود يوسفاڻي جي سرواڻي ۾ گلن جهڙا ٻارڙا جهڙو

Scanned with CamScanner

رسالو آيو، پر او ڇتو پنهنجو وجود وڃائي ويٺو. لالي جو پنڌ اتان شروع ٿيئي ٿو جتان گلن جهڙا ٻارڙا دم ڏنو. آگم جي ڪال ڪوٺڙي ۾ لالي کي جنم ڏيندڙ آغا قيوم لالا مان لالي بڻجي وڃي ٿو. لالي جي آبياري ٿئي ٿي ۽ لالي جي مهانتا وڌڻ لڳي ٿي. ٻارن جي جماعت بندي ٿي، ٻالڪ سنگت بہ جڙي هن تنظيم ۾ پيرين اگهاڙار پيٽ بکيا ٻار بہ هئا جنن ڪڏهن بہ خوبصورت رانديڪن سان راند نہ ڪئي هئي. جنن هميشہ پيڙائن، تڪليفن ۽ ڏکيائين جي رانديڪن سان راند ڪئي هئي. منهنجي اهي ننڍرا معصوم ساٿي لالي جا اضافي هٿ هئا. آهستي آهستي لالي سنڌ جي وهاڻ وستي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ٻارن جو مقبول رسالو بڻيو. مون هڙان وڙان ڪري هن قافلي کي پئي هلايو. جڏهن لالي جو تعداد هڪ هزار کان وڌي اٺن هزارن تائين پهتو تہ هن مقبول رسالي لاءِ ڊاڪٽر نجم عباسي کان وٺي امر جليل جهڙن ليکڪن تائين جون ٻارن لاءِ ڪهاڻيون بہ اچڻ شروع ٿيون. تہ استاد بخاري جا ٻاراڻا ٻول بہ ان ڪانپوءِ سنڌي ادبي حلقن ۾ منهنجي ڄاڻ سڃاڻ لالي جي نالي سان ٿئي. "لالي" تخلص ۾ هڪ عجيب ڪشش ۽ پهنجائپ هئي. لالي جي ڪمن کي ڏسي شيخ اياز مونکي آٽو گراف ڏيندي لکيو تہ "کهڙو ٻار لالي سان ڪِتي ڪري سگهندو؟" ٻارن لالي سان ڪتي ڪانہ ڪئي، پر لالي ٻارن سان ڪتي ڪري هليو ويو. مان ڪجهہ وقت ٻاراڻي ادب ۾ جن بڻجي آيس ۽ پوءِ دونهون ٿي گم ٿي ويس."

"جنسي ادب طرف ڪيئن آيا؟؟"

"ها ها.......... (وڏو ٽهڪ) هي دنيا هڪ چڪلو آهي، جتي رڳو ڪنجريون، ڪدڙا، لونڊا ۽ ڀڙوا رهن ٿا. ان ڪدڙي دنيا ۾ ليکڪ کي پنهنجي پڙهندڙ لاءِ رنڊي بڻجي وندرائڻو پوي ٿو. منهنجي دلال دل جي چڪلي اندر منهنجون سوچون جڏهن ننگو ناچ ڪن ٿيون، تڏهن مان وقت جي مُجري ۾ جذبن جي ڇير ٻڌي لفظن کي نچائيندو آهيان. سنڌي ٻولي جي علم ادب سان منهنجو بي پناهہ عشق آهي، منهنجي هر سوچ ۽ تخليق سنڌي زبان تائين محدود رهي آهي. مون صرف پنهنجي ٻولي ۾ لکيو آهي، پنهنجي ٻولي ۾ لکڻ عبادت آهي. مان پيدائشي ليکڪ نہ آهيان، پر منهنجو ننڍپڻ کان علم ادب سان لڳاءُ رهيو آهي. منهنجو عقيدو آهي تہ بهترين اديب بهترين انسان هجڻ کپي. مون بهتر انسان ٿيڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي، نہ ٿيس تہ ٻچي جان ڇڏائي، منهنجو اديبن سان بيزاري جو سبب مون ڏٺو تہ سڀ سنڌي شاعر ۽ اديب چڱا انسان نہ آهن، ملڪ نديم لکيو.

سنڌ ۾ سردار وڌي ويا آهن،
سر دار؟
سوري تي سر رکڻ وارا؟
اڙي نہ نہ،
ڪيترائي انهن مان Gays آهن.

سو ڏري گهٽ سمورا سنڌي اديب Gay آهن. اسان جا ڪيئي ٻرک ڏاها، معتبر شاعر، اديب ۽ صحافي وغيره هم جنس پرست آهن. مون وٽ اهڙين اديبن جي وسيع فهرست آهي، جيڪي پرسنل ۽ نجي محفلن ۾ ويهي سيڪس متعلق اوپن ڊسڪس

ڪن ٿا پر عام پبلڪ ۾ سيڪس کي بيهودا ۽ واهيات ڪم ڪو لين ٿا ۽ انهي ڳالهه تان، سچ پڇيو فقط انهي ڳالهه تان مون کي چڙ لڳندي آهي."

"جيون جي آکاڙي ۾ ڏکن سان سنگت رهي؟؟"

"جمالي صاحب!! جيون جي آکاڙي ۾ ڏک، درد فل اسٽاپ ۽ ڪاما آهن، اهو کهڙو انسان آهي جنهن جي زندگي ڏکن سکن جي ساز کان خالي هجي ٿي، منهنجي زندگي ۾ فقط هڪ ئي ساز وڄندو رهيو آهي، ڏکن جو ساز...... پر مان دنيا کان پنهنجا ڏک لڪائيندو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو آهيان، منهنجي ٽهڪن پويان ڳهري درد جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. پنهنجي ٽٽل ۽ ڪريل وجود کي دنيا جي نظر کان لڪائي ٽڪجي رات جي اونداهي ۾ بستري تي هيڪلائي ۾ پور پور ٿي وکري ويندو آهيان، مان ڏينهن جي اُجالي ۾ دنيا وارن آڏو فقط ٽهڪ ڏيندو آهيان ۽ رات جي هيڪلائي ۾ روئيندو آهيان. مون زندگي جي راند ۾ هر بازي هارائي آهي ڇڻ مون شڪستن جي عمر ڀر جو ٺيڪو کنيو هجي. منهنجي قسمت جو باب لکندي شايد ڪاتب کي ننڊ جو جهوٽو اچي ويو، منهنجي نصيب جي قرهي ڇڻ بنا لکڻ جي رهي. منهنجا ڀاڳ مونکي ائين ڇڏي ويا جيئن نمازي مسجد ٻاهران جتي ڇڏي ويندا آهن."

"52 سالن جا ٿي ويا آهيو، اڃا به رول آهيو؟"

" مان راتين جو رولاڪ آهيان، مون انهن آسماني احڪامن جي ڪڏهن به پيروي نه ڪئي، جنهن ۾ لکيل اهي ته "رات آرام لاءِ ڏينهن ڪمائڻ لاءِ" مون کي اگهاڙيون راتيون پسند آهن، ٻانهن جي جنت ۾ ڪيئي سرمئي راتيون گذاريم صبح ٿيندي ئي پاڻ کي دوزخ ۾ ڏٺم. منهنجي پيرن ۾ سڪ نه آهي، منهنجي وجود ۾ هلچل آهي. اڄ هتي سڀاڻي ٻئي هنڌ مهنجي هستي ۾ رول پائي آهي. مونکي محسوس ٿيندو آهي ته مان جنم جنم کان ڀٽڪندڙ روح آهيان. مونکي لڳندو آهي ته منهنجي وجود ۾ ڪنهن جپسي جو روح سمايل آهي. اڪثر مان سوچيندو آهيان. ته "ناناڻي يا ڏاڏاڻي آ ڪهه ۾ ته ڪو خانابدوش نه هو؟!"

مان ننڍي هوندي کان ئي رول پارٽي هئس، مان گهر کان وڌيڪ رستن بازارن ۾ وڌو ٿيو آهيان مونکي، آزاد ۽ کليل فضا ۾ ساهه کڻڻ ۾ مزو ايندو آهي. مان جيڪو رول پارٽي آهيان، رات سڄي جاڳي ڏينهن ڪندو آهيان. مان جيڪو گهر کان ڪٽيل ۽ دنيا سان ڳنڍيل آهيان. مس مس دوستن سان آواره گردي کي ڪجهه لغام مليو آهي. هاڻي مان گهر، آفيس ۽ هوٽل جي ٽڪنڊي ۾ قيد آهيان، گهر کان آفيس، آفيس کان گهر، گهر کان هوٽل ۽ هوٽل کان واپس وري گهر واري شيطاني چڪر مان اڃا آجو نه آهيان. اڃا الائي ڪيترو وقت ان ئي چڪر ۾ چاڪي جي ڏاند جهڙي زندگي گذاريندي هڪ ڏينهن موت جي آدمخوار جو ڪاچ ٿيجي ويندس."

"آغا قيوم عرف "لالي" ڪڏهن سڌرندو؟؟"

"ها ها ها.... اڪثر منهنجا شريف دوست ۽ مٽ مائٽ مونکان ڦيريون ئي سوال ڪندا آهن ته "تون ڪڏهن سڌرندين؟" دنيا سڌري وئي، پر تون نه سڌرئين. ته مان ڪين جواب ڏيندو آهيان ته ناممڪن آهي مان هن جنم ۾ سڌران.

Scanned with CamScanner

کجھ ماڻھن جي زندگي ناقابل فراموش ڪهاڻين وانگر آهي، منھنجي زندگي پنھنجي ڍنگ سان نرالي آهي. مان زندگي جو عام ڪردار نہ آهيان، مون وٽ زندگي جون پنھنجون معنائون ۽ جيئڻ جا پنھنجا جواز آهن. مان پنھنجي زندگي کي پنھنجي نظر ۽ اک سان ڏسان ٿو، مون پنھنجي ڏن ۾ پنھنجي پوري حياتي گذاري ڇڏي.

"آغا!! ڪو اهڙو واقعو يا حادثو جنھن کي توهان اڄ تائين وساري نہ سگهيا آهيو؟؟"

("ٿڌو ڏگهو ساهہ کڻندي) ٻن نوجوان دوستن جي ڪمهلي موت کي اڄ بہ وساري ناهيان سگهيو. هڪ صرير پنھور ۽ ٻيو عرفان مهدي، اسان پيار مان صرير کي ايم کي سڏيندا هئاسون، ايم ڪي اڄ بہ منھنجي يادن ۾ زنده آهي سندس شخصيت جو مڪمل خاڪو جڏهن منھنجي ذهن ۾ جڙڻ لڳي ٿو تڏهن منھنجو هانءُ پرجي اچي ٿو. منھنجي اکين ۾ آب اوتجي پوي ٿو. صرير ڪو نہ مئو آهي، ڇڻ منھنجو سرير مري ويو هجي، ڇڻ مان مري ويو هجان. هي جيڪو مون جيان وقت کان اڳ اڻ مدائتو پيدا ٿيو ۽ هميشہ ان فت رهي اڻ مدائتو مري ويو. مان صرير پنھور کي ڪيئن ٿو وساري سگهان. جنھن سان مرڪن ۽ ٽهڪن کان وٺي پريل پاڪرن تائين جا رشتا هئا. هي منھنجو اوسيڙو ائين ڪندو هو جيئن مان ڪو هن جو محبوب هجان. اسان ڇڻ هڪ ٻئي جا عاشق معشوق هئاسون. مان اڃا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ مان هن جو معشوق هئس يا هو منھنجو معشوق هو؟!

جنھن سال 4 اپريل 1991ع تي صرير پنھور وفات ڪئي، انهي سال 8 آگسٽ 1991ع تي منھنجي هڪ پياري دوست عرفان مهدي پڻ خودڪشي ڪري ڇڏي. عرفان مهدي منھنجو دوست نہ پر منھنجو محبوب هو. هي سونهن ۾ يوسف ثاني پاڻ چمڻ جهڙو هو، پر هن دنيا کي چميو. هي اسٽيج جو بادشاهہ منھنجي سمورن سالگرهن جو اسٽيج سيڪريٽري ٿي رهيو. هاراٽي لکهي ۾ مجيل پبلشرن جي سٽ ۾ لالي ۽ عرفي خوب نالو ڪمايو. هي جڏهن چوڏهن سالن جو هو ۽ مان 19 سالن جو، تڏهن هن دوستي وڌائڻ جي سموري ڪوشش جو آدر پاڻ ڪيو. سنڌي ادب جي ليڙو لياقت رضوي، عرفان مهدي ۽ آغا قيوم کي ڪو بہ ادبي توڙي سياسي منافق توڙي نہ سگهيو."

"آخري خواهش؟؟"

"آمريڪا جي رياست ڪيلفورنيا گهمڻ جو شوق آهي."

"آغا!! سگريٽ تہ ڏي؟؟"

ڪيسي کي هٿ هڻي، "يار سگريٽ تہ ڪونهي."

"اچان ڪجهہ؟؟"

"افسوس، شراب پي رهاهون تنها"

ليڪ آهي، چانهہ ماني جا پئسا ڏئي جڏ جانءِ اسان هلون ٿا. اوچتو موٽر کي ڪڪ هڻي اياز ۽ آئون روانا ٿي وياسين ۽ هو وڏي سر رڙيون ڪندو رهيو "پيهو..... پيهو.... قسم سان مون وٽ ٽڪو ئي ڪونهي."

نوٽ:

جئين تہ اياز دوست گاڏيچي ۽ مون ڪيس سندس تاڪ تان نيرون ڪوٽ ۾ ونڊ ڪرائڻ لاءِ ڪنيو هو. ڊرڪڻ ڪان پوءِ بل ڏيڻ مهل اسان هن سان اندو ڏهر طور سين ڪري وياسون. هن پوءِ ڪيئن منهن ڏنو هئا ڏو ڪڙن ۽ هنا سواري جي گهر ڪيئن پهتو هي اڄ تائين نلو هٽائي.

سليم جمالي

ڪتاڪار پاران

چو ٻين جا عيب چسڪيءَ سان ٻڌائيندو ٿو وتين
پهرين تون پنهنجي اندر جي گندگيءَ جي ڳالهه ڪر. (شبير عاطف)

چڪلو وري شروع

چتي ڪوريءَ واري ڊيگهه بازي چڙي، پنهنجي سورن جو قصو ڪٿان ٿو جيڪو فقيراڻو حال آهي، ساهي پٽڻ ڪانپوءِ رهيل سلسلو جڙڻ لاءِ مان انهيءَ هنڌ کان شروع ڪندس جتي مون ڇڏيو هو. چڪلو وري پيهر ٿا شروع ڪريون ته اچا ڪيل ختم ٿيو ناهي، اچا منهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي ڪٿي ناهي اڌوري ۽ اڻ پوري آهي. پانيان ٿو ته اچا دل جو غبار هلڪو ٿيو ناهي. اچا ڪسر باقي رهيل آهي. مان وري سانوڻ وانگر پرجي پيو آهيان. مون وٽ اچا ڪيئي ٻيا راز آهن، ڪيترن ئي جنمن جي ڪاوڙ جا ڏڳ لڳا پيا آهن. منهنجي سيني ۾ ڪيئي ڪتاب لڪيل آهن. ڪيئي ڳالهين جا پندار پريا پيا آهن. چچ ڳالهين جا آهن جيڪي مونکي هتڙي اورڻا آهن. اجان اڳيان گهٽا ڦاٽ ڦاٽندا، پيد ڪلندا ته ڪيئي راز فاش ٿيندا ڪيترائي پول پڌرا ٿيندا. مان هتي پنهنجو ڪيل ۽ اڻ ڪيل ڳالهيون پڌريون ڪندس، ڪيل ڳالهين کي مان ٻنجو ڏئي نٿو سگهان ۽ اڻ ڪيل ڳالهيون وري مان لڪائي نٿو سگهان، منهنجو ياد ماضي چئين جلدن تي مبني آهي اڳهاڙو سچ منهنجي آتم ڪٿا جو پهريون جلد هو، اوهان جا پاڪ هٿ هن وقت جنهن ناپاڪ ڪتاب کي ڇهي رهيا آهن، اهو مڪرو ڪتاب (گول مال) خوش قسمتيءَ يا بدقسمتيءَ سان منهنجي زندگيءَ جو ٻيو جلد آهي. منهنجي زندگيءَ جو هي اڳهاڙو ڪتاب اگهاڙي سچ جو ٻيو جنم آهي. منهنجي هن ڇرڪائيندڙ اگهاڙي ڪتاب جو ٻيو نالو زهر آهي، مون شو جيان سمنڊ ولوڙي امرت ۽ زهر ڪڍيو آهي. امرت دنيا کي ڏنو ۽ زهر مون پاڻ پيتو آهي، اهو پنهنجو مرض مون پاڻ ڳوليو آهي. هي اچ جو زهر سياڻي جو آب حيات آهي. اهو ٻيانڪ ڪتاب جنهن جي پڙهڻ سان لنگ ڪاندارجو وڃن ٿا. اهو غير معمولي، حيرت انگيز، نرالو ۽ منفرد ڪتاب، منهنجو سياڳ ۽ نياڳ آهي. هن ڪتاب جا وڏا دور رس ۽ تباهه ڪن نتيجا نڪرندا، هي ڪتاب پنهنجا وڏا نشان ڇڏيندو، هي اهم ترين ڪتاب ڪنهن ٻي معنيٰ ۾ لکيل آهي، هي ڪتاب اجان اور آهي. مون هن ڪتاب ۾ پنهنجي حڪمت عملي بدلائي آهي. هي روايتي آتم ڪٿا نه آهي، هن ۾ انفراديت آهي، هن ڪتاب کي سمجهڻ لاءِ عقل جي ضرورت آهي. هي هڪ ٻي چين شخص جي ڪٿا آهي، هي منهنجا جذباتي احساس آهن، هي منهنجي اندر جو آواز آهي. هي ياداشت نامو منهنجي املهه لمحن جو يادگار آهي. هي منهجو بنيادي دستاويز آهي، هي تخليق منهنجي وجود جي سڃاڻپ آهي، وڏو انسان اهو آهي، جيڪو پنهنجي غلطين کي مڃي ۽ ان جو ازالو ڪري مون هن ڪتاب ۾ پاڻ کي اگهاڙو ڪيو آهي. مون اهو سبق پڪو ڪيو آهي جيڪو سبق سڀ کان بڇڙو

Scanned with CamScanner

آهي. هي ڪتاب هڪ ڪيس آهي جنهن ۾ مان ئي فريادي ۽ مان ئي جوابدار آهيان. هي حقيقت پسندي ۽ بيباڪاڻه نموني سان بيان ڪيل ڪيس, دراصل هڪ اعتراف آهي.

هونءَ ته هن عيار, مڪار, هوشيار ۽ چالاڪ جڳ ۾ ڪميڻن جي ڪائي کوٽ ڪونهي پر ڪنهن ۾ به اها جرئت ڪونهي ته هو اهو اعتراف ڪري ته هو ڪيترو ڪميڻو آهي, مون دنيا ۾ وڏا وڏا, ڪميڻا, ڏٺا ۽ پڙهيا, پر مون ڪان وڌو ڪميڻو نه اڳ ڪنهن ماءُ ڄڻيو هو, نه مون کان پوءِ ڪا ماءُ ڄڻيندي. ڇو جو مون ۾ شرم حياءُ ۽ ضمير نالي ڪا شي ناهي. ادب ۾ ته اخلاقيات ٽٽي ٿي پر مون ادب ۾ بي ادبي ڪري, اهي تمام حدون اورانگهيون آهن. اوت پتانگ ڳالهين ۽ خرابين سان ڀريل هن ڪتاب ۾ مون جيڪا فحش نگاري ڪئي آهي, تنهن ۾ مون اگهاڙپ کي به شرمايو آهي. هي منهنجو بداخلاقي ۽ بي حيائي سان ڀريل بڇڙو ۽ ٺُو ٺُو ڪتاب غير اخلاقي, ذلت آميز, قابل اعتراض, ناقابل برداشت, ناقابل شرم ۽ مڪمل ناپاڪ قرار ڏنل آهي. هي تڪراري ڪتاب, جيڪو پڙهندڙن تي برو اثر ڇڏيندو, بدپرهيزي منهنجي هن ڪتاب کان پرهيز ڪن ته بهتر ٿيندو. منهنجي زندگيءَ جو هي اگهاڙو ڪتاب (گول مال) جنهن کي ڪو پبلشر ڇپڻ لاءِ تيار نه هو, تنهن کي آٽڻ کان سواءِ مون وٽ ڪو چارو نه هو, ڪو ٻيو رستو نه هو, ته هن کي پاڻ ئي ڇاپي ۽ پاڻ ئي وڪرو ڪيان, ڪنهن کي کهڙي خبر ته ڪير کهڙو ۽ ڪيترو گند ڀريل هو. منهنجي آتم ڪٿا جي پهرين جلد اگهاڙي سچ ۾ اُوچلايل زندگيءَ جي ڊونڊ ۽ گند جي ڍپ اجا تائين ماڻهن جو ساهه منجهائي رهي آهي. پر مان پنهنجي هستي مان سڄو گند ڪچرو ڪڍي ڦٽو ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيئن مان صاف سٿرو ۽ پاڪيزه ٿي وڃان, مذهب سياست, سماج ۽ ادب ۾ ڪردار وڏي شي آهي. عزتون محبتون ۽ احترام گهرڻ سان ناهن ملندا, عزت ۽ وقار حاصل ڪرڻ لاءِ انسان وڏيون قربانيون ڏيندو آهي. پنهنجي زندگي بابت ڪنهن به قسم جو اشارو ڪرڻ به خراب سمجهيو ويندو آهي. هر ڪو پنهنجا عيب ڍڪڻ چاهيندو آهي. ڪير ڏرو به ظاهر نه ڪندو آهي. ڪو به پنهنجو اوڻت ناهي ڏيندو. رب به اسان جا لڪل راز ۽ عيب ڄاڻي ٿو, تب ئي ڍڪي ٿو. جهان ڪان ته هر ڪو لڪي ڄاڻي پر پاڻ ڪان ماڻهو لڪي نٿو سگهي. حقيقت حقيقت هوندي آهي, اها سامهون هوندي آهي, انهيءَ کي ڪير جهٽلائي نٿو سگهي, ڪير به پنهنجي هٿن سان پنهنجو پٽڪو ناهي لاهيندو, مان سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ نئون انقلاب آندو, مان اعتراف لکي سوانح نگاري کي نئون موڙ ڏنو, خود تنقيد ڪري پنهنجي ذلت جي انتها ڪري ڇڏي, پنهنجي لڪيل گناهن ۽ عملن جو سڄي دنيا اڳيان فخر سان اعلان ڪيو, مان مڪمل طور تي پنهنجو پاڻ کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو, پنهنجي عزت مٽيءَ ۾ ملائي, پاڻ کي ذلو ڪري, پنهنجي خودي کي چٽ ۽ برباد ڪري, پاڻ پڌرو ڪري لعنتائو ورتو, ڀل مان هر عمل ۾ بڇڙو نظر اچان, ڀل ماڻهن جي نظر ۾ ڪريل رهان, ڀل منهنجا ئي لڪيل ڪتاب منهنجي رسوائي جو باعث بڻجن, ٿب لعنت جو اهو ٻوڙ مون لاءِ ناڪافي آهي, مونکي اجا هڪ لعنتائي مان گذرڻو آهي, مونکي جسم جي ڏهڻ مان مڪتي تڏهن ملندي, منهنجو هي ڪتاب خطرناڪ آهي, جنهن سبب رڳو تباهي ئي تباهي آهي, هن ڪتاب ڀنڀور ۾ باهيون لڳائي ڇڏيون آهن. مان ننايين ڳالهين کي وڌو ڪري تيليءَ مان ٿلهي ۽ چڻنگ کي ٻهيٽ بنائڻ وارو ماڻهو نه

آهيان، مون هن تحريرون مان پنهنجي دل جي ٻاهه ڪڍي هنياءُ ٺارهيو آهي. مان ذاتي طور تي تڏي طبيعت وارو مرد آهيان، جڏهن ته مان ڦاٽندو آتش فشان وانگر آهيان. هي ڪتاب منهنجي دل جو تتو ريج (لاوا) آهي. خيالن جو جوالا مکي ڦاٽي ٿو، جنهن مان منهجون آهون ۽ دانهون لاوي جيان، لکڻي جي صورت ۾ نڪرن ٿيون، اهي شعلا ۽ آتش ڪٽي مان پاڻ سان گڏ سڀ ڪي تباهه ڪري ڇڏيندس، هر ماڻهو جا احتجاجي طريقا جدا جدا هوندا آهن، هي منهنجي ڪاوڙ ۽ نفرت جو انوکو روپ آهي. هي منهنجي زندگي جو ڀرپور احتجاج آهي، منهنجا لفظ نه رڳو باهه جا شعلا آهن، پر مان هن هنڌ تي بارود رکي رهيو آهيان. هي سڄين سڌي آپگهات جي واردات آهي. مان ادب جو ڦهريون خدڪش بمبار آهيان ۽ سچ ته هي ڪتاب گول مال واقعي ڪنهن ائٽم بم جي تباهي کان گهٽ ڪونهي، منهنجي هن بم جو ڌڌڪو اوهان پڻ محسوس ڪيو هوندو. هي ائٽم بم جيڪو صدين تائين ائين ڌماڪي سان ڦاٽندو رهندو. سٽلن کي خواب مان جاڳائڻ لاءِ بم جي ضرورت پوندي آهي، هي بم مون احتجاجن اڇلايو آهي، هي گولاباري ڪري مون پنهنجي وجود کان آگاهه ڪيو آهي، پڙهندڙن جي دل تي وڄ وانگر ڪرندڙ هن ڪتاب ۾ مون پنهنجي قلم کي ڏياٽيون بنائي روشني ۽ آگاهي جا ڀنيٽ پڙڪايا آهن، مان بارود ٻٽجي جنگ جي ميدان ۾ لٿو آهيان، مان هن جنگ جي هر صلع نامي پويان هڪ ٻي جنگ جي تياري ۾ آهيان، مان هر هر اها جنگ ڪندس، پل ته موت منهنجو مقدر ٻڻجي. مان هن هڪ ڪتاب تي ٻاڙي ڪين مات ڏئي نٽو سگهان، منهنجو هي هڪڙو ڪتاب هن غافل سماج جي ضمير کي جاڳائڻ لاءِ ۽ قومن جون تقديرون بدلائڻ لاءِ ناڪافي آهي. سڄي دنيا رونشي ڪوڏي آهي، هر نئين ڳالهه ماڻهن کي پاڻ ڏانهن راغب ڪري ٿي. مون ۾ نوان نوان انڪشاف ملندا، منهنجي فطرت جي خمير ۾ سدائين نواڻ جي تلاش رهي آهي، ڪجهه نئون، انوکو ۽ حيران ڪندڙ ڪم ڪرڻ جي جستجو، هر وقت منهنجي اندر ۾ موجود رهي ٿي. منهنجي دل چيو ته اهڙو منفرد ڪم ڪجي جيڪو اڳ ڪئين نه ڪيو هجي، مون ڏٺو ته هاڻ ڪجهه ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي ته مون اهو انقلابي قدم کنيو، اها ڳالهه جيڪا ڏاڍي نرالي ۽ نئين پڻ هئي، اهو ڪم جنهن کي ڪرڻ جي ڪنهن ۾ جرئت نه هئي، مون اهو ڪري ڏيکاريو، منهنجي هن اُبتي ۽ حيرت زده ڪم، دنيا کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو، منهنجي زندگيءَ جو هي مکيه ڪم هو، جنهن مونکي لاثاني شهرت بخشي. جيستائين منهنجو تعلق آهي ته اڃان منهنجو هي ڪم مڪمل ٿيو ناهي اڌورو ۽ اڻ پورو آهي.

هر ليکڪ جو پنهنجو رنگ روپ ۽ مزاج هوندو آهي، منهنجي لکڻين ۾ منهنجو پنهنجو رنگ ۽ انداز آهي. منهنجي محسوس ڪرڻ، ڳالهائڻ، بيان ڪرڻ ۽ لکڻ جو ڍنگ به مون وانگر غير روايتي آهي، منهنجو ڏنلو ڪتاب لکڻ ناهي، پر هر جنم ۾ مون لکيو آهي. مون ۾ لکڻ جو ڏانءُ موجود آهي. ڏاتر مونکي اهڙي ڏات ڏني آهي. لکڻ منهنجو ذوق، شوق ۽ جنون آهي. مان رومال ۾ ويڙهي ڳالهه ڪرڻ ته سکيو ئي نه آهيان، مان پنهنجي مستي ۾ مست آهيان. مان جيڪو ڪجهه لکيو آهي من موجي انداز ۾ لکيو آهي، مان پڙهندڙن کي پنهنجي وهڪري ۾ لوڙهيو آهي. منهنجي لکڻي جي درياءُ ۾ وڏا وڏا تارو به ٻڏي ويا، مان بي خوف بي پرواهه ٿي لکندو آهيان، اهڙي

Scanned with CamScanner

بي ڏڙڪ انداز ۾ اهو ئي لکي سگهي ٿو، جنهن جا جذبا بهادر ۽ دل بي ڊپي هوندي آهي.
مان ماڻهن جي دلين ۾ لهي ماڻهن ڪاڻ لکندو آهيان، هڪ ڪامياب ليکڪ اهو آهي، جيڪو ماڻهن جي دل و ٿان ڳالهيون ڪري ۽ ماڻهن جي روح کي خوش ڪري. ڪنهن جو سر قلم ڪرڻ آسان آهي، لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. عاقل علم ۽ جاهل ڪلاشن ڪڻندا آهن. قلم ڪهاڙو آهي، مون قلم کي هٿيار بنائي قلم جي مار ڏني آهي، مان اهو قلم جو هٿيار ڇڏي نٿو سگهان. مان پنهنجي لکڻين تان هٽ ڪٽي نٿو سگهان، مان پوئتي وري نٿو سگهان، پوئتي ورڻ جي ماءُ لولي ڏني ناهي. منهنجي سرير ۾ ڪا سگهه يا طاقت ناهي، سواءِ هن تخليقي قوت ۽ هن قلم جي طاقت جي، اظهار جي قوت ۾ پنهنجي تخليقن جي سگهه آهي. بيان ڪرڻ جي لفظي سگهه، قوت ۽ ترتيب هئڻ ڪپي، اسان کي پنهنجي ناليِ سان گڏ پنهنجي ذات جو به اعلان ڪرڻ ڪپي، منهنجي لکڻي موسيقي جي ستن رنگن ۾ ورتل هوندي آهي. منهجي لکڻي ۾ موسيقت، منهنجي مزاج ۾ نغمنگي ۽ منهنجي لفظن ۾ ترنم هوندو آهي. مون وٽ لفظن جا انبار آهن. مان ڪوري ڪاغذ تي قرب پري قلم کي ساٿي بنائي باڪ ۽ سچائپ کي ظاهر ڪندو آهيان، مان پڙهندڙ جي پسند ۽ مزاج و ٿان لکندو آهيان، مان نجي زندگي جا واقعا ۽ مشاهده لکندو آهيان، مان پنهنجي اندر جا اڌ مان ۽ احساس لکندو آهيان. مان دلجي ڪيفيت کولي بيان ڪندو آهيان. مان قلم جي نوڪ سان پنهنجي ۽ ٻين متعلق حقيقتون نروار ڪندو آهيان، مان حقيقت کي ڇهندڙ لکڻيون لکندو آهيان. مان پنهنجي غلطين کي قلم بند ڪندو آهيان، مان خود کي وساري نٿو سگهان. مان سماج خلاف قلم جي جنگ جوتي آهي، ائين ڪلم ڪلا مخالفت لاءِ جگر ڪپي، ائين لکڻ سترو ناهي، مونکي پنهنجي گفتار جي قيمت جي خبر آهي، هر ڪلا جي ڪالي ديوي انساني جي گرم ۽ تازي رت تي پلي آهي. مون جڏهن به لکيو آهي، جيڪو به لکيو آهي اهو بي مسئل ۽ لاثاني تي پيو آهي.

مان هتي نوان نوان مسئلا قبر ماڻ ڪوتي ڪيڻ نٿو چاهيان مان هتي قصن جون قبرون ڪوٽڻ نه پر حقيقتن ۾ ساهه وجهڻ آيو آهيان. هي منهنجو تحريرون زنده تحريرون آهن، مان پاڻ هنن قصن جو ڪردار آهيان، مان ماحول مان ڪردارن جي چونڊ ڪئي آهي، هي منهنجي زندگيءَ جا ڪردار آهن. مان هنن ڪردارن سان گڏ گهاريو آهي، هنن سان منهنجي دلڙي رهي آهي. هي سڀ اُهي ڪردار آهن، جيڪي منهنجي يادن جي مالها ۾ ڳنڍيل آهن. هڪ ٻن ڪردارن کان سواءِ سڀ جو سڀ زنده ۽ جيئرا جاڳندا آهن، جن سان اوهان به ڪٿي نه ڪٿي ضرور مليا هوندا. منهنجي من ۾ دفن ٿيل هنن جئيرن ڪردارن کي موت پلي ماريو هجي پر مون وٽ اڄ به زندهه آهن. مان اهي وچڙي ويل مئا مقام مان اثاري جئيرا آهن (مئلن کي ميڙي غير ضروري طور تي قبرن ڪوٽي هاڻ ڪيڻ جو کهڙو فائدو انهن کي خاموش سان سمهڻ ڏيو) هي ڪردار منهنجي ڪردار جي مڪمل ترجماني آهن، ڪو هنن ڪردارن کي پڙهي، يا نه پڙهي پر مون هنن کي تاريخ جي پنن تي لکي هميشه جي لاءِ زنده ۽ امر بڻائي ڇڏيو آهي، هن ڪتاب اچڻ جي صورت ۾ جيڪو رد عمل ٿيو جيڪا اذيت پو ڳي، جيڪي تڪليفون برداشت ڪيون، اهي زياد تيون ۽ ڏاڍايون بيان ڪري نٿو سگهان، انهن جو ذڪر ڪرڻ هاڻ اجايو آهي. ذاتي رنجشن ۽ ناراضگين جو هڪ وڏو سيلاب هو، جتان مونکي

Scanned with CamScanner

اَڪرڻو پيو. لاليءَ تي ڪهڙي ميار ئي مونکي موت جي منهن مان بچايو، مون جيڪو اونت اوهان کي ڏنو آهي، انهن يادگيرن جو خبر ناهي انت ڪٿي ٿيندو، مان پنهنجي زندگيءَ جا باقي رهيل جلد به ڏسڻ چاهيان ٿو، پر امڪان گهٽ آهي. مان اوهان لاءِ هي ڪتاب ڇڏي پيو وڃان، مان ڏات ڏٺي آهيان هڪ ڏات ڏٺي ته مري سگهي ٿو پر ان جي ڪلا امر آهي. جي مان فنا ٿي ويندس ته به هي ڪتاب مونکي جيارينداو، جي لکڻ جي سگهه رهي ته تادم لکندو رهندس، جي ڪا به ياد باقي نه رهي ته لکڻ ڇڏي ڏيندس، جي زندگي ساٿ ڏنو ۽ دل گهريو ته ڪجهه نه ڪجهه لکبو رهبو، فل لحال هي ڊوز ڪافي آهي، زندگي رهي ته پيهر ايندس، نه ته دعائن ۾ ياد رکجو ۽ پنهنجو خيال رکجو يار زندهه محبت باقي،

فقط اوهان کان ڪڏهن به نه وسرندڙ اوهانجو پنهنجو

آغا قيوم

تباهيءَ جي شوق ۾ تباهيءَ جي انتها

بيماريءَ کي به وقت ڏسي ۽ ڪنهن ڪان پڇي ڪو نه ايندي آهي. هن جي عمر وڏي آهي هي هاڻي پيرسن ٿي ويو آهي. وڏي عمر تائين جسماني طور طاقتور هجڻ ضروري نه آهي. هي اڄڪلهه قدرت جي حساب ۾ آيل آهي. هاڻي سندس صحت ڏينهن ڏينهن خراب ٿي رهي آهي. هي ذهني، جسماني ۽ جنسي طور تي فعال ماڻهو نه آهي. ڪنهن نه ڪنهن سهاري جي رهي ٿو. هي ماڻهو خودغرضي جي بيماريءَ ۾ وڪوڙيل آهي تنهن ڪان سواءِ دل جي آزار ۽ الرجي جو به دائمي مريض آهي. هن کي ٽنگون ٻانهون لن ۽ ڳڃي ۾ خارش جي وبا ٿهلجي ويئي آهي. هن کي هر وقت خارش ڪندي آهي. علاج مرض جو نه پر هن مريض جو هٽڻ ڪپي. هن جي انهيءَ گانبه مار بيماري جو واحد علاج رڳو سونو وٽ آهي باقي ان بداخلاقي ۽ خرابي واري بيماري جا حڪيم ۽ طبيب دنيا ۾ ناهن. هن جي اها خارش رڳو سونو ئي لائي سگهي ٿو. سونو هن جو پراڻو آزمائيل گهريلو علاج آهي. ڪامل به راز پروڙي نه سگهيا. پرين جي پاپوهه ئي هن لاءِ شفا آهي. هن جي عذابن جو علاج، هن جي دردن جي دوا، هن جي دل جو دارون. هن جي مرض جي دوا صرف ۽ صرف سونو آهي. سونو جيڪو هن جي آرام ۽ صحت جو هر وقت خيال رکندڙ آهي، نه دوا نه دارون نه درمل نه دعا نه ڪا ڦڪي اثر ڪندي. آخر هي سونو وري ڪهڙي مرض جي دوا آهي. بس هن جو اهو هڪ ئي ٻوز هن لاءِ ڪافي آهي. هن مرض ۾ مبتلا مريض ۾ توانائي اچي ويندي ۽ مريض يڪدم تيار ٿي ويندو. هن جي رڳن ۾ خون ڪونهي تڏهن به هي ڪائڻ پيئڻ جو شوقين مڙي ڪو نه ٿو. هر وقت شراب جي نشي ۾ ڌت رهي ٿو. هي چوي ٿو ته ”ڊاڪٽر مونکي ڏس ڏنو آهي ته شراب ڪباب ۽ شباب تنهنجو علاج آهي“. ڪهڙي ماءُ جي چڌ ڊاڪٽر تو کي اهو ڏس ڏنو آهي. اڙي بابا شراب ئي ته تنهنجو علامتي موت آهي. انهيءَ حرڪتن ڪري ته تون جلدي بيماري ٿي پيو آهين. هن جي چهري تي جيڪو شرافت جو نقلي نقاب چڙهيل هو اهو موں لاهي ڦٽو ڪري هن جي اصل شڪل اوهان کي ڏيکاري آهي. ٻاهران لڳي ٿو ته هن کي ان جي ڪا به پرواهه نه آهي پر هن جو اندر ڪاچي ويو آهي هي اندران ئي اندران کو کلو ٿي چڪو آهي. هن جي حالت هڪ اڌهي ڪاڌل ڪالي وانگر آهي، جيڪا ڪنهن به وقت ڪري سگهي ٿي. هي مري ٿو ساهه ۾ تب هي جتي ڪالي ٻاهه لڳايون ويٺو آهي. نه مري ٿو نه جلد ڇٽي ٿي. پر لڳي ٿو ته هي هاڻي جلدي مري ويندو. هن جا پير هاڻي قبر ۾ آهن. هن جا ڏينهن پورا آهن ۽ هي ڪڏهن به لن چڙهي سگهي ٿو. هي ناچيز اهڙا تائين پنهنجي بيماريءَ جي مرض مان اڄو ٿي نه سگهيو آهي. خدا شل ڪيس ايمان به وڌي حياتي ۽ عمر درازي ڏئيس ۽ توفيق ڏئيس ته جئين سائيجن ايمان به وڌيڪ پورا پهي هن قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهن.

ناچيز جو موت

قديم موت بستري تي آهي ۽ مان انهيءَ جي لاءِ ماتم نہ ڪندس ۽ چونلس تہ اهو سنو آهي تہ اهو مري رهيو آهي. پراڻي (ناچيز ڏٽي بخش لاشاري) جو موت نئين (آغا قيوم لاليءَ) جي شروعات هوندي. نئون فقط تڏهن اچي سگهي ٿو. جڏهن پراڻون مڪمل طور تي مري چڪو هجي. پراڻي ڪي مرڻ ۾ مدد ڏيو ۽ نئين ڪي پيدا ٿيڻ ۾ مدد ڪريو. هڪ اهڙو موڙ اچي چڪو آهي جتي پراڻي ڪي چڏڻو پوندو ۽ نئين ڪي اُپڙڻو پوندو. اسين پراڻي جي پوڃا ڪندا پيا اچون. پل پراڻو احترام جو حامل هجي پر نئين جو احترام نہ پيا ڪيون. نئين ڪي تباهہ ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي ويندي. نئون پاڻ ڪي مڃائي سگهي ٿو ڪاميابي ممڪن ٿي چڪي آهي. نئين جي مدد ڪرڻ ۾ چڱائي آهي. پراڻو تہ ايڏو ڳري سڙي ويو آهي جو انهي ڪي سهارو ڏنو بہ وڃي تہ بہ اهو باقي رهي نٿو سگهي. اهو تباهہ ٿيڻ وارو آهي اهو فنا جي ويجهو آهي. اهو اڄ نہ سڀان ڏهي پٽ پوندو پراڻو پنهنجو اعتبار ۽ ثبوت وڃائي چڪو آهي. جڏهن پراڻو رڳو اوهانجي چوڏاري لڙڪيل آهي. ڇو تہ هن ۾ ايڏي همت ڪونهي جو هي پاڻ ڪي بچائي سگهي. اسين جيترو دير ڪري سگهون ٿا. اوترو هي شخص اسان ڪي پريشان ڪري سگهي ٿو. اهو جيترو ڏکيو هوندو جيترو اهو ناممڪن هوندو. لالڪار ايتري تي عظيم هوندي ۽ هي مناسب وقت آهي ڇو تہ هي ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ ياد رکو تہ ذهن اسان جو محتط آهي مرڪز نہ. مون هن لاءِ جيڪا آخري راءِ ڏني هي ان لائق آهي. هي سياڻو ۽ چالاڪ آهي هن جي باري ۾ حتمي راءِ قائم ڪرڻ ۾ لوهان ڪي اجان ٿورو وقت لڳندو مان سمجهان ٿو تہ ان ڪان وڌيڪ سندس بهتر تعارف ٿي نٿو سگهي. پاڻ هاڻي هن ناچيز جي چيپٽر ڪي اتئي ڪلوز ڪريون ٿا.

گڏيل معشوق

”تو پسند هي ڪسي اور ڪي تجهي چاهتا ڪوئي اور هي.“

سونو هڪ مٺ ۾ ٻہ گدرا ڪٽڻ ٿو چاهي، هي هڪ ئي وقت منهنجو ۽ لاشاري جو معشوق آهي. يعني هي اسان ٻنهي جو گڏيل معشوق آهي. محبوب، معشوق يا پرين ورهائبو نہ آهي، ورايل شي مڪمل نہ هوندي آهي، ائين هي بہ مڪمل نہ آهي. ”تنگو اتس يار حوالي پاڻ هليو آ گمبٽ“، يا ”ڪاڏي منهن مريم جو ڪاڏي تنبوالهيار“ مان تہ چوندو آهيان دلبر تہ ٿا دشمن بہ پنهنجو هجي. منهنجي محبوب ڪي هڪ ڇٽي تصور سان اچڻ کپي. منهنجو محبوب بہ هجي ۽ منهنجو نہ هجي. لن مان پيو چو سيانس ۽ ڳڻي لاشاري صاحب پيو ڇٽيس. هن ماءُ يهائي ڪي هنلو هنلو تہ نہ پٽيوس. هي ”چيز“ سونو هن ”ناچيز“ ڏٽي بخش لاشاري ۽ مون ”ڪاچيز“ آغا قيوم ٻنهي اتر ۽ ڏکڻ قطبن جي چڪ ۾ چڪجي ساڻو ٿي ويو آهي، هي ٻنهي طرفان ۽ رخن ۾ ورهايل عڇر مون جو سونو گڏهہ ۽ هن جو سلمان گهوڙو آهي. هن ڪريل عڇر ڪي ٻنهي پاسن ڪان ڏکيائي

آهي. هيڏانهن ٻاهر آهي نه هو ڏانهن پالي، هو درياهه ڪٺي وڃي ۽ مان پياسو رهان هي ان مان پهرين سال هجي ۽ مان سڄي رات جاڳي مولهون هلي ڏينهن ڪيا، منزل ٿي پهچڻ لاءِ مان هن وٽ فقط ٻه رستا آهن اسان مان هن کي صرف ۽ صرف هڪ چاهي جي چونڊ ڪرڻي پوندي. يا ته هي مونکي مڪمل ڇڏي ڏيکي ۽ هن جو ٿي وڃي يا هن کان ڊار ٿي پرپور منهنجو ٿي وڃي پوءِ هي جنهن سان گڏ هوندو اهو ان جو نصيب هوندو. نه هي ان کي ڇاڻ کان ڊار ٿو ڪري نه هي مونکان ڊار ٿيڻ ٿو چاهي. هي فيصلو نه پيو ڪري سگهي. اُن هن کان فيصلي ڪرڻ جي قوت به کسي ورتي آهي. حقيقت ۾ هي خوف ۾ ورتل آهي ڪٿي رد ڪيل اڙ بدلو نه وٺي. هي ڪنهن جو ٿيٺو ناهي نه منهنجو نه تنهنجو ڇاڪاڻ ته هن کي پنهنجا مفاد پيارا آهن. مون ۾ پنهنجي محبوب کي پوري طرح پنهنجو رکڻ جي صلاحيت موجود آهي. ڳچي ۾ پيل لاشاريءَ جهڙي هرويرو جي مصيبت اسان ٻنهي جي وچ ۾ هڪ وڏي هيچ آهي. پر مان حڪمت عملي سان هي ديوار ڪرائي ثواب ڪمائڻ نٿو چاهيان. جيستائين اهو (DECIDE) نه ٿيندو ته هي ڪنهن جو محبوب ٿو رهڻ چاهي تيستائين مان هن کي هٿ به نه لائيندس. شطرنج جا مهرا بساط کان ٻاهر نه ٿا نڪري سگهن راند جي ميدان جون سرحدون مقرر آهن راند هاٽي جيڪا به صورت اختيار ڪري مونکي مٺو پوندو. زندگي جُوئا ۾ هارائي آخري داءُ آهي هي ۽ مان.

بڌهن گهمي ٿو غير سان

منهنجو سونو تي پروسو هو پر مون محسوس ڪيو ته هي مونکي به دوکو ڏئي رهيو آهي مان هن مان وڏيون آسون ۽ اُميدون رکيون ويٺو هوس. مان هن کي مڪمل طور پنهنجو ڏسڻ چاهيان ٿو پر هي مڪمل طور هن جو ٿيڻ پيو چاهي. مان جيترو وڏيڪ کيس سيڪجهه سونپڻ چاهيندو آهيان، او تروئي هي مون کان ڪجهه نه ڪجهه بچائي پڻ وٺندو آهي. هاڻ هي بلڪل انهيءَ جي اثر هيٺ اچي ويو آهي. هي ان جي زهريلي اثر کان پري رهي نٿو سگهي. هر وقت هن جي زبان تي ان جو ڪلمو آهي. هي مونکان ڊار تي اُن جو ٿيڻ پيو چاهي جڏهن هي هن جو ڪو وڏو خيرخواه هجي مان ته هن يار مان صفا اڙجي ويس هن جون حرڪتون مونکي اذيت ڏيڻ لڳيون. جيءَ جنجال جيون جنجال بڻجي ويو. روز هڪ نئون سور، هڪ نئون درد هجي، منهنجو سڪون ڦرجي ويو منهنجي ننڊ اڏي وئي هن لاپرواهه ۽ بي فڪر جي روز جي عذاب ۽ اذيت جي درد ۾ يا مان پاڻ کي مٽائي ڇڏيندس يا هن کي مان کيس ٻار اچڻ لاءِ گهڻو ئي سمجهايو پر هن پنهنجا پر نه ڇڏيا. مون حتي الامڪان ڪوشش ڪئي جيڪي هنر هلا ٿاٽا هٺا هلايا پر ڳالهه اُني رهي. هن منهنجي ڪيل ڪوشش تي پاڻي ڦيري ڇڏيو. هاڻي گهڻو ٿيو جيڪڏهن هي مون سان ڦٽائيندو ۽ منهنجي محبت کي ٺڪرائيندو ته مان ٻنهين هن کان بدترين انتقام وٺندس. مان کيس لڳاتار وهر ۾ رکيو مان کيس ڏلل ۽ ڇڻهي پاسن کان خطري ۾ رکڻ ٿي چاهيو. مان هن جي چوڌاري دائرو ڇڪي پنهنجو چار اڄان به وڌيڪ سوڙهو ڪري ڇڏيو مان هن تي مڪمل بندش وجهي جو ڪسي

ڏئي ڇڏي. مون رڳو پنهنجي سمجهه تي ڀاڙيو جڏهن مون ڏٺو تہ هاڻ ڪجهه ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي تہ مون اهو سڀڪجهه ڪيو. هن جو منهنجي ويجهو ٿيڻ ڏکيو ٿي پيو. هن کي هاڻ منهنجي پاڇي کان بہ پوءِ ٿيڻ لڳو. هي پنهنجو پاڻ مان حد کان وڌيڪ بيزار ۽ ڪڪ ٿي آخر صفا باغي ٿي پيو. هي مون مان نجات ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جون ترڪيبون سوچڻ لڳو. جيئن ٻچي جان ڇڏائي سگهي. هي مون مان جيترو پڇڻ پيو چاهي لوترو هن ڏهڻ ۾ ڦاسندو پيو وڃي منهنجو قصور سراسر اهو هو تہ مان هن کي بدلائڻ ٿي چاهيو، مان هن کي صرف پنهنجو حصو بنائڻ ٿي چاهيو، مان معاملن کي وچ ۾ خراب ڪرڻ بہ نٿي چاهيو. پر ان صلاح پويان منهنجا مفاد لڪيل هئا، هي منهنجي ڪا ذاتي ملڪيت ڪانہ هو، نہ هي منهنجو هر حڪم مڃڻ جو پابند هو. هي تہ مون سان هر ڳالهہ ۾ ٻڌل هو هي چوندو هو تہ "اسان کي هڪٻئي جي ذاتي معاملن ۾ دخل ڏيڻ نہ کپي. مان سڄو تنهنجو آهيان مون ۾ جيڪو ڪجهه آهي تنهنجو آهي توکي جو بہ گهرجي ڪٽي وٺ مان نہ ڪنلس. تون ڀرپور ڏهُ ڪري وٺ، مان تنهنجو تہ هر پورائو ڪريان پيو تنهن ڪانپوءِ مان ڪيڏانهن پيو وڃان ڪنهن سان ٿو ملان ڇا پيو ڪريان توکي اعتراض نہ هئڻ کپي پر مون تي اعتبار هئڻ کپي بس رڳو اسان جي دوستي کي ڪنهن سازگار موسم تائين ترسڻو پوندو پوءِ تون جيئن چاهيندي جئين چوندي تئين ٿيندو. پوءِ مان هن جي لفظن جي سمونڊ ۾ ٻڏي ويندو هوس پر مان ڇا ڪريان منهنجي هن سان شديد محبت آهي مان هن کي ٻئي ڪنهن سان ڏسي نٿو سگهان (جيڪڏهن ڪو شخص بدلجي بہ ويندو تہ اها فقط ضمني پيداوار هوندي پر هو محرڪ نہ هوندو هو اوهان جو حصو نہ بڻبو. ڪڏهن بہ ڪنهن شخص کي ڪنهن شي وانگر استعمال نہ ڪريو ڇو تہ هر شخص پنهنجي ذات ۾ هڪ منزل هوندو آهي، پاڻ کي ٻين تي نہ ٿاڦيو. ڇو تہ ٿاڦڻ تشدد وارو هوندو آهي، ٻي شخص جو احترام ڪيو ۽ ان کي وسيلي طور اهڙو نہ ڪريو هو ڇا ٿو ڪائي ڇا ٿو پئي ڇا ٿو پائي ڪٿي ٿري ٿو. اهو سڀ شيون اڻ لاڳاپيل آهن. بس فقط انهي جي محبت تي نظر رکو توهان ان کي ڪڏهن بہ ان عمل ڪندي نہ ڏٺو آهي نہ ئي ان بابت ڪجهه ٻڌو آهي رڳو توهان کي ان تي اعتبار هجڻ کپي.

جڏهن پنڇيءَ کي آزادي ملي

کيس روڪڻ هاڻي ڪنهن بہ طرح سان ممڪن نہ آهي،" مان هاڻ هن کي روڪيندس نہ ڇو جو ٻي ڪنهن تي ڪنهن بہ قسم جو ٻاڙڻ غلامي هوندو آهي. مان هن کي پنهنجي پڃري مان مڪمل طور هميشہ هميشہ لاءِ آزاد ڪريان ٿو. مان کيس پنهنجو پاڻ مان بہ آزاد ڪريان ٿو. هي هاڻي جاڏي وڃڻ چاهي وڃي جيڪو ڪجهه ڪرڻ چاهي ڪري. مون هن کي هر لحاظ کان پاڻ ڀرو بنائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، هن کي خبر هئڻ گهرجي تہ هي جيڪڏهن آرامده زندگي گذارڻ چاهي ٿو تہ هن کي ڪجهه نہ ڪجهه ڪرڻو پوندو هن کي پنهنجي ڀروسي سان جيئڻ کپي. هي جڏهن سگهي ٿو جيڪڏهن جيئڻ شروع ڪري تہ، مان هن کي آزاد ڪري ڇڏ هڪ ڪدا ڇڏي ڏنو. هي نہ

Scanned with CamScanner

آزاد ٿي ويو پر مان هن جي يادون ۾ قيد ٿي ويس هي آزاد ٿيو هن کي موڪو ملئو ملي. هي هڪ آزاد پنڇي جيان پڄراڳ ڀڄي پيو. سلسلي حالت ان پکي جهڙي هئي جيڪو گهڻو وقت پڃري ۾ رهڻ کان پوءِ اوچتو آزاد ٿي ويو هجي ۽ آڏامڻ جو شوق کيس هڪڙي جڳهه تي ويهڻ ئي نه ڏيندو هجي. هي آزاد پکي جڏهن اڏامي اڏامي ٿڪيو نه ڪس رستي ۾ رات پئجي وئي هي مڪمل طور وساري ويٺو هو ته هن جو ڪو آشيانو به آهي هي جڏهن نه پئي آيو ته هن جو هڪ SMS آيو ته ”طويل قيد ڪاٽڻ کان پوءِ جڏهن اوچتو پنڇيءَ کي آزادي ملي ته ان پنڇي کي پڃري سان پيار ٿي پيو.“ شروعات ۾ ٿي ان جي اها حالت آهي ته ايندڙ وقت ۾ هن جو ڇا ٿيندو؟

جڏهن هو پيار جون چاهتون ڀوڙي ويو

مان محبت ۽ نفرت ڀرپور ڪرڻ جو عادي آهيان هن ۾ به ٻئي ساڳيون خاصيتون ملن ٿيون. هن کي ڪاوڙ ۽ پيار ٻئي جلد ايندا آهن. ڪو سچي زندگي ڪنهن تي جند جان نه نڻو واري سگهي. رت جا رشتا هجن يا جنسي لاڳاپا هجن انهن ۾ به اها ٿوت ڪانهي جا پنهنجي واسطيدار سان پاڻ ۾ ڪنو رکي سگهن. ڪو ڀائين ته ڀائنجي نه ته زوري ڳل نه لائجي هي اکين ۾ ويهندڙ هڪ ڏينهن منهنجو اکيون ڪيڻ آيو. هن جي اکين ۾ چڻ باهه جا آلا هجن ايندي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو. سڀ پيار پريتون چاهتون ڀوڙي ويو. هي دردن جي دوا هڪ نه چٽندڙ ناسور ڏئي ويو. هن جي ابتدا به غضب ۽ قهر جي هئي هن جي انتها به غضب ۽ قهر جي آهي هن جيڪي به بڪواس ڪئي مون برداشت ڪئي پر هن جو اهو آخري جملو ”هاڻ پنهنجو اکيون گم ڪر ڏسين ڇا پيو“ اهو ٻڌي مان چڻ اندو ٿي ويس ڇو ته منهنجو اکيو. سونو جي پيار ۾ ٻڌل هيون. انهن اکين ۾ ئي ته هي وسندو هو. هن شخص مون بدنصيب کي وري ڏسڻ کان به انڪار ڪيو هن پويان ڦري وري نه ڏٺو نه ئي وري ڪا پڇائي ڪئي ته ڪو مُو يا بچو بي وفا موسمن ۾ هوا گهلي ۽ ڪک پن سڀ پاڻ سان ڪٽي ويئي. نيٺ مونکان منهنجو سونو ڇڏائجي ويو آخر سونو مونکي ڇڏي ويو. سونو ته سورئي ڏيڻ جاٽي ايڏا سور نه ڏي جاني. ”ڪ شخص ساري شهر کو ويران ڪر گيا.“ ”کهڙي منجهه حساب؟ هڻڻ منهنجو موت ري لاءِ.“ هن جي دوست جو خوبصورت باب پورو ٿيو. هي مون سان راند ڪري ويو. هي مونکي بي شڪل ڪري ويو. هي جڻ منهنجو پاڙون ئي پٽي ويو هي جڏهن هليو ويو ته مونکي پنهنجي لٽجي وڃڻ جو احساس ٿيو. هن سان ايتري وابستگي هئي جو هن جي غير موجودگي مونکي منهنجي موت جهڙي لڳي، جهڙي ڀڙي ويا آهي شايد بي وفا نه هئا. پرين جي پچار جي اگ ڪٽي ڪيڏانهن وڃان، هي لپ سٽڪ لڳل چپن جي ڪس جيان غائب ٿي ويو. هي اکين ملجي ويو. جهڙين سليٽ تان اکر وهي ويندا آهن ۽ هي ٻهر جي ڪالي جيان جلدي سڙي ويو.

جو عشق جو هم سي روٺ گيا

"پنهنجي حياتيءَ ۾ شامل ٿي منهنجي زندگيءَ لاءِ دعا نہ ڪر
تون دوڪان بند دوا جا نہ ڪر. ختم ملڻ جا سلسلا نہ ڪر" (عزيز گوپانگ)
"جتنا سميٽون تو اتنا بکر جاتا هي." "جو عشق جو هم سي روٺ گيا اب اس ڪا حال سوناهي ڪيا."

هي رسي تہ جڻ خزان جي پرچي تہ بهار هئي. هي رسندو بہ پاڻ ۽ پرچندو بہ پاڻ آهي. هن جو پرچڻ ۽ هن جو رسڻ بہ مهانگو آهي. سندس ملاقات بہ مشڪل مسئلو هوندو آهي. هي ڪنهن بہ وقت ڪٿان بہ نہ نمودار ٿيندو آهي هي موجود هوندي بہ الائي ڇو غير موجود لڳندو آهي. هڪ ڏينهن بہ ملاقات ۾ ويڇو ٿو پئي تہ دل ۾ هڪ قسم جي بي چيني ٿي پيدا ٿي پوي. منهنجي دل شيشي جي گهر جيان آهي جنهن کي پٿر هڻڻ وارا ڪئي آهن. هن بي قدري زماني ۾ ڪير بہ ڪنهن جو ناهي، هي نہ سَنون جي دنيا آهي. هي مفاد پرستن جي دنيا آهي. مفاد پرستي بہ هڪ وڏو فن آهي. اهو فن هي ڏاري ذات خوب ڄاڻي ٿي. هي هوند ۾ گڏ اڻ هوند ۾ جدا ٿي ويندو آهي. هي ذهني طور نهايت چالاڪ ۽ هوشيار آهي. هي تيز ذهن حاضر جواب ننڍي عمر ۾ بہ عقل وڏو رکندو هو. هن الفت ۾ دوکو ۽ فريب سکي ورتو آهي. محبت جي دوکن فريبن، مڪاري عيارين ۽ چالاڪين کان مان بہ هاڻي چڱي ريت واقف ٿي چڪو آهيان. مان هن لاءِ سارو جيون ارپي سگهان ٿو پر هن ۾ سچائي ڪانهي مان الائي ڇو هن جي دل جي خاني ۾ فٽ ٿي نہ سگهيس اسان جي تہ يار دل صفا هئي هن جي دل مونکان هٽي ويئي آهي. هي جڻ دل ۾ فيصلو ڪري چڪو آهي تہ مون مان جان ڇڏائيندو هي منهنجي دل جي دسترخوان تي هر وقت جهيڙي لاءِ تيار ويٺو رهي ٿو. اُهي آرا ڪهاڙا جڻ دل تي پئي هليا. مونکي بہ ڪهڙو مٽي جو سور پيو جو ڏينهن رات هن جي ڪِيءَ ڪتي وانگر پُڇ لٽڪائيندو ٿو وتان هرو پرو خون ساڙي پاڻ کي پچائي ڪباب ڪيم خوامخواه اڇي اڇي ڏاڙهي ۾ خوار خراب ٿيس. اها ڪنڌ تي ترار. اها ريت رُسڻ جي اهي آزمائش جون گهڙيون اهو عاشق معشوق جو امتحان آهي. هونءَ بہ تاڻو ساڳيو ڪڏهن بہ نہ رهڻو آهي. الزامن جا بار وڏي وجن ناراضگي ۽ غلط فهمي وڏي وجڻ. نتيجي ۾ غير واسطيدار ٿي ڪهاڻي ئي ختم ٿي وجڻ ۽ پوءِ رڳو تصور ۽ خيال ۾ باقي رهڻ ئي عشق آهي "وقت ڏنو سين پاڻ پليو سين پيار نہ ٿو پلجي" (استاد)

جڻ نظر لڳي وئي

هن کي منهنجي ۽ اسان کي ماٺهو جي نظر ڪائي وئي ڏينهن رات جسماني گڏ هوندي دلي ۽ روحاني طور ڏار آهيون. هن جي موجودگي بہ اڻ موجودگي آهي. هن جو هئڻ ۽ نہ هئڻ ۾ ڪو بہ فرق ناهي. مسلسل پرين طرفان ماٺ جيوءَ جهوري وجهي ٿي. سهٽا تنهنجي سرجو قسم حڪم ڪر هي رستا هي شهر ڇا دنيا ڇڏي وڃان، جي تون

چئين ته عمر ڀر به تو سان ملا به نه "جانب ايذي جاڙ نه ڪر". منهنجي وجود ڪان انڪاري ٿي اڄ موجود نه ٿي. جڏهن سمورا اقرار انڪار ٿي ويا ته هن جو مون سان ڪو به واسطو نه رهيو. هن مون سان تعلق ٽوڙي ڇڏيو، ڇڄڻ جو سبب ڪجهه به نه هو. بس هن جي دل مون مان ڀرجي چڪي هئي هن کي منهنجي وڏيڪ گهرج يا لوڙ ڪانه رهي، اهڙو ڪو واڪوريو جو هي گلزار ئي اجڙي ويو. هر تمنا خاڪ ٿي پئي خوشين ۾ ڪتر پئجي وئي. اسان جي بي مسئل دوستي کي اڌوهي ڪائي وئي، ارمان حسرتن ۾ بدلجي ويا ۽ خواب گهڙين ۾ دڦ ٿي ويا. هن هڪ ئي ڌڪ سان منهنجو سڀ ڪجهه ڍاهي پٽ ڪري ڇڏيو مون ڪڏهن اهو سوچيو به نه هو ته اهو بت جيڪو مون پنهنجي هٿن سان ناهيو هو اهو ايترو جلدي منهنجي آنکين آڏو ڍهي پٽ پئجي ويندو هن ڪان وڇڙي جا دل جي تباهي ٿي سا تباهي ينيور ڪان گهٽ ڪانه هئي. "پڃاٽا پرئين ڏهجي باهه ينيور کي" هر طرف تباهي ئي تباهي هئي هن جي موجودگي ۾ باقي دنيا بي معنيٰ بڻجي وئي رنجشون نفرتون ۽ ڏريون ئي سهي تب روح نتو رهي توبن قرار ممڪن ناهي هي دنيا ۾ هو دنيا جو هر ڀر صرف منهنجو نه هو، هن مونکي مڪمل ٽڏي ڇڏيو هو. هن کي مونکان خاص قسم جي نفرت پيدا ٿي پئي. هي هاڻي منهنجي منحوس شڪل به ڏسڻ نٿو چاهي، هي هاڻ ته منهنجي نالي ڪان پڻ اٽچاڻ آهي. هن ناهه ۾ ڪو به نڪتو ڪانه ڇڏيو. هن قسم کنيو هو ته هاڻ هي مري ويندو پر منهنجي هٿ نه ايندو. هن پنهنجي پويان ڪو پيرو نه ڇڏيو. منهنجي چانوءَ هتي وئي مان ڪيس هاڻي ڪا ٿي ڳوليان. هي وجود ۾ آيو وري نيٺ ختم ٿي ويو. هي دوست ٿي آيو ۽ دشمن ٿي پيو. هن ڪچي ڌاڳي جهڙي پرين جي دوستي مون سان ائين ختم ٿي وئي ڄڻ هن جو ڪڏهن مون سان وسطو ئي نه هو. جنهن دوست جي لاءِ ماڻهو سر گهوري ڇڏي اهڙي دوست سان به معمولي ڳالهه تي پل کن ۾ ناتا ٽٽي پوندا آهن محبوب جي وڇوڙي تي هر ڪو پار ڪيي روئي ٿو. پوءِ جڏهن هي دل جي دوستي ٽوڙي دل ڪان دور ٿي ويو ته مان به مڪ وانگر پنهنجو منهن مٿو پٽڻ تي مجبور هوس. ڄڻ دل تي ڪنوڻ ڪري اڄ ته ماتم ۾ ڪو مري ويو آهي. مان ته ڄڻ جٿري مثل آهيان ۽ جٿرئي مري ويندڙ ته صنم جي بي وفائي تي ماتم به ڪري نه سگهندا آهن هي دل ۾ وجود ۾ خيال ۾ تصور ۾ ئي سدائين موجود رهي ٿو. جڏهن دل ڌڙڪي ٿي ته هي به دل سان گڏ ڌڙڪي ٿو، هن ڪان سواءِ دل نٿي پلي منهنجي دل ۾ انهن ڪاڻ دل جي آه آهي جن منهنجي هن دلبر کي منهنجي دل ڪان ڌار ڪيو. قربتن جا فاصلا وڌيا ۽ وڇوڙا وصال ٿي ويا وڇوڙي جي وصال ۾ واقعي ڏاڍو مزو آهي.

سولو جي دبئي روانگي

جيڪي وڃان وڃان ڪن، سي رهي رهندا ڪيترا،
سهٽا تون نه وڃ لاڙ پڪو مان جهليندي سان،
سائين جڏهن عشق لڳو ته اسان جدا ٿي وياسون.

آخري ملاقات وقت مان اکين تي سونو جو وساريل ڪارو چشمو چاڙهي آيس. منهنجي لاءِ هن جو خوبصورت ساٿ ڇڏي وڃڻ گهٽو تڪليف ده هو. هي منهنجي جسم ۾ پيار جو حصو هو. سونو مان توکي وڃائڻ نٿو چاهيان سونو تون مونکي مونکان ڌار نه ڪر نه وري توکان تون ڌار ٿي. اسان هڪٻئي جو وجود ڳوليندا سون ته به نه ملندو. ”سونو مين تم بن اڌورا هون، مجڪو تنها مت ڪر، رهي نه هي سڪتا تمهاري بنا.“ هي ڏکويل هو هن جي چهري تي خاموشي ڇانيل هئي. هن جي منهن تان مرڪ ڇڏائجي وئي هئي ۽ منهنجو اکيون آب وهائڻ لڳون. ”همين تم سي پيار ڪتنا يه هم نهين جانتي مگر جي نهين سڪتي تمهاري بنا“ هن جي اکين ۾ سچي عاشقي جي لاٽ هئي. هن جي چمن ۾ سُرهاڻ. بدن ۾ مانڊاڻ ۽ اکين ۾ آلاڻ هئي. مان چنڊ جي لالاڻ ۽ پرين ڪي اکين ۾ الاڻ ڏسي نه آهيان سگهندو. هن جي خوبصورت اکين ۾ ڳوڙهن جو ڄڻ سمونڊ هو، اکيون مسلسل نير وهائي رهيو هيون مون ان وقت هن جي پلڪن جون بوندون پنهنجي لبن سان نچوڙي پنهنجي ازل جي اُڃ اُجهائي هن چيو ”دل ته منهنجي به نٿي چاهي ته توکي ۽ تنهنجي خوبصورت محبت کي ڇڏي وڃان. توکي تنهائپ جي حوالي ڪري وڃڻ، انهيءَ حالتن ۾ ڇڏي وڃڻ منهنجي مجبوري، آهي منهنجي نظر ۾ اهو ڏاڍو دل شڪن ۽ شديد تڪليف وارو عمل آهي، پر ياد رک جدائي صرف نظر جو دوکو آهي. مان آهيان نه تنهنجي دل ۾ ويٺل، تنهنجي اکين ۾ ويٺل، پوءِ تون فڪر ڇو ٿو ڪرين.“ مون پاڻ کي جهلي چيو ”سونو تو ته سولائي سان وسري ويندي پر مان تنهنجي انهن نيڻن کي ڪاڏي ڪندس“ دل کي قابو رکڻ مشڪل هو. هي جڏهن مونکان موڪلائي ويو ائين لڳو ڄڻ زندگي وڇڙي وئي، ڄڻ منهنجو وجود ئي ختم ٿي ويو. هي ڄڻ منهنجي زندگي کي Hang ڪري ويو، ”هم اس کي بارشون ۾، هر اک موسم ۾ بيڳتي تي وهو اپني چاهت کي ساري منظر همين دکا کي چلا گيا“ (حسن رضوي) سندس لڏي وڃڻ ڪانپوءِ ٻي ڪا به اهڙي پهر نه بچي جا هن جي ڪمي پوري ڪري سگهي، پيار ۾ ڪهڙا ليکا بس سهڻا تنهنجو خير هجي من پلجي وري هڪ ٿيون.

پرينءَ جي ياد

هم اس کي بارشون ۾، هر اک موسم ۾ بيڳتي تي
وه اپني چاهت کي ساري منظر همين دکا کي چلا گيا (حسن رضوي)
جو بهول جائين انهين عمر بهر ياد رکهنا هي (هارون حمزه)
”جيڪي به ميت هئا پن ڇڻ ۾ وڇڙي ويا“. (طارق عالم ابڙو)
”ڏني ڏينهن ٿيام. ڪوه ڄاڻان ڪهڙا پرين؟“ (شاهه لطيف)

جهان جا لاڳاپا رڳو جيئرن لاءِ آهن. پرين زنده هجن. پل وڇڙيل هجن. پيارو پرين ۽ سڪ وارن کي سنڀالڻ کپي. اها فطري ڳالهه آهي ته جيڪو هتي موجود نه هوندو

ان جي ڪوت محسوس ٿيندي، هي هئي نه آهي تنهن لاءِ هن جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي. سونوءِ سان سڃاڻپ ٿي اڳتي هلي دوستي ٿي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ دوستي محبت ۾ تبديل ٿي وئي ۽ پيجاڙي ۾ هن کان وڇڙندي درد محسوس ڪري رهيو آهيان. پرين جي ڏکهي انتظار جي روڳ زندگي ۾ سوڳ واري فضا برپا ڪري ڇڏي. عشق جي ابتدا ۾ بي هوش نه رهيو عشق جي انتها ۾ بي هوش وڃائي ويٺس. ڏور ويلن جو ڏس هوندو آهي ۽ وڃائجي ويلن جي ڪا خبر نه آهي هوندي، سونوءِ اهڙو نه ڪيل رهايو آهي جو ڏصو ابتو ٿي ويو آهي، ملڻ اسان جو هجر ۽ هجر اسان جو ملڻ بڻجي پيو آهي. حسن مطلوب آهي ۽ محبت انهيءَ جي ڳولا آهي. اهي هجر ۽ فراق جا چار ڏينهن هن جي ياد هن جي تلاش ۽ هن جي جستجو ۾ رهيا، اهو سيڪجهه هن سان محبت جي ڪري هو. بس عشق جي اُمنگ هئي هر جاءِ هر هنڌ مان ڪيس ڳوليندو رهيس پر هن کي لهي نه سگهيس، پرين جي عشق جي انهيءَ پنڌ ۾ رستي ۾ سيڪجهه مليو پئي پر مون کي هو نه مليو. سڄي شهر ۾ بدنام ٿيس پر تنهنجي دل مان گم نام ٿيس. اڃان همت نه هاري اٿم، اڃا آس ٽٽي ناهي. ڪيترائي پيرا ائين ٿيو آهي ته ڳولا ڪندڙ انهي ڳولا ۾ گم ۽ غرق ٿي چريا ٿي پيا. مان سامري جادوگر جو اهو تلسمي شيشو ڪٿان آڻيان. جنهن ۾ عاشق ويچارا پنهنجي وڇڙي ويل محبوب کي ڏسي سگهندا آهن. تو بنا خالي پنو مونکي چٽي جيان ڪائي پيو. تنهنجي محبت کان سواءِ اهو ناممڪن لمحا پڻ جهنم ٿي لڳن ٿا پيا. هڪڙي هڪڙي گهڙي ڄڻ سال لڳي ٿي پئي. اهي آتشي شعاءَ مونکي جلائي رک ڪندا. زندگي جا هي ڏکيا سکيا ڏينهن جهڙا به هئا گذري ويا. هاڻي انهن جون رڳو يادون ئي آهن. البم ۾ هن جي هر تصوير ۾ هن جون ادائون ڇڪيل آهن هن مون تي محبت جا مينهن وسايا هئا. مونکي هن جي جسم مان پهرين برسات جي خوشبو محسوس ٿيندي هئي. برسات جي مند ۾ تيز رفتاري سان پيار جي برسات ٿي هي تکي برسات ۾ وهنجي سهنجي ڄڻ نکري پيو ۽ ٻهڪڻ لڳو ڄڻ چانڊوڪيءَ ۾ وهتل هجي. مينهن سان وهنجي هي به ٺريو ته هن جو اندر به ٺري پيو برسات ۾ ڌرتيءَ جي ڏوڙ لڳي جڏهن ڇڪڻ ۾ تبديل ٿي ويئي ته هي ڄڻ رقص ڪرڻ لڳو اڄ به هن جي مون وٽ لاڳاپو ۽ پوءِ وساريل انهيءَ برساتي وڳي جي خوشبو مونکي نور بخشي ٿي انهن يادگار لمحن ڄڻ منهنجي زندگي جي انهن پلن کي امر بنائي ڇڏيو آهي مان هنجي يادون جو اسير آهيان، هي هر هنڌ منهنجو پيڇو ڪندو رهيو. جتي هن پيڇو نه ڪيو اتي مون کيس ياد ڪيو هوندو، هن سان گذاريل گهڙيون ڏنهن مهينا سالن ۾ تبديل ٿي ويا سيڪي محبت ۽ پهنجائپ جا پل ڪڏهن به پراڻا نه ٿيندا آهن جيا اهي ڏينهن هڪ دفعو واپس نه اچي سگهن، اهي ڏينهن اڄ به ائين ياد آهن ڄڻ اڄان ڪالهه بس هن جي ياد وڃي رهي آهي هي اڄ به منهنجي هانءَ ۾ رهي ٿو سو تو مونکي تنهنجو نانءُ اڄارخ اڃان وسريو ناهي ”ٿانڪ آهيان، پياڳ سپاڳ جون سپ صورتون، سپ سونهن، سپ رونقون، سپ آسون اميدون، آرزو، سپ دلڪشيون، سپ دلچسپيون، سپ تذڪرا سپ تبصرا

سڀ معاملا، سڀ فيصلا، سڀ موج مستيون مزا، سڀ قرب وارا سلسلا، سڀ فاصلا، سڀ حوصلا، سڀ پيار پريتون چاهتون، سڀ محبتن جون راحتون، سڀ ولولا، سڀ مشغلا، تنهنجي ذات جي هڪ هڪ سخا، تنهنجي حسن جي هڪ هڪ ثناءِ جسم منهنجي جا حصا، منهنجي هر درد جي دارون دوا، تنهنجي جادوءَ ڀري هي گفتگو، تنهنجي هر ابتدا، هر انتها، وسري نٿي توسان گهاريل هر نظر اڃان زنده آهي" انهن کي صرف ياد ڪري سگهجي ٿو. تون تہ مون کان پنهنجي اها ياد تہ کسي نٿو سگهين جڏهن برسات پوندي گلن تي جڏهن ماڪ پوندي تڏهن تون ڏاڍو ياد ايندي. جڏهن ڪوئي روئڻ جو سبب پڇندو، جڏهن ڪوئي لڙڪ اگهندو تڏهن تون ڏاڍو ياد ايندين، جڏهن ڪوئي پاڪر ۾ اچي سمهندو، جڏهن ڪوئي سونهن سان ڀوڙيندو، تڏهن تون ڏاڍو ياد ايندين جڏهن ڪوئي اندر ۾ بہ هيڪلو هوندو، جڏهن رونقون ڏنگينديون، تڏهن تون ڏاڍو ياد ايندين، جڏهن ڪنهن جو سپنو ٽٽندو، جڏهن ڪنهن جي ملڻ جي آس پوئين پساهن ۾ هوندي، تڏهن تون ڏاڍو ياد ايندير . جڏهن ڪوئي مونکان منهنجو حال پڇندو، جڏهن ڪوئي مون کان تنهنجو پڇندو ۽ جڏهن ڪوئي پنهنجي سونوءَ کي سونو ڪري پڪاريندو، تڏهن تون ڏاڍو ياد ايندين. هي وقت جي وٽي هڪ ڏکهي بريڪ ڊائون جي احساس ۽ هن جدائي جي آتش مونکي جلائي ڇڏيو آهي. محبت ڏکهو درد آهي چاهت جي جدائي کي جيئرو رکڻ ضروري آهي. سڪون ۽ سانت مشتاق لاءِ موت آهي. ياد کي قائم رکڻ جي بهاني انهن ساڳين رستن ۽ ماڳن تي ڏينهن رات جا ڦيرا ڏيڻ. طواف ڪرڻ يا پتڪڻ هن جي غير موجودگيءَ ۾ اهو جڳهيون سڄ تہ مونکي هميشہ جئريو جاڳنديون ساھ کڻنديون ۽ مون سان ڳالهيندي محسوس ٿيو.

اڪيلائي ۽ تنهائي

عمر ڇيگم جيان ڇهاڙيون پيا، سات تنهنجو ملهاس جهڙو هو...!!

"هي شهر آهي هن ۾ اڪيلائي بہ هوندي"، دنيا ۾ رهي الڳ رهڻ جو هڪ الڳ لطف آهي، اها اڪيلائي جنهن ۾ ماڻهو پاڻ ئي عاشق تہ پاڻ ئي معشوق هوندو آهي، اڪيلائي انسان لاءِ نعمت بہ آهي تہ رحمت بہ اها اڪيلائي جيڪا ننڍپڻ ۾ مونکي ڏاڍو ڏڇاريندي هئي هاڻ مون سان ڏاڍو پيار ٿي ڪري. اڪيلائي جي مدد ۾ دل چوندي آهي تہ ڪنهن اهڙي پرسڪون هنڌ تي هليو وڃان جتي ڪو بہ نہ هجي رڳو مان هجان، اڪيلائي ۾ مان پنهنجو پاڻ سان هوندو آهيان. اڪيلائي ۾ پنهنجو پاڻ سان ڪچهري ڪري پنهنجا ڏک سور پاڻ سان اورڻ يا ڪنهن وڇڙي ويل محبوب جي ياد ۾ وڇوڙي جا گيت جهونگهارڻ ۽ پوءِ درد ۾ ڀرجي سڏڪا ڀرڻ جو بہ الڳ لطف آهي، جڏهن مان پاڻ کي اڪيلائي ۾ گم ڪري تنهائي جو ڪاڄ ڀلجي ويندو آهيان تہ پوءِ اها تنهائي بہ تنها ٿي پوندي آهي. انهي اڪيلائي ۽ تنهائي جي مراقبي ۾ اڪيلي سر ڪائنات جا اسرار ٿي پيا ٿي پوندا آهن جڏهن خدا پاڻ هيڪلهي روبرو مخاطب هوندو آهي.

محبوب جي گلي

يہ گليان يہ چوبارہ يہان آنا نہ دوبارہ اب ھم تو گئي پرديس کہ تيرا يہان کوئي نہين
سڪي اھو اُبرھيگاءُ آهي، گلي گلي گيت ٿي وٺي آ،
پيابنا نند ڪٿين ايندي بسنت جي رت بي چئي آ.
مونکي ڪوٺيو موالي پلي منھنجو ميخانو ھن جي گلي (استاد بخاري)
تنھنجي گھٽيءَ جي مٽي ميڙي پنھنجو ڪمبو لاھيو آمون
ڪنھن سان نفرت ڪري نہ سگھندس ڇو جو توکي چاھيو آمون (تنوير عباسي)

مان محبوب جي گھر جي ھن گھٽيءَ تان گھور وڃان. ھن جي گھٽيءَ مان پنھنجائپ جي خوشبو ايندي اٿم. گھٽي گھٽي مان ھن جي سرھاڻ ٿي اچيم تنھنجي خوشبو ٿي رقص ڪري جئين مينھن ڪان پوءِ مٽي جي ھبڪار تنھنجي گھر جو درءُ تنھنجي گھر جي گھٽي جو دم درشن ڪرڻ لاءِ تنھنجي پاڙي ۾ تنھنجي گھٽي جا روز ڦيرا پئي ڏنم جڻ طواف پئي ڪيم، تنھنجي اھا برڪتي گھٽي جنھن ۾ مان تنھنجي غير موجودگي سبب بي برڪتو بڻجي پٽڪان ٿو پيو، پيلي ھاڻ تہ ھلي آ.

توکي ٿل الله آٿي

ڪڏھن موٽندي راٺا ھي ھند ڪتولا توبن اُپاٺا؟

شايد ھي مونکان ناراض ٿي ويو آھي. بس چڻ جھڙ ۾ چنڊ لڪي ويو آھي. ھن پاڻ کي منھنجي نظرن کان لڪائي ڇڏيو آھي. ھن اکيون ھوتي ڇڏيون آھن. ھي منھنجي نيڻن ۾ پنھنجو عڪس ڇڏي نگاھن کان پوشيده ٿي ڪٿي پري ھليو ويو آھي. ھن کي ڳوليان ٿو تہ بہ ڏسڻ ۾ نٿو اچيم، ھي منھنجي ديد کان پري ڇو آھي؟ جدائي رڳو نظر جو دوکو آھي نہ ڏسڻ رڳو ديد جي کوٽ آھي. ھي منھنجي تمام ويجھو آس پاس آھي، مونکي ھن جي سڳنڌ محسوس پئي ٿي. ھي منھنجي تمام ويجھو آھي پر مون جون اکيون پري اُفق تي کتل آھن، مان انھي کي ڏسڻ جي جي اھليت بہ وڃائي چڪو آھيان، پر مان ھن کي جڏھن سچي نظرن سان ڏسندس تہ ھي ملي پوندو. جي عشق سچو ھوندو تہ ٻيھر ملاقات بہ ٿيندي الائي ڇو مونکي يقين آھي تہ ھي مونکي ڇڏي نہ سگھندو. سوچ جي خاطري اٿم. اڃان بہ يقين اٿم تہ ھو ٻيھر موڙي اکين ۾ ضرور ايندو ۽ اچي منھنجا لڙڪ اگھندو. مليو تہ بس اھو منھنجو ڀاڳ ڇٽھو توکي ٿل الله اسان وٽ آئي، وري موسمون بدليون تہ وري مانداڻ ٿيندا ۽ محبت جا مينھن وسندا جدائي جي چمڪي کان ولي اکين جي الليل ندين ٿاٿين ھي ٻھڪاري جا بادل اکين ۾ لڙڪ ڪٿي ڪٿي منھنجي ديس ڏانھن تہ نہ پيا وڃن اھي پياسا بادل، او کي ويل جي دعائون جيان پيا سندي ياد ڏياري اڄ اسان کي خوب رو ڦاري رھيا آھن تو کي ڏلي زمانہ ڪاڙھي ويا. وات نھاريان ٿو جاني تنھنجي درشن ڪاڻ نيڻ رڳو ديدار ڳھرن ٿا اکيون تنھنجي جھلڪ ڏسڻ جي اوسيئڙي ۾ ٻڏي رھيون آھن تو وساري ڇڏيو ڇڱو

Scanned with CamScanner

ڪيئي خير مان تو کي وسارڻ جي ٿو ڪريان سونو تون تہ ٻہ نہ ٿو وسرين. تو کي ڪير وساري, مان اڌورو آهيان مون ۾ ڪا شي گهٽ آهي. مان مڪمل نہ آهيان. مان پنهنجي وجود کي ٻہ وساري ڇڏيو آهي مان پنهنجو وجود ڳوليان ٿو تہ ٻہ مونکي نٿو لڀي. سونو مونکي ڇڏي ڇڪو آهي پوءِ هن جو ذڪر منهنجي محفلن ۾ ڇو آهي؟ تون پلي نہ اڄ تون دل ۾ موجود آهين تون اکين ۾ واريل آهين تون سوچن ۾ سمائيل آهين تون روح ۾ رچيل آهين.

آيا آس تيام

بهارون ڦول برسائو ميرا محبوب آيا هي.

ايجنسيون هر وقت ماڻهو تلاش ڪنديون آهن. تہ ڪهڙو ماڻهو ڪٿي ڪٿي تي سگهي ٿو ۽ ڪهڙا ڪم ڏئي سگهي ٿو، ۽ ان ڪان ڪئين ۽ ڪهڙو ڪم وٺڻ کپي. ڪرائيم برانچ جي ڊٽي بخش لاشاري کي هن ڇوڪري (سونو) کي ڪجھ ڪرڻو نہ هو پر اهو هن جو مهرو هو. هن سونو کي انهيءَ ڪم لاءِ سيڙايو آهي. هي ڪنهن مختلف مقصد جي لاءِ هن ڪان وڌو ڪم ڪرائي سگهي ٿو. هي خوش آهي تہ هي انهيءَ ۾ مڪمل طور ڪامياب ويو آهي. سونوءَ کي وقت بہ وقت مختلف مِشن (Mission) ملندا هئا. پوءِ اها مليل Assignment ڪٽي ٻہ ٻہ مهينا غائب ٿي ويندو هو اهو غائب ۽ گم تيل وري نہ ليندو هو، هن جي موبائيل تي ڪڏهن ڪڏهن ڪئي خفيا ڪوڊ ورڊ پڻ ايندا هئا جيڪي مان ڪامن سينس (Comensence) لڳائي پڙهي ۽ سمجهي وٺندو هوس. پوءِ ائين ٿي تيندو هو جئين مون سمجهو پئي. هتڙي هڪڙي ڳالھ ڪندو هلان تہ ناچيز پاران هن کي اها آسائيمينٽ مليل هئي تہ هي ڪجھ وقت مونکان دور رهي تہ جيئن هن جي پري رهڻ سان مان هن کي مڪمل وساري ڪنهن نئين محبوب جي ڪڍ لڳان پوءِ جيڪي چلھ تي سي دل تي هوندا ۽ ائين هي دل مان نڪري ويندو. هي بهاني باز سونو ان پلان مطابق مونکي دبئي وڃڻ جو ڪوڙ ڳالهائي هتي ڪٿي لڪي رهيو اهو هن جو نئون مِشَن هو. هن جو اهو ڪم خطرناڪ هو. جيسين هن جو اهو ڪم مڪمل ٿئي هن جي سر بہ سانت رهندي. مان هن جي اچان تائين جند ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهيان. هي مونکان گهٽو وقت پڇي نٿو سگهي. هي مونکان ڪئين جند ڇڏائيندو. مان هن جي آخر تائين پيڇو نہ ڇڏيندس مان هن جو قيامت تائين پيڇو ڪندس. مان هن جو پيڇو ڪيو. مان هن جي پٺيان پئجي ويس. مون اُتي وڃي هنڌ ڪيو آخر گهر ڳولي لڌو ۾ مونکي سونوءَ جي سڳنڌ هتي ڪٽي آئي. مون مووي ڪيمرا ڪٽي ڏوبي گهاٽ جانچيا ريڪارڊنگ جي بهاني ڊرائي ڪلينرس ڏي ويس. منهنجي اڄ محنت رنگ لاٿو. هي جتي روپوش هو ان حد جي ڊرائي ڪلينرس وٽ هن جا ڪپڙا هينگر ۾ ٽنگيل هئا. مون ڪپڙا سڃاتا جيڪي مون ڪيس سندس پسند تي خريد ڪري ڏنا هئا. هن جي اها ڪمزوري هئي تہ هي ڪپڙا ڏوبي ڪان ڌورائي پائيندو هو. مون ڪنهن کي نہ ٻڌايو مون اهو دوڪان اڪ ۾

Scanned with CamScanner

رکيو "تيري ياد آئي غم خوشي ۾ ڍل ڳئي." شايد ڪڏهن ڪنهن موڙ تي ڪنهن لمحي اوسيڙي جي آولن اهو بي وفا منهن ۾ ملي وڃي ته خود کان پڇندس تو ائين ڇو ڪيو؟ مان جيڪڏهن سونو جي واپسي جو خواهشمند آهيان. ته مان ڪيس ڀيهر هتي گهرائي سگهان ٿو. بلڪل انهيءَ گهڙي جڏهن مان واپس ايندس ته سونو کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندس. محبوب سان وري ملڻ جي آس ڪٽي سندس درتي هڪ چٽ چڙيم. "هارڪي جتني والي ڪو سونو نئي لالي ڪهتين هين" اهو هن جو تيڊمارڪ SMS هوندو هو جنهن جو مون ڪيس جواب ڏنو هو. "مون جدائي جي وڏي قيد ڪاٽي آهي. تون جڏهن پي ورين پر ياد رک هاڻ ڊگهيون جدايون ختم ٿي چڪيون آهن ۽ ملڻ جا لمحا ويجهو آهن بس رکو تون وري ملڻ جي نصيب جي تاريخ ٻڌائي ته جيئن مان تنهنجي چمين جي وکر کي تنهنجي خالي ڳلن تي رکي سگهان." پوءِ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪنهن PCO تا سندس فون آيو "هان هان آغاني جو ڊرا ديا" پر پاڻ وري به نه آيو. ڏاڍو ڪيو سين انتظار پر هن موٽڻ ۾ دير ڪئي. محبوب منهنجو ٿو اچي، من جي اچڻ جو پيغام جڏهن مليو مرڪن ۽ لڙڪن جي ورڪا ۾ هن جو وڏو شان ۽ مان سان استقبال ڪيوسون تنهنجي آجيان چڻ ته موڪلائي هئي. پرين طرفان ماٺ ئي چڻ ته سلام ها اها ئي ڳولا عشق جي انتها هئي. هاڻي هل ته اهڙي وادي ۾ هلون جتي رکو تون ۽ مان هجون رکو پيار ۽ محبت جو معراج هجي.

مادر چوت نڳ

سچي زندگي صرف ڀين جي ڪلهن تي سفر ڪيائين هاڻي پير جمائي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي ڪوشش پيو ڪري. هن هڪ ڏينهن ڏک ڀري لهجي ۾ چيو ته "هاڻ يار گهٽو ٿيو. گهٽو خوار خراب ٿيس ۽ پاڻ لاءِ آزار ڪيم. اهي مادر چوت نڳ ڪپڙا لاهڻ کان پهرين مونکي نوڪري ڏيارڻ جا وڏا وڏا وعده ڪندا هئا هاڻ انهن کي ڏسي اندر خاڪ ٿيو وڃي" هي هاڻ اوندهه ۾ ٽاپوڙا هڻي رهيو آهي ته هن کي روشني جا تروار نظر اچن، ڪٿي ڪو پير ڪپي ۽ روزي روٽي جي راهه کلي ۽ هي دربدري ۽ محتاجي ختم ٿئي.

ملڻ محال

هي چڱي شي هي بي بها ماڻڪ هاڻ اڻلڀ آهي، مصليت سبب جڳ کان لڪيو وتي يا شايد ڪيس پر لڳي ويا آهن هاڻ هي مڪمل طرح سان تبديل ٿي چڪو آهي. هي مونکان به منهن موڙي ماڳ مٽائي ويو آهي. سائيجن جو ناراضپو اچڪلهه چوٽ تي آهي. هن کي هاڻ منهنجي ڪابه گهرج يا ضرورت ڪو نه آهي. هي يارڙو الائي ڇو جو اسان کان وٺون ٿو وڃي اسان ٻنهي جا اڳي جهڙا سا ڳيا تعلقات به ڪو نه رهيا آهن. وقت گذرڻ سان گڏ اسان ٻئي هڪٻئي کان پري ٿيندا ويا آهيون. وقت گذرڻ سان گڏو گڏ مصروف رهڻ لڳو آهي اسان هاڻ گهٽو ڪري ڪو نه ملندا آهيون. هي هاڻي مونکي اڳي وانگر ٽائيم ڪو نه ٿو ڏي. الائي ڇو هن سان ملڻ محال آهي هن جو ملڻ مهانگو

ٿي پيو آهي ڪافي عرصي تائين هن جو مون سان موبائيل تي به رابطو قائم نه آهي. ورهين کان ڪو نه مليا آهيون. مون ڪيس سالن کان ڪو نه ڏٺو آهي. حالتون بدلجي ويون ان وچ ۾ ڪئي حادثا ٿيا. اسان جي گهر جا فاصلا به پري ٿي ويا آهن جڏهن ته هن جو گهر منهنجي گهر کان ايترو به پري نه آهي جيترو هي پرين مونکان پري آهي. مان ان دوست ڏانهن وڃان ٿو جيڪو هن وقت پنهنجي رونق وڃائي چڪو آهي. پر تصور ۾ ان جو شاندار ماضي ذهن ۾ رکي وينو آهيان. وقت گذرڻ سان سندس سمورو جوت لٽجي ۽ اجهامي ويئي آهي. هن هاڻ اهي اڱئي وارا انگل به ڇڏي ڏنا آهن ته هن کي پنهنجي گهر جو رستو به ياد نه آهي هن کي پنهنجو ماءُ پيءُ ۽ پيٽون ماريا ۽ سونيا به ياد نه آهن. هي جيڪو هاڻ پنهنجي پاڻ کان به وسري ويو آهي. سندس وجود ئي ڄڻ ختم ٿي ويو آهي. ٻڌو آهي ته منهنجو هي سونو اڄڪلهه ڪوٽڙي جي ڪنهن سڪندرآباد محلي جي عيسائي پاڙي ۾ رهي ٿو جتي هن ڪنهن عيسائي ڇوڪريءَ کي مسلمان ڪري پيار جو پرڻو ڪيو آهي، مان ڪيس هڪ تتلي جهڙي پياري نياڻي آهي. جتي هي بيروزگاري سبب خدڪشيءَ جا ڏينهن پيو گذاري. 27-7-2015 جي رات 10:56 منٽن تي هن جو ڪنهن نئين نمبر تان SMS آيو ته مان سونو منهنجي گهرواري عاليه وفات ڪري وئي آهي. سڀاڻي صبح جو 7 لڳي ڪيس دفنايو ويندو ٻي ڏينهن تيز برسات ۾ عاليه کي لطيف آباد نمبر 10 ۾ دفنايو ويو. 3 ڏهاڙا سونو ۽ سندس ڏيڍ سال جي ڌيءَ تتلي کي سخت بخار رهيو تيهجي تائين تڏي تي هي ٻئي لوڪ جي روبرو منهنجي هنج ۾ ستل رهيا ۽ مان جاڳس پئي.

پريم جا پيالا

فحاشيءَ سان شراب جو تعلق شروع کان رهيو آهي. WINE وائن (شراب) پئي ماٺهو متوالو، مست، مدهوش ۽ بي فڪر ٿي وڃي ٿو. شراب اسان جي ڏکن دردن کي مٽائي ڇڏي ٿو. پنهنجو پاڻ کي مدهوش ۽ معمور ڪرڻ جو بس هڪڙو طريقو ئي ته آهي. مون شراب صوف جو، انگور جو، ڳڙ جو، ماکي جو، هيڊ جو MEAD به پيتو آهي ته فرانس جي اعليٰ قسم جي شراب شمپين کان وٺي شي واز ريگل تائين، ويلن ڊي، ڊپلوميٽ، ايروسٽوڪريٽ، پاڪستاني ميري جن، ڊرائي جن، وات ون کان وٺي لوڪل ٺري (ڪولهي وسڪي) تائين بي انتها پيتو هوندو. تنهن کان سواءِ پريتم جو پيالو به پيتو ته پريم جا پيالا به پيتا، ته محبت جو جام به. معشوق جي اکين جا شراب ڀريل جام، هن سونوءَ جي چپن جون چميون چاشنيون ۽ هن جي مڌ جي مستي، مان هن جي محبت جون سرڪيون پيو پيا ته به اُڃ نٿي اجهامي، منهنجي اُڃ تڏهن لهندي جڏهن معشوق جي اندر ۾ به اهڙي ساڳي اُڃ پيدا ٿيندي. اُڃ اُڃ سان متجي ويندي.

سيڪسي ڪولر

قاسم آباد ۾ سنهري بوڪ لينڊ جي سامهون منهنجي وڏي ڀاءُ لالا ناظم الدين جو ويڊيو سينٽر هو اهو شايد قاسم آباد جو پهريون وڊيو سينٽر هو جتي CD ٻه وڪرو ٿينديون هيون. اهو وڊيو سينٽر AGHA'S آغاز جا نالي سان هو، جنهن کي منهنجا ڀائيٽيا آغا عابد، آغا زاهد، آغا آصف آغا امجد ۽ آغا ڪاشف گڏجي هلائيندا هئا. انهن جي ڏڏ تي مون ٻه ڀر ۾ هڪ فلمي پوسٽرن ۽ انوکن رانديڪن جو هڪڙو ننڍڙو اسٽال هنيو هو، اهو شايد 1996 جو زمانو هو، مونکي هڪ ڏيءُ نين ڏارا هڪ پٽ شاهه رخ خان اڳئي هئا. اهي ٽن يا چئين سالن جا مس هئا ته هڪ پٽ ماروخ خان پڻ ڄائو هو. مان وڏيڪ رانديڪا خريد ڪرڻ لاءِ ڪراچي ويس ڪلفٽن تي دو تلوار وٽ هڪ آغا سپر مارڪيٽ آهي، اُتان مون هڪ انوکو گڏو خريد ڪيو هو. مان جڏهن ٻه دوستن سان وسڪي پئينلو هوس ته اهو گڏو پاڻي جي ڪولر جي ڪم ڏينلو هو. هي ٻار جي شيپ نما ڪولر فت ڪن ڏگهو هو، جنهن ۾ ٻه جڳ کن پاڻي ايندو هو. هن گڏي کي گرگهلي جينس جي پينٽ ۽ فيروزي شرٽ پاتل هئي، پيرن ۾ جاگر ۽ اکين تي سن گلاسز چڙهيل هئس نهايت پيارو گڏو هو، هن انوکي گڏي جي خصوصيت اها هئي جو هي اڳيان پينٽ جي زپ کولي ٻئي هٿ پنهنجي ٽنٽيءَ کي جهلي بيٺي پيشاب ڪرڻ واري پوزيشن ۾ هو. جڏهن يويان گرگهلي پينٽ مان نظر ايندڙ ڳئي کي گڏي ڪبي هئي ته هي اڳيان پيرن ۾ رکيل شيشي جي گلاس ۾ ريلو (پيشاب) ڪندو هو. پوءِ مان اهو ڀريل گلاس ڪنهن دوست کي ڏينلو هوس ته هو ان گلاس کان ائين نفرت ڪندا هئا ڄڻ سچ ۾ هي ڪو پيشاب هجي. مان پنهنجو پيگ ٺاهي اهو ڀريل گلاس ان ۾ او تي چڏينلو هوس. تنهن زماني ۾ شراب ڄڻ مون لاءِ آب حيات بڻجي ويو هو. هاڻي مان هاڻ پيشنٽ آهيان، اهو اَمرت منو رس اهو مقدس شراب جيڪو ديوتن جو مشروب هو ۽ مون لاءِ پڻ آب حيات هو پر هاڻ ڄڻ مون لاءِ سقراط (Hemlock) جي هيملاڪ (زهر) جيان آهي. اهو زهر جو پيالو مون لاءِ موت آهي. مون جڏهن سونو کي عقللر خان جتوئي جي سالگرهه ۾ ڏاڍو بي دردي سان ماريو هو ته مونکي ان ڏينهن شراب جي ڏاڍي طلب ٿي. مون شوڪيس مان ڪرسٽل گلاس ڪڍيا. گلاس ۾ ڪجهه برف ۽ ان سيڪسي ڪولر مان ڪجهه برف جو پاڻي وجهي ڪاڪ ٽيل ٺاهي ٻه پيڪ ٺاهيان هڪ پنهنجي لاءِ ۽ ٻيو سونو لاءِ پوءِ ڇلڪي پيا پيمانه، شراب جو چشڪو ۽ شپڪو پري سمورو جام چاڙهي ڏوگهي خوب مستي ڪئي سون جڏهن سمورو جام پورو ٿي ويو ته گلاس ۾ انهي گڏي وارو ريلو ڪيل پاڻي وجهي علامت جام ٺاٺائي پيتوسون ته، ڪجهه مدهوش ٿياسون. هڪ ڀيري اسان هن گڏي ۾ فل شراب ڀريو ۽ پوءِ سڄو پيتوسون.

پوليس جو ٻي تاج بادشاهه منور ديوڻ

سلمان چوهاڻ (سونو) منهنجو محبوب هو ۽ هي مير فضل ٽائون لطيف آباد نمبر 9 ۾ رهندو هو، ٽن ڏينهن ۾ اسان اڪثر رات جو لطيف آباد نمبر 8 جي اڳوٽي شاهين سنيما ۽ هاٽوڪي شاهين شاپنگ سينٽر واري چوڪ تي واقعي هڪ پارڪ ۾ ويهندا هئاسون، اهو

اسان جي روزانہ گڏجاڻي جو هنڌ هو، جنهن کي اسان (Love Point) سڏيندا هئاسون. 18 مارچ 2012ع تي منهنجو جنم ڏينهن هو، سو نو پاران منهنجي جنم ڏينهن جي حوالي سان هڪ سادي تقريب ترتيب ڏني وئي. جنهن ۾ مان ۽ سونو کان سواءِ سونو جا دوست طالب پنهور، سهيل جمالي، اسد عديل ۽ ٻن ٻين شرڪت ڪئي. اڃا مان ڪيڪ مس ڪٽيو تہ اي سيڪشن ٿاڻي جي هڪ پوليس موبائيل اچي بيٺي ۽ هڪ پوليس اهلڪار اچي اسان سڀني جي تلاشي ورتي تہ "مونکي رپورٽ آهي تہ اوهان هتي ڪلم ڪلا وسڪي پيو پيا" جڏهن تہ هتي اهڙي ڪا ڳالهہ نہ هئي. تب هو چوڻ لڳو هتان اٿو ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ وڃي مرو. ان ڪرڙي پوليس اهلڪار جو نالو منور هو، جنهن کي ڊيوڊ ڪري سڏيندا هئا. اهي هر ٻي ٽي ڏينهن اچي اسان جو مُٽ پٽي ويندو هو. ڄڻ هي پارڪ هن جي پيءُ جي جاگير هجي، هن کي وڏي مستي هئي، هي پنهنجي وردي جو ناجائز فائدو وٺندو هو، هي پاڻ کي برطانوي وزير اعظم ڊيوڊ ڪيمران يا انڊين فلمون جو ڪو ڊيوڊ يا ڊان سمجهندو هو. هي ڪنهن بہ وقت ڪٿي بہ ڪنهن جو بہ پٽڪو ڏوڙ ڪرڻ جو حق رکندو هو. هي لطيف آباد جي سمورن ڏوهاري دادائن جو جگري يار هو، پر وقت تي تن سان پڻ طوطا چشمي جو مظاهرو ڪندو هو. چون ٿا تہ انهن مان ڪنهن دادا جي يار کي پڪڙائي ويو، تنهن هن سان پلاند ڪرڻ تي چاهيو. تنهن نتيجي ۾ منان هوٽل لڳ چوڪ تي پوليس موبائيل تي فائرنگ جي ٿيل واقعن ۾ ڪل ست بي گناهہ پوليس اهلڪار کي زندگي تان هٿ ڌوئڻو پيو، ۽ هي فساد جي اصل جڙ منور ڊيوڊ تڏهن بہ بچي ويو، ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ سخت زخمي ٿيل ڊيوڊ هاڻ اپاهج آهي.

رولو ڊور

اسين رولاڪ سيلاني، ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي،
اڪين ڳوڙها ڳچيءَ ڳاني، ڪڏهن ڪاٿي ڪڏهن ڪاٿي. (حليم باغي)

امان اڪثر منهنجي ڪنهن سفر جي سنبرڻ وقت چوندي هئي تہ "منهنجو هي پٽ ٿومي الائي ڪنهن تي ويو، صفا رولو آهي، رولو ڊور" سچ تہ مان آ.يان بہ تہ هڪ بيچين رولاڪ ڊور، "اسان راهي واهي، واهي رول، رولو ڊور" منهنجي پيرن ۾ رولاڪيون آهن، مان رولاڪ ڪڪر جيان آهيان. مان جنم جنم جو رولاڪ آهيان. رولاڪي منهنجي مزاج ۽ منهنجي وجود جو حصو آهي، مان اندر ۾ دربدر آهيان، مان آوارہ گرد، سيلاني، مان فقير، ڀڪشو، ويراڳي، مونکي هڪ هنڌ ٽڪڻ پسند نہ آهي، مون زندگي سير و سفر ۽ سياحت ۾ گذاري ڇڏي، هل هلان جي زندگي، سدائين ٿيلها ڪاهن ٿي، سفر منهنجي زندگي آهي، زندگي هونئن بہ هڪ سفر تہ آهي، سڄي حياتي انسان مسافري ۾ رهي ٿو. اسان تہ ٻارو هن دنيا ۾ بس، رڳو مسافر تہ آهيون، عمر ۾ سفر ڪندڙ مسافر، مون سڄي سنڌ ڇاڇولي آهي، ان اڃايو آوارہ گهمڻ گهرڻ، رلڻ پنڻ ۽ خواري کان اڃان ڪڪ يا بيزار ٿيو نہ آهيان، جڏهن منهنجو هتي شهر جي اي مقصد هل هنگامي ۾ ساهہ گهٽجڻ لڳندو آهي تہ مان ڪنهن ڏنهن راهہ جو راهي بڻجي، ٻهراڙي

جي کليل پر فضا ۽ پرسڪون، قدرتي، فطري ۽ نيچرل ماحول ۾ هواخوري پيچرا تفريح ۽ سير سپاٽي تي نڪري پوندو آهيان، زندگيءَ لاءِ آڪسيجن اهم آهي. مونکي پنهنجي جياپي لاءِ آڪسيجن به ته کپي، ڀهراڙين جي سونهن، وڻڪار، هريالي، ساوڪ ڪيڏانهن ڪيڏانهن نهارجي، چوطرف ماڻهن کان وڌيڪ وڻ، ٻارن کان وڌيڪ پکي ۽ عورتن کان وڌيڪ گل جتان جي سڄاڻپ آهن. ڍنڍون ڍورا، نديون، نالا درياهه جا نت نوان نظارا ڏسي پکين جي سريلي لاتن ۽ هتان جي ماڻهن جو قرب دل تي نقش ٿي وڃي ٿو. مون کان سنڌ جون گليون رستا ۽ پيچرا اجان نٿا وسرن، خبر ناهي ته ڳوٺ ڳوٺ سان مونکي ايتري محبت ڇو آهي؟ مونکي ... رڃ جهنگ، جبل، پهاڙ، ڏونگر، برپٽ بيابان، ڪندر، ماڳ مڪان ۽ اڇاڻ ماڳن سان ايترو دلي لڳاءُ ڇو آهي؟ گلي گلي وسندي وسندي، واهڻ واهڻ، ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر دربدر خان بسر ٿيڻ، ڀهراڙين جي لوڙهن، ويڙهن، جنگلن، ٻيلن، پهاڙن جبلن ۽ اُداس پيچرن تي منهنجي پيرن جو هي اڻ ڪٽ پنڌ، ڪنهن لاءِ آهي؟ مان هن پڙپانگ، برپٽ، بيابان، نه ختم ٿيندڙ لامحدود روڃ، سڄ ۽ اُڃ ۾ ڪنهن کي ڳوليان ٿو؟ مان شايد پاڻ کي ڳوليان پيو، مان در حقيقت مسافر به پاڻ آهيان ته منزل به پاڻ آهيان، مون سنڌ جا عام توڙي خاص ماڳ ماڪن به ڏٺا ته بزرگن اوليائن جي مزارن جون حاضريون به ڀريون، مون اهي پنڌ ڪندي ڏور وڃي لاهوتي فقير به ٿيس. انهيءَ گهمڻ جي شوق ۾ انهن سوڪن اوکن پنڌن ۾ مون ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون گذاري ڇڏيون. اڄ به ڪيتي کان ڪشمور تائين، ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين ۽ سلطان ڪوٽ کان عمرڪوٽ تائين منهنجو روح ڀٽڪي ٿو پيو. مان هتي انهن ماڳن جو ذڪر ڪندس، جتي مون پنهنجا پير گهمايا، ٻلاري ڀٽ ڏٽي جي سونهاري ساٽيهه ڪانسواءِ اُتر، وچولو، لاڙ، ڪوهستان، ٿر، ڪوئيٽيا، زيارت، حناڍنڍ، هوڙڪ ويلي، فاران تنگي، سينتمن تنگي، ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، ڪوه مري، نيو مري، ايوبيه، نٿيا گلي، ٽيڪسيلا، ڪاغان، سيف الملوڪ ڍنڍ، ڪالام، سوات (مينگوره، سيدو شريف) مدين، بحرين، الپوري، ملم جبه، سري پيا، بشام، شي گرام، بٽ گرام، ميان دم، خوازه خيله، شانگله، بشمال، اسڪردو، هنزه، گلگت، ڪوه فلڪ، وادي نيلم، ايبٽ آباد ۽ ڪوٽ راڌا ڪرشن وغيره وغيره مون جيڪي هنڌ ماڳ مڪان ڏٺا تن کي هر سال ياد تازا ڪرڻ لاءِ ڀيهر دوستن ساڻ ويس. مون سفر ۾ پاڻ سان خودي ۽ هستي نه پر سدائين جگري دوست ۽ من پسند محبوب ساڻ ڪنيان، سفر جو سانباهو ڪرڻ کان اڳ سفر جي ساٿي کي سمجهي وٺڻ گهرجي، ٻي جوڙ ساٿي سان مسافري ڪرڻ بي وقوفي آهي ۽ ٻي ڳالهه ته گهمڻ ڦرڻ لاءِ ماڻهو ڪاڏي نڪري ته سامان سڙو، ڪپڙا لٽا ڳرا نه ڪٽي ڇاڪاڻ ته مسافر سفر کان عاجز رهندو، مسافر هلڪو هوندو ته سفر سٺائو رهندو. سفر ۾ ڪئيمرا يا مووي اهم آهي ڇو جو اهي انمول ۽ يادگار پل محفوظ ٿي امر بڻجي پون ٿا.

لڙن جي لالي ٻري ترين ۾، گسن جي مٽي ڏري اکين ۾،
هلي هلي بس ٿڪي پياسين، گهڻو ٻڌايو اڃا سفر آ. (حليم باغي)

اڳهاڙي سواري

ٽنڦٽي بائيڪ يا موٽرسائيڪل منهنجي پسنديده سواري آهي، اهڙا ٽرانسپورٽ مهانگي آهي تنهن لاءِ مونکي پنهنجي سواري بائيڪ وڌيڪ سولي ۽ سستي لڳندي آهي. مان پاڻ اڳهاڙو آهيان، تنهن لاءِ مونکي سواري به اڳهاڙي پسند آهي. بائيڪ جيڪا اڳهاڙي سواري آهي. بائيڪ جنهن کي پچڻ لاءِ پير آهن، مونکي پنهنجي يونيڪ بائيڪ HAH-3121 آهي، جنهن کي مان محبوب سائين چوندو آهيان. بنا بائيڪ جي مان چڻ منڊو هوندو آهيان ۽ بنا محبوب سونو جي مان چڻ انڌو هوندو آهيان، هاڻ ته موٽرسائيڪل سان رڪشا جهڙي چنچي ٺاهي ويئي آهي، اها سواري پڻ آسان ۽ سستي آهي، هاڻ ته غريب غربي کي به موٽرسائيڪل وٺڻ جي قوت آهي. قسطن تي يا اسڪيم ۾ به ملي سگهي ٿي. شهر ۾ ماڻهو گهٽ، موٽرسائيڪلون ۽ اهي چنچيون وڌيڪ ٿي پيو آهن، ننڍپڻ ۾ مونکي پنهنجي سهراب اسپورٽس سائيڪل هئي. جنهن تي چڙهي مان ماڊل اسڪول ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن اسڪول مان آڙي هٽي سائيڪل تي شهر جا ڦيرا هٽي موٽي ايندو هوس. هاڻ به بائيڪ کي ڪيڪ هٽي ڪيڏانهن نڪري پوندو آهيان. پنهنجي مشڪي پرين سونو کي پاڪر ۾ پري، پنهنجي بائيڪ تي حيدرآباد جي خالي رستن تي سڄي رات گشت ڪري، رات کي ڪٿائي گهر موٽڻ مون لاءِ اڄ به عياشي آهي، هونئن ته گهمڻ ڦرڻ لاءِ ماڻهو ڪاڏي نڪري نٿو سگهي. اڄر واري موڪل يا خاص موڪلن ۾ ٿورو ڦرو چڪر اوسي پاسي لڳائڻ ۾ ڪهڙو حرج يا خرچ آهي. مان چنچر آچر تي ڪو يارڙو ساڻ ڪٽي ڪنهن ماڳ مڪان يا ڪئين اڻ ڏٺي منزل ڏانهن نڪري پوندو آهيان. مان جيستائين سئو ٻه سئو ڪلوميٽر سفر نه ڪريان تيستائين چين نه اچي. ڪڏهن ڪڏهن مان اڪيلو بائيڪ تي ڪيڏانهن صبح وڃي رات وچ ۾ موٽي اچان ته به ڪنهن کي خبر نه پوي، ائين مان پنائڪو ڳاڙهو ٽماٽو ٻار هلي هلي ڪارو شيدي ٿي ويو آهيان. تب نٿو مڙان مان ڪيئمرا يا مووي ڪئي ٻهرارين جا قدرتي نظرا ۽ اتان جي رهڻي سهڻي کي فلمبند ۽ قلمبند ڪندو آهيان. مون سان سفر ۾ هر وقت جيڪي ساٿي رهيا تن ۾ سونو، طالب پنهيرو، قمرالدين ڪلهوڙو، ڪامريڊ شمن. طالب ڊيشڪ، نظير هلال ڳجو، امجد ميمڻ، گلشاد چانڊيو، فرحان سومرو، شهزاد شاهه، احسان صديقي، پرنس جميل، تنوير قريشي، خير محمد رند، پرويز ڀٽي، ڊاڪٽر احمد ٻگهيو، شياش موٽواڻي، لاجبر خان، خادم سخيراڻي، غفور سومرو، نور احمد لغاري، شهزاد سومرو، خالد خانزاده ٻئي جونئير ۽ سينئر، صرير پنهور، نصير مرزا، عرفان مهدي، عزيز گوپانگ، بخشڻ مهراڻوي، حسن درس، حسن مجتبيٰ، عبدالحفيظ ميمڻ، پپي ۽ ذوالفقار هاليپوٽو ڏولفي، هاڻ ته منهنجو پٽ مارو به مون سان گڏ سفر تي هلندو آهي، جيڪي منهنجي هن پنڌ ۾ منهنجي ڏک ۾ شريڪ رهيا تن کي منهنجو سلام،

باب پنجون: زندگيءَ جا ساٿي ۽ دوست

دوستن جو چارٽ

زندگيءَ جا ساٿي ۽ دوست

شمس الدين ميمڻ	پروفيسر هدايت الله مهيسر	فضل جوڻيجو	وڪيل منگريو
عبدالرحمان ميمڻ	صفدر صديقي	مقصود منگريو	اياز گانچو
يار محمد ملاح	ڊاڪٽر نورل ڪانڌڙو	غلام قادر پنهور	علي احمد جمالي
ذوالفقار شاهه	طارق عباسي	غلام رسول پنهور	فرحان سومرو
شاباش موتواڻي	ضمير حسين	غلام قادر لغاري	آغا ثناءَ الله
سعيد احمد سهتو	ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيو	نور احمد لغاري	جنيد وسطڙو
رحمت الله صديقي	پرويز خاصخيلي بشني	نور محمد منگي	صنوبر جان
امجد ميمڻ	جئي پرڪاش	گل محمد ميمڻ	مرتضيٰ مشوري
نظير ٻلال (گجو)	احسان صديقي	رشيد جمالي	وڏيرو مختيار سهتو
هاشم جوکيو	رحيم بنگالي	قمرالدين ڪلهوڙو	نارائڻ داس
ڪامريڊ شمن ميمڻ	تنوير قريشي	طالب پنيرو	ڪاشف جوڻيجو
اسماعيل مغل (ميجا)	خير محمد رند	طالب ڊيشڪ	عقلدار خان جتوئي
گلشاد چانڊيو	ڊاڪٽر عمران آخوند	غفور سومرو	سلمان چوهاڻ سونو

وڇڙي ويل دوست (اسان ۾ ڪا مڪلي ٻه آهي)

وڇڙي ويل ساٿين جي لسٽ مون پهرين ڪتاب ۾ ڏني هئي. هن لسٽ ۾ 2011ع کان پوءِ آج تائين وڇڙي ويلن ساٿين جا نالا آهن.

حسن درس	مهراڻ سونو سهتو	گاجن شاهه مست	آغا محمد علي
اسرار شام	شڪيل بچاڻي	سائين حاجن شاهه ماڙي	برڪت لالا
مشتاق چنگيزي	رشيد يوسفاڻي	ساٿي عالم ابڙو	فضل خان
آغا شهاب الدين	مقصود خاصخيلي	ڪريم راهو	نثار دائود پوٽو
لائق سهتو	حاجي اقبال ڪيريو	غلام محمد ڏر منگي	تاج محمد وسطڙو
طارق عالم ابڙو	ساجد قريشي	مظهرالدين زنگي	زاهد تلباڻي
لڇمڻ ڪومل	غفور شيخ	آغا امداد خان	آغا همايون خان
صادق فقير	حسام سومرو	غلام عباس شاهه	آپا نسيم
چاچي ڪلثوم	لالا نواز خان	عاليہ (سونو جي زال)	ناچيز ڏٽي بخش لاشاري

دوست

دوست ۽ ساٿي ۾ فرق؟

دوست جي ڪا قيمت نہ ٿيندي آهي، جڏهن تہ ساٿي پنجن روپين ۾ تي تا ملن.

دوست مشڪل ۾ ساٿ ڏيندو آهي ۽ ساٿي مشڪل کان بچائيندو آهي.

دوست انمول ٿيندو آهي ۽ ساٿي گول ٿيندو آهي.

دوست زندگيءَ سان جڙيل هوندو آهي ۽ ساٿي لن تي چڙيل هوندو آهي.

ان لاءِ تہ چونڌا آهن مظلومون ڪا ساٿي الطاف حسين.

Scanned with CamScanner

زندگيءَ جون دوستيون

مان سدائين انسان دوست رهيو آهيان منهنجي هر ماڻهو سان هڪ لمحي ۾ دوستي ٿي ويندي آهي. مان هر وقت پنهنجي چوڌاري دوست گڏ ڪيو رکندو آهيان منهنجا فقط محبت ڪندڙ دوست ۽ هم سفر ساٿي آهن. حقيقت ۾ جيڪي مون کي وڏيڪ ويجها آهن جيڪي منهنجا پنهنجا آهن. جيڪي مون سان پيار ڪن ٿا. انهن سيني سان مان محبت ڪريان ٿو. انهن دلبر دوستن سڄڻن ساٿين رازدار رفيقن، هم راز هم دمن ۽ وفادار واقفڪار سيني کي هڪ ڌاڳي ۾ پوئي عمدي مالها بنائي ڇڏي ڇڏي ۽ ۾ وجهي دوستي جو دم ڀريندو آهيان پوءِ پوري زندگي منهنجي مزاج ۾ انهن دوستن سنگيتن ۽ چاهه سڄاڻ وارن جي نياز مندي تي ناز هوندو اٿم. جنم کان گڏ گذارڻ وارن سنگيتن ساٿين سان ڪيل رس رهاڻيون اهي صحبتون شرارتون، محبتون، چاهتون ۽ محبتون محسوس ڪيون اٿم اهي زندگيءَ جون دوستون ميٺي تن جون چڳليون يادون لکي ڪين هميشه زنده رکيو اٿم مان اجائي اينگهه نه ڪندس رڳو انهن کي پنهنجي ياداشت ۾ شامل ڪندس يادن جي خانن مان جئين جئين تن جي ياد ظاهر ٿيندي، تئين تئين تن جو ذڪر ڪبو هلبو. ماڻهو هن ڌرتيءَ تي اڪيلو آيو آهي. اڪيلو رهي ٿو ۽ هتان اڪيلو ئي ويندو اهڙي اڪيلائي جي عالم ۾ جيڪڏهن ڪو سچو ساٿي ملي ٿو ته وڏي نعمت آهي. دوست خاص حيثيت رکي ٿو ان جو حصول زندگيءَ جي سفر تنهائي ۾ مشڪلات کي گهٽ ڪرڻ لاءِ وڏي مدد ڏئي ٿو. سڄڻ ۽ دوست جي صحبت تتل ڏينهن ۾ ٿڌي ڇانو برابر آهي ان ڪري هر ڪو سچي سڄڻ جي ڳولا ۾ پيئي رهيو آهي. چون ٿا ته سچا دوست اندر جا مکڻ ماڻهو هوندا آهن ۽ مهل جا مڙس هوندا آهن. ڪنهن مخصوص وقت ۾ ڪنهن مخصوص پل يا گهڙي تي جڏهن ڪو دوست سخت پريشان هجي ان گهڙيءَ ان دوست جي وقتائتي مدد هڪ اهڙو احسان آهي جو اهو دوست سڄي حياتي لاهي نٿو سگهي. مان جن سان لاڳاپا رکيا تن سان پائرن وانگر شادي غمي ۾ شريڪ رهيس. مان دوستن جي آزمائيشي گهڙي ۾ دوستيءَ جي آزمائش مان نڪري نروار ٿيو هوندس. مان مشڪل کان مشڪل وقت ۾ مهل سر هر حال ۾ هم خيال ٿي. سڏ تي سڏ ڏيندڙن سان مڙس ٿي گڏ رهيو آهيان. ڏکن سورن ۾ تن جي پچر کانهه ڇڏي هوندي، وڏ ۾ وڏ ڪم آيو هوندس. ڪس ڪائڻ جي صفتن کان معمور تي مددگار هجڻ وارو ڪردار ادا ڪري سندن ڳجهه ئي ڳجهي ۾ مالي مدد ڪئي هوندي يا وري صلاح مشورو، همت حوصلو ۽ سهارو ڏياري آساني پيدا ڪئي ساٿس گڏ سير ۾ هڏيو هوندس. مان ڪکن وانگر هڏندڙ دوستن کي ڇڪي مٿي ڪيو هوندو يا ڀاڙون ڀنجي ماڻهو آهيان پر مان پاڻ کي ڪپڙن کان سواءِ ئي لباس محسوس نه آهيان ڪندو، منهنجا دوست ئي ته منهنجو اصل لباس آهن. مان دوستن کان سواءِ پاڻ کي ئي لباس ۽

بلڪل صفا اڪيلائي محسوس ڪندو آهيان. جڏهن وقت بدلجي ٿو ۽ جڏهن وقت ويچو رجهي ٿو ڇڏي ته ڪير به ڪنهن جو نه رهي ٿو. سيڪو هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙجي ٿو وڃي. جڏهن ورهين جي دوستيءَ کي وقت جي لٽ لٽي ٿي وڃي، جڏهن دوستيءَ ۾ ڏار پون ٿا. جڏهن دوست لڏا پٽيون ٿا وڃن ته ائين ٿو لڳي ڄڻ هو پاڻ سان گڏ منهنجو ماس به منهنجي جسم مان روڙي کڻي ٿا وڃن. منهنجو دم گهٽي منهنجو ساهه کڻي ٿا وڃن. مونکي بي موت ماري ٿا وڃن. اکيون اڄ به تلاش ڪن ٿيون تن کي جن سان گڏ هلڻ جي عادت هئي. جن سان اڌ وهي فريم ۾ گذري، يار زنده محبت باقي.

منافق دوست

هي پائر ۽ دوست سچا ٿيڻا نه آهن. ڪير به ڪنهن جو دوست نه رهيو آهي، هر ڪو پنهنجي مفاد جي ڳالهه ڦيرائين ٿو ڪري. هي سچي سنگت رڳو دولابي آهي، دل جو سچو ورلي آهي. اڳي دوستي جي اهميت جا معيار ٻيا هئا. خاص طور تي انهي ۾ سچائي جو حصول هو. هاڻي انهيءَ جي اهميت انهيءَ جي سچائي تي نه پر گهرج تي آهي. هاڻ ته دوستيءَ جي اهميت ٽڪي جي به نه رهي آهي. هاڻي دوستي رڳو پاڻ لاءِ زنده آهي. مان دوست ناهڻ جي مشن آهيان. منهنجا سوئين بلڪ هزارين دوست آهن، واقفڪار به تمام گهڻا اٿم تب مان اندر ۾ ڏاڍو اڪيلو آهيان، مونکي ميڙ نه هڪ فرد کپي، جيڪو مان سان گهٽ ۾ گهٽ سچو هجي، ”هڪ سورهيه يار ڀلو سئو ڏڇڻ سڄڻ کان“ جنهن دوستي لاءِ ماڻهو سرگهوري ڇڏي اهڙن دوست سان به معمولي ڳالهه تي ناتا ٽٽي پوندا آهن. دوستيون ياريون توڙڻ لاءِ ته نه ڪبيون آهن. ”بيني جو يار سيڪو آهي ڪرئي جو ڪو به ڪونهي.“ مان اڌ صدي ساڳي مهانڊن وارن ماڻهن سان گذاري ڇڏي، اُهي دوست جن جو مان سان واسطو هو، اهي دوست جن کي مان هميشه مان ڏنو، جن ۾ مرڪون ورهائي جهول خالي ڪئي. اهي ڪمينا، منافق نمڪ حرام، دوستي جي آڙ ۾ دشمن نڪتا، اهي خوشين ۾ زهر ٻرينداڙ، اهي بدنيت دل ۾ بغض رکي پاڙون پٽيندڙ، ڪک ۾ خنجر وهائيندڙ، منهنجا دوست جن مونکي مڏي ڪاتي سان ڪهتو. سازشي، چالباز مڪار ۽ فريبي دوستن کان خدا امان ۾ رکي، هي اوهان کي اتي اچي مريندا جتي اوهان کي پاڻي به نصيب نه ٿيندو. عقلمندي واري ۽ سچي ڳالهه اها آهي ته، اهي سازشون ۽ نڪيون رڳو اسان سان ڇو آهن؟ مونکي تمام عمر بنا سبب جي لتاڙيو ويو آهي. مونکي هميشه ڀروسي لتيو آهي، ڪو به شخص اهڙو ناهي جنهن تي ڀروسو ڪري سگهجي، مونکي برباد سڄڻ نه پر بي قدرا دوست مليا. دغاباز دوستن يارن جي دل ۾ ٻيا ئي ۽ دغا ڀريل آهي. اهي تعصب ۽ ساڙ رکندڙ چاپلوس جيڪي بظاهر ته ڏاڍا شريف ٿا ڏسجن، ٻاهرين مٺيون لاتيون پيا ڪن پر اندر ۾ ڏاڍا بي ايمان آهن، هنن جي اُٿي ويهڻي محبت ۽ نفرت منافقي تي ٻڌل آهي. ”دوست مدد ڪندو آهي ۽ دشمن وڙهندڙ آهي“ ڪير منهنجو دوست آهي ۽ ڪير منهنجو دشمن. منهنجو هڪ هڪ دوست سئو دشمنن جي برابر آهي.

Scanned with CamScanner

دوست ۽ سنگتي

”سونهن، سچ جا سنگتي، ميڙيان ٿو پيو. محنتي ۽ محبتي ميڙيان ٿو پيو، ڪنڌرن مان هو ٿا، ٺڪريون ڪن ڳتيون. مان ٻه جنهن جي دل تتي ميڙيان ٿو پيو.“ تحقيقات ڪجي ته پهريون ان جي دوستن کي ڏسجي، مطلب اهو ته هو ڪنهن سان اٿي ۽ ويهي ٿو منهنجا هي دوست، منهنجي اکين جي او طاق جو ڇپر آهن، بدقسمتي سان ان مهم ۾ منهنجا ڪيترائي دوست رهجي ٻه ويا هئا. بحرحال رهيل سهيل ميڙي چونڊ ڪئي اٿم. منهنجي اها وڏ ۾ وڏ ڪوشش آهي ته سمورن دوستن کي هتي مختصر نموني پيش ڪيان.

محترم صفدر صديقي

هي باباءِ بجلي صفدر صديقي ساري تر جو سيوا ڏاري آهي پر هن دل جي ڏٺي جي رات جو سم سانت هجي ٿي. هي پڪي شادي جي ڦندي ۾ ڦاسڻ کان پوءِ آزاد رهيو ناهي، نئين ڪنوار، نئين نئين شادي اٿس اسان ڪيس آخر پرڻجڻ تي مبارڪباد جون واڌايون پيش ڪريون ٿا ۽ هي جي ائين رات ڏينهن لڳو رهيو ته پوءِ اسان سندس ولي عهد سلمان صديقي جي اچڻ جي خوشخبري ٻه جلد ٻڌنداسون هن پٽ جو نالو اڳئي سوچي ڇڏيو آهي هي شل پٽ، پوٽن پڙ پوٽن وارو ٿئي پوءِ لن چڙهندو ته اسان کي خوشي ٿيندي هي هن دور حاضر ۾ هن دور جون دوستون ۽ ياريون پوڳي رهيو آهي. هي هڪ سمجهدار انسان آهي جيڪو حرامي حلالي، شريف ۽ بدمعاش ۾ تميز رکڻ ڄاڻي ٿو. هي لالچ ۾ لڙهي ۽ دڙڪي ۾ ڊڄي وڃڻ وارو ماڻهو نه آهي، هن ۾ اها خوبي وڏي آهي جو هي ڪنهن جي حق تلفي نه ڪندو آهي، هي ويرين لاءِ واڍو ۽ سڄڻن لاءِ سائين آهي. هي پنهنجي سمورين خبرون جو حساب وٺندڙ پنهنجي زيادتين جو ڪنهن ٻه نازڪ وقت بدلو وٺندي انهن ڪاڻ نانگ ٻڻجندي دير ئي ڪو نه ڪندو آهي، پوءِ هي ان وقت ڪنهن جي ٻه نه ٻڌندو آهي، هي ڏاڍو ڏنگو ماڻهو آهي. هي طبيعتن فيلڊ مارشل ايوب خان جهڙو سخت آهي. ڪنهن جي مجال نه هوندي آهي جو سندس مرضي خلاف ڳالهائي، هن سان ٺاهي هلڻ گهرجي، هي اسان جي سنگت جو پڻ ڪرتا درتا آهي. هن اها ذميواري وڏي وزن واري ڪئين آهي. هن کي وڏو ڪيو اٿئون ته هي وڏو ٿي ڏيکاري. ٿوري ۾ گهڻي برڪت آجي اصول تحت اسان جي دوستي هلي پئي. اسان جي دوستي ۾ هن وقت صفدر صديقي کان سواءِ مان، پرويز ٻشني، ڊاڪٽر نورل ڪانڌڙو ۽ ڪجھ ايڪڙ ٻيڪڙ دوست وچي بچا آهيون، خدا جو قسم ڏاڍو سڪون آ. گرن گنجن کان جان ڇٽي پئي آ. اسان جي دوستيءَ کي ڪڏهن ٻه رونگ يا ڪٽ نه چڙهيو باوجود طبيعتن جي فرق ۽ اختلافن جي (پرويز ۽ مان نه ڳالهيندا آهيون) ته ٻه هڪ تار ڳنڍيل آهي جا اسان کي اڄ تائين ڳنڍيو پئي اچي. شل اسان جي دوستيءَ کي ڪنهن جي نظر نه لڳي.

Scanned with CamScanner

محترم پرويز بشني (حصو ٻيو)

هن ڪي ماڻهو نالي سان نہ پر بشني لقب سان سڃاڻين، بشني هن جو اباڻو ۽ خانداني لقب آهي، هن جا وڏا اصل بشني هئا. ان لاءِ هي بہ بشني تو سڏائي، مان دنيا ۾ وڏا وڏا ڪمينا ماڻهو ٻڌا ۽ ڏٺا، پر اهڙو ڪمينو مان نہ ڏٺو نہ ٻڌو، هي سنڌ جو انتهائي ڪمينو انسان ضد جو ڏاڍو پڪو آهي، هي مرندي مري ويندو پر ڪمينائپ ڪا نہ ڇڏيندو. هن جهڙو ڪوڙو مان پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ ڪو نہ ڏٺو، هي ڪنجر پڙوو ۽ منافق وڏو حرامي آهي. هي لنگهو، ڪوچڙو ۽ واهيات تاحيات حرامي رهندو، هي فريبي ۽ دوکيباز وڏو بي ايمان، بي عزت، بي ضمير، بي حياءَ ۽ بي شرم آهي. هن ڪي شرم ڪو نہ آهي، باقي سڀ ڪجھ آهي، هن ڪم ظرف بدديانت ۽ ڪميني ماڻهو مان هڪ پل بہ وفا ڪانہ ٿي. هن بي ايمان جنهن جو ڪو بہ دين ايمان ڪونهي. جنهن جو ڪو بہ اصول ڪونهي هن مان چڱائي جي اميد رکڻ اجائي آهي، هن بي عزت جو ڳوٺ ئي الڳ آهي، هي خسيس، ڪريل، گهٽيا ۽ نيچ ذات، جو خاصخيلي آهي، خاصخيلي ذات وارا الائي جي ڇو فطرتن ڪمينا هوندا آهن. هي منافق، بي عزت، محسن ڪش هوندا آهن. هي خسيس ٽڪي جو ماڻهو جي آسمان ۾ ٿُڪ ڦٽي ڪندو تہ اها ئي موٽ ۾ سندس منهن تي ڪرندي. هونهن تہ بي عزت انسان لاءِ لعنت جو ٻوز ئي ڪافي هوندو آهي، تنهن لاءِ منهنجي بہ دل چيو تہ مان بہ هن لعنتي جي منهن تي ٻہ ٽي ٻوندا گهروڙي ڏيان، پر هن مردود مروان ڪي ٻونڊي جو کهڙو خوف، ڪو بہ هن ڪي بجاءِ ڏئي تڪون هٽي بي عزت ڪري اها هن جي عزت ۽ شان آهي. هن لعنتي جي منهن تي قدرتي لانتاڻو آهي، هن ڪي وڌيڪ لعنت وجهي ڇا ڪنداسون. مان اهڙا بدفضيلتا لفظ ڪٿان آڻيان، جيڪي هن بي عزت جي وڏ ۾ وڏ توهين ڪن. مان نٿو چاهيان تہ مان پنهنجون بهترين ذهني صلاحيتون ۽ ڪوششون هن قسم جي بيوقوف ماڻهو تي ضايع ڪيان، مونکي وقت ڪونهي جو مان هن واهيات تي وڌيڪ ڪجھ لکان. مان هن مقامي چغل خور، مڪمل بدخواھ ۽ فتني باز ڪي اهڙو سڃاڻان، اهڙو هن لوسيءَ ڪي ڄٽيندڙ هن جي ماءُ بہ نہ سڃاڻي. هن منافق جي اصل خاصيت اها آهي تہ، هي دوستن کي ڌوڪو ڏيندو آهي. هي حرامي هر وقت دوستي ۾ ڏار وجهي دوستن جون پاڙون پٽيندو آهي، هي دوستي ۾ ڏڦير پيدا ڪندڙ، ڇاڻي ٻجهي ائين ڪندو آهي. هي لومڙي جيو ٽي وي واران ڪان بہ چڙهيل آهي، هر خبر ڪٽان نہ ڪٽان هٿ ڪري ڳالھ کي وڌائي چڙهائي پيش ڪندو آهي "ڏاچي هٽي ڏھ تہ توڏي هٽي تيرنهن" هي هر ڳالھ جا آنڊا او جهري ڪڍي ٻڌائيندو آهي، هن جي دوستيءَ ڪي منافقي سان تشبيھ ڏئي سگهجي ٿي. هن منافق جو منهن تي هڪ روپ ۽ پرپٺ ٻيو روپ آهي. هي "منهن ۾ موسيٰ ۽ اندر ۾ ابليس" آهي. هي خوشامندڙو، ٻچاپڙو ۽ ڪنجر منهن تي منهنجي خوشامد ڪندو آهي. منهنجي ساراھ ڪندي نہ ٿڪبو آهي ۽ پرپٺ منهنجي دوستن ۾ منهنجي گلا ڪندو

Scanned with CamScanner

آهي. اهڙا ڪمينا ماڻهو ئي ڪامياب آهن. هي منهنجو دوست نہ پر منهنجو دشمن آهي. جنهن مونکي دشمنن کان وڌيڪ دوست ۽ همدرد ٿي نقصان پهچايو آهي. هي ٻڌائي تہ هن کي مون مان ڪهڙي تڪليف پهتي آهي. هي منافق شخص ڪنهن جو دوست ٿي نٿو سگهي. هي منافق آهي، اهڙا منافق ماڻهو ئي منافق هوندا آهن. منافق ۽ ڪميني ماڻهو سان ڪميني پن ۾ پيش اچڻ ئي بهتر آهي. هي پيدا گير ۽ هر مرض جي دوا. رات توڙي ڏينهن مشين وانگر ڪم ۾ مشغول رهي ٿو. هي هر گندي ۾ گندو ۽ ڪريل ڪم ڪري ٿو. هي ڪاري زبان وارو گنهو ڪائيندڙ، منحوس، هر وقت عجيب ۽ غريب من گهڙ ۽ ڪوڙيون افواهون ڦلائي دوستن کي حراسان ڪري پريشاني ۾ مبتلا ڪري ٿو. هي دوستن کي رنج ڪري خوشي محسوس ڪري ٿو. هن کي هر وقت ڪو نہ ڪو رينگٽ ڪپي. هن ناتڪي جا ڪوڙا اطلاع اعتبار جوڳا نہ هوندا آهن. هي دوستن جي مرڻ جون ڪوڙيون خبر ڦلائي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. هن سان وينل هن جا پيا پڙوا تائيپ دوست پڻ اهڙين خبرون کي انجواءِ ڪن ٿا. خبر اٿي قهر ٿي ويو پاڻ وارو شهباز دراني ويچارو اڄ صبح اوچتو وفات ڪري ويو ڪيس ڳوٺ نيو سعيد آباد ڪڻائي ويا آهن. خبر اٿئي عقيل قريشي ترڪ جي هيٺان اچي ويو خبر اٿئي ڊاڪٽر احمد علي ڀگهيو کي ڳلي ۾ ڪينسر ٿي آهي خبر اٿئي آغا قيوم دل جي دوري ۾ گذاري ويو. هن ناتڪي جو ٻڌائڻ جو انداز اهڙو آهي جو اڳلي جو اڌ ساهہ ٻڌندي نڪريو وڃي. دوست تہ دوستن جي وڏي ڄمار لاءِ دعا گهرندا آهن انهن جو خير گهراندا آهن. هن جاهل ڇٽ بي وقفو کي ڪهڙي خبر تہ دوست تہ اضافي هٿ هوندا آهن، هڪ سچي دوست جو موت دراصل سندس جو ئي تہ موت هوندو آهي. مان جيڪڏهن ڪيس اوچتو اچڻ شرط چوان ”جلدي ڪر هل، تنهنجي اڪيلي سڪيلڊي ڏي بشمان بنگالي ڪالوني لڳ ماءُ ڏانهن ويندي ريل هيٺان اچي ڪتجي وئي آهي“ تہ ڇا ڪيس خوشي محسوس ٿيندي. افسوس هن کي ڪير سمجهائي دشمن جي مرڻ تي بہ خوش نہ ٿيڻ ڪپي سڄڻ بہ مري سگهن ٿا.

محترم طالب پنيرو

سنڌ ۾ اها چوڻي مشهور آهي تہ ”پنهرو نہ دوست، اوجهري نہ گوشت“ طالب پنهرو وڏو معتبر نالو آهي. هي سنڌي زبان جو شاعر اسپيشل برانچ حيدرآباد ۾ سب انسپيڪٽر آهي، هن کي پاسپورٽ چيڪ ڪرڻ تي رکيو ويو آهي، هي مولائي، نعت خواه، ثناء خوان ۽ مرثيا گوه پڻ آهي. حيدرآباد ۾ ٿيندڙ هر پروگرام جي شوبہ تلاوت ڪندو آهي. هن کي پڙوت کان سواءِ سڀ ڪجهہ اچي ٿو! اسپيشل برانچ جي ڪامياب ملازم کي ڀائڻ بہ اچڻ کپي اهو انهن جو اصول آهي شهباز بلڊنگ جي پليان پوليس ڪوارٽر ۾ رهندڙ اسان جو هي اونده ۾ سوجهرو دوست جيڪو شڪل کان پڻ پوليس لڳندو آهي. هن شخصيت جي زبون حالت ڏسي افسوس ٿيندو آهي هي بدلائي شڪل وارو بدشڪل، هي رنگ جو ڪارو اندران ٻاهران ڪارو آهي، وار ڪسيل، ڏند پيلا، وڏو

آهي. خدا لازمي طور تي هن جو منهن ننڍ ٽڪڙ ۾ لاهيو هوندو، هن جو منهن بگڙيل آهي. ملان قدرت هن جي نرڙ تي ڪارو پلو هڻي، هن تي بدنيتي جي مهر هڻي ڪاري آهي. جيڪا حقيقت ۾ هن جي بدصورتي ۾ واڌارو ڪري ٿي، هي نه رڳو شڪل جو بگڙيل آهي پر جيڪو ڪجهه به ڪندو آهي اهو نهايت بدنما هوندو آهي، هن جي بدشڪل جسم ۾ بد روح ويهي رهي آهي جيڪا هن کي برائي ڏانهن ڇڪيو ويٺي آهي. جيڪا هن جي اڇي مٽي تي هن جو ڪارو اعمال نامو لکي ٿي. هي انساني مخلوق، طالب پنهيرو، هي بري آفت، قدرتي بلا، اسان لاءِ جڻ ڪاري قيامت هجي. هي آفريڪا جو ڪارو جن جڻ ريل جي ڪا ڪاري انجڻ هجي. هي ڪنهن پروگرام ۾ يا ٽوئر تي هلڻ وقت اهو ڇٽي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گهر ويندو آهي ته جاڻ تيار ٿي تو اچان. جڏهن گهران موٽي ايندو آهي ته ساڳيا ڪپڙا ساڳيا حال هوندا اٿس، ائين لڳندو آهي جڻ منهن به نه ڌوتو هجيس، ٽوڙ تي به وار به نه اٿس تب ڦٽي گهر کان ٻاهر اچي ڏيندو. اها آهي هن جي نل تياري، هي پل ته ميرا ڪپڙا مهينن جا مهينا نه متائي پر هي پنهنجو معشوق هر روز بدلائيندو آهي. هن کي ڇوڪرن ڦاسائڻ جو گڻ آهي. هن وٽ ڇورن جو سيلاب آهي، هي ڇورن کي الله جي ڪيئن ريجهائي پنهنجو ڪندو آهي، هن کي جڻ تعويزن جي ڪا پري ٻڌل آهي. ڪو به هن وٽ اچي اڳهامجي ويندو آهي. هي ڇورن جو خاص خيال رکندو آهي. ڀي ڇورا ڏسي حال کان بيحال ٿي ويندو آهي. هي رستن ۽ چونڪن تي واڳون وانگر وات ڦاڙي بيٺلو آهي. هي ان ڪم کان هڪ پل به واندو نه رهندو آهي. هي ڇٽي پاسن هٿ هلائڻ شروع ڪندو آهي ۽ پوءِ جلدي سندس چوگرد سوين معشوق گڏ ٿي ويندا آهن. هي ڇوڪرن کي اصل ڳڙڪائي ويندو آهي، ڇوڪرو ٻاڪرو هن تر ۾ هڪ نه ڇڏيو اٿس. هي لڏن ڇورن جي چڪر ۾ برباد ٿي ويو آهي. هن سان جڏهن ڪو ڇوڪرو گڏ هوندو آهي ته ڀي ڪنهن کي لپ نه سڃاڻندو آهي ان وقت نانگ ٻڌجي ويندو آهي. رقيبن جو ڪم هونهن به ساڙ ڪرڻ آهي. هي شيطان انهن ڇوڪرن کي ڪنهن سان به ملڻ ڪو نه ڏيندو آهي. هن جو مون تي هڪ ٿورو آهي جو سولو هن جو مونکي گفٽ ڪيل آهي. جيڪو اڄڪلهه منهنجو محبوب آهي طالب پنهيرو منهنجو پيارو دوست آهي هي جيتوڻيڪ غريب آهي پر دل جو درياهه آهي. هي سخي مرد هر وقت لڪ ڇپ ۾ ڪنهن نه ڪنهن غريب جي دل سان مدد ڪري ٿو، هي جڏهن به منهنجي اسپارٽ تي ايندو آهي ته سڄي سنگت جي چانهه جي هڪ رائونڊ جا پيسا لڪ ڇپ ۾ مونکي اڳواٽ ڏيندو آهي، هن جو نالو سخاوت ۾ منهنجي سمورن دوستن کان اڳڀرو رهيو آهي. هو هن جو فعل آهي ۽ هي هن جو عمل، هن جي فعل کان هن جو عمل ڪجهه وڌيڪ وزني آهي. اسان کي هي وٺي نه وٺي خدا کي خدا جي رسول کي پنهنجن کي ۽ پنهنجي مرشد کي هي پنهنجن پسند هوندو. هڻو آهي ته هن قاسم آباد ۾ پنهنجو بنگلو به تيار ڪيو آهي، سندس جو پروموشن به ٿيڻي پيو، سندس شاعري جو ڪتاب به اچي پيو هن کي مهراڻ ٽي وي وارن به ڪمرايو آهي شل خدا کيس ڪامياب ڪري.

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نورل ڪانڊڙو عرف ڊاڪٽر ٽورو

هن جو ذڪر بہ ڏاڍي عزت ۽ احترام سان ڪبو، سنڌس ڪي سيني خوبين ۽ خامين سان ظاهر ڪبو، مان تو ڪي خوار نہ ڪنڊس ڇو جو ٽون قدرتي خوار خراب آهين. هي ايترو لهي ئي نہ جيترو لحاظ لهي، هن جي تر ۾ جيڪا عزت آهي، سيني کي خبر آهي. ماڻهو هن ڇوٽ پٽل کي ڊاڪٽر نورل ڪري سڏيندا آهن. هي نہ MBBS ڊاڪٽر آ، نہ وٽنري ڊاڪٽر ۽ نہ وري PHD ڊاڪٽر آهي. باقي چالن جو ڊاڪٽر آهي. ايڪسائيز کاتي جو هي سب انسپيڪٽر هڪ مڪمل پڙوَ آهي. هن پنهنجي کاتي جي ماءُ يهي چڏي آهي. هي مفت خور حرام تي هيريل آ. هي دنيا ۾ رڳو پاڻ لاءِ جئيندو آهي، هي ڏينهن ۾ ڏهہ دفعا ٽورو (ڪاڪوس) ڪندو آ، تنهنڪري هن کي ڊاڪٽر ٽورو چون ٿا. هي ڏينهن جو سڄو ڏينهن نتهڻ اُس ۾ پنهنجي درجو ٿاتڪ ڪولي ال ڪانو وانگر وات ڦاڙي ٻاهر ڀيٺو هوندو آهي، ۽ رات جو اسان جي ٿاڪ تي ايندو آهي. هي سڄي رات ويٺو هوندو آهي جڏهن ڏسندو آ تہ هاڻ اٺڻ جو ٽائيم پرجي آيو آهي تہ ان وقت ڪيس تڪڙي ٽوري جي ڪال ايندي آهي. هي ائين ڪاڪوس جو بهانو ڪري ڪسڪي ويندو آهي تہ متان چانهہ جو بل نہ ڳچي پئي. هي ڪنجوس مکي چوس آهي. هن وٽ مهمان نالي ڪنهن شي جو تصور ئي ڪو نہ آهي. هي ايترو تہ بکيو ۽ سڪٽو آهي، جو ٻاهران آيل ڪنهن دوست يا ڳوٺان آيل ڪنهن مٽ مائيٽ کي ماني تہ پري جي ڳالهہ آهي هي سڪٽي چانهہ جي ڪوپ جي صلاح بہ نہ ڪندو آهي. هي ڪارا ڪانڊڙا اڄ ڪان نہ شروع ڪان ئي وڏا ڪمينا آهن. هي ايترو تہ ڪنجوس آهي جو پنهنجو پاڻ تي بہ ٽڪو هڪڙو خرچ نہ ڪندو آهي. هن کي ڄمڻ وقت ڏائي وهنجاريو هو ۽ مرڻ وقت ملان وهنجاريندو باقي هي مجال آ جو ٽڙ ڪري. هن سالن ڪان صابڻ جو منهن ئي ڪو نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ئي صابڻ هن جو منهن ڏٺو آهي. هي ايترو تہ ڪنجوس آهي جو ڪاڪوس ۾ ٽورو ڪرڻ ڪانپوءِ هٿ صابڻ سان ڌوئڻ بجاءِ ڪاڪوس ۾ رکيل ڪچي چيڪي مٽي جي سر تي هٿ مهٽي پاڻي سان ڌوئي ڇڏيندو آهي. صابڻ خريد ڪرڻ بہ هن لاءِ فضول خرچي آهي. هن جاهل جي ذهانت محدود آهي. هن جون ڳالهيون ائين آهن جئين ڪاري گڏهہ جا ٽٽ هجن هي ڇوٽيو سيني کي ڇوٽيو سمجهندو آهي. هن ڪڏهن بہ ڪنهن سان چنگائي نہ ڪئي. هي منهنجي چند خود مطلبي دوستن مان هڪ آهي. هي گاسليٽ تي هلندڙ ڊاڪٽر ٽورو منهنجي ننڍي هوندي جو دوست آهي. هي يار منهنجو پاڙيسري بہ آهي، هي منهنجو بنهہ ذاتي دوست، لانگوٽي يار پڻ آهي، اسان جي مضبوط دوستيءَ جا پيا بہ ڪيئي ڪارڻ آهن، هي اسانجي دوستيءَ ۾ اسان کي پيارو بہ گهٽو آهي، مڙئي هن يار کي تپائيندا آهيون، هي اندر جو ميرو بظاهر ڏسڻ ۾ معزز آهي. هي حرام ڪائي ڪائي بد صورت بي سرو ۽ تمام گهٽو ٿلهو ٿي ويو آهي. ڍڍر نڪري آيو اٿس، پيٽ ۽ ڳڃي ائين نڪتل اٿس جڻ اڳين ۽ پٺيان ڪنهن شادي هال مان ڪاڏي جون ديگون چورايون اٿس،

Scanned with CamScanner

کان بيزار، هلڻ ڦرڻ کان هلاڪ، نہ ڏهڻ جو نہ کهڻ جو، هي ڏمڪ جڏهن اسان جي ٽاڪ تي ايندو آهي تہ ڄڻ ڌرتي ڏڏڻ لڳندي آهي ڄڻ ڪو ڀونچال يا زلزلو آيو هجي. هي جڏهن ايندو آهي تہ سڄي ايگريڪلچر پلازه خالي ٿي ويندي آهي. پلازه جي يونين جو اڳوڻو صدر محترم ڪرم خان جمالي چوندو آهي. ”لالڙي سنڌڙي هن بلا کي هتان تاريو پلازه جا ٻار تا تهن“ هي ايترو تہ سخت جان آهي جو ڪنهن کي دل سان مَڪ هڻي تہ اڳلي جو تورو ئي نڪري اچي پر ان کان پوءِ هن جو تورو ڪير بند ڪندو هن يار جي شخصيت ۾ گيدي پنو لڪيل آهي. هن بزدل جي ڪارتن ۾ بزدلي گهر ڪري ويئي آهي. بزدل بي غيرت هوندا آهن دلير نہ، هي رڳو ماڻهو آهي انسان نہ، هي دوستيءَ ۾ بلڪل صحيح نہ بس رڳو صحيح آهي، سياڻا چئي ويا آهن تہ ”سخي جو مال ۽ موذي جو سر ويندو آهي. سخي ۽ شوم جو ٻارهين مهيني ليکو برابر هندو آهي.“ هونهن بہ مال سر جو صدقو آهي، هن حرام ميڙي هڪ فليٽ خريد ڪيو، پاڻ ڪچي آباد جي گند ۾ رهندو آهي ۽ اهو فليٽ خالي پيو هوندو آهي. هن VIP فليٽ جو ڪرايو وڏيڪ آهي تنهن لاءِ ڪو ڪرائي تي وٺڻ لاءِ تيار نہ آهي. هڪ ڏينهن هن کي پنجاب جا ٺڳ اچي لڳا. بيکي اچيون مکيون پالي ماکي ناهيندا هئا. اها ماکي ٻاهرين ملڪ موڪلي وڏو پئسو ڪمائيندا هئا. اهو سڀ فراڊ هو. هزارين ماڻهو پئسا ڀيٽا ڪرڻ جي چڪر ۾ هنن ٺڳن جي ور چڙهيا ڊاڪٽر نورل بہ لالچ ۾ اچي نہ رڳو فليٽ ڪرائي تہ ڏنو پر سڄي زندگي حرام ۽ ٺڳي مان ڪمايل پئسا بہ هنن جي حوالي ڪري ڇڏيا. آڌي رات جو هڪ ڏينهن اهي ٺڳ سيني کي چونو لڳائي ڀڄي ويا، ڊاڪٽر نورل سان ڏاڍي ٿي هڪ نہ هن کي سال ڏيڍ جو فليٽ جو ڪرايو نہ مليو، پيو تہ هن جي سڄي زندگي جي موڙي وئي. ليون تہ ٺڳيل ماڻهن اچي ڊاڪٽر نورل کي ڳچيءَ مان ورتو تہ هي تنهنجي فليٽ ۾ آفيس کولي ويٺا هئا تون هنن سان ٺَڳل آهين اسان کي اسان جا پئسا واپس ڪر، انهن ٺڳجي ويندڙن ۾ هڪ بي وقوف DSP بہ هو جنهن اچي ڊاڪٽر کي لاڪپ ۾ بند ڪيو هن ڊاڪٽر توري جو تہ تورو ئي خشڪ ٿي ويو هو پر سنگت ڪيس ڪم آئي. قسمت اهڙي ڪا ڦتل هوس جو انهيءَ دوران سندس گهر جي ٻاهران 2 پيرا سندس ڪار ۽ هڪ پيرو سندس موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي، هاڻي پيان پيان هلي ٿو. ڪيس ماءُ جون پٽون آهن. ماءُ هن ڪنواري پٽ کي روز منٿون ڪندي هئس تہ ”ابا هاڻ تہ شادي ڪر، پوڙهي ماءُ جو خواب پورو ڪر.“ ماءُ ڪيس چوندي هئي تہ ”پٽ جنهن ڇوڪريءَ تي هٿ رکندي اها تنهنجي ڪنوار هوندي آخر هن جي ماءُ ان ڳڻتي ۾ سخت بيمار ٿي پئي. هن پٽ اڃان نڪاح جو پنو بہ نہ ڏٺو تہ سندس ماءُ گذاري وئي، هن بي غيرت ماءُ جي وفات کان پوءِ جلدي شادي ڪئي. هي واٺ الله جي ڪڏهن پل ۾ ڪنو پٽ جو چاڙهي تہ ان ۾ بہ پڙوت، خيرات لاءِ ڪو بيمار ڍ ر مرڻ کان اڳ کهي تہ مامس اڌ گوشت تہ گهر ڪنيون وچي باقي ڪائيندڙ ڇا لن ـ ـين 9 محرم ۾ هر سال نياز ڪري تہ ان ۾ بہ ساڳي ڳالهہ، بہ پاٽ

مس مولائين ڏانهن اچن ته ختم ٿيڻ جو اعلان ٿي. سموريون ديگيون امام جي ڳالهه جي
کيل شايد امامن ڏانهن روانو ڪري باقي مولائي ڳل تي گهر وڃن. اها آهي هن بهشتي
جي خيرات ۽ نگر نياز، "هن يار جي گهٽي جيڪا اصل ۾ مرشد جي ڪا پٽيل گهٽي
آهي." جڏهن ڏس گوڏي جيڏي گپ، ڪو فضيلت وارو ماڻهو ته هتان لنگهي ٿو
سگهي، ڪو بي ستو هوندو جو هن پل صراط تان لنگهي ويندو. پاڙي وارن جي صبر
کي به سلام آهي، مجال آ ڪو ٻڙڪ به ٻاهر ڪڍي. هي ته مونکي حضرت ايوب جي عمت
جا ٽالڳن، ايڏو صبر ته انهن منجهه تي سگهي ٿو. چون ٿا ته "پڙوو کي به سال ۾ غيرت
ايندي آهي" پر هن کي اها به ناهي، وري به سندس پيءُ هارون ڪانڌڙي کي ڪنهن ڪنهن
مهل غيرت اچيو وڃي، مولائي، طبيعت ۾ به چاڪ ناهي، تب ويچارو ڪا ڪاٺي ڪٺي
ماتما گانڌي وانگر پنهنجي مدد پاڻ تحت لڳي ويندو آهي پنهنجي گهر جو گند صاف
ڪرڻ. ڪو خانداني پنگي به اهڙي سچائي ناهي ڏيکاريندو جيڪو هي چاچو ڪري
ڏيکاريندو آهي، باقي پٽن ۾ نپ افعال ڪونهي، هنن جو گهر ڏسو ٻارهوئي ائين لڳندو
چڻ گڏهن جو واڙو هجي، هر طرف لڏ ڇيٽا گند ڪچرو هي بدبودار ماحول ۾ رهڻ جا
عادي تي چڪا آهن. نود تي چڪا آهن. ڊاڪٽر جو گهر، گهر گهٽ مال جو واڙو يا وتاڻ
وڌيڪ لڳندو آهي. ڪمرن ۾ ٻڌل مينهون، ڍڳيون ٻڪريون آزاد ڦرندڙ جانورن جا ڦر
(ٻلونگڙا) صوفن ۽ ڪٽن تي ستل. مال جي لاتل ڇيٽن مان اچا پکي ڦلوري ڦلوري ڪيئان
پيا ڳولي ڪائيندا. چوڌاري پٽين تي گهر جي چُل ٻارڻ لاءِ ٿپيل ڇيٽا پيا سُڪن. صوفن،
ڪٽن ۽ ڪرسين هيٺان گڏ ڪيل سڪل ڇيٽا پيا ڏسڻ ۾ ايندا، چوندا آهن ته "ڏڻ ته ڏٽي نه
ته وڪڻ ڪٽي، پر هتي ته قصو ئي ٻيو آهي، ڏڻ به پنهنجو، ڏٽي به پاڻ آهن. تب جهڳوئي
جهڻ اٿن، پاڻ کير لاءِ به سڪي مرنداهو چانهه لاءِ کير به ٻاهران وٺيو اچن. مارڪيٽ ڪاميٽي
وارو طارق عباسي هن جو جوڙيوال آهي، هي ٻئي ڳئي ڳنڍيار آهن.

محترم طارق عباسي

هي لن مهاندو طارق عباسي جنهن کي سنگت پيار مان تيڙو للو چوندي آهي.
هي به هن ڊاڪٽر توري جهڙو سوئر آهي، طبيعت ٻنهي جي هلڪڙي آهي، هي ٻئي
هڪٻئي جا ساٿاري آهن. هي ٻئي هڪئي ڳئي مان هنگندا ۽ هڪ ئي پيالي ۾ هڪٻئي
جو مُٽ وجهي پيئندا آهن. هي ٻئي هن شهر تي خدا جو قهر آهن. جنهن ڪانون کي لڙ ۾
مزو ايندو آهي، ائين هي ٻئي جڏهن گڏبا آهن ته ٻين تي گڏجي ٺوڪ بازي ڪندا آهن،
جڏهن هن کي ٻيو ڪو به نه ملندو آهي ته هي هڪٻئي کي ٻُنجي لاهيندا آهن. پارو ٿي
ماني جي شڪل جهڙو اسان جو هي دوست، طارق عباسي اصل ۾ مارڪيٽ ڪاميٽي ۾
فوڊ انسپيڪٽر آهي. اهڙا ماڻهو 50 روپين تي پنهنجو ايمان وڪڻندا آهن. هي سڏين
جي ويري جماعت MQM جو قاسم آباد جو سيڪٽر انچارج پڻ رهي چڪو آهي. هن
عظيم شخص ۾ هڪ بهترين ڪوالٽي آهي ته هي هڪ هڏ ڏوي آهي ۽ هر وقت پاڙي

وزي جي پلاٽي لاءِ سوچيندو آهي. وحدت ڪالوني جي ڪچي آبادي (العشبار وليج) ۾ ڊرينيج جي نيڪالي جي پمپنگ اسٽيشن، مسجد روڊ، رستا گهٽين جا RCC بلاڪ، گئر لائينون ۽ واپڊا جا پول هن جي اڻٿڪ ڪوشش جو نتيجو آهن. جيئن ته معاشي مسئلن سبب جڏهن اهڙا پائر شاديون نه ڪندا آهن ته ان ڪري مجبورن سندن پيٽن کي به ڪنوارو رهڻو پوندو آهي. هن هاڻ شادي ڪئي آهي. انشاء الله هاڻ هن جو پيٽون به ڪنواريون نه رهنديون.

محترم ضمير حسين ايف ايم

هن دوست جو نالو ضمير حسين آهي. هي اسانجي سنگت ۾ واحد اردو ڳالهيندڙ آهي. هن کي قاسم آباد جي پڙون سنڌين کي MQM ۾ آڻڻ جو نيڪو مليل آهي. هي پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج جي ڪالوني ۾ رهندو آهي ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي جو بهترين مستري آهي، هي به انهن ڀنهي جي اوبر ڪائي انهن جهڙو پڙؤ ٽي وي آهي. هن جو نالو ته ضمير آهي پر هن ۾ ضمير جو ذرو به ناهي. هن ضمير جو به انهن وانگر ضمير مري ويو آهي. هي اسان وٽ ايندو آهي ته اڪثر ايف ايم هڻندو آهي. تنهنڪري هن کي دوست ضمير ايف ايم چوندا آهن.

محترم ڊاڪٽر احمد علي ڀگهيو

لن ڪاٽڻ جي مشين، هڪ قابل ڊاڪٽر، مريض ڏسي به مفت، دوائون به مفت ڏئي، پاڙو به تاون، ٽڪ به ڪدڙي جي ڳڻي به ڪدڙي جي.

محترم استاد رحيم بنگالي

منهنجو دوست، بهترين بورچي شوقيا رڪشا ڊرائيور ۽ ناڪام راڳي هن کي ابي جي دئور جا سمورا مقبول فلمي گانا بزباني ياد آهن. آواز سٺو اٽس پر واليم ٽپ نه اٽس، بيٽري ڊائون اٽس. ان ڪري مسڪين چڙي نه سگهيو. چوويهه ڪلاڪ بيمار بهرين گريڊ کان 18 گريڊ تائين جو سڀ بيماريون هن ۾ آهن. بيماري هن جي صفا ڳڻي ۾ گهڙي وئي آهي. ان ڪري هي هر وقت بيماري جي فڪر ۾ رهي ٿو. علاج هن جي مرض جو نه پر هن ذهني مريض جو هئڻ کپي.

محترم فهيم زرداري

عرف (لنگڙو زرداري) خدا خير ڪري جڏهن ڪا فلم ڳچي ۾ پوندي آهي ته پوءِ نڪرندي ڏاڍي مشڪل سان آهي، هن جڏڙي فلم "نواب شاهه ڪا لنگڙا حيدر آباد ۾" زبردست ڪاميابي ماڻي پوءِ جڏهن هن وڏي فلم "هل مندا تنهنجي لئي" ٺاهي، ته فلاپ وئي ۽ هن مندي خوب موچڙا کاڌا، ويچارو مندي جو مندو رهجي ويو.

محترم رفيق سولنگي

(ڳوبيوقوف ماڻهو ٿي هرو ڀرو ڪا ايدا آهن.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

محترم اسد پرڙو

وات ائين اٿس جڻ جسٽي گلاس کي اوچتو لت اچي ويئي هجي

جسٽس سيد احسان شاهه بخاري (سرخ جلالي)

هن جو نالو احسان صديقي آهي هي پاڻ کي جسٽس سيد احسان شاهه بخاري (سرخ جلالي) سڏائيندو آهي. هي هچا جيل حيدراباد ۾ ڪاڪو سپاهي آهي، هي مڪمل عجوبو آهي. هن کي ڏسي ائين لڳندو آهي جڻ مريخ جي مخلوق PK سزا ۾ هتي آئي هجي. هن جي کوپڙي جا سڀ بلٽ ڍرا آهن. هي نفسياتي مريض آهي. ماڻهو هيٺين حالتن ۾ دماغي توازو وڃائي ويندا آهن. 1. اوچ تان هيٺ لهڻ جي صورت ۾ 2. پيئسي جي گهٽجڻ سبب 3. زماني جي ساٿ نہ ڏيڻ ڪري ۽ 4. مشڪلاتون وڏي وڃڻ جي حالت ۾ پر هن سان اهڙو ڪو بہ مسئلو ڪونهي، هي هر وقت مک وانگر پنهنجو منهن مٿو پٽڻ تي مجبور هوندو آهي. ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيي وانگر هن جي بہ زندگي ڪربلا آهي، هي هئي سدائين ماتم ۾ هوندا آهن. هي هر وقت جان مان بيزار هوندو آهي. هي دنيا مان بيزار ۽ دنيا هن مان بيزار هوندي آهي. هن جي جهالت ٻڌائڻ جهڙي نہ آهي هي هٿ ائين ڏيندو آهي جڻ اسان جا وڏا هن جي پيءُ جا ڪي قرضي هئا. مان اهڙن ماڻهن سان هٿ ملائڻ بہ پنهنجي بيعزتي سمجهندو آهيان. هن جي پر ۾ جيڪڏهن ڪو اچي ويهندو تہ هي ٻوٿ اهڙو بڇڙو ڪري ڇڏيندو جڻ اهو شخص هن کان خيرات گهرندو هجي. ڪاوڙ ۾ هن جو منهن مهاندو بگڙجي لن جهڙو ٿي ويندو آهي. هن جي ڳڻي منهن هڪ جهڙو آهي خبر ئي نہ پوندي آهي، تہ ڳچي ڪهڙي اٿس ۽ منهن ڪهڙو اٿس. هي ريل جي مڪمل تباهہ حال ڪاري انجڻ ائين لڳندو آهي جڻ ڪوئلي جي کاڻ کي اوچتو باهہ لڳي هجي ۽ ان مان جا شيءِ باقي بچي هجي سا هي سو ڪڙي هجي، هي بدقسمت شخص خوش قسمتي سان ادي صفدر صديقي جو سوٽ آهي. هن بد نصيب کي صديقي ايسوسيئيشن رحم کائي گهر ڪاهي ڏنو. خاندان ۽ سندس سوٽ صفدر ڪيس بہ پيرا پوليس ۾ نوڪري وٺي ڏني، تب هي احسان ڪنهن جو احسانمند ناهي. هي سڄي زندگي لوڏن ۾ رهيو آهي ۽ رهندو. هي عقل جو اڪابر ايترو تہ صفائي پسند آهي جو هي گنواهہ تي بہ عطر هاري پوءِ ويندو آهي. هي ڏينهن ۾ منهن ڏهہ پيرا ۽ هٿ سئو پيرا ڌوئيندو آهي پر ڳچي عيد تي بہ ڪانہ ڌوئي. هن جا هٿ ۽ ڳچي جا سکن جي ولرن کان بہ وڏا آهن. هن کي خبر نہ ناهي تہ اهي بہ ڪي لاهيا آهن، بس رڳو سڄو ڏينهن هٿ ڌوئڻ ۾ پورو هوندو آهي، وات ۾ کهنگهو، مٿان وري ميهن پڙي پر ۾ ويهل جو اصل لن ڇهاڙي ويندو آهي. ماڻهو هن سان ملڻ، وقت جو زيان سمجهندا آهن، پر هي ڪامياب پاميسٽر ۽ سڄو ولي آهي، هي منهنجو ولاڪ دوست پڻ آهي، اسان سڄي سنڌ گڏ جي گهمي ڏٺي آهي. هي منهنجي پهرين ... جي دوري دوران سڀ کان اڳ پهتو ۽ نہ چاهيندي بہ هن منهنجي مالي مدد ڪئي.

ٽه سپاهي

هي ڪاڪو سپاهي احسان شاهه بخاري ڪاڙهي ڪٽي وارو احسان صديقي) ڪوٺر هو ٿول پٽي صاحب وڏي جي ٽيبل تي رکي، صاحب وڏي ۽ بچيا جيل ڪي الوداعي سلوٽ هڻي همراهه روانو ٿي ويو وري هيڏانهن اصلي منهن ئي نه ڪيئين.

توصيف جتوئي

سيارو اچڻ شروع ٿيندو ته اسان وٽ سڀ چريا اچي گڏ ٿيندا احسان صديقي ڊاڪٽر احمد علي ٻگهيو، الهه يار ڳڏاڻي، عاشق اوڍاڻو، رحيم بنگالي، سعيد ميمڻ اسد شيخ ۽ توصيف جتوئي وغيره، ضروري ناهي ته منهنجي هر ڪنهن سان حجت هجي. هي بي روزگار، بي گهر، بي در واندو ٽنڊو توصيف جتوئي، هي بي ضمير ڪو به ڌنڌو ڌاڙي نه ڪندو آهي، هي سڄو ڏينهن رلي پني رات جو صرف ۽ صرف اسان جو اچي لن ڪائيندو آهي. هي اتي تي چٽي، هي جنجال جان، فقط ۽ فقط بيزار ڪندڙ انسان آهي. هي ويلن ۾ واڌارو هڪ قسم جو آزار آهي، هن کي ڪو نانگ ڪائي، هي اسان جي ٻڙ چو اچي پيو آهي، هن بدمزاج شخص مان ڪنيئي جند ڇڏائجي هي ائين اسان ڪان زيان ٿي رينلو. هي ڇڙواڳ طبيعت ۾ لاپرواهه آهي. جئين ٻلي ست گهر مٽائيندي آهي ائين هي درمهيني ڪرائي جو گهر مٽائيندو آهي. هن بدحال جو پيءُ بک ۽ افلاس ۾ خالي هٿين ويو، ڪن وٽ ڪا به ملڪيت ڪانه هئي. هي پويان لن به ڇڏي نه ويو ۽ هي سنلس پٽ توصيف جتوئي جنهن جي کيسي ۾ ٽڪو به نه ليي، ڏهه روپيا سگريٽن جا به سوٽن ڪان بني ولي، هي سوٽن جو ڪتو ڪائيندڙ سوٽن جي ٽڪن تي عيش ڪندڙ ايڏي لئي ۽ مڳي ڪندو آهي ڄڻ ملڪ هن جي خرچ تي پيو هلي. سوٽن کي گهرجي ته هن کي ماٺيچي ۾ اٿن هي ٻاڙهيل آهي پر اٽي ويلي جي سوچ سمجهه جو عقل نه اٿس. هي گهڻي قدر بي رلول به آهي. هن کي اها به خبر ناهي ته سلي سنگت ۾ ويهڻ وقت ڪڏهن ڳالهائجي ڪئين ڳالهائجي ۽ ڪڏهن چپ رهجي، ماڻهو هن جون بيهوداءِ بڪواس ڳالهيون ٻڌي برداشت ڪندا آهن، هن جو دماغ هاڻ پنهنجي اڳين جاءِ تي نه آهي، مان دعوي سان چوان ٿو ته "هن مان عقل موڪلائي ويو آهي،" جن ماڻهن تي ڪو ڀوت سوار ٿي ويندو آهي ته سمجهه ڇڏائجي ويندي آهي، ان وقت هو ڪنهن جي به ڪانه ٻڌندو آهي، هي ڊپريشن جو شڪار آهي ۽ هر وقت فرسٽريشن ۾ رهي ٿو. هن جو دماغ آئوٽ آهي. هن جي صحا ڪرڻ جو ٻيلو بست ڪيو ويجي، چرين جي اسپتال سزا جي آخري حد آهي، جت چريا ويچارا زماني جي ڌاڌائيين ۽ ستم ڪان فرار حاصل ڪري هتي اچي سک حاصل ڪن ٿا تن مٿان هي بري آفت نازل ڪرڻ به ناانصافي ٿيندي، انهن ويچارن چرين جو قصور ته ٻڌايو؟

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

سومرو عبدالغفور ٽلوي

اصل تہ سومرو هو، عبدالغفور جو گهراڻو
جملي ننڍين وڏن جو سيٽ هارجا پالا هو ٽڪا
منجهي خيرپوري ٽيو هي راڻ
ابالڪيل هئس ٽلي منجهہ جو داڻ
هاڻ شيدي ڳوٺ حيدرآباد اٿس ابا

محترم شمس الدين ميمڻ

هي دوستن ۾ بهترين ۽ وفادار دوست پئي رهيو آهي، هن دوستيءَ ۾ مسلسل پئي نڀاهيو آهي. هي جڏهن ڊاڪٽرس ڪالوني ۾ رهندو هو تڏهن کان دوست آهي. اسانجي دوستيءَ کي گهڻو زمانو گذري چڪو آهي، شمس ۽ عبدالرحمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ ٻئي منهنجا جگري يار آهن، ڪو دئور هو هنن ٻنهي ڀائرن ۾ مثالي محبت ۽ چاهت هئي، هاڻ هنن کي وقت جي هوا لڳي چڪي آهي ڪين زماني جي نظر ڪائي ويئي آهي. منهنجو هي يار شمس اڳ ڪک پتي هو هاڻ ماشاءَ الله لک پتي آهي. ٻنهي ڀائرن کي اسٽيٽ لائيف چئير جي چيئرمين عظيم انسان اَي-جي (الهہ جڙيو) آخوند جون سلجيل ۽ پڙهيل لکيل ڀيڻو ڏالون آهن، شمس جون سموريون نياڻيون ۽ پٽ ڊاڪٽر آهن. جڏهن تہ عبدالرحمان جا سمورا پٽ پڻ پڙهيل آهن. جن کي هن وڏو خرچ ڪري پڙهيو آهي هي پنهنجي اولاد کي ٻڌائيندو آهي تہ اسانکي تہ سڃي ڏينهن ۾ هڪڙو ڏکو ملندو هو. شمس واپاري آهي. واپاري بہ دوستيءَ ۾ ڏنل ۽ ورتل پئسا اٽڪل سٽڪل سان پنهنجا پئسا وصول ڪري ڪوٽ پوري ڪري وٺندا آهن.

شعور جو شعاع

يقينن تعليم ڏاڍي سٺي آهي، ٻار جي تربيت، ماحول، معاشرو ۽ سماج گڏجي ڪندا آهن، جنهن ۾ ڀرين ڪوشش ماءُ پيءُ، گهر جي ڀاتين، مٽ مائٽ، اوڙي پاڙي جو ماحول ۽ پوءِ اسڪول هوندو آهي، اسڪول ۾ داخل ٿيڻ هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات هوندي آهي. اسڪول ۾ استاد دراصل شاگرد جو روحاني پيءُ هوندو آهي، استاد سبق ڏيئي ٿو، ليڪچر ڏيئي ٿو، چاڻ ڏيئي ٿو، شاگرد ڪيترو حاصل ڪري ٿو، ان تي مدار رکي ٿو. مان پهرين پنهنجي پاڙي وحدت ڪالوني جي سنڌي اسڪول ۾ پڙهيس ۽ پوءِ ماڊل اسڪول لولا ڪئمپس حيدرآباد ۾ پڙهيم. مان اسڪولن ۾ گهٽ ۽ ٻاهر گهڻو سکيو آهيان. منهنجا اهي اندر توڙي ٻاهر جا سمورا سبق رٽيل آهن. مان سليٽ تي لکيل اکر "ٿڪ سان مٽائي ڇڏيندو هوس، منهنجو ٿڪ سان جو پهرين ڏينهن سان واسطو پيو سو اڄ تائين قائم آهي ٿڪ هر ڪم ۾ آساني پيدا ڪري ٿي." انهيءَ زماني ۾ پڙهائي سٺي هوندي هئي. جنهن ڪري لورا پڙهيل بہ قابل هوندا هئا تڏهن شاگردن ۾ محبت ۽ استادن ۾ عزت هئي. پرنسپل جي هيبت، ۽ استاد جي رٽهي جو

مان هو. شاگرد عمر ۾ استادن سان جهڪي ملندا هئا، اهي اڳوڻيون پڙهايون ۽ اڳوڻا استاد ڪٿي. هاڻ تعليم جو حال هيٺو آهي، تعليم بلڪل تباهه ٿي رهي آهي. تعليم به هڪ انڊسٽري بڻجي وئي آهي. هاڻ ڀار سرڪاري اسڪولن ۾ نه پر خانگي اسڪولن ۾ ٿا پڙهن، جتي ڳريون فيون ورتيون وڃن ٿيون. سرڪاري اسڪولن ۾ سفارش ۽ رشوت تي استاد ڀرتي ٿيل آهن، جن مان اڪثر ماسترن جي وڏي تعداد جاهلن تي مشتمل آهي. جن ڪي لن به نٿو اچي. جن هميشه رٽيل لڪچر ڏنا آهن، جن ڪتابن کان ٻاهر ڪڏهن ڪو نه پڙهايو، گوسڙو ۽ نااهل استادن کان سواءِ، رشوت، ڪاپي ڪلچر ۽ اسٽوڊنٽ جماعتون جي دهشتگردي تعليم کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. تعليم هڪ هنڌ بيهي ويئي آهي. جتي ٻن ورهين کان ڪلاس نه هلندا، جتي استاد پگهار ته سرڪار جي کڻندا ۽ ڪم صحافت جو ڪندا اتي تعليم حاصل ڪندڙ ڪاپيءَ کانسواءِ ڇا ڪندو؟ جتي قابليت جي نصيب ۾ دربدري هجي. جتي ڏينهن رات محنت ڪري نوجوان پڙهي ڊگرين جا بنڊل هٿ ۾ ڪنيو سڄي عمر روزگار لاءِ پريشان هجي پر ڪنهن کي به هن تي رحم نه اچي.

هڪ قابل استاد محترم تنوير قريشي

شاگرد به ڪئي آهن، جيڪي پنهنجي وسيع مطالعي سان استادن کي لاجواب ڪري ڇڏيندا آهن. ماڊل اسڪول (اولڊ ڪئمپس) حيدرآباد جو هي ذهين شاگرد تنوير قريشي اتان جي استادن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو هو. هن وٽ ٽيڪسٽ بڪ کان وڌيڪ ڄاڻ هوندي هئي. جنهن لاءِ هي لائبريري ۾ وڃي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مطالعو ڪندو هو، نوان آيل ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هو. سندس هوشيارپ ۽ ڄاڻ کي ڏسي ڪري استاد هن کي ڪلاس جو مانيٽر مقرر ڪيو، عقل ۽ علم ۾ وڏو، صفائي سٺائي ۽ پڙهائي ۾ هوشيار ۽ قابل شاگرد، شاگرديءَ وارو مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ اولڊ ڪئمپس جي انهيءَ بهترين ماڊل اسڪول ۾ استاد بڻيو، محبتي، اهل دل ۽ منهنجو هي سچو دوست تنوير قريشي هونءَ ته منهنجو بهترين ٽوئرريسٽ دوست آهي. پر مون هن کي صرف استاد جي روپ ۾ ئي ڏٺو، اها ٻي ڳالهه آهي ته هن کي ڪڏهن ڪڏهن موڪلون ۾ تفريح ڪرڻ جو ڀوت سوار ٿئي ٿو، هي انتهائي ذهين ۽ پُراثر استاد جنهن کي شاگرد وڏي احترام ۽ عقيدي سان پيرين پئي ملندا آهن. هر هنڌ سندس قابليت جي هاڪ آهي. هي باڪردار انسان، هي شاگردن جي دلڪش ۽ دلفريب شخصيت، هڪ ماڊل ۽ آئيڊيل استاد بڻيو، مونکي فخر آهي ته هي منهنجو بهترين دوست آهي ۽ هي مونکي به پنهنجو بهترين دوست تسليم ڪري ٿو.

سڌورو منهنجو غريب دوست

جمع جو ڏينهن هو مان هفتي ڪن جو سيڊو سامان ۽ ڀاڄي ٻوٽي گهر لاءِ خريد ڪري، ٽاور مارڪيٽ لڳ ڪنهن نانوائي جي هوٽل تي ويهي نان ۽ نهاري کائي رهيو هوس ۽ هي هوٽل کان ٻاهر پٽ تي ويهي ڪنهن غريب غربي جيان خيرات جي دال ماني

ڪائي رهيو هو، تہ منهنجي هن تي اوچتو نظر پئي. آئي لي ڙي!! هن جي شخصيت جي زبون حالت ۽ افعال ڏسي مان ڏڪي ويس. هي مانائتو هن ميري حال ۾، مان اُتان اُٿي کيس ڀاڪر ئين پئجي ويس. مون سندس حال پڇيا، هن ڪياڙي ڪنهيندي چيو: "کهڙا هيڻن جا حال پڇين ٿو، ماڻهو جڏهن خسيس ٿئي ٿو تہ ڪا قيمت ئي نٿو رکي. بيٺي جو يار سيڪو آهي ڪرئي جو ڪو بہ ڪونهي،" ڪچهري ڪندي هن جو قول ۽ فعل هڪٻئي جو ساٿ نہ پئي ڏنو، منهنجي بدبختي هئي جو مان هن جي غربت وقت يا هن جي پيءُ جي بيماري دوران سندس پڇاءَ بہ نہ ڪئي، جڏهن تہ هن جي جملي جماعت ۾ مان اڪيلو ئي ان وقت هن يار جو بار سهي ٿي سگهيس. مونکي تن ڏينهن ۾ الله گهڻو ئي نوازيو هو. هي ڪنهن دور ۾ ڏاڍو سهڻو هو، مونکي هن جا گولڊن وار ڏاڍا پسند هئا. ڪئير نہ ڪرڻ جي ڪري هن جي منهن تي هاڻ چاڻئون پهئجي ويون هوس، سڄو مٿو ڪٽل هوس، ٽڪن تي نالي ماتر صرف ٻہ وار وڃي بچا هوس. ائين پئي لڳو ڄڻ مڏي ڀاڪي سان مٿو صاف ڪرائي نوڙ ڪرائي هجيس. هن وڏيڪ ٻڌايو تہ سندس مٽ مائٽ کيس پسند نٿا ڪن. سنگت ساٿ ڪائي ڪانہ اٿم، اڪيلو پنهنجي ايمان سان زندگي ڪي پوڳي ٿو. مون کيس همت ڏياري ۽ دلاسو ڏنو تہ ڏک سک زندگيءَ جا ساٿي آهن. موڪلائڻ وقت هن جون اکيون پرجي آهيون ۽ چوڻ لڳو "يار اسان جي پارت هجي."

هي پيءَ پٽ جي وڏي ڪهاڻي آهي. هن جو پرمتڙيو پوڙهو پيءُ "پنهون منهنجو جگري يار هو. اهڙو ئي هڪ رستو هن يار جي پيءُ سان پڪي ڏور سان ٻڌل رهيو. سندس ڏاڙهي دن تائين هوندي هئس، پاڻ هميشہ ڀاڪي سان مٿو صاف ڪرائيندو هو. ان ڪري کيس ماڻهو نوڙهو ڪري چوندا هئا. هي ڪڏهن مون وٽ اچي ويندو هو تہ بي تڪلفي سان ڳالهيون ڪندو هو، هن جي طبيعت ۾ هر وقت بي چاڪائي رهندي هئي. جيڪو گهڻي دير ويهي نہ سگهندو هو. بيماري سبب پيرن ۾ ڏنپ ڏنا هنئين. جيستائين هلڻ جهڙو هو هن دوستي تان وارو نہ مٽايو. هي پنهون جو پٽ "سڌورو پنهور" ياري ۾ پيءَ کان بہ ذرا اڳتي پئي هليو پر پوءِ وقت سان گڏ الڳ الڳ راهن تي نڪري پياسون. هي پيءُ ڪي هڪ ئي سڪيلڌو پٽ هو. هي پيءُ جو ڪٽيو ڪائيندڙ. ڪڏهن پٽ تي پير نہ رکندو هو. هي ماءُ پيءُ جو نافرمان، بدچلن پٽ. هر قسم جي شيطاني ڪمن ۾ ملوث هو. هي نالائق حلالي پيءُ جو حرامي پٽ هو، هي بدبخت پوڙهي پيءُ کي ٽڪ بہ ڪانہ هڻندو هو، پهرين ملاقات ۾ مان ڪائنس سوال ڪيو هو تہ "سدورا ڪانہ ڪئي اٿم، تنهنڪري اولاد ڪانہ اٿم" ۽ هاڻ کيس هڪ پٽ ۽ پنج ڪن ڪکيون دروازو کوليندي هئي، اڳي هن جو ڏاڍو اوج هو هاڻ غريب حالت ۾ آهي ۽ سڄو آهي. تڏهن سندس پيءُ جو سڄي سنڌ ۾ ڪاروبار هلندو هو. سندس والد وڏي ملڪيت ڇڏي ويو، هن پيءُ جي ملڪيت ۾ اضافو ڪرڻ بجاءِ ٻن ٽن سالن ۾ بلڪل تباھ ڪري ڇڏي،

خزانو هاري پورو ڪيائين ته هي سچو ٿي ويو، وري جڏهن هن جي جڏهن سمورو بدقسمتي جا ڏينهن ڦريا، هي ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ ڪاريگر پنهنجي آمدني وڌائڻ ڪاڻ رات جو اجان به وڌيڪ پاڻ پتوڙيندو هو، هي پنهنجي ڪاروبار ۾ وڌيڪ پئسا لڳائي وڌائڻ چاهي پيو. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هن کي سخت ڪاروباري نقصان پهتو، هن اجان پاڻ جهليو نه هو ته زماني جي گردش ڪيس وري مسڪين بڻائي ڇڏيو. اهو مسڪين ڏک پچائي نه سگهيو. بي انصافي جي ول هن کي چيئن ئي پاسن کان وڪوڙي وئي. زندگيءَ ۾ ڪيترن مسئلن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا رهيو، هي دل شڪستو ٿي آخر گهر ۽ آفيس کي باهه ڏئي ڇڏي. سڀ ڪجهه سڙي رک ٿي ويڻ ڪري، هي اجان به ڪنگال ٿي ويو. حالتون ان حد تائين پهچي ويون جو هي پائي پائي جو محتاج ٿي ويو. هن جي من ۾ پل ڪيڏا به ڏک چو نه هجن پر هي خوشيون ورهائيندو هو. هي مونکان به وڌيڪ حقيقي هو. هن کي وڏو دل گردو هو. هن وقت سان ٽڪرايو صحيح پر ڀريو پوءِ به نه، حياتي جي هن ڏکي سفر ۾ هي ٿڪيو پوءِ به نه، سندس زندگي ۾ واحد ڪوشش هئي ته هي پٽ سارنگ کي پڙهائي وڏو ماڻهو بڻائيندو پر هي خيالن جي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهو ڪريو تڏهن، جڏهن ڪيس انهيءَ ننڍي عمر واري پٽ کي ٻن چئن آنن جي ڪري مزدوري لاءِ موڪلڻو پيو. هن وقت هي ٻارڙو پنهنجي شعبي جو نهايت اهم ۽ ڪارگر پرزو بڻجي چڪو آهي. رب چاهيو ته هي دنيا ۾ اڳتي هلي ماءُ پيءُ جو نالو روشن ضرور ڪندو. مان ماضي ۾ ٿورڙو پوهتي ڏسان ٿو، هي انهن ڏينهن جي هڪ منظر اجان جيئرو آهي، مان هن کي تڏهن پڃندو پرندو محسوس ڪيو جڏهن سندس پٽ سارنگ کي مالڪ چوري جي ڪوڙي الزام ۾ پوليس جي حوالي ڪيو. سندس مالڪ هن ٻار مان ڪجهه حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو، ناڪامي جي صورت ۾ هن اهو ڪيو، جڏهن سندس پٽ جي داد رسي نه ٿي سگهي ته اهو سوچي سوچي هن جي دماغ جي رڳ ڦاٽي پئي ۽ هو ڪراچي ۾ ڪوما ۾ هو. هو انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ هو. تنهنڪري هن سان مونکي ملڻ نه ڏنو ويو. مان وڏا وس ڪيا سيني ڊاڪٽر دوستن ڏانهن ويس منهنجي ڊاڪٽر دوستن، هن جي علاج ڪندڙ ڊاڪٽرن کي حڪم ڏنو ته هر قيمت ۾ سندس زندگي بچائي وڃي. پنجن ڏينهن کان پوءِ جڏهن هن کي هوش آيو ته مان ڪيس گل ڪٽي ڏسڻ ويس ته هن مونکي ليلائي ليلائي چيو "لالي مونکي بچائي مان مرڻ نٿو چاهيان. جي مان مري ويس ته منهنجي اولاد جي پر گهور ڪير لهندو ڇا؟ هو به مون جيان در در جون ٺوڪريون کائيندا." مان ڪيس چيو "سڏورا مايوسي گناهه آهي الله بهتر ڪندو. پوءِ هي جلدي صحتياب ٿي ويو ۽ چڱ ڀلائي کان پوءِ هن جي مان سان ڪا به ملاقات ڪانه ٿي. هاڻ هي جڏهن مان سان ورهين کان پوءِ اوچتو مليو ته مونکان هڪ ڀيرو ٻيهر چرڪ نڪري ويو.

Scanned with CamScanner

باب ڇهون: فلم اسٽار محترم شهباز دراني

او ڇوڪريءَ (گيت)

او حسين خاصخيلي جي شهر جي ڇوڪري، تون ڇو ايڏي پياري آهين.
ڪٿان لڌي آهين، ڄڻ ڪا حور پري آهين.
وڪيل منگريو جي War-Bar ۾ مون تو کي بار بار ڏٺو.
ويس اڇو تون پائي آئين، چانڊوڪي ڄڻ چورائي آئين.
تنهنجو من آ منزل منهنجي،
منهنجا نيڻ اڄ به تنهنجي او سيئڙ جي آس لڳائي ويٺا آهن.
منهنجي خاموش زندگيءَ ۾ آءُ، هار ڳو تنهنجو ساٿ ٿو ڪپي.
تنهنجو روپ نرالو، تون جُون ۾ ڄڻ جهڙالو، تنهنجو ليڊي ڊائنا جهڙو پاڙو.
تنهنجي ادائون جو ڪهاڙو، منهنجو دل تو ڪان سواءِ ٻاڙو.
ڇاڪري آغا لالي ويچارو جيڪو اندران توڙي ٻاهران اگهاڙو،
تنهنجي يادون جي رستن جو مان رولاڪ، تنهنجي شهر ۾ رات جو لوڊشيڊنگ جو آزار،
تنهنجي ساري تر جا، تنهنجي ساري شهر جا، تنهنجي گهر جي در جا سمورا ڪتا به ته ڪارا هن.
تون هتڙي هيڪلي نه ايندي ڪر، تنهنجا هي هڙ حوالي، تنهنجا هي هڙ موالي تنهنجا هي هڙ چريا ڪريا. تنهنجي جسم جا رڳو چنبڙيل چچڙ اٿئي.
تون سليم شاهه جي اُجڙيل وارن جيان وائڙي نه ٿي.
تون شيراز ميمڻ ڏانهن ڏري ڏري نه ڏس.
ڪاش مان تو کي استاد غلام نبي راهي کان لکائي رکان ۽ بوگس پيسي پائي کان.
تنهنجو يار خالد ڪليار ته ناهي، ائين ان سان بي تڪلف نه ٿيند ڪر.
منهنجو اٿئي عرض، هن وچڙندڙ مرض عقيل قريشي کان نه کڻ قرض.
عاشق هالائي جي پير ۾ نه اچي ويهه، انهيءَ ۾ تنهنجي ڀلائي آهي.
مرتضيٰ مجبور لاءِ تون ڇو آهين ايڏي مجبور.
دل ۾ الائي ڇا اٿم، شايد ٻاهه اٿم،
پل راجا ميمڻ کي لڳي تيلي، پل ثمرين فلسطيني کي لڳي بخيلي.
پل آزاد گوپانگ تو کي چنبڙ تي چاڙهي،
تون شهباز دراني سان، جهلن برف ڪر تي هي گهمي به ته ناهين.
تون ميڊيا جي لوڻ ڀاڻي رفيق عيساڻي جي قد کان به ڊگهي ته ناهين.
تون قادر بخش ملو جي لٽ جهڙي سنهڙي به ته ناهين.
تون ليڊي ڊائنا به ته ناهين جو گل جهڙو گل حسن گل تنهنجي نان ٽان ڪو ايولرڊ لٽائي ڇڏي
تون جي ايم سولنگي جي سهڻي به ته ناهين جو سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏجي،

Scanned with CamScanner

تون رميش ڪمار جي ڏياري يا هولي به نه ناهين جو خوشيون ملهائجن،
تون نه نجيب مهراڻ جي گلشن جي سرهاڻ به نه ناهين،
تون علي رضا لغاري جي ريڊگٽ پر ناچ، هي تو ڪهي گناهه جي رستي تي لاهي ثواب چاهي ٿو.
تون حيدر رهو اها حد DSP نذير ميمڻ جي حد الٽي ڪٽي ملت ۾ نه بدنام ٿي وڃي
تون پنهنجو اڳهه نه گهٽا تون نه بي بها آهين.
تون نه فقير معظم جيان فقير بڻجي نه ڏس. سڀ ڪجهه اهي ۽ فقيري ۾ الٽي،
تون دانش آرائين سان حميره چنا جيان محبت ڪري نه ڏس،
تون رحمان بلا جي امبر مهڪ نه ناهين جنهن جو امير علي استاد آهي،
تون شفيع چانڊيو جي فرينڊ بڻجي نه ڏس، شفقت حاصل ڪري نه ڏس،
تون اسرار لغاري جي تاج پور ۾ نوابي جا اسرار نه وڃي ڏس،
خيرل جو خير هجي، تو کان وسري ويس نه خير، پر تو کي ملي خير محمد ٻانو جو جهڙو ڏهيسر، اهو نه آغاز آهي اهان انجام ڇا ٿيندو، هن فنڪشن ۾ تنهنجي همت جواب ڏيندي وڃي. تنهنجو آفتاب چهرو برف جيان رجي رهيو آهي. تنهنجي مرضي آهي نه تون ويهه يا وڃ، پر تون نه وڃ صفدر صديقي جي چوڻ تي بجلي به چاڻ آئي.
اڃا نه طالب پنيرو جي تلاوت هلي پئي، اڃا هاڻ نه ڏکهو ڏينهن ڪوتو آهي
اڃا نه رات باقي آهي. اڃا نه تنهنجي بات باقي آهي. اڃا نه علي سنڌي پڳو ناهي. اڃا نه جي پرڪاش ڪتو ناهي. اڃا نه پرويز بشني سينڊوچ باڪس ڪٽي پڳو ناهي. اڃا نه منهنجا اڻ ٻني جا نشا لٿا ناهين.
غفور سمون ۽ انتظار جي ڪڊيل ڪجهه يادگارن تصويرون ۾ تون مرڪ شاهه جيان مرڪي رهين آهين.
تنهنجي ادائن ۾ اڳيان به گل نه پويان به گل آهي. تون نه اڳيان به پارس ۽ پويان به پارس آهين
تون رياض پارس جي موچن جهڙي وٽندڙ ۽ پارس علي پارس جهڙي سهڻي چو آهين.
حسين خاصخيلي تنهنجي شهر جي هي چو ڪري ڪيڏي پياري آهي. تون ڪٿان لڏي آهي.

ٿاڪ

مان صبح کهران آفيس وڃان ٿو ۽ شام ڌاري گهر موٽي اچان ٿو، ۽ پوءِ رات جو وري هن جاءِ تي پهچان ٿو، گهر ۾ اينٽري الراتفري آهي جو مان هر وقت ٻاهر ئي رهڻ چاهيان ٿو. سڄو ڏينهن محنت ڪريان ٿو. ڏڪن وانگر هلان ٿو. ڪم ڪار ۾ ظاهر آهي مان ٿڪجي بيزار ٿيان ٿو. جيون جي هن بيزاري مان آجو، واندو ۽ آزاد ٿي سڀ سوداءُ ٻاهران چاڙهي چاڙهن هن کلي فضا ۾ اچان ٿو نه چڻ ساهه مٽجو وڃي. هي اها جاءِ آهي جتي اچي موٽکي سڪون ملي ٿو. هتي جي مان نه اچان نه موٽکي اصل سک نه اچي. مان سالائين دوستن جي ڳولا ۾ ۽ دوست سدائين منهنجي ڳولا ۾ رهن ٿا. جيڪي سڀ

هڪبئي ڪي هتي اچي ڳولهي لهون ٿا. ايگريڪلچر ڪامپليڪس جي هن خوبصورت بلڊنگ جي مين گيٽ آڏو هڪ پٺاڻ دوست نانو جي ڪوئيٽا بخارا هوٽل آهي جتي صرف چانهه ۽ پراٺا ملن ٿا. ان هوٽل جي پر ۾ هڪ ٻئي دوست پرويز خاصخيلي عرف بشني جو برگر جو ريڙهو آهي ان ريڙهي آڏو اسان پنهنجي هڪ ننڍي دنيا وسائي آهي. هي ٽڪاڻو ئي منهنجي ڪل ملڪيت آهي دنيا جي نظرن جو مرڪز بڻيل هي چؤنڪ دراصل منهنجي اوطاق آهي، هوٽلن تي ويهڻ جي چرس يا چونڪ جي ڪليل رستي تي ڪرسيون وجهي اوتارو هلائڻ جي عادت اڄ جي ناهي. تاريخ شاهد آهي ته هميشه مون اهڙائي ٽڪاڻا ٿاڪ. اسپاٽ ۽ ڊيره وسايا آهن. اها هوٽلنگ اها ڪچهري بيڪار وقت برباد ڪرڻ يا ذهن ضايع ڪرڻ نه آهي. اهي يونيورسٽون آهن، جتي سڀ علم پڙهيا ۽ سکاريا وڃن ٿا. اهي ٽڪاڻا، اهي اوطاقون اسان وڏڙن جي ثقافت آهن. ائين هي ڊيرو به اسان دل وارن جو وطن آهي. زندگي جا ڪيئي سال ساڳي انداز ۽ طرز زندگي سان گذاريا اٿم رات جو ٿاڪ تي اچڻ روز جي روايتن ۾ شمار آهي، اها ئي ساڳي روايت اهو ساڳيو سلسلو لڳاتار جاري آهي. رات جو هتي هن قرب جي قلعي ۾ وڏي رش ٿئي ٿي. جا قرب جي ڪڙي جي هڪ ڏکي زنجير ناهي ٿي، هن چاهه جي چوڏيل ۾ ڪرسيون دوستن ۾ گهيرجي وڃن ٿيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته منهنجي ويهڻ جي جاءِ به ڪانه پڇي ٿي. هتي وڏي ڪچهري لڳي ٿي، بس حال پائي جگري دوست گڏجون ٿا. هن دل جي ڊيره ۾ ڪيترائي دل سان چاهڻ وارا به اچن ٿا، ته ڪي ٽائيم پاس ڪرڻ به اچن ٿا، هتي نئين نئين جنس اچي ٿي، هر عمر جو ماڻهو هتي اچي ٿو. هر ذوق ۽ شوق جو ماڻهو هتي اچي ٿو. هرگرو گنجو بنا روڪ ٽوڪ جي هتي اچي سگهي ٿو. هي ديرو دراصل هن شهر جي هڪ قسم جي دانشورن جو ديرو آهي، مشهور شخصيتن جو ميڙ آهي. هتي ڪلاڪار، قلمڪار اداڪار ۽ ڪيئي وڏا فنڪار اچن ٿا. هتي نپٽ نياڳا چريا ڪريا به اچن ٿا، جيڪي پنهجي خودي ۽ مستيءَ ۾ مست رهن ٿا، هنن نڪمن ۽ بيڪار ماڻهوءَ جو ڪو وقت مقرر نه آهي هي ڪڏهن به مالڪلموت جيان اوچتو نازل ٿي اسان لاءِ آزار پيدا ڪن ٿا. هتي حرامي حلالي سڀ اچن ٿا. اسان وٽ حرامي حلالي جي ڪا تميز ڪانهي هتي واهه جي وندر ۽ فرحت لڳي وڃي ٿي. انهيءَ ڪيل تماشي، دل لڳي ۽ تفريح ۾ منهنجي به تفريح ٿي وڃي ٿي ۽ ٻيو مزو به اچي ٿو ته عوام کي جدا تفريح پڻ ملي ٿي. هتي ڏک سک اورڻ جا وڏا وسيلا ۽ تجربا آهن، اچڻ وارو موت ۾ هتي پنهنجا آهي ڏک سور وساري پوءِ گهر وڃي ٿو. هن محبت جي جاءِ تي غفلت ڪائي ڪانهي، هتي آئون تون آهي ڪا نه، چوڏاري رنگ لڳيو وڃي وسون لڳيون وڃي منڊل مچي وڃن ٿا. هن محفل ۾ ڪچهري ۽ رهاڻ ڪندي ننڍي ننڍي ڳالهين تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ ٽهڪن مٿان ٽهڪ ڏيڻ انهن ٽهڪن جا پڙاڏا پري تائين گونجندا رهن ٿا. اهي چار ٽهڪ، اهي ياريون، اهي اوطاقون، اهي سک جا ميلا، اهي چاهيندڙ سدا آباد هجن. موسم جي موڙ موجب سياري ۾ اها محفل باهه جي مچ تي سجائي وڃي ٿي. هن محبتي ميڙ ڪان منهن

متي نٿو سگهجي، بدنصيب ۽ بدقسمت آهن اهي جن وٽ اسان ڏانهن اچڻ جو ٽائيم ناهي، هي صوفياڻي سنگت هي ڪچهري تڏهن مڪمل ٿئي ٿي، جڏهن محترم شهباز دراني اچي ٿو. هن ڪچهريءَ جي تڏهن ديڳ ڏمجي ٿي جڏهن شهباز دراني هتي اچي ٿو، روز هڪ نئين محفل سجي ٿي، روز نئين ڪچهري مچي ٿي، روز ڪيتري سڪ ونديو تہ بہ پيئي ڏينهن لوڙ ساڳي رهي ٿي. هتي سلامي پرڻ ڪمپني ڪرڻ ڪئي خانِ خان آيا جن جي لسٽ ڊگهي آهي ڪئين ڪئين جا نالا ڪٽجن ماضيءَ جون آهي پڙنگ بلائون اڄ بہ هتي اسٽيچو جي روپ ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. هتي آهستي آهستي سڀ ڪو پنهنجي ٽائيم تي اچي ٿو، مان بہ الڳ وقت تي اچان ٿو. هت رڳو اسين چانهہ سگريٽ جي عياشي ڪيون ٿا. هن ديري جي هن دادلي تي جڏهن ديد پئي ٿي. هتي ڪڏهن تہ ڪڪڙون ڪون لڳي پئي هوندي آهي هي ويڙهو انهن خانِ خانن ڪان اڳ بہ متل هو هاڻ بہ ويران ناهي سيان بہ ويران نہ رهندو.

فلم اسٽار محترم شهباز دراني

مونءَ تہ هنج وفائن جو پر شهرت ۾ شهباز! (سرمد چانڊيو)
هتي سوين رند روز آيا، نوان نوان دور جن هلايا
نہ آهہ قدرت ڪڏهن بہ خالي، ڪليو پيو آ شراب خانو (شيخ اياز)

هي بزم هي ميڪدو، هي مئي خانو، جتي نئين نئين مُند ۾ نئين نئين مڌَ پيندڙ نوان ۽ پراڻا مڪيش مدهوش ٿي وڃن ٿا. اهو سڀ شوق جو سلسلو يا ڪرشمو آهي، يا هتان جا ساقي محبتي آهن. هي اسان جي هن مئيخاني جو نئون رند آهي، جيڪو هاڻي ويجهي ماضيءَ ۾ اچڻ لڳو آهي. هن جو نانءُ وڏي عزت سان ورتو وڃي ٿو، هي International Fame هي مشهور معروف، هي اعليٰ قابل احترام، هي هن صدي جي سڀ کان الڳ، منفرد ۽ انمول شخصيت آهي قلندر شهباز کان قمر شهباز ۽ هن شهباز تائين. اڄ شهباز عنوان آهي ۽ دراني خاڪو، اها هن شهباز دراني جي وڏي ڪٿا آهي، سندس مهربانين جو عيوض ڀيءَ طرح تہ ادا ڪري نٿي سگهيس، مان هن جي ڪردار کي آدرشي بنائڻ جي بدران جئين جو تئين پيش ڪندس. شاهين، هما، عقاب، باز ۽ شهباز هڪ نانءُ آهي اعليٰ پرواز جو، فلم انڊسٽري جي آسمان ۾ شهباز جيان هر وقت اعليٰ پرواز ڪندڙ هڪ ٻيو نان بہ تہ آهي محترم شهباز دراني جو، اسان جي هن اسپارٽ کي گهربل هو هڪ اهڙو شهباز، هي جيڪو هڪ پيرو پٽڪي آيو تہ هن کان اڏرڻ وسري ويو، هاڻ اسان جو هي ٽاڪ، هن باز جو آکيرو آهي. چوندا آهن تہ "باز جا آکير پهاڙن تي، اڏار بلندين تي ۽ شڪار فضا يا ڌرتيءَ تي هوندو اٿن، شايد هن شهباز جو باز ٻڌجي شڪار ڇهڻ لاءِ هيٺ اچڻ جو ڪو ڪاز هجي، ٻيا باز تہ فضا ۾ اڏري رهيا آهن پر هي شهباز زمين تي آهي. ڇاڪاڻ اسان هن جا ڪنب وڍي ڇڏا آهن، هي هاڻي چاهي بہ تہ اڏيري نٿو سگهي. هي اسان ڪبوترن ۽ مورن جي ڪچهريءَ جو باز، پنهنجا ڪتيل ۽ وڍيل پر ڦهلائي

پنهنجن ڪاڻ ڦاڪيندو ته ضرور هوندو، هن ڪهاڻي جي چوڏاري ڦرندي هي باز، اڄ به عقابي اک ۽ عالمگير نظر رکي ٿو. هن شهباز جي ڪيئين ۾ زندگي آ، هن جو هڪ هڪ ڪنپ تاريخ، هي ته باز نه، شهباز آ، اسان ته اڃان هن جو هڪ پَرُ به هٿ نه ڪري سگهيا آهيون، پر هن جو پاڇو به پوي ته به وڏي ڳالهه آ، هن جي موجودگي جو تصور ئي اسان لاءِ وڏي اٿت آ. هي شهباز جڏهن هتان پنهنجا پر ڦهلائي اڏري ويندو ته اسان هن خالي پڃري کي ڪاڏي ڪنداسون. ننڍپڻ ۾ مونکي سئنيمائون ۾ ويهي فلمون ڏسڻ جو ڪريز هو. هر نئين فلم جو پهريون شو ڏسڻ مون لاءِ ڄڻ فرض هو. تنهن کان سواءِ هر آچر يا موڪل وارن ڏينهن تي مارننگ شو ڏسي به پنهنجي سنت پوري ڪندو هوس. انهي زماني ۾ فلمون جو اوج هو. منهنجي شهر حيدرآباد ۾ ڪوهنور، چانڊني، وينس، بمبينو، هل ٽاپ، فردوس، راحت، نيو مئجسٽڪ، شمس، اوڊين، شاليمار، الائيٽ، ڪيپري، نشاط، شهاب، نور محل، چراغ محل، ڪيپيٽل، سنگيت ۽ شاهين سئنيمائون هيون بمبينو، نيو مئجسٽڪ ۽ شهاب کي ڇڏي ڪري باقي سئنيمائون جي جاءِ تي هاڻ وڏا وڏا خوبصورت پلازه ۽ شاپنگ سينٽر ٺهي ويا آهن. انهيءَ زماني ۾ انهن سئنيما گهرن ۾ ديسي توڙي ولائتي فلمون هلنديون هيون. جن جي مهينو مهينو اڳ ائڊوانس بڪنگ ٿيندي هئي. انگلش ۽ جاپاني پڪچرس کان سواءِ انڊين توڙي پاڪستاني اردو فلمون ته رنگين ٺهڻ شروع ٿيون پر پنجابي، پشتو ۽ سنڌي فلمون هڪ اڌ کي ڇڏي ڪري آخر تائين بليڪ ائنڊ وائيٽ هيون. سنڌي هئڻ جي ناتي سنڌ سان اهڙو ته عشق هو جو پنهنجي ٻوليءَ جون اهي بليڪ ائنڊ وائيٽ سنڌي فلم به اسان کي رنگين فلمون کان مٿي لڳنديون هيون. مشتاق چنگيزي، مصطفيٰ قريشي ۽ شهباز دراڻي ان زماني جا فلم انڊسٽري ۾ اعليٰ پائي جا پلوڙ ايڪٽر هئا. مشتاق چنگيزي ته آخر تائين سنڌي فلمون جي هيرو طور سڃاتو ويندو هو. جڏهن ته مصطفيٰ قريشي پنجابي فلمون جو ولين بڻجي ويو ۽ شهباز دراڻي پشتو فلموڻ ۾ ڪاهي پيو، شهباز دراڻي جو سنڌي توڙي پشتو فلمن ۾ وڏو دٻدٻو هو. هن انهي اداڪاري جي شوق ۾ زندگي ڏئي ڇڏي. ڪنهن آڏو تماشو بڻجي زندگي گهارڻ ايڏو سولو نه آهي، جيڏو ڏسڻ ۾ اچي پيو، هن فلم اسٽار شهباز دراڻي اداڪاري جي بهترين پرفارمنس تي، اجرت، عزت ۽ خصوصي شهرت ماڻي هن جا چاهيندڙ اڄ به هن شخص کي دل سان پوڄين ٿا. اڄ جو نئون نسل هن شخص کي ڀل فلمون جي حوالي سان نه سڃاڻندو پر هن ٽي وي آرٽسٽ کي روزانو ڪنهن نه ڪنهن سنڌي چينل تي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ضرور ڏٺو هوندو. هي سنڌي توڙي پشتو فلمون جي الٽ اڄڪلهه اسان جي هن نائڪ گهر جي سونهن آهي ۽ هي وڏي ڳالهه اسان جي هن باڪس آفيس تي به هٽ وئي آهي، اها حقيقت آهي ته هي هڪ خوش قسمت انسان آهي، هي هستي ٿو رکي، هن هستيءَ کي ڪنهن به ناراضيءَ ۾ توري نٿو سگهجي، هن جو تذڪرو نه ڪري سگهجي ٿو پر هن جي ڪٿ نٿي ڪري سگهجي، سڄي ڳالهه نه هيءَ آهي، مون هن رتبي جو ماڻهو اڃان ڏٺو نه آهي، هي سلي ليملي،

سلي ڪردار، سلي لباس ۽ سلي زبان وارو، هي سونهن ۽ سچ جو سنگتي، هي يارن جو يار، هي ڪچهريءَ جو ڪوڏيو، هي مجلس جو مور، هي قربائتي محبتي ماڻهو، هن لاجواب ۽ مڪمل ماڻهوءَ ۾ ڪو نقصان، ڪا ڪمي يا کوٽ ڪانه ڪانهي. هي اصول ۽ بي بها موتي آهي. اسان جي ناڪ کي عزت بخشيندڙن ۾ هي به هڪ آهي. هن چنڊ کي اسان جي ڪشش هتي ڇڪي ڪٺي آئي آهي. هي جو آيو ته جهوڪ جي جهولجهار جوڙو ٿي ويٺي. هي هڪ عشق آهي جو هتي پڳو آهي. اهو عشق سان عقيدو به آهي. بس هڪ سڪ ئي سڪ آهي. اها سڪ ئي ڇڪ آهي. هي قرب جو ڪاروان آهي. هي سڪ جو سلسلو آهي. اها سڪ جي ميندي ڇهتل، سڪ جي ساک پڻ آهي. "ڪڏهن مقام، ڪڏهن ڪهڪشان، ڪچهري ٿي، اٿيو ته پينگ، جي ويلو ته ڇهڇٽا ٿي وئي" (استاد بخاري) من ڪئي راتيون اسان کي ارپي ڇڏيون. اسان جي هي ڪچهري هي گفتگو اڄ جي ناهي ڇڻ سالن جي بلڪ صدين جي آهي. اسان ڇڻ هزارين صدين کان گڏ آهيون. هن جي قرب جو هڪ ڪٽو به ڪارائتو آهي. هن جون ڳالهيون طويل تاريخ رکن ٿيون. هي هڪ جيئري جاڳندي تاريخ آهي. هي زندگي آهي جنهن کي اسين ميڙيون پيا. هي عشق آهي جنهن جي عاشقي اسان ماڻيون پيا. هي سنڌ آهي جنهن جي سينگار ۾ اسان نڪري پئون ٿا. هن محبت جي ميخاني ۾، هن قربن ڀري رُوح رهاڻ ۾، هن سونهن ڀري گود ۾. جڏهن خوشيون گڏبيون آهن ته محبت جي محفل مچندي آهي. هن ڪاڪ محل جي ميلي ۾ ڪيئي مومل ۽ راڻا پنهنجي آسيس وٺڻ ڪاڻ اچن ٿا. هت جذبن جو احساس به آهي. هت ڪيئي اچن ٿا جيڪي سڀ لاءِ ڏچو پيدا ڪندڙ درد دل موت جهڙا مهانڊا ڪنيون. تباهن جا ڀانڊا ڪنيون، جهنم جا تانڊا ڪنيون اچن ٿا. هي هن شهر جي بيڪسي آهي جو اسين ميڙيون ٿا پيا. هت سونهن جا سمورا روپ ۽ عشق جي سموري آگ تو هان کي ملندي. هن دوستيءَ جي رنگ بوءِ ۾ ڪو جهام ڪو تاءِ ڪت لڳل به هن رنگ ۾ رنگجي ۽ هن عشق جي مچ ۾ مچي اگهامجي وڃن ٿا. هن قد آور شخصيت شهباز دراني جي اوچائي آسمان جيڏي ۽ اونهائي پاتال جيڏي آهي. هي ماڻهو پربت جيڏو هي، پهاڙ جهڙو عظيم آهي. هي جيترو قدآور آهي، اترو ئي دل جو ويڪرو ۽ ڪشادو پڻ آهي. جتي رشتا سوڙها ٿي پيا هجن اُتي هي وڏي دل وارو سڀ کي دل سان ڀائيندو آهي. هي هڪ درياهه آهي. سنڌو جي وهڪري وانگر هي هڪ سمنڊ آهي. سمنڊ جي پاتال کان به گهري آهي هن جي دل، جنهن جي گهرائي ۾ اسان ٻڏي وڃون ٿا. هي ڪچهري ۾ ڊاڙ پوڳ، ٽڪاءُ ڪري راڳ ۽ ويراڳ ڪري، محفل پوري ڪري اسان جي دل ٺاري وڃي ٿو. هي زندگي ۾ مليل اسان لاءِ نعمت آهي. هن جو هر عڪس لاجواب آهي. هي زنده دل خوش لباس راڄ ڀاڳ وارو آهي. پرسنلس اصل وارث ته اسين آهيون. هي جڏهن اسان کان وڇڙي ويندو ته هن ڪاڻ هڪ دور روئيندو هڪ زمانو روئيندو ۽ جڳ جهان روئيندو. وڏي عمر وارا عمر رسيده، ضعيفي ۽ پيرسني واري حالت ۾ پوڙها ٿي بدصورت بڻجي وڃن ٿا پر هي 88 سالن جو

Scanned with CamScanner

پوڙھو اڄ بہ جوانن کان جوان ۽ ڳاڙھو لڳو پيو آھي. عمر جو شباب بہ عروج تي ھوس تہ عمر جو زوال بہ عروج تي اٿس. ھي عروج ھاڻ ڪمال تي پھچڻ وارو آھي. خدا ڪيس ايان بہ خضر جيڏي عمر ڏيس. وقت بادشاھہ آھي وقت ھن جي جسم کي تہ جھوري ڇڏيندو پر ھن جي نانءُ کي ڪير مٽائي نہ سگھندو.

ھن جي ذات

[سارنگا روشن خيال ۽ جدت پسند خيالن جو ترجمان آھي. اسحاق سميجو، جامي چانڊيو، علي دوست عاجز، شوڪت شورو، سردار شاھہ، اڪبر لغاري، ارشاد پٺي ۽ منظور ميرائي جي نگراني ۾ نڪري ٿو. جيڪو منھنجو پسنديده پرچو آھي، سارنگا جي ڪنھن جلد جي خاص ورق ۾ اڇڪزئي پشتو ھوليءَ جي ليکڪ ۽ نقاد محمد ابراھيم ڪامران پشتو قوم جي مزاج تي سنو لکيو آھي، جنھن کي منير چانڊيو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آھي.]

”منھنجي ماءُ! مون کي قسم آھي تہ مان جنت مان، مون تي ايندس، جيڪڏھن مون اتي پشتون جي گار نہ ٻڌي“ (غني خان)

اي عشق! تون خود ڏسين ٿو تہ، مان پشتون آھيان، مون پنھنجين اکين کي فقيري ناھي سيکاري (حمزه شينواري)

پشتون قوم جو خمير مزاحمت ۽ وطن پرستيءَ جي مٽي مان ڪنيو ويو آھي. ھي قوم پھرين ڏينھن کان عالمي سامراج ۽ علائقائي جبر ۽ ڏاڍ سان مزاحمت ڪندي آئي آھي. ان ڪري ھتان جا ماڻھو ثقافت، تاريخ ۽ تمدن، دوستي، دشمني يا عام زندگي ۾ ھڪ مڪمل ۽ ھم گير مزاحمت سان ڀرپور آھن.

تاتاري، چنگيزي، چنگيز خان، ھلاڪو خان، قبلائي خان، صحراءِ ڪوبي جا منگول لنگڙو مغل بادشاھہ ”تيمور لنگ“ ھن سرزمين تي اھڙي تہ باھہ لڳائي جنھن جو مثال ملڻ مشڪل آ.

پشتونن جي اُٿڻي ويھڻي، محبت ۽ نفرت، سياست ۽ سماج، مزاحمت ۾ ڀرپور آھي. اوھان ڪنھن بہ پشتون سان ملي ڏسو ڪنھن بہ موضوع تي ڳالھي ڏسو اوھان کي پھرين صدا مزاحمت جي ملندي. پشتون قوم جي فطرت جي مطابق بغاوت ۽ مزاحمت ۾ ئي ان جي بقا آھي. پشتون جي زندگيءَ مان جيڪڏھن مزاحمت ڪڍي ڇڏجي تہ انھيءَ ۾ باقي وڃي جيڪا شيءِ بچندي سان بي غيرتي ھوندي.
عبدالغني ڪان جيڪو باچا خان جو وڏو پٽ ھو جيڪو ھن جديد دور جو سڀ کان وڏو مزاحمتي شاعر آھي، پر مزاحمت بذات خود ان مان ڪڏھن بہ گھٽ نہ ٿي. ھنن ۾ شديد مزاحمت ۽ مستقل پرچار نظر اچي ٿي. ھي پنھنجي قومي فڪر کي جاري رکي ھن مزاحمت جي فلسفي کي پوري آب و تاب سان پنھنجي نو جوان نسل ڏانھن منتقل ڪن ٿا، پشت بہ پشت ۽ نسل در نسل ھنن ۾ اھو ئي ھنر رھي ٿو. ھي اڏان جي ”صلاح فلاح

۽ عربي ۾ نہ پر پشتو ۾ پڙهڻ ٿا. زندگيءَ جي ذات تہ نامعلوم آهي پر هونئن اسان محترم شهباز دراني ۽ مان آغا قيوم هم ذات آهيون. هن کي ذات جو غرور آهي ذات جي پڙ نہ اٿس. پنهنجي ذات لڪائي ڪيئن ٿي جي ذات سڏائيندڙ يا جيڪو شخص پنهنجي ذات ۾ قيد آهي اهو ڪڏهن بہ ڪنهن کي فيض ڏئي نہ سگهندو. هي پنهنجي ذات وارن لاءِ وڏيڪ توانائي بخشي ٿو. هي فڪر پشتون رکندڙ آهي، هن جا خيال پشتونن جو ادراڪ ڪن ٿا. هي مزاحمت ۽ وطن پرستيءَ جو سڀ کان وڏو علمبردار آهي. هي پناڻ پرستيءَ جو وڏو حامل آهي، هي خودار ۽ غيرتمند ڳوڙهن کان لوڙن تائين نج پناڻ آهي. هن ڪڏهن بہ وطن پرستي کان منهن نہ آهي موڙيو. هن جي سڄي زندگي پنهنجي قوم جي رهنمائي ڪندي گذري، هن مزاحمت کي پنهنجي ڪچهري جو بنيادي محور بنايو. هن ۾ پنهنجي خان آغا سراج دراني جو اثر ويٺل آهي، جيڪو اڄ تائين پنهنجي پوري طاقت سان گڏ هن جي گفتگو تي ڇانيو پيو آهي. هي مزاحمت ۽ قوم پرستيءَ جي احساس کي اڳتي وڌائيندي ان کي پنهنجي قوم لاءِ بنيادي اصول سمجهي ٿو. هي پناڻ نسل جو ماٿو پنهنجي مزاج ۾ نج آهي. هي عالمگير مقبوليت ماڻيندڙ بہ پنهنجو پاڻ کي انهي مزاحمت کان الڳ ڪري نہ سگهيو. هن جي مزاحمتي رويي ۾ ڪا ڪمي نہ آئي. انهيءَ ڪري هن جو رويو هڪ مزاحمتي فرد (Resistance Activist) ۾ تبديل ٿي ويو. هن جي دماغ ۾ اڃا بغاوت ۽ مزاحمت جا جذبا موجود آهن جيڪي جابر قوتن جي خلاف آواز اُٿاريندا رهن ٿا. هن جي عام زندگي ۾ سڀ کان وڏي ترجيح وطن پرستيءَ ۽ دشمن سان مزاحمت ڪرڻ جي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ گذري ٿي. مزاحمت ڪندي فنا ٿيڻ هنن جي سڄاٽپ رهي آهي. هن جي رڳ رڳ ۾ پٺاڻڪي ڊوڙي ٿي. پروفيسر بشني ڪيس هر وقت تنگ ڪندو آهي تہ بابا هي تہ زناني صدري آهي اها ترنڊي لاءِ پٺاڻن جا ناچو پائيندا آهن، بابا اها ٿائي پڇ مفلر پايو زڪام تي ويندو. ٽوپي، ڪوٽي ڪپڙو، ميوو وڪندڙ پٺاڻ پائيندا آهن. پٺاڻ ذهني مريض هوندا آهن. ڪو ڦروٽ ياڪپڙو وڪڻندڙ پٺاڻ جو ڪهڙو ڪم ناٽڪ مان، ڪٿو ڇا ڇاٽي ڪٽڪ جي مانيءَ مان، اودان آرام سان ڪو ڪپڙي جو يا لوندا جو ـو ڪان ڪولي ويهو هرو ڀرو انهن ناٽڪن جي چڪرن ۾ خوار پيا ٿيو.

هي پشتون شير آهي، محترم شهباز دراني کان وڏو هيرو سڄي دنيا ۾ ٻيو ڪو بہ نہ آهي مان ايندڙ صفحن ۾ ان ڳالهہ جو ذڪر ڪندس.

هن جي اچڻ جو سينگار

سڀ کان پهرين پرويز بشني هن کي ڪال ڪندو "بابا اچو نہ سڄي سنگت ٻهي ياد ڪري" ۽ پوءِ سڄي سنگت ۾ فونون ٿي وينديون تہ عدالت جو حڪم ۽ شاهي فرمان آهي تہ جلدي پهچو. ڪٿپ پوري يا ڪورم پورو ڪرڻ لاءِ هن جون حاضريون ڏيندڙ هن جي سڏ کي آذان ڪري پائيندا آهن گهران سڏي، هڪ هنڌ گڏ ڪري ويهارڻ

هن شخص جو ڪرشمون آهي. هي دوستن کي ويهاري دير ڪندو آهي هي ويهاري ويهاري جڻ ڳاري ڇڏيندو آهي، دراني صاحب جي اچڻ لاءِ اسان هن ٽاڪ ڪي ائين سينگاريون ٿا، جڻ ڪو محبوب يا مرشد اچڻو هجي هن جو حڪم ٻجا آڻڻ لاءِ اهتمام ڪيو ويجي ٿو. يڪدم ڪرسيون لڳي وڃن ٿيون. ننڍڙي خوبصورت ميز وچ ۾ لڳائي ان تي جڳ گلاس، پليٽ چمچو، چاقون مطلب ته هر گهربل شي اچي ويجي ٿي. هن جو پڪيڙو وڏو آهي. ٽيبل هوندي به هي شخص سگريٽ، ماچس، لائيٽر، موبائل توڙي رومال سڀ پنهنجي جهول ۾ رکي. اها قرب جي ڪرامت آهي جو قسمت روز هن کي هتي آڻي ٿي. وڏا ڪي پاڳ جٽيا جو هي هتڙي اچي ٿو، مجال آ جو هن کي ننڊ يا ڪرار اچي جئيسين هي هتڙي نه اچي. هن جو گهر ۾ شايد دم گهٽجي ٿو، هي هتي اسان وٽ کلي فضا ۾ ساهه کڻڻ ڪاڻ اچي ٿو. هي اسان وٽ هر هر اچڻ ڪاڻ ايڏو بيتاب ڇو آهي؟ هي ايڏو اسان ڪاڻ لڇي ڦٿڪي رڙي ڇو ٿو؟ ڪٿي هن جي هتي اُور ته پوريل نه آهي، اسان شايد هن جا عضوا آهيون هي هر روز هتي پنهنجا عضوا ڳولڻ اچي ٿو، شايد هن جو بت هتي اچي مڪمل ٿئي ٿو. سندس حب ۾ اُڪير ڪيس هتي آڻي ٿي اها بيتاب چاهت آهي. اها تانگهه جي ڳيرتا آهي. جا هن جي اندر تن من ۾ واٺيل آهي. انهيءَ پراڻي تانگهه ۾ به اجا طاقت آهي. هي جا هن جي اندر ۾ طاري تانگهه آهي. سا تانگهه هن کي تپائي ٿي. هي جڏهن ايندو آهي ته هتان جو اڱڻ ۾ هوائون به جهومڻ لڳن ٿيون، ڪرسيون به رقص ڪرڻ لڳن ٿيون. انهيءَ واءُ سان گڏ هن جي خوشبو به ملي جهومڻ لڳي ٿي. هوائن ۾ خوشبو جي مهڪار ۾ هي لڳاتار محفل جهومائي وجهي ٿي.

هن جي چانهه

اڄڪلهه دوستي مڙئي چانهه جي چُڪي جي آهي. ان اڏ ڪوپ چانهه پيئڻ جي عياشي اسان هتي هر روز ڪيون ٿا. اهي شڙاپ شڙاپ ڪري چانهه پيئڻ جا سلسلا اڃان جاري آهن. ڪم خرچ بالانشين، چانهه هڪ نشي جي حيثيت والاري وئي آهي. چانهه جي محبت مٺو زهر آ، هي چانهه جو ڏڪ امرت آ. هي آب حيات پئي ماڻهو بلڪل فريش ٿي ٿو وڃي. شهباز دراني ايندو آهي ته اسان جا ڏنڊ ٿي ويندا آهن. هي حد درجي جو مهمان نواز آهي مهمانداري ڪرڻ ۾ کيس بي حد خوشي ٿيندي آهي. هي هتي اچي مهمان به پاڻ ته ميزبان به پاڻ هوندو آهي. هي حاتم طائي خرچ ڪرڻ جو شينهن مڙس آهي. هي ايندو آهي ته چوندو آهي پنهنجا پئسا پنهنجي کيسن ۾ وجهي ڇڏيو. هتي مان وڏو آهيان مون کان سواءِ ڪو به بل نه ڏيندو. مهمان ڪنهن جو آدر ڪنهن جو ٿيا آيو، ٿيا ٿيا ڪاڏو پيهو ان سان هن کي ڪو فرق نٿو پوي. سمورا بل ڏيڻ تي ڪڏهن منهن تي گهنج نه پيس. ٿيا ڪيي، اجا اچي؟ لکيو ته، اسان سڀ هن جي خرچ تي روزانو عيش ڪندا آهيون، هي اسان ملت خورن ۾ چانهه جو لنگر ۽ پراڻن جي خيرات جڻ، جان جو صدقو ڪيندو آهي، ڪچهري جي بسم الله ۾ تي ويهارو ڪن چاهيون اچي ويٺيون آهن. ائين روز تي

روز جو سلسلو هوندو آهي آخر ڪچهري جي الڻ وقت ڪلمي پڙهڻ تائين ۽ ڪان اڍائي سو ڪن جو ٻل نڪرندو اٿس. ٽيبل ۽ ڪرسين جي ارد گرد رکيو خالي ڪوپن جا ڍير ٿي ويندا آهن. دراني صاحب ڊيابطيس يا شگر جنهن کي پاڻ مٺن پيشابن جو مرض چوندا آهي موڏي مرض ۾ ورتل آهي. هن لاءِ مٺي ڪا به شي مڪروه آهي. هي پاڻ پرهيز سبب ڦکي چانهه پيئي ۽ سنگت کي مٺي چانهه پياري، هي چانهه ۾ سائڪرين ملائي پيئندو آهي. سائڪرين ظاهري ذائقي ۾ ڪڙي پر انتها درجي جي مٺاڻ رکي ٿي. هي پنهنجي صحت لاءِ هر وقت فڪرمند رهندو آهي، حياتي ۽ صحت لاءِ نقصانڪار شين کان پرهيز ڪائڻ پيئڻ ۽ لذتن کان نفرت اٿس ڦکي چانهه الله دشمن کي به نه پياري بنا کنڊ جي بي سوادي ڦکي چانهه پيئڻ کان بهتري آهي ته مُٺ پئجي، پرهيزي غذا کائڻ ڇڻ گونهه کائڻ برابر آهي. ڦکي چانهه پئي پرهيزي ۽ جي سوادي ڪاڏا کائي به هن جي ڪچهري سواد پريل آهي. هن جي گفتگو ۾ ماکي، مصري جهڙي مٺاج آهي. شگر جي مريض جي پيٽ ۾ شايد کنڊ جو ڪارخانو هوندو آهي. مٺن پيشابن وارو هر هر پيشاب لاءِ ويندو آهي. حيرت آهي ته هي مسلسل چئن سالن کان هتي روزانو اچي ٿو ۽ ٿي ڪان چار ڪلاڪ ويهي ٿو. پر اسان هن کي هڪ ڀيرو به پيشاب لاءِ اٿندي نه ڏٺو آهي. ٻي حاجت ته پري جي ڳالهه آهي. نه اُٻاسي ڏئي نه گيس خارج ڪري. هي ماڻهو آجن آ. مان ڪيس مذاق ۾ چوندو آهيان "بابا ڇا اوهان هتي پيمپر پائي ايندا آيو ڇا؟" ٻُجو ڏئي وڏو ٽهڪ ڏئي ڳالهه ٽاري ڇڏيندو آهي. مون هن شخص کي ڪڏهن مٺي جو سور، پيٽ جي سور جون گوريون، ڪن جي سور جي دوا يا کنگهه جو شربت يا ڀُڙ ٽڳائڻ جو گوريون وٺندي ڪڏهن نه ڏٺو. ها باقي ڪڏهن ڪڏهن ڏند يا هوڙ ۾ سور پوندو اٿس پر هي پناٽڪو بچو ان کي به لن نه هٽي. ان پيڙ هوندي به هي پاڻ کي ڪٽائي هتي پهچي. ڪڏهن ناسازي علالت يا بيماري سبب ليٽ يا نه اچي ته اسان کي ائين لڳندو آهي ڄڻ اسان جو کنڊ جو جهاز ٻڏي ويو آهي. هي اسان لاءِ دلي ڏڍ ۽ سهارو آهي. الله هن جي حفاظت رکي. تندرست ۽ صحت ياب هجي خدا کيس اجان به وڏي حياتي بخشي (آمين)

هن جا سگريٽ

منهنجو پسنديده برانڊ Gold Flake گولڊ فليڪ آهي. جڏهن ته شهباز دراني جو پسنديده برانڊ اڇو پائين آهي. هي پڙون وانگر ٺونشي ٿي سگريٽ پيئندو آهي. بقول ڊاڪٽر احمد علي ٻگهي جي "ائين سگريٽ پيئڻ ڦڦڙن لاءِ وڏيڪ نقصان ڪار آهي" ائين ته سگريٽ پيئڻ ئي صحت لاءِ نقصانڪار آهي، اهو صحت واري وزارت پاران سگريٽ جي پاڪيٽ تي ڪليل لفظن ۾ لکيل پڻ آهي ۽ ان سان گڏ پاڪيٽ تي ڪينسر ۾ ورتل ڪٿين همراه جو وات پڻ ڇپيل آهي. تب اهو موت ماڻهو پئسا ڏئي خريد ڪري ٿو. سگريٽ ڪمپنيون اخبارون، ٽي وي ۽ روڊن تي سائن بورڊ هٽي اشتهار جي صورت ۾ حڪومت کي ٽيڪس ڏيڻ ٿيون. ماڻهو پاڪيٽ خريد ڪري به ٽيڪس ادا ڪري پيو.

نه ڪمپني کي اعتراض آ. نه حڪومت کي اعتراض آ. نه خريد ڪري پئيندڙ کي اعتراض آ نه مفت خور کي اعتراض آ. نه ڪنهن ڊاڪٽر اهو احتجاج ئي ڪيو آهي ته مان هر قسم جي مريض جو علاج ڪندس، سواءِ سگريٽ پيئندڙ جي، ڊاڪٽر ته خود سگريٽ جا سوٽا ٿا هڻن. پوءِ ماڻهو وڃي ڪيڏانهن. شهباز دراني نئون پاڪيٽ خريد ڪري ٽيبل تي رکندو آهي. اهو هن پناڻ جو شان آهي. هڻڻ به ائين گهر جي، هي هڪ سگريٽ پئيندو ته ٽي سگريٽ عقيل قريشي پي ويندو آهي. هن مفت خور کان قرآن کڻايو ته هن پنهنجي پئسن سان ڪڏهن خريد ڪري ڪو نه پيتو هوندو. ائين پيا شوقين به شوق فرمائيندا آهن. آغا ثناءُ الله راڄپي به قسم کڻڻ جهڙو ٿيندو ته مون به زندگي ۾ هڪ پيرو سگريٽ پيتو هوندو سو به شهباز دراني جو مفت جو . ڳالهين دوران جڏهن دراني صاحب پيو سگريٽ ڪڍڻ لاءِ پاڪيٽ کوليندو ته ڪاري وارا ڪڪ هوندا، شاباس هجي پاڪيٽ کي جنهن ويچاري سيني جي دپ جهلي. وري پئسا نڪري ويندا پيو نئون پاڪيٽ ايندو جنهن جي به اڇڻ سان سيل عقيل قريشي کوليندو، نيٺ ان پاڪيٽ جو به ويندي ويندي اهڙو حشر ٿيندو جهڙو پهرين پاڪيٽ جو حشر ٿيو هو. ائين ٻن نوڪرين، ٻن زالن وارو عقيل قريشي به چاهيون پئي به اندا، به پراڻا ڪائي. به پاڪيٽ چڪي، ٻي لڳي گهر ويندو. ائين ٻن لامن (لام تي زور) (عقيل قريشي ۽ وڪيل منگريو) (لام تي زور) واري محفل آخر لن چڙهي ويندي.

هن جو مذهب

شهباز دراني اهل حديث و جماعت جو ماڻهو آهي. ڪنهن مجلس، ڪنهن محفل، ڪنهن نعت خواني ۾ ڪانه وڃي. ڪنهن دوست ساٿي، عزيز قريب، مٽ مائٽ جي وفات تي جنازي ۾ شرڪت ڪانه ڪري. ڪنهن جي فاتح ڪانه ڪري. ڪنهن قبر يا مزار کي ڪانه مڃي. نذر نياز يا خيرات نه ڪري نه ڪائي. هر عمل هن لاءِ ڏوهه. هر شي هن لاءِ مڪروهه هر واسطو هن لاءِ پاپ، مها پاپ بي پردا عورت کي ڏسڻ گناهه. زيور مرد لاءِ حرام، ماتم ڪرڻ ڏوهه، ڪونڊا ڪندڙ لعني، ڪائيندڙ جهنمي، ختمو حرام هن جي ڪچهري ۾ لامذهب، ڪند ذهن، بي ايمان منڪر گناهه ڪبيرا، پاپ مها پاپ، ڏوهه مڪرو حرام حلال، گفتگو ۾ به هي حديث ۽ قرآن کان سواءِ ڪانه ڳالهائي.

هن جو ناراضپو

شهباز دراني جو ناراضپو، ڪاوڙ، غصو يا رنج پنجن منٽن جو، رات گئي بات گئي. هي پوڳن چرچن ۾ هرو ڀرو ڪو نه رسندو آهي. ڪنهن غلط حرڪت تي يا ڪنهن واهيات ڳالهه تي ٿورو ڪرو ٿي ويندو آهي. هن کي ڪوڙ کان سخت نفرت آهي، پيو ته ڳالهائڻ دوران متوجه نه ٿيڻ. موبائل ۾ منهن وجهي ويهڻ. منهن ٻي طرف ڦيري نظر انداز ڪرڻ ۽ ڪچهري ۾ ٻي ڪنهن سان ڪن ۾ ڳالهائڻ ڪيس سخت ناگوار گذرندو آهي. ڪاوڙ ته ڪيس مس ڪال ڪري، فون نه اٽين ڪندڙ تي به ڏاڍي ايندي آهي، هي

مونکي ڏاڍو پائيندو آهي. مونکي حد کان وڌيڪ گهُرندو آهي. اسان ۾ هن جي وچ ۾ عمر جي ڪا ديوار ناهي، هي جڏهن ڳالهائيندو آهي ته مون سان ڳالهائڻ دوران عمر جي تقاضائن جو احساس ڪرڻ بنا منهنجي ذهني سطح تي لهي ايندو آهي. مان هن جي پر ۾ اينترو ته ويجهو ويهندو آهيان جو منهجا هٿ هن مني صديءَ جي تاريخ کي ڇهندا آهن، مان جڏهن ڳالهائڻ دوران ٻاراڻي ڪري وجهندو آهيان ته هي صرف مون کي پونڊو ڏئي ڇڏيندو آهي. جي وڌيڪ ڪاوڙ ڪندو آهي ته مان سندس هٿ وٺي پاڻ کي پونڊو ڏياري ڇڏيندو آهيان ۽ پوءِ هي ٺري پوندي آهي. مان کيس چوندو آهيان "بچا آهيون، ڪاوڙ کي اندران دل جي پيچري مان ڪڍي اها ڪاوڙ هٿ جي تري تي رکي ڦوڪ ڏئي فلائينگ ڪس جيان اسان ڏانهن اُڏائي اُماڻي ڇڏيو، اسان اها اوهان جي ڪاوڙ جهپي منهن تي مکي ڇڏينداسون." پوءِ کلي ڪرڙي پونڊو ڏئي ڇڏيندو آهي. هڪ پيرو ڪنهن چينل جي ڊرامي جي رڪارڊنگ دوران شوٽنگ تي ٽروِيل هو. اتان پرويز ٻشني کي فون ڪري سڄي سنگت جو احوال ورتائين ڳالهين ڳالهين ۾ ڳالهه نڪتي ته "جئين ته مان اتي ڪانه آهيان، اوهان واري سنگت به سُڄي ۽ پڪي آهي، پوءِ روزانو اهو ٻه ٽي سئو چانهه جو بل ڪير پيو ڀري". پرويز حرامي آهي سو هن اقبال ڪيريو (جو ان وقت اڃان حيات هو) ڏانهن اشارو ڪري چيو "بس آهي هڪڙو چُوتيو". پوءِ ته دراني صاحب صفا چڙي پيو "ان جو مقصد مان به چُوتيو آهيان اوهان مونکي چُوتيو بنائي خرچ ڪرائيندا آيو. ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ چُوتيا ڀيٽسان چُوتيو معنيٰ (چڊمان ڀيدا ٿيندڙ) چُوتيو اسان ٻنهين ۾ سڀ کان وڏي گار آهي. اڄ کان پوءِ مونکي چُوتيو نه چئجان. سامهون هجين ها ته بندوق جي ڀرين ئي ڏڪ سان شوٽ ڪري ڇڏيان ها." پوءِ ته ڪاوڙ ۾ دراني صاحب اسان ڏانهن مهينو ڪن ڪو نه آيو، مسي مسي ٽِلو ڪيو سو نس تڏهن وڃي جان ڇٽي.

هن جو تڪرار

شهباز دراني منهنجي هن ٽاڪ کي آغا جو ڇڪلو چوندو آهي، سو منهنجي هن ڇڪلي تي مختلف سياسي، سماجي، مذهبي شخصيت کان سواءِ قلمڪار، چترڪار، ڪلاڪار، هدايتڪار، صلاحڪار، اداڪار، بدڪار ۽ واقفڪار اچن ٿا، اسان شيطانن وچ ۾ هي فرشتن جهڙو ڪردار رکندڙ پاڻ سان وڏيون فلمون ساڻ ڪري اچي ٿو ته آهي ڪردار هتي رڳو ناٽڪ ڪرڻ اچن ٿا. انهن جو مرڪڻ، کلڻ، ڳالهائڻ، ٻولائڻ، اٿڻ ويهڻ سڀ ائين هجي ٿو چڻ اداڪاري ڪري رهيا آهن. فطري طور تي جيئڻ ڪپي اداڪاري نه ڪرڻ ڪپي، ناٽڪ گهر ٻٽجي ويل اسان جو هي اسپارٽ جتي روازنو رات جو چڻ نائيٽ شو هلندو هجي. انهن اداڪارن کان هاڻ مان به ڇگي ريت واقف ٿي ڇڪو آهيان. ننڍي هوندي ناهو ڪو هئڻ سبب اسٽيج تي تماشو ٻٽجي ايڪٽرس طور کي ليڊيز ڪردار مون پڻ ادا ڪيا. جيڪي يادگار ۽ لاجواب هئا. جيئڻ ته مان فطري ماڻهو آهيان، مون کان اداڪاري نٿي پڄي. ان ڪري مون اهو سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنو، ۽ ها جيڪڏهن ڪنهن BP

فلم ۾ ڪم ڪرڻ جي آفر ملي ته اهو شوق ضروري پورو ڪندس. پوءِ اهو يهڻ جو هجي يا يهائڻ جو انهن اداڪارن کان سواءِ هتي ڪي صاف ذهن به آهن ته ڪي ڇاتي ۾ ڪاتي رکي به اچن ٿا. هنن ٽپائي ماريو آهي. اها طئي شده سازش آهي. هي پنهنجو فرض پورو ڪن پيا. هنن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. هن ڀيري محفل ۾ هڪ ڏينهن ڪامريڊ شمن ۽ شهباز دراني بحث ڪندي ڪنهن ڳالهه تان اٽڪي پيا نيٺ شهباز دراني، ڪامريڊ شمن کي چيو ”ڪامريڊ پهرين ته اهو ٻڌاءِ ته تون پڙهيل ڪيترو آن ڪامريڊ ويچارو انگوٺي ڇاپ آهي. سو اهڙو ڪچي جهڙو پيت، وات ۾ چڻ منگ پئجي ويس. سڄي محفل ٺهڪن ۾ ٻڏي وئي ۽ پوءِ قصو اتئي ختم ٿي ويو، هتي روز محفل مچي ٿي. اها ويڌن اڄ جي ناهي. اهي حجتي تڪرار، اهي قابل معافي جهيڙا اهو بحث مباحثا روز جو معمول بڻيل آهي. اهو ڏسي تعجب، حيرت ۽ افسوس ٿئي ٿو. مناظراءِ مباحثا اسان درويشن جي روايتن موجب نيڪ نه هوندا آهن. ذهن ملن نه ملن ته چا ٿيو، دليون ته هڪ هئڻ کپن هتي اسين قرب وڌائڻ اچون ٿا نه ڪي انتشار ڦهلائڻ. هم ڪلامي دوران اها گفتگو رسمي رواجي ڳالهين سان شروع ٿئي ٿي. اختلافي راءِ جي بنياد تي جهيڙو، اٽبٽت، تڪراري ڳالهين تي بحث شروع اهو بحث جلدي جهيڙي ۾ تبديل ٿيو وڃي. ڏسندي ڏسندي هڪٻئي کي وڙهڻ لاءِ للڪارڻ کان پوءِ لٺ لڳي وڃي ٿي، پوءِ ان ملاڪڙي ۾ سڀ ڏوڙ ٿي وڃي ٿو. اهو تنازعو گهڻو ڪري مذهبي ڳالهين تي بحث دوران ٿئي ٿو. محمد حسين قادري ڪٽر شيعو آهي اچڻ شرط يا علي مدد ڪندو، علي الله، علي وارث چوندو ته دراني صاحب ۽ هن جو بحث شروع ٿنهنڪري مذهبي بحثن کان پرهيز ڪئي وڃي. انهن مذهبن ته ماڻهو مڃيا آهن. غير جانبداري کان ڪم وٺڻ کپي، ماڻهو کي ڪليل ذهن ۽ صاف دل جو مالڪ هئڻ کپي پرسنل دوستيءَ ۾ اها ڦوٽ نه هئڻ کپي. بيشڪ حرڪت ۾ برڪت آ، اها ويڌن، حرڪت يا انجواءِمينٽ ڪڏهن ٿيڻ کپي روز روز نه، قصور وار تي ڪو ڏنڊ ڏوهه مقرر ڪيو وڃي يا ته هو ڏنڊ ڀريندو ياوري ڀڃي جان ڇڏائيندو، ڪجهه ڏينهن ڪچهري مان پاڻ مرادو خارج ٿي. وري موٽي ايندو. صلهنامو تيار ڪري اتي جو اتي ختم ٿيڻ کپي. هتي ته ”جڏل به جهان خان جي ته فيصلو به جهان خان جو“ واري ڪار آهي.

هن جي پُڇاڻي

۽ جڏهن اسين هتي ويهڻ لڳندا آهيون ته وقت ڊوڙڻ لڳندو آهي. هي وقت راڪيٽ کان به تکڙو هلندو آهي، اڃان ڪچهري جو پيٽ ئي نه ڀربو آهي. اڃان ڳالهين جو دور ئي نه ٿيندو آهي ته رات ڏيڍ ڏاري آخري گولي (ڪاوش واري وين، جيڪا قمبر، شهدادڪوٽ تائين اخبارون ۽ سواري کڻي ويندي آهي.) اچي ويندي آهي. اها وين اسان جي گڏجاڻي جي پڇاڻي جو ڪاشن هوندي آهي. پوءِ صفدر صديقي گنڊ وڃائيندو آهي ته ”اٿو ڪلمون پڙيو گاڏي اچي وئي.“ انهيءَ محشر جي مهل سرڪار جي به روانگي جو

Scanned with CamScanner

ٿئيم اچي ويندو آهي ۽ جدائي اچي ڪرڪندي آهي. هڪ ڏينهن اخبارون جي موڪل هئي ان لاءِ شايد وين نہ آئي. اسان وين جي آسري تي ويهي ويهي صبح ڪري ڇڏيو سون. پلاڻ جو حساب چڪائڻ ڪانپوءِ جڏهن پاڪرن جي پيڙ پاڙي ٿيندي آهي تہ محفل برخاست ٿيندي آهي. علي علي. ماشاءَ الله ٿي ويندي آهي. انهي محفل جو اختتام يا خاتمو انهيءَ ڏات ۽ ذات جي رات جو موت پڻ هوندو آهي. وقت ٽاري ٻاڙ پوري ڪيو هر ڪو ڪائي پي ٽاٽ ٿي هليو ويندو آهي. ڪيل ختم پئسا هضم. وڃن وقت پرويز جو ترانو پاڪ سر زمين شادباد هائي هائي حسين آباد ۽ نيو سعيد آباد شروع ٿي ويندو آهي ۽ ماتم پڻ ڪندو آهي تہ "بابا سائين اسان کي اڪيلو يتيم ۽ لاوارث ڪيون ٿا وڃون." تنهن کان پوءِ شهباز دراني گهر وڃي سڪيو ٽيندو آهي تہ اسان بہ پنهنجي گهرن پيڙا ٽيندا آهيون. گهڙي ڪن ڪانپوءِ هي اسپارٽ پڊ پاڻ تي ويران ٿيجي ويندو آهي. چڻ هتي ڪرفيو لڳي ويندو آهي. اها رستي ۾ سطعي گفتگو اها ڪچهري دل تي پنهنجا نقش چٽيندي آهي. اهي چٽل ۽ اڪريل نقش تاريخ ٿيجي ويندا آهن ۽ اهي گهڙيون امر ٿيجي ويندیون آهن.

هن کي ڇڏي اچڻ جو آزار

هتي ايندڙ اهي وڏيون فلمون اچي اسان لاءِ ڏچو ٿيون پيدا ڪن. اچڻ وقت ڪو نہ ڪو هنن بلائڻ کي هتي اسان وٽ ڦٽي تہ ڪيو وڃي. وڃڻ وقت اهي اسان جي ڳچي ۾ شهباز دراني کي روزانو حسين آباد ڇڏي اچڻ جي بيگر وڏو آزار آهي. "سائين تو سائين پر سائين ڪا ڪتا بہ سائين". هنن هنهي لامن (لام تي زور) عقيل ۽ وڪيل کي اسان کان بہ پليون موترسائيڪلون آهن. پر اهي مروان گهران ڪٽي نہ ٿا اچن. هڪ تہ انهن ۾ پيٽرول پوي ٿو جنهن تي خرچ اچي ٿو. اهو ڪير وڃرائي. ٻيو تہ ڪو ڦرو ڦري نہ وڃي پراڻي ڳالهہ آهي ان ڇڏي اچڻ جي چڪر ۾ ڊاڪٽر احمد علي ڦڪيو. پنهنجي يار ڊاڪٽر مرتضيٰ ڪوسو کي چيو "هن يار منصور قادر کي گهر ويندي مهل رستي ۾ انور ولاز ڇڏيندو وڃ" منصور قادر جو تہ ڪم ٿي ويو پر هن يار ڪوسي جا ڪم لاهي ويا موٽ تي ڦرن اچي اڳ جليس "ڇڏائي گاڏي مان هٽ ڪڍ." هن ڪوسي مڙس آتي ڪوسڪي پئي ڏيکاري ڏري گهٽ سر پئي ويس. مرشد ضرور هوس جو زنده سلامت گهر پهتو. اهو ڏينهن اهو شينهن همران وري اسان ڏانهن منهن ئي نہ ڪيو. تہ بہ منصور قادر اڃان نہ پيو مڙي. اڃان بہ ڪيس ڇڏي اچڻ جو مسئلو آهي. نوشين شيخ کي قاسم آباد ۽ رفيق عيسائي کي پڪوڙا اسٽاپ ڇڏڻ. عقيل قريشي کي واپڊا ڪالوني. وڪيل منگريو کي ٽڪ پنڌ ٿي چرين جي اسپتال ڇڏڻ. مطلب تہ هنن سمورن پڙهيلن کي گهر ٿائين ڇڏي اچڻ روز جو معمول آهي. "ٽڪ بہ ڪڏڙي جي تہ ڳلي بہ ڪڏڙي جي" گاڏي بہ اسان جي تہ پيٽرول بہ اسان جو هنن کي مجال آ جو شرم بہ اچي تہ اڄ ڪٿي پيٽرول وجهايون. مون کي جهڪڏهن ڪو چوندو آهي تہ "ڇڏي اچ" تہ مان ڪيس چوندو آهيان.

Scanned with CamScanner

”ڳاڻ مراني ڪا شوق ھي تہ لنڊ اپني ساٿ رکو“ شهباز دراني کي ماشاءَ الله پٽ، پوٽا، ڏوٽا آھن. سيني کي پنھنجون ذاتي گاڏيون آھن. اھي سڌورا آھن جي ڇٽي اکي ۾ بہ آھي، شهباز دراني کي ڇڏڻ ايندا آھن تہ آخر تائين ويٺا بہ ھوندا آھن. ويچارا ويھي ويھي سڪ تي ويندا آھن تہ بہ ڪجھندا ناھين. وڏن جي محفل ۾ ھنن جو ويھڻ مناسب بہ ناھي، پيو تہ ھنن جي پنھنجي بہ ذاتي لائيف آھي. ھنن کي ائين ويٺي ويٺي ٻور ٿيندي ڏسي پرويز بشني چوندو آھي ”پٽ تو ھان ھلو، محفل الائي ڪڏھن کٽي بابا کي مان پاڻ ڇڏي ايندس.“ پوءِ ھي بشني ھنن کي پڇائي ”پاڻ بہ ڪسڪي ويندو آھي. پوءِ اھا قلم علي اُچڻ ۽ منھنجي ڳچيءَ ۾ پوندي آھي. علي جنھن کي مان علي تون سنڌي آن“ چوندو آھيان. اھو علي ويچارو سواري ڊوئي ڊوئي بيگر ڏئي ڏئي بيزار تي پيو تہ بہ نانءُ نيڪي نہ ٿيس پڇاڻي پڇي جان ڇڏايائين. ڪي اھڙا آغا ثناءَ الله جھڙا خان خان آيا. ڪن سياڻن تہ ائين ڪيو جو پنھنجو گاڏيون گھر ڇڏي پاڻ بہ پنڌ اچڻ لڳا. ڪن تہ مور ڳو اچڻ کان ئي توبہ ڪئي. شهباز دراني کي روز اڌ رات جو حسين آباد ڇڏي واپسي ۾ زنده سلامت موٽي اچڻ ڪنھن معجزي کان گھٽ ڪو نہ ھو. جي ناڪي کان اچان تہ ڦورو منھن ۾ جي عيدگاھہ کان اچان تہ پٺاڻ ڳوٺ جا پٺاڻڪا خون خوار ڪتا. منھنجي ڪڍ لڳن ھڪڙن پٺاڻن جي ڪتن جي حد پوري ٿي تہ ٻين ماڇين جي ڪتن جي حد شروع ٿي. ڪلمہ پڙھندو گھر پھچان. ھڪ ڏينھن اٽڪل ڪيم تڏھن وڃي منھنجي بہ جان ڇٽي. ھڪ ڏينھن مان ڪيس ڪوڙ ھڻندي چيم ”دراني صاحب رات جڏھن مان اوھان کي ڇڏي پئي آيس تہ اوھان جا پاڙي ۾ ھڪ وڏي مڇن واري ھمراه روڪي پڇو تہ ”ڇا شهباز دراني بہ پنج منٽ پوئتي آھي ڇا؟“ اھو ٻڌي دراني صاحب صفا ٽپي باھہ ٿي ويو. لعنت ھجس، ڪھڙو آھي، ھڪ دفعو مونکي ھلي ڏيکار حسين آباد تہ ڇا مان حيدر آباد مان نہ لڏياسين تہ منھنجو نالو بہ شهباز دراني ناھي.“ مون ڪيس چيو ”ٽڏو ٿي ان ويچاري جو ڏوھہ ئي ناھي اوھان مون جھڙي بدنام شخصيت سان اڌ اڌ رات جو موٽرسائيڪل تي پويان ويھي جھلي ڦرندا تہ ماڻھو تہ ائين سمجھندا، ڪيترن کي لاڏائيندو. مون سان ويھو ٿا تہ بدنامي بہ برداشت ڪيو. گندي پاڻي مان گذري ماڻھو ڇنڊڻ کان بچي نٿو سگھي.“ اھو ڏينھن اھو شينھن وري مولائي مونکي نہ چيو ”ڇڏي اچ.“ ڪڏھن ٽپائڻ لاءِ چوانس ”بابا مان آھيان نہ ڇڏي ٿو اچان“ چوي ”نہ بابا نہ تو سان ويھڻ معنيٰ خواري“ ھاڻ لاچار سئو روپيا رڪشا جا ڀري ويندو آھي. ھڪ ڏينھن دير ٿي پوڻ ۾ دراني صاحب کي چيو ”بابا جلدي ڪيو اٿو ھي ميت واري گاڏي خالي خالي حسين آباد پھچي وڃي ڊرائيور خاصخيلي آھي. منٽ ڪئي الماس تہ ”مائٽ جي وڃي تہ ھن لاش کي بہ اڪيلي ڪڍو درياھہ ۾ لوڙھي اچجانءِ نيڪي جو ڪم آھي ثواب ٿيندي“. لعنت ڏيندي چيائين ”وڏو ڪو ڪنجر آھين.“ ”بلا بابا ھئين ٿا ڪريون مان لاليءَ کي لغام وجھي گھوڙو ٿو ڪريان. اوھان گھوڙي تي چڙھي لغام جھليو مان گھوڙي کي

Scanned with CamScanner

ڳچي ۾ مرچ ٿو وجها. چڙيو پلا. مون وارو گيس جو سلينڊر وجھو ڳچي ۾ مان هيٺان نيلي ٿو ڏيانس آڏامندا ويندا باز وانگر، هونهن به اوهان شهباز آيو. باز يا شهباز کي آڏامڻ کپي، باز موٽرسائيڪل يا رڪشا ۾ ٿورئي ويهندو آهي. آغا هي وٽ 200 روپيا. اج ته بابا کي مان چڙي ٿو اچان صبح جمعو آهي تون ڪباڙا مارڪيٽ ۾ ريڙهي تان بابا لاءِ پناڻ کان ڦيٽن وارو بوٽ وٺي اچجان اُهي بابا کي پارائي هتان دکو ڏئي چڙيندا سون حسين آباد هتان پري ڪونهي يا سڌو گهر هوندا يا سڌو اسپتال پوءِ اهو روز روز جو چڙي اچڻ وارو ڪروڊ ئي ختم ٿيندو.“ هاڻ هن عظيم شخصيت شهباز دراني جي تعريف تڪميل تي پهتي. آخر ۾ مان فقط هي جملو لکي قصو تمام ڪريان ٿو ته هي هاڻي پراڻي سکي جان صرف عجائب گهر ۾ رکڻ لائق وڃي رهيو آهي.

محترم منظور ڪباڙي

هي جڏهن پنهنجو سهڻو پوٽ اسان ڏي ڪٽي ايندو آهي ته اسان سمجهي ويندا آهيون ته جاڻ نحوست اچڻ واري آهي، هي ڪباڙڪو ڏنڌو ڪندو آهي. هي سوٽ ۾ بيلٽ بجاءِ اڳٽ وجهي ايندو آهي. هن جي آمدني ايتري ڪونهي جو هي ويچارو شادي ڪري ٻار پالي سگهي، ان ڪري هي سڄي ڄمار ڪنوارو رهيو. جڏهن اسان جي ٽاڪ تي اچا محترم شهباز دراني نئون نئون اچڻ شروع ڪيو ته هي به اوچتو نازل ٿيو ۽ بنا هٿ ملائڻ جي چپ چاپ اچي شهباز دراني جي پير ۾ ويهي رهيو. (وڏي ماڻهو ڪي غريب جو هٿ هوڻ ۽ به ميرو لڳندو آهي) هڪ ڪارو هيو ڪاٺو ٿيون غريب حال، هڪ مشڪوڪ ۽ شڪي ماڻهو کي پنهنجي پير ۾ ويٺل ڏسي شهباز دراني مونکي سڌي ڪن ۾ پڇو ”هي سوڪڙي ڪير آهي.“ مون کيس کي چيو ته ”مفت جي ماني کائڻ جو ورلڊ رڪارڊ قائم ڪندڙ هي منظور ڪباڙي آهي هن کي اوهان جي نتا سڃاڻو ته پوءِ اوهانجو ڄمڻ ئي فضول آهي، هي اونداهي اوهانجو متوالو آهي هن جي خصوصيت اها آهي ته هي پتڙي تي بنا ٽڪ بنا پئسي ۽ بنا ٽڪيٽ تي پهائيندو آهي. هن جي ڪاري ڳئي ۽ ريلوي جي ڪاري انجڻ پاڻ ۾ سوٽ ماسات آهن، هي اسان اوهان لاءِ بنا پئسن تي نوڪر ڪرسيون ڪٽي اچڻ، ٽيبل صاف ڪرڻ ۽ چانهه وغيره آڻڻ لاءِ رکيو آهي، دراني صاحب به سچ سمجهيو ڪيس سڌي ڪيسي مان پئسا ۽ سگريٽ جو خالي پاڪيٽ ڪڍي ڏيندي چئينس ته سامهون واري ڪيبن تان هي پاڪيٽ ۽ لائيٽر وٺي آ ۽ مون کيس کي چيو باقي پئسا جي بچن ته تون پڙوت جا سمجهي ڪٽي چڙ جان. ويچاري منظور ڪباڙي منهنجي اکين ۾ ڏنو ۽ سگريٽ ڏئي جلدي کسڪي ويو. ائين دراني هن کي ڊوڙائي ڊوڙائي هن جي ماءُ پهي چڙي آخر مولائي پڇي جان چڙائي.

فلم اسٽار نوشين شيخ

اسان جي هن اسپارٽ تي ڪڏهن ڪڏهن تي وي آرٽسٽ فريده سهتو، جهڙي مصيبت، شامت، آفت ۽ بلا به ايندي آهي. ماشاءَ الله هي جيتري صحت مند آهي. او ترو

Scanned with CamScanner

سندس مڙس بشير سهتو ڪمزور آهي. مان جسماني ڪمزوري جي ڳالهہ پيو ڪريان. مرداني ڪمزوري جي خبر تہ سندس زال کي هوندي. پنهنجو اجان واسطو ڪو نہ پيو آ. هي نو والن جي شلوار لڳندي آ، تہ سندس مڙس اڱٺ وجٽي. پاڻ فريده سهتو جو سانچو يا غنچو بعد ۾ بيان ڪنداسون، هتي فلحال پاڻ تي وي آرٽسٽ نوشين شيخ جي ڳالهہ ڪنداسون. منهنجي جنم جي شهر شڪارپور جي هي نيڪ نمازڻ شيخياڻي جيڪا مها ڪوي شيخ اياز جي مائيتاڻي پڻ آهي. اڄڪلهہ قاسم آباد، حيدر آباد ۾ رهي ٿي. هي ٻئي فريدي سهتو ۽ نوشين شيخ وڪيل منگريو جا پلاٽ آهن ۽ شهباز دراني سان واسطيداري ڪري هٿ اچن ٿيون. اهو عجيب اتفاق آهي تہ جڏهن فريدي سهتو مڙس ۽ نڻدڙي ڏيءَ سوڌو اچي ٿي تہ نوشين شيخ هتي اڳ ئي ويٺل هجي ٿي ۽ جڏهن فريده سهتو اچي ٿي تہ هي بہ الائي ڪٿان اچي نازل ٿئي ٿي. هي ٻئي پاڻ ۾ اصل نہ ٺهن ڇڻ هڪٻئي جون پهاج هجن. هي جڏهن هٿ اچن ٿيون تہ هنن جو جهيڙو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ان ۾ اسان جو ڪجهہ نہ وڃي. منهنجو هي ٽاڪ نوشين جو خوش خانو بہ آهي. اچڻ شرط شهباز دراني ۽ وڪيل منگريو کي ڏوراپو ڏيندي چوندي آهي. ”ڇو ڀلا مون کي وساري ڇڏيو اٿوَ مون ڏي لڙي بہ نٿا اچو.“ هي اچي ٿي تہ چمڪ ڏم هٽي اچي ٿي. هن جي اچڻ تي دراني صاحب قربان قربان پيو ويندو آهي ”ڇا ڪائيندين ڇا پيئندين؟“ جئين سڪيلڌي کي پٽ ڄائو چمين سان ماري ڇڏين. ائين شهباز دراني نوشين کي ڪارائي ڪارائي ماريندو آهي. پيٽ فل ٿيڻ جي باوجود بہ نوشين کي اڌ رات جو بک اچي لڳندي آهي. تنهن لاءِ هي هڪ اندو آمليٽ، هڪ هاف فرائي، ٻہ رول، ٻہ ٽي شامي ڪباب ٻہ ڪن سينڊوچ ٻہ پراٺا، ڊبل روٽي، بسڪوٽن جو پاڪيٽ، ٻہ ٽي ڪيڪ پيس پاپن جي ٿيهلي، نمڪو ۽ 30 روپين ڪن جا ڪاچا بہ گهر پارسل ڪري ڪٽي ويندي آهي. ڇا ڪري ويچاري مولائڻ، فليٽ ۾ اڪيلي جو رهندي آهي. نوشين کي ڇڏي اچڻ ڪانپوءِ پرويز ٻشني، دراني صاحب کي ٽپائيندي چوندو آهي. ”بابا ڇا نوشين اوهان سان ڪاليج ۾ گڏ پڙهي آهي جو اوهان هن جي ايڏي خدمت ٿا ڪريو. ڪٿي عشق بشق مشق جو چڪر تہ ناهي.“ بابا زبان ٻاهر ڪڍي ٻنهي ڪنن کي جهلي توبہ توبہ ڪندي چوندو آهي تہ ”اسان پٺاڻ آهيون، پٺاڻ پرائي ننگ ۾ نظر نہ وجهندا آهن.“ پرويز خاصخيلي جي شادي مون ڪرائي هئي بنگالين مان، زال چنگڙي هئس پر هن ۾ حال نہ هو. ڇڏي ٻيجي ويس هاٽي وري ٻي شادي جو شوق جاڳيو اٿس، سڄو ڏينهن ”سيو هاٽي لال ڏي ڪا زال“ ڪندو ٿو وتي. جيڪا ٿو رَنَ ڏسي چوي ٿو ”اها هڙايو (پرٽايو)“. نوشين شيخ بہ ڪنواري آهي. هن همراه جي ان تي بہ نظر آهي، هن هڪ ڏينهن وجهہ وٺي دراني صاحب کي چيائين ”سڄو ڏينهن پرايون رنون ٿو تڪيندو وٽان هاڻ منهنجي بہ شادي ڪرايو. ڪٿي قسم ڪٽڻ جهڙا تہ ٿينداسون تہ هي ڳاڙهي ڪنوار دراني بابا هٿ ڪري ڏني آهي. بابا اهڙي ڪا نوشين جهڙي ولائتي مال اسان کي بہ هٿ ڪري ڏيو تہ وڃي جهان ڪري اوهان کي دعا

Scanned with CamScanner

ڪريون" دراني صاحب ڪاوڙ ۾ ٽهي باهه ٿي ويو "اڙ لوسي مان ڪو پڙوو آهيان ڇا؟" ٻڍا پڙوي پڙوي جي ڳالهه ناهي، ٻچا آهيون ٻچن لاءِ به ڪو سک نه ڪندو ڇا. تنها هونئن به رهي ٿي مون ڇڙي ڇانگ لاءِ به ٽڪاڻو ٿي پوندو. گراهه به وات ۾ مان پاڻ وجهندو سانس، هتي به ويلي هوندي اوهان سان وسنوَ ڪري. ديگڙو دم تي آهي. ڪو رسو ڪوليو ته ڪا دل جي باهه هلڪي ٿي. باقي ائين ڪنواري وني هوندي ته اڏهي کائي ويندس."

تصديق نامو

عمر گذري وئي حسين جيان، جو به مٽي ۾ لڳو يذيذ ئي لڳو (وفا). مونکي رڳو يذيذيت ٽپايو آهي. ڪنيم ته دوستي جي ڪوليم ته دشمني نڪتي، دنيا منافقن سان ڀري پئي آهي. دوستيءَ ۾ مان زماني جا بي حد عجيب رنگ ڏٺا. چريا به ٿياسين يار به ڪياسين، مندون بدلجي ونديون آهن ته دوست به بدلجي ويندا آهن، هن پر سڪون ماحول ۾ جڏهن سڪون ۾ خلل پيو ته، مان هن اسپارٽ مان هٿ ڪڍيا، اڇڻ وڃڻ ٻئي گهوريا، مان پويان مُڙي نه آهيان ڏسندو. مان پيهر موتي ساڳين رستن ۽ ماڳن تي نه آهيان ايندو. بحرحال مونکي هتي هئڻ ته نه ڪپي ها. سنگت کان سواءِ بيقراري ناخوشي صحبت کان دور رهي به ته نتو سگهجي. ائين منهنجو دم پيو گهٽبو هو. "مان انهي مرڪز ۾ رهندس ته طوفان جو مرڪز بڻجي ويندس. طوفان منهنجي چوڌاري رانيات ڪندو رهندو ۽ آخر گذري ويندو." هاڻ هنن جو به ٽئي بلو. مونکي دوستن جي پَرَ ۾ دشمنن جو ڏر آهي. جڏهن دوست ڦري منافق ٿي اکيون ڦيري ڇڏين ته انهن کان بچڻ کپي. گڏ جئيندي ڪائيندي به هڪٻئي سان سچا نه آهن. جن دوستن لاءِ مون زندگي ڏيان ڪئي، پنهنجو مستقبل خراب ڪيو ۽ پنهنجي هستي وڃائي، تن دوستن منهنجو قدر نه ڪيو. هتي رهي مون پنهنجي Energay ضايع ڪئي. مان جتي ڇڏي ۽ شرت ۾ به آيس، مان جيڪو بيماري ۾ به پاڻ ڪٽائي ايندو هوس. هنن مون سان ڇگا پير نه پاتا، هنن مان مونکي ڪڏهن به فيض نه رسيو. "ٻيرن کان ٻير گهرڻ اجايو آهي." "ڪاون کي پيلا هجن ها ته اڏامندي ڏسجن ها." گدڙ کي ڪهڙي طاقت جو گهر جو ڪڪڙ چورائي، ڏوهه ناهي گدڙ جو پنهنجي گهر جا ڪتا ڀاڙيا هئا. هي تماشو ڏسندڙ هن بابت هڪ لفظ به نه ڪهيا چڻ هنن جا وات سبيل هئا. مون خلاف نفرت ورثي ۾ ڪٽي ايندڙ مونکي ڏسي حسد کان پاڻ پٽيندڙ منهنجا هتي ويهندڙ اڪثر دوست انهيءَ مزاج جا آهن. پلي مان به ڪجهه ساهي پٽي وٺان، ائين هنن جي دل جي باهه ٿڌي ٿي. اها پهرين بنيادي دشمني هئي جا پوءِ اڳتي هلي. "درياءَ کي اڪرڻ جي لاءِ ٻيڙي جي گهرج هوندي آهي پر هڪ گهڙي اهڙي به ايندي آهي جڏهن اوهان کي ٻيڙي مان ٻاهر اڇٽو پوندو آهي." دوستيءَ ۾ ڏڪار وارو ورتاءُ نه هئڻ کپي. دوستي ۾ نامنظور يا نانقبول ڪو به نه هئڻ کپي. دوستي ۾ هڪ لاءِ سڀ ۽ سڀ لاءِ هڪ اصول هئڻ کپي. پنهنجي سائين جو قدر ڪرڻ کپي. ڳالهه

Scanned with CamScanner

ڪاڏي جي ڪاڏي وڃي پهتي. هاڻ قصي کي ڪتائڻ گهرجي، هڪ فضول ڳالهه تان هوٽل واري ”پناڻ گل خان“ سان جهڳڙو ٿي پيو. هونئن ته اهو منهنجي زندگيءَ جو تمام ننڍڙو واقعو هو، پر منهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو مثال مشڪل ملندو. هونئن ته هلڪو ڦلڪو ٽڪ بجي وارو ڪم مان پاڻ ڪندو آهيان. پر هتي ويل ٿي ويو. منهنجي سڄي سنگت پاڙي نڪتي. اها جرئت ۽ گستاخي ان لاءِ ڪري رهيو آهيان ته جئين هنن کي ڪجهه احساس ٿئي. ڪا ڳڙ ٻڙ ضرور هئي. اهو لال بيگ ”گل خان“ ديدا دليري سان ڪلم ڪليو دشمن ٿي بيٺو. هن جي مونکي جيڪا رپورٽ هئي ته هن کي گڏي ڏئي مون خلاف ڀڙڪايو ويو هو. مونکي سڀ خبرون هيون، اها پوري پلاننگ ۽ باقاعده طئي شدا سازش هئي نه ته مونکي ته ڪو منجهائي ڏيکاري. هي اسپارٽ ته چا هي سچو هوائون جو شهر حيدر آباد منهنجو آهي، اڄ تائين ڪو مائي جو لال پيدا ئي نه ٿيو آهي، جيڪو منهنجي بي عزتي ڪري پنهنجي عزت بچائي سگهي يا مونکي منهنجي شهر ۾ منهنجي پاڙي ۾ مونکي ڪٽي به ويهڻ کان روڪي سگهي. ”جهي به جهان خان ته فيصلو به جهان خان ڪري.“ آخر هن پناڻن جي وڏي خيرخواهه محترم شهباز دراني هن پناڻ جي چُرچ تي فيصلو ڪيو ۽ پنهنجي اصليت ڏيکاري. ”ماءُ مري ڏيءُ لاءِ ڏيءُ مري لن لاءِ“ اسان مئاسون دراني صاحب لاءِ ۽ هو ٿو مري پناڻن ڪاڻ“ مان سچو رمضان هن اسپارٽ تان جلاوطن رهيس ۽ اڇي ڪدڙن وارو هيرو چوڪ وسايو، تن ڏينهن ۾ مونکي اڇي چيله ۾ سور پوڻ لڳو، جيڪو هاڻ ڪڏهن ڪڏهن پوندو آهي. ان پناڻ جي جاسوس ۽ پاڙي سنگت جي خابرو پرويز بشني جي اها ڊيوٽي هئي ته اهو حال معلوم ڪرڻ اچي ته منهنجو حال ڇا آهي. اصل ۾ ڳالهه هي هئي ته مون واري سنگت هن شهباز دراني مان نجات ۽ ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ پئي چاهيو، هي پاڻ وٽائو پرپٽ هن جي ماءُ پيڻ هڪ ڪندا هئا ۽ روبرو ائين فيلنگ ڏيندا هئا ڇڻ هي هن جا وڏا خيرخواهه آهن. هي اينلو هو ته مونکي چوندا هئا. ”دفع ڪرينس،“ پر مان ته ڪيس دل سان عزت ڏيندو هئس. هي هتي ويهي وقت گذاريندڙ ڪاهل وجود هاٽي ڪاڏي وڃي، هي وڏي عمر وارا به صفا چوت هوندا آهن، ڳالهه کي سمجهندا نه آهن، هروڀرو پيا بحث ڪندا آهن، جهڳڙي ۾ ڪرسيون ٽٽيون، هوٽل کان ٻاهر ڪرسيون رکڻ واري ڪهاڻي ختم. مان اسپارٽ کان آئوٽ، پويان شهباز دراني کي اها عزت نه ملي ته هن هتي اچڻ ڇڏي ڏنو ۽ ائين انهن سازشين جي سازش ڪامياب وئي ۽ هن جنجال مان جان ڇٽي، هي هنن لاءِ وڏو آزار هو. اهي چند ڏينهن مون لاءِ عارضي طور تي ڏاڍي ڏکي صورتحال ۾ گذريا، بس مان رڳو پختو ٿيس ۽ مون وٽ صبر جو اڻ کٽ خزانو هو، قدرت هر هنڌ ساز باز رهي ڪاٽ هٽندڙ دوستن جي انهيءَ تڏا ويڙهه ڪانپوءِ منهنجو دم گهٽجڻ لڳو. مان پنهنجي ڦوت عمل کي ڪنهن ٻي رستي تي مشغول ڪرڻ ٿي گهريو، مان ڪنهن ڏار هنڌ تي وڃي سڪون حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. انهيءَ سڄي ماندائڻ کان بي خبر مان هجو من ۾ هوندي به پاڻ سان گڏ هوندو هوس، مان صرف پاڻ ۾ ئي رهڻ ٿي چاهيو، مونکي بي سري ماحول

۾ مونجهه ٿيڻ لڳي پر اهي نئين نئين محبت جي ماڻدائن جا سڏڙيا جن کي لئين محبت جي ميخ لڳل هئي، مون ڏانهن هر هر اچڻ کاڻ تڙپندا رهيا، پوءِ اهو سڪ جو اثر هو جو مان هتان جون محبتون ميڙي دل تي رکي ڇڏيون. منهنجي هي ڪچهري ساڻ سان آهي، مان هجوم ۾ پنهنجي حيثيت جو مقام ماٺي وٺندو آهيان، مان جڏهن چاهيان ته هر مجلس جي پسند بڻجي سگهان ٿو، مان هن نئين سنگت جي وهه وَتي مان سُرڪ پريو ته نينهن جا نشا چڙهڻ لڳا، وري موسمون بلديون ته ماندائا ٿيا. محبت جا مينهن وسيا. وري محفلون مچنديون رهيون، وري ميلا لڳندا رهيا. ائين مجلس وري هميشه ٻهڪندي رهي. پراڻي ڪچهري ۽ محفل کي ڏانوا ڏول ڪندڙ، مذاق چرچن ۽ پوڳن جي پينگ ڪندڙ، هي دغا بازباغي، هتي ته چا پر ڪٿي به پنهنجو وجود ڳوليندا ته به هنن کي نه ليندو.

محفل نه رهي

محفل نه رهي، ساقي نه رهيا، پيالا نه رهيا، پياسي نه رهيا.

اي شمع سر، چارات اُها گذري به وئي، گذري به وئي (شيخ اياز)

پکي هاڻي نه ٿا اچن هوائون انهن کي آڏين ٿيون، اسان جي هن معمول واري محفل مان تمام دوست هڪ هڪ ڪري پاڻ مرادو غائب ٿي ويا. انهن سيني جي شروعات ته سني هئي، پر پوءِ هي سڀ وکري ويا ۽ هڪ مڪمل نئين هنڌ جا ماٺهو اچڻ شروع ٿي ويا. نئين ايندڙ دوستن جو اضافو نوان دوست اوپرا چهرا، نئون ماحول، هي منهنجو گهوڙن جو طنبيلو ته ساڳيو هو، پر منهنجا سمورا گهوڙا متجي ويا. هن حويلي جا نوڪر چاڪر بانها ۽ رکوالا ته ساڳيا هئا، پر مالڪ متجي ويا. باقي ته سڀ ڪجهه ساڳيو هو.

رونا ليليٰ

ڍاڪا ۾ ڪرڪيٽ ”ورلڊ ڪپ 2011ع“ جي افتتاحي تقريب ۾ دنيا کي جهومائي ڇڏيندڙ، بنگالي گلوڪاره جنهن جو تعلق هاڻ بنگلا ديش سان آهي. جا اڳ سنڌ جي مشهور گلوڪاره هئي. رونا ليليٰ تقريب ۾ سنڌ سان محبت جو اظهار ڪندي، ”لعل ميري پت رکيو ڀلا جهولي لالڻ، سنڌڙي دا، سيوهڻ دا، شهباز قلندر،“ واري ڌمال ڳائي ٻڌندڙن کي وجد طاري ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن رونا ليليٰ دنيا آڏو قلندر جي ڌمال ڳائي رهي هئي ته سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هن جو سنڌ سان دريا جهڙو رشتو هو. هن سنڌ کي ڳائي سنڌ ڌرتيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، اڄ سنڌ جو نئون نسل سنڌي ٻولي جي هن من موهيندڙ آواز واري فنڪاره کي سڃاڻي به گهٽ ٿو، رونا ليليٰ سنڌي سنگيت ۽ سنڌي ٻولي جي وڏي خدمت ڪئي، هو اڄ پاڪستان ۾ موجود نه آهي، پر سنڌي موسيقي لاءِ سندس خدمتون بي مثال ۽ لازوال آهن، رونا ليليٰ پاڪستان ته ٺهير ننڍي کنڊ جي عظيم گلوڪاره آهي، جنهن کي موسيقي جا متوالا اڄ به وڏي چاهه سان ٻڌندا آهن. سنڌ به هن سان مسيحا جهڙي محبت ڪئي، گڏيل پاڪستان جي مشهور معروف فنڪاره رونا ليليٰ 1951ع ڌاري اڳوڻي مشرقي پاڪستان ۾ سيد امداد علي

Scanned with CamScanner

جي گهر ۾ جنم ورتو، سندس هڪ ڀيڻ دينا ليليٰ، جا پڻ ڳائيندي هئي، سان مخدوم محمد زمان ”طالب المولیٰ“ جي ننهن هئي. شايد مخدوم امين فهيم جي گهرواري هئي، جنهن مان شايد ڪيس هڪ پٽ نجيب به آهي. ”نڪ نجيب جو سهڻو، سهڻو، سهڻل جا سينگار واه واه دل کي وڻن ٿا.“ رونا ليليٰ راڳ ۽ موسيقي جي تعليم استاد عبدالقادر پيارلگ کان حاصل ڪئي. بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ، رونا ليليٰ جو من موهيندڙ آواز سنڌي فلمن لاءِ لازم سمجهيو ويندو هو. سنڌي فلمون سندس ڳايل گانن جي ڪري ئي هٽ ويندیون هيون. رونا ليليٰ سنڌي، اردو، بنگالي، سرائيڪي، پنجابي ۽ بلوچي ۾ به ڪيئي گيت ڳايا. پر سندس اصل سڃاڻپ سنڌي فلمي گيت آهن. سندس سنڌي گيتن ۾ ”منهنجا سائين سنڌي ٽوپي وارا“ ”ڪئين پرچايان تو کي“ ”لڳايم نيهن جو ناتو“ ”هڪ مٺڙو الا منهنجو مٺڙو“ ”چور چور منهنجي دل جو چور“ ”منهنجي اڱڻ تي آيا“ ۽ ”اڱڻ ٻهاريان، تنهنجيون واٽون نهاريان“ جهڙا ڪامياب گيت شامل آهن. رونا ليليٰ اردو فلمن ۾ به ڪافي گيت ڳايا جن ۾ ”ڪاٽي نه ڪٽتي ري“ ”تو هي بتا پڳلي پون“ ”دنوا دنوا ۾ گنو“ ”واعدي ڪرڪي صنم تو نه آئي“ ”همين ڪوڪر بهت پڇتائو گي“ جهڙا سدا بهار گيت شامل آهن. رونا ليليٰ گهڻو وقت پاڪستان خاص ڪري (سنڌ) ۾ رهي. اُهي انمول گهڙيون جيڪي هن مرڪندڙ، ٽهڪندڙ ڇهري سنڌ جي چاهه ۾ گهاريون تن جي مهرباني.

سيد سليمان شاهه

1933ع ڏاري جاتي جي ننڍڙي ڳوٺ ”تڙ خواجه“ ۾ جنم وٺندڙ عبدالله شاهه بخاري جو هي پٽ سيد سليمان شاهه ٻلورو ۾ ننڍو ٿي وڏو ٿيو. جو سنڌ جو البيلو فنڪار هو، جو 18 آگسٽ 1996ع ۾ 63 بهارون ماڻي، اوچتو دل جي دوري سبب اسان کان هميشه هميشه لاءِ موڪلائي ويو. هي سنڌ جو پهريون فنڪار هو، جنهن پهرين سائيڪل ۽ پوءِ موٽرسائيڪل تي ڊرائيور رکيو سو به پورل، بلا شاهه جي ڪلام ”ول ول ڦتل ڪريندا“ ڪيس شهرت جي بلندين تي پهچايو. سنڌ ۾ بهترين فنڪار طور ڀلائي ميرائيندڙ، هي سيد جو ٻار، جڏهن پيرن ۾ ڇير ٻڌي جهمريون پائي نچندو هو ته، عوام به مست ٿي جهومڻ ۽ نچڻ لڳندي هئي. هر هڪ بدن ۾ ڇير ڇمڪندي هئي. هن جي ورڪ وڪ لفظ لفظ ناچ هو. فضائن ۾ هن جا گيت، هن جي پيرن جي ڇير ۽ هن جون ادائون پڻ نچنديون هيون. هن پاڻ سان گڏ وقت جي سربراهن کي پڻ نچايو. هي ڇير ٻڌي ناچ ٻئي سنڌ جي ميلن ملاکڙن ۾ به نچندو هو. هي موسيقار غلام حيدر کي پنهنجو استاد مڃيندو هو. هن ڪٿڪ ڊانس جي سکيا اي بي پرواني کان حاصل ڪئي هئي، هن جو مشهور ليڊر ”ڪولي“ جي نالي سان مشهور هو. هن بلاول ٻيلهجر، فيروزالدين ۽ ايس گل کان پڻ پرايو. هي منڊ ۾ پڪتن سان رهيو، پوءِ هن پنهنجو هڪ الڳ ٽولو ٺاهيو، هن جي شاگردن ۾ ”عاشق مجبور آ“ وارو امير بخش عمراڻي، امير بخش ميراڻي، مولا بخش

مگنھار ۽ ڪارو شيخ شامل هئا. هن هند سنڌ کان سواءِ ڪيترن ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. ڪيس ريڊيو تي امداد خواجہ ۽ ٽي وي تي عبدالڪريم بلوچ پهريون ڀيرو متعارف ڪرايو، هي پهريون ڀيرو بطور ايڪٽر ۽ ڊانسر، ماٺلي واري منهنجي جهڳري يار رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جي پهرين سنڌي فلم جو اعزاز ماڻيندڙ فلم ”ايڪتا“ ۾ ڪم ڪيو تنهن کانپوءِ هن چانڊوڪي، شهرو فيروز ۽ نوري ڄام تماچي ۾ پڻ اداڪاري جا جوهر ڏيکاريا. هن هڪ اردو فلم ”جهڪ گيا آسمان“ جا مڪمل گانا پڻ ڳايا، هي ڪافي عرصو سيناسين سان بہ هليو. هن ٻہ شاديون ڪيون هيون، ڪيس فقط هڪ نياڻي هئي. اڄ بہ سنڌ ۾ هزارين ملوڪ ناچو ڇير ٻڌي نچن ٿا. پر هن جهڙي حيثيت ڪنهن بہ نہ ماڻي آهي. هن جو خال ڪو بہ پري نٿو سگهي. مونکي جيڪڏهن راڳ ڳائڻ اچي ها تہ مان پيرن ۾ ڇير ٻڌي هن جو ڇڏيل خال ضرور پريان ها. 23 مارچ 1961ع تي نيين پور محلا شڪارپور ۾ منهنجي ڇٽي جي جشن ۾ بابا هي سيد جو ٻار سيد سليمان شاهہ گهرايو هو، تڏهن هن ڪي اجا مڇن جي ساول بہ ڪانہ هئي بلڪل لسو هو. سنڌ جي ماڻهن جي نيٽن ۾ پنهنجو عڪس ڇڏي ويندڙ هن البيلي فنڪار کي اڄ بہ سنڌ ياد ٿي ڪري، اجا تنهنجي ڇيرن جا ڇمڪا ڪنن ۾ ٻرن ٿا.

ڀاءُ ڀيڻ: نازيا حسن ۽ ذوهيب حسن

ڪراچي جي جڳ مشهور صنعتڪار بشير حسن ۽ عورتن جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي اڳواڻ منيزه بشير جاهي ڏي پٽ نازيا حسن ۽ ذوهيب حسن جديد موسيقي جي دنيا ۾ تمام وڏو نان رکن ٿا. هي ٻئي ڀاءُ ڀيڻ نہ رڳو ڏاڍا خوبصورت هئا، پر خوبصورت گلوڪار بہ هئا، نازيا ۽ ذوهيب کي مون پهريون ڀيرو 1970ع ڌاري پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان ٻارڙن لاءِ نشر ٿيندڙ موسيقي جي پروگرام سنگ سنگ ۾ ڏٺو، هن پروگرام جو موسيقار سهيل رانا هو. هي ٻئي خوبصورت ڀاءُ ڀيڻ ان وقت تمام ننڍا هئا، ان وقت مان پڻ 9 سالن جو هئس، وري سنگ سنگ جي نالي 1988 ڌري پروڊيوسر شعيب منصور ٻيهر پروگرام شروع ڪيو، جنهن جو ميزبان بہ موسيقار سهيل رانا هئو، هن پروگرام ۾ ذوهيب حسن ۽ نازيا حسن خوب ڳايو، جنهن کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. 3 اپريل 1965ع ڌاري ڪراچي ۾ جنم وٺندڙ هن خوبصورت گلوڪاره نازيا حسن 35 سالن جي ڄمار ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ 13 آگسٽ 2000ع ۾ دم ڏئي حوالي ڪيو. اجا هن جو مڙ پاڪستان آيو نہ هو ۽ نہ ئي هن کي دفنايو ويو هو تہ مون هن جي ياد ۾ لالي پبليڪيشن پاران 16 آگسٽ 2000ع تي سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ حيدرآباد ۾ هڪ يادگار پروگرام نازيا حسن جي ياد ۾ ڪيو جنهن جي صدارت نصير مرزا ڪئي هئي ۽ خاص مهمان مختيار ملڪ هو. جڏهن تہ اعزازي مهمانن ۾ زوار نقوي، آپا نسرين نوري ۽ حميد ڀٽو جن هئا. ان وقت جي سمورن نالي وارن فنڪارن شرڪت ڪئي، پرو گرام جي

آخر ۾ شمن علي ميرالي پڻ نازيا حسن کي پيتا ڏني، مئي پڇاڻان حڪومت پاڪستان پاران اعليٰ سول ايوارڊ ماڻيندڙ نازيا حسن 1981ع ۾ فلم فيئر ايوارڊ (بهترين گلوڪاره جو اعزاز) ماڻي چڪي هئي. لنڊن يونيورسٽيءَ مان بزنس ايڊمنسٽريشن ۾ بيچلر جي ڊگري ماڻيندڙ هن شاگرديائي لنڊن مان ايل ايل بي پڻ ڪئي. نازيا حسن نيويارڪ ۾ اقوام متحده جي هيڊ ڪوارٽر ۾ ٻه سال سياسي ۽ تحفظاتي ڪائونسل ۾ ميمبر رهي ۽ هڪ سال يونيسف هيڊڪوارٽر ۾ پنهنجون خدمتون پڻ انجام ڏيندي رهي. نازيا حسن کي ڀاءُ ذوهيب حسن کان سواءِ هڪ ننڍي ڀيڻ زهره حسن پڻ هئي. نازيا حسن جڏهن اشتياق بيگ سان شادي ڪئي تہ هن کي ان مان هڪ پيارو پٽ آريز پڻ پيدا ٿيو. هي ٻئي ڀاءُ ڀيڻ نازيا ۽ ذوهيب پاڪستان ٽي وي جي اسٽيج ميوزڪ شو ڌنڪ ۾ ميزبان جي حيثيت ۾ ڪافي پسند ڪيا ويا. 1980 ڌاري انڊيا جي مشهور اداڪار ۽ هدايتڪار فيروز خان جي فلم قرباني جو نازيا حسن جي آوزا ۾ رڪارڊ ڪيل گيت ”آپ جيسا ڪوئي ميري زندگي مين آئي تو بات بن جائي“ جنهن هند سنڌ جي هر گلي ۽ هر ڪنڊ ۾ تمام گهڻي پذيرائي ماڻي، انڊين موسيقار ”بدو جي“ جي ميوزڪ البم ڊسڪو ديواني ۾ هنن ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ خوب داد حاصل ڪيو 1981ع ۾ ان البم تمام رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا، پاپ ميوزڪ جي دنيا تي ڇانئجي ويل نازيا حسن ۽ ذوهيب حسن جي جوڙي کي پاڪستان، بنگلاديش، انڊيا، جاپان ۽ روس کان سواءِ آمريڪا ۾ بہ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو UAE جا عرب تہ خوبصورت ذوهيب حسن تي صفا چريا ٿي پيا. ان ڪانپوءِ 1982ع ۾ هن جو ٻيو آلبم بوم بوم، 1984ع ۾ ٽيون آلبم ينگ ترنگ ۽ 1988 ۾ چوٿون البم ڪئميرا ڪئميرا ريليز ٿيو جنهن کي پڻ تمام گهڻو پسند ڪيو ويو. دنيا جي تمام گليمر ميگزين ۾ هنن خوبصورت ڀاءُ ڀيڻ جي جوڙي ٽائيٽل تي جاءِ ويلارڻ لڳي، هڪ ٻئي جي هنج ۾ سمهي تصويرون جو سيڪشن پورو ڪري هڪ پرڏيهي رسائي کي انٽرويو ڏيندي نازيا حسن چيو تہ ”جيڪڏهن ڀاءُ سان نڪاح جائز هجي ها تہ مان ذوهيب جهڙي خوبصورت ڀاءُ کي پنهنجو مڙس ڪيان ها.“ ان انٽرويو کان پوءِ سڄي دنيا جي اسلامي ملڪن ۾ وڏو لڙ ٿي پيو. ڪجهہ وقت هي ڀاءُ ڀيڻ پاڪستان ڇڏي هليا ويا. پاڪستان ٽي وي تي پڻ هنن جي گيتن نشر ڪرڻ تي پابندي لڳي. بدو جي جو پنجون البم ميڊ ان انڊيا تياري ۾ هو تہ نازيا حسن ناچاڪ ٿي پئي جيڪو هي نہ ڪري سگهي، جو پوءِ عليشا چغتائي ڪيو. نازيا حسن سماجي ۽ تعليمي ڪمن ۾ پڻ اڳ ڀري هئي. هن سان منهنجي پهرين ملاقات ننگر پارڪر ۾ ٿي. هي سابقہ وفاقي وزير اطلاعات جاويد جبار سان گڏ ملڪ جي پوئتي پيل علائقي ٿر ۾ ٻارڙن جي تعليم ۽ صحت بابت سماجي خدمتون انجام ڏيڻ لاءِ ننگر پارڪر ۾ ٻانهن ٻيلي تنظيم جي آفيس ۾ آئي هئي، ان آفيس ۾ نازيا ۽ جاويد جبار کان سواءِ مسڪين جهان خان کوسو جو پٽ جئيندو کوسو، ممندس پٽ ولي محمد کوسو، محمد هاشم کوسو، ڏانو ڏانڌل جو گرڌاري لال، ٻانهن ٻيلي

Scanned with CamScanner

تنظيم جي عهديدار ملي پريس ڪلب جا صحافي ۽ مان ۽ مون سان گڏ حسن درس ۽ عرفان مهدي پڻ هئا. هي اسان سان سنڌي ۾ ڳالهائي رهي هئي، مون کيس چيو "اوهان ايتري سٺي سنڌي ڪٿان سکي". هن ٻڌايو ته اها سنڌي ريڊيو پروڊيوسر سميع لنگاه کان سکي آهي،" ۽ ها باقي هن جي خوبصورت پياءُ ذوهيب حسن سان منهنجي اڄ تائين ڪا ملاقات ناهي ٿي.

محترم دانش آرائين

هي پنجتن جو گداگر ۽ ثناءُ گر سنڌي ڪيسٽ ڪلچر جو بهترين شاعر آهي، جنهن کي سنڌ جي تقريبن ننڍي وڏي سيني سنڌي فنڪارن ۽ فنڪارئون خوب ڳايو آهي جنهن کي سڀ کان وڌيڪ سنڌ جي نرالي فنڪار طفيل سنجراڻي ڳايو آهي، دانش آرائين جي مادري زبان سنڌي ناهي، تب هن نيٺ سنڌي ۾ شاعري ڪئي آهي. هن سنڌ ۾ رهندي هن ڌرتي ماءُ جو حق ادا ڪيو آهي. هن جي شاعري مان هن جي عظمت، قابليت ۽ لياقت جو پتو پئجي سگهي ٿو. سندس خداداد صلاحيتن مان پورو پورو فائدو نه وٺڻ ۽ ان جي خدمت جي قدر شنسائي نه ڪرڻ ناانصافي ٿيندي، اهو ئي سبب هو جو سنڌ جي سڄڻن هن عظيم سپوت ۽ مهان شاعر کي جٺري ئي مڃتا ڏيڻ لاءِ سندس مان ۽ شان ۾ "هڪ شام" جو پروگرام ترتيب ڏنو. ان شام جي موقعي تي منهنجي هن عظيم انسان سان پهرين ملاقات ٿي. هي شخص خوش شڪل، خوش اخلاق خوش پوشاڪ، خوش خوراڪ ۽ رنگين مزاج پئي لڳو، هي ڪٽر پٽي کان پاڪ، پنهنجي پرائي جو ويڇو نه رکندڙ، همت وارو محبتي انسان، ڳالهه، دوستي ۽ سنگت جو سچو ملنسار، مهمان نواز، يار ويس، يارن جو يار، دوستن جو دوست، سنگت ۽ پائيپي وارو خانداني مڙس پئي لڳو، هي سلجهيل سمجهدار، رعبدار، تمام ذهين متاثر ڪندڙ شخصيت جو مالڪ آهي، ان پروگرام کان پوءِ هي منهنجي دل تان نه لٿو ۽ منهنجي روح ۾ ويهجي ويو. منهنجي دل چيو ته ساڻس پڪي ياري رکجي. مون جڏهن هن درياءَ دل زنده دل کان، دل گهري ته هن دل ڪڍي ڏني. هي نيڪ نيت ۽ صاف دل وارو دانش، جڏهن مون کي پنهنجي دانش گاهه وٺي هليو ته هن منهنجي ڪنڌ تي هڪ ڪس ڪئي اهو هن جي قرب جو هڪ عظيم تحفو هو، مون هن يار جي ياري ڏٺي، هي دوستيءَ ۾ مون کي ٻنهه پنهنجو لڳو. پارس اهو پٿر آهي، جنهن سان ڪا به شي جڏهن گسائبي ته اها سون ٿي ويندي. هن جي ڪچهري ۾ روح کي راحت ۽ من کي آسيس ملي ته مان به سون ٿي ويس، مان فخر سان چوان ٿو هن کي پنهنجو دوست چئي سگهان ٿو، هي منهنجي انهن خوش قسمت دوستن مان آهي جنهن لاءِ منهنجي دل ۾ هميشه عزت ۽ احترام رهندو، گهٽ ماڻهو مون کي سمجهڻ جا اهل رهيا آهن. هن جي مان سان انسيت رهي آهي. هن جي مان سان خاص دوستي آهي، تنهنڪري منهنجي هر ڳالهه ۾ هن کي دلچسپي آهي، جڏهن جڏهن به هن جي کوٽ محسوس ٿيندي آهي، تڏهن تڏهن مان هن جي دانش گاهه ٿي ويندو

آهيان ۽ هي ڪلي ڪيڪاريندو آهي، پڙهڻ ڪائڻ ڪانپوءِ راڳ رهاڻ ۽ روح رهاڻ ڏيندي آهي. هن دوستاڻہ تعلقاتن ۾ ڪڏهن بہ ويڇو نہ وڌو، وقت گذرڻ سان اهو رشتو اجان بہ پختو ٿيندو ويو، اسان جي گهري دوستي مضبوط ناتن جي لڙي ۾ پوئجي وڃڻ ڪان پوءِ سون مان ڪنڊن بڻجي پئي آهي.

درويش صفت انسان محترم پير بخش سمون

جي زندگيءَ جو بنيادي خاڪو (پروفائيل) تفصيل سميت

هن شخص جي ايڏي اعليٰ ظرف جي مونکي خبر نہ هئي، هن فقير صفت درويش انسان سان گڏ گهمڻ ۽ ويهڻ بہ عبادت آهي. هن ماڻهو ۾ ڪوٽ ڪائي ناهي، هن کي ڪنهن سان پيٽي نٿو سگهجي، هي صفا ڪو الڳ قسم جو ماڻهو آهي. هي انسان نيڪ ۽ ماڻهو عظيم آهي، هي جتي بہ ويو اُتي پنهنجي نيڪي ڇڏيائين، جنهن درويش جي مان ڳالهہ ڪري رهيو آهيان، هن ڪي سهيڙجي تہ هي مڙني ڪان سوايو نظر ايندو. مان هن تي گهڻو لکي سگهان ٿو. جي هن تي، مان نہ لکندس تہ، مان مياري ٿي پوندس. تنهنڪري مان سندس حياتي جو هي احوال لکي پنهنجو فرض پيو ادا ڪريان، اول تہ مان ڪنهن جي ساراهہ ڪندو نہ آهيان، پر جي مان ڪنهن جي ساراهہ ڪندو آهيان تہ سچي ۽ کليل دل سان ڪندو آهيان. سچ پڇو تہ هن عظيم انسان لاءِ منهنجي دل ۾ ڪو بہ مير ناهي، هن عوامي شاعر ۽ راڳ جي پارکو، پير بخش سمون جون وصفون مختصر لفظن ۾ جيڪڏهن لکجن تہ هئين چئجي تہ هي نراليون خاصيتون رکندڙ، پنهنجي فطرت وارو، سڌو سنئون ماڻهو آهي، هر برائي ڪان پري، نيڪ سيرت، نيڪ صورت، نيڪ دل، وسيع نظر، کليل دل دماغ وارو. هي بي مثل لاجواب لاثاني ماڻهو، گفتار جو غازي، محفل جو مور، ڪچهري جو ڪوڏيو، ڪردار جو ڪشادو، دوستيءَ جو ڪرائتو، وڏي جگر گرڏي وارو، بهادر، بي ڊپو، ارادي جو پڪو، قول جو سچو، باوقار، عزت ۽ اهميت وارو. ڪنهن کي نہ رنجائيندڙ، هرگز توائي نہ ڏيندڙ، نفاست پسند ماڻهو. هن جي اکين ۾ انسان شناسيءَ جو جوت جرڪي ٿي.” مان هن کي چڱي طرح سڃاڻان هي بي بها جوهر سچو ارڏو ۽ سدا حيات انسان آهي، هي صاحب دل، خوش شڪل ماڻهون رنگين مزاج، محبت ڪندڙ دوست، سڀ سان ميل جول ۽ دعا سلام رکندو آهي، هي ڪنهن دوست کي اوپرو نہ سمجهندو آهي. ساٿس ملڻ وارو پنهنجو پاڻ کي مان وارو سمجهندو آهي. هن جي دوستن جو هڪ وسيع حلقو آهي. سندس صحبت قطعي بي لوث هوندي آهي، هي منهنجو مداح آهي. منهنجي ڪتاب اگهاڙو سچ پڙهڻ ڪانپوءِ هڪ بهترين ۽ سچي ليکڪ طور هن منهنجو مان ۽ عزت رکي، مان ان عزت جي لائق نہ هئس، منهنجي سندس سان دلي همدردي آهي، هن مون سان وڏا وڙ ڪيا، مونکي سندس دوستيءَ تي فخر آهي. هن جو مون ساڻ دريا جهڙو رشتو آهي. هن سان دوستي ۽ ميل ملاقات جو وقت تمام ٿورو گذريو آهي، تب جڻ لڳي ٿو تہ هن جي وڏن ڪان وٺي

Scanned with CamScanner

ڏاڍو پراڻو رستو هجي، هي وهي ڪاڏل سٽ کي پهتل آهي هي اورايج ڏيندو وڃي، قديمي ۽ پراڻو رستو هجي، هي وهي ڪاڏل سٽ کي پهتل آهي هي اورايج ڏيندو وڃي، عمر جي هن حصي ۾ ٻڍاپي ۾ به جوان پيو لڳي. هي کلڻو ڳالهائڻو خوش مزاج، خوش طبع ۽ زنده دل انسان آهي. هي مذاق، چرچن ۽ کل ڀوڳ جو بي تاج بادشاهه آهي، سچي زندگي ڏک ۽ غم کي لڪائي کلندي خوش ٿيندي گذاري ڇڏين. هن جهڙو کلڻ ۽ خوش ٿيڻ جو طريقو ڪنهن ماڻهو ۾ ممڪن ئي ناهي. رب ڪيس بخت سان نوايو آهي. طاقت ۽ دولت ٻئي شيون وٽس موجود آهن. خوب ڪمائين خوب خرچ ڪئين، پر هن معاشري ۾ سماجي حيثيت ۽ شان و شوڪت ساڳي طرح سان برقرار رکندو اچي. هي اميراڻي ٺٽ سان رهندو آهي، پر دل فقيراڻي هوندي اٿس. وڏائي واري ڏينهن تي چڙهي چائو ئي ناهي، اها هن جي خانداني هئڻ جي نشاني آهي. هي درگاهه جو گادي نشين صفا درويش آهي، هي پٽ تي عام ماڻهن وانگر عام ماڻهن سان گڏ ويهندو آهي. هي دسترخوان تي به غريبن مسڪينن سان گڏجي ماني کائيندو آهي، هن ۾ درويشاڻي صفت واري نياز نوڙت قائم رهندي اچي. هي پيرن فقير ڏي چڱي مراد رکندو اچي. هي پيرن مرشدن ۽ سيدن جو معتقد آهي. هي اڪثر درگاهن ۽ بزرگن جي مزارن جي زيارت ڪندي ملندو آهي. هي ميلن ملاکڙن تي وڏي ٺٽ سان دوست يارن نوڪر چاڪرن سان وڏي اٽالي سان ويندو آهي. هي اتي ميلي ملاکڙي وارن ۽ راڳندڙن ۽ سازيندن تي دل کولي فراخدلي سان خرچ ڪندو آهي. هي ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ هڪ فنڪار تي لک لک روپيا به گهور ڪندو آهي. هاڻي مان هن جي خاص ڳالهه آخر ۾ اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته سخا هن جي ريت آهي. هي مهمان نواز سخاوت ۾ برڪ ۽ هٿ جو سخي آهي، هي يارن جو يار، دشمنن جو به دوست، هي خلق جو خادم، مسڪينن جو ٻانهن ٻيلي، غريبن جو غمخوار، ستايلين ۽ ضرورتمندن جي دل سان عملي طور تي مدد ڪندو آهي، هي دوستن کي مهل سر ڪم اچڻ، سندن جي خدمت ڪرڻ، تعلقات کي بنائڻ ۽ قائم رکڻ ۾ خوشي پيو محسوس ڪندو آهي. ڪنهن يار دوست کي ڏکيو وقت اچي پئي ۽ هو اچي ڪيس ڪوٽڙي ڦاٽڪ کان ڄام شورو بائي پاس ڏانهن ويندڙ روڊ تي واقعي گنا مل واري اوطاق تي يا قاسم آباد واري سنڌباد هوٽل جي پويان واري بنگلي تي هڪل ڪري ته هي خدا جو قسم آ ان کي ڪو نه موٽائيندو. هي راڄ ڀاڳ جو مالڪ ماڻهن جا ايترا ته شخصي ڪم ڪندو آهي جو سوين ماڻهو ۽ سوالي سندس در تي صبح شام هجوم ڪري ويٺا هوندا آهن. جن مان ڪنهن کي به هن ڪڏهن به هٿين خالي ڪو نه موٽايو هوندو. ڪوٽڙي واري مور ڊانسر ماسٽر غلام حسين جي بيماري تي هن لکين روپيا خرچ ڪيا. ڪنهن کي عمرو ڪنهن کي حج اهڙا سندس سخاوت جا ڪيئي مثال آهن. هن سماجي خدمتن ۾ پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي، شل سخين جي سخاوت هميشه قائم رهي. الائي ڇو پاڻ اهڙن عظيم انسان جو جيئري قدر ڪو نه ڪندا آهيون ۽ مُئي پڇاڻان هنن جا ڳڻ پيا ڳائيندا آهيون.

Scanned with CamScanner

محترم سهيل اديب بچاڻي

منهنجي جگري يار سهيل موتوائي جو يار، پر منهنجو ڪجھ به نه اچ به پيو
جهڙي شيءِ آهي. مون ڪڏهن ڊپٽي ڪمشنر ناهي ڏٺو. هي جڏهن دادو ۾ مئجسٽريٽ هو ته رات جو دادو جي سنسان رستن تي اسپورٽس سائيڪل تي ڦرندو هو. دادو ۾ ان وقت به جادو هو. هي جڏهن ADC ميرپورخاص هو، گهر ناهي جو ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص محترم احمد بخش ناريجي سازش ڪري ڪيس زبردستي ٻڌي موڪل تي وڃڻ تي مجبور ڪيو. ٽنڊو الهيار جي مشهور ليکڪ فضل احمد بچاڻي جو هي خوبصورت پٽ ۽ ي جي عبدالستار بچاڻي جو هي ڀائٽيو. قلندر جي دعا سان اڪيلو جامشورو ۾ D آهي. هي جهڙو فرض شناس، ايماندار ۽ محنتي انسان اهڙي عهدي تي مشڪل ملي.

محترم آغا سهيل

والي بال جو بهترين رانديگر، راندين جو عاشق، اديب ليکڪ شاعر مفڪر، راڳ جو پارکو، غريبن جو همدرد، هڪ سچو قوم پرست، يارن جو يار، ايماندار فرض شناس آفيسر، گهٽ ملندو. هر سڌ تي ليبڪ چئي ايندڙ پاڻ اڪيلو ڪونڙي ۾ DRO جي پوسٽ تي آهن.

خان جي گهوڙي

موزسجائي گهوڙي چڙ تون گهوٽ، مومل ماڙيئي، سوب مبارڪ تو کي گهوٽ

(آغاقيوم)

ڪوٽ سلطان جي هن خان کي پليون ميٺون. پلاٽ ۽ پلا گهوڙا پالڻ جو شوق هو. هونئن ته هن وٽ ڪيئي پلا گهوڙا هئا پر هي سواري اڪثر هڪ بوري گهوڙيءَ تي ڪندو هو. خان جو هن گهوڙيءَ سان جنون جي حد تائين پيار هو. هو اڪثر چوندو هو ته ”هي ته منهنجي محبوبه آهي“. خان جڏهن پاڻ پنگ پٽيندو هو ته ڪونبو ڪن پنگ جو هن گهوڙيءَ کي به هنائي چڙهيندو هو. پوءِ خان بوسڪي جو ڍيل گهوڙا پتڪو بنا ڪالر واري قميص ۽ وڏن گيرن واري سلوار پائي ۾ بلش ٿي گهوڙيءَ کي لکيلر شڪارپور گهمائڻ لاءِ وٺي ويندو هو. جڏهن هي قداور گهوڙي سوار، سير سپاٽي لاءِ نڪرندو هو ته سڀ کو هن جو سلامي ٿيندو هو. هر هنڌ خان جو مان ۽ عزت هئي. جاتي بيٺي ڪلاڪ ڪان چتو. وات ويندي رستي ۾ ڪو واقفيت وارو پيادو ملي ته خان گهوڙيءَ جون واڳون ڇڪي ته جڻ گهوڙيءَ کي بريڪ لڳيو وڃي، ڪو به واقفڪار خان کي لفٽ ڪرائي نه ڪرائي پر خان جو ته فرض آهي گهوڙي روڪي حال احوال وٺڻ. گهوڙي پهرين گيئر ۾ فرلانگ ڪن مس هلي ته وري ٺڪاءُ بريڪ. هلي هلي آخر گهوڙي کي به عادت پئجي وئي، هي آٽوميٽڪ گهوڙي هاڻ سامهون ايندڙ ڪنهن شخص کي ڏسندي ءِ ازخود پاڻيهي بيهي رهندي هئي، هاڻ خان کي زينون ڇڪڻ جي به ضرورت نه

هئي، گهوڙيءَ کي خبر هئي تہ خان ان همراهہ جو لڻ ضرور ڪائيندو. آخر هڪ ڏينهن خان پنگ جو پيالو پئندي پيالو ڪري ويو، هن جي مئي پڄاڻان پونرين اها گهوڙي واپڊا واري ظهور شاهہ جي معرفت گهٽ اگهہ تي روهڙي واري علڻ شاهہ کي وڪي، علڻ شاهہ بدمزاج، خارباز ۽ بخيل هو، ڪنهن سان دعا سلام نہ رکندو هو. خود بخد حرڪت ڪندڙ خان جي هي پاليل ۽ هيريل گهوڙي ڪو همراهہ ڏسي تہ بنا لغام روڪڻ جي هلي هلي بيهو رهي. هڪ تہ هلي تہ شرميلي ڪنوار وانگر هلي، پيو تہ هر هر بريڪ لڳيو وڃنس، هن نئين مالڪ ڪئي وس هلايا پر اها ماجرا ڪيس سمجهہ ۾ نہ آئي، جڏهن گهوڙي پنهنجي موڊ تي بيهي رهندي هئي تہ علڻ شاهہ جو رت ٽهڪڻ لڳندو هو. گهوڙيءَ کي وڏيون هڪلون ڪري هلڻ لاءِ آمادا ڪندي. منٿ ميڙ ڪري چوندو هو. تہ ”مائي منهنجو ڏوهہ تہ ڏس.“ گهوڙيءَ کي امام حسين جا واسطا ڏئي گيپل پند رهڙي ويندو هو. ناس جي دٻليءَ مان چپي پري نڪ ۾ ڏيندو هو چڪ تي گهوڙي چرڪ پري ڊوڙندي هئي، لاچار هن گهوڙي جي ناسن ۾ بہ ناس وجهڻ شروع ڪئي. علڻ شاهہ خان جي هن مردار گهوڙيءَ مان صفا اڙجي پيو ”اڙي چنڊي گهوڙي ڪرمن ۾ اچي لڳي“ ظهور شاهہ جي چوڻ تي لڳي، مورڳو پنهنجو مور بہ وڃائي برباد ٿي ويس، ان ڪان تہ منهنجي نوڪر علوهہ جي ڦتاڪي ڪُتي پلي آهي، جيڪا سکر کان روهڙي گهر پلڪ جهپڪ ۾ پهچيو وڃي، خان جي اها جهونڙي ۽ پوڙهي گهوڙي جنهن جون هاڻ تہ پاسريون بہ نڪري آيون هنيون، جهڙو هن سيد جو حال بڇڙو هو. اهڙي ئي بڇڙي هي گهوڙي هئي، هي بہ انهيءَ فڪر ۾ ڏينهون ڏينهن خان جي گهوڙيءَ وانگر ڳرندو ويو، پڇاڙي علڻ شاهہ هن گهوڙيءَ تي نڪرڻ ڪان توبهہ ڪري ڇڏي.

لالا هاڏي بخش جو بہ ڏندو چيلو

لالو هاڏي بخش خان منهنجو ويجهو عزيز آهي، اصل ۾ هي سوڪڙي ڪاٽ مڏي محلہ هاڻيدار شڪارپور جي آهي. اسان وڏن کان ٻڌو هو تہ جو ڪريون پرڏجن ڪان پوءِ مڙس جي گهر ڪئين پرديس هليون ويندون آهن، پر هي يار پنهنجي ماسات متي ذات، پرڏجڻ ڪان پوءِ حيدرآباد لڏي آيو. اڄڪلهہ هي پنهنجي جيون ساٿيءَ سان اسان جي پاڙي الشهباز وليج (ڪچي آبادي) نزد اولڊ وحدت ڪالوني ۾ رهي ٿو. هن کي پنهنجو ذاتي گهر ۽ ڪرياني استور پڻ آهي. هي اسانجي پاڙي جو پيو نمبر اشراف شخص آهي، پهريون نمبر سندس سالو اشفاق خان (بابو) آهي، جنهن جو پڻ ڪرياني استور آهي. هاڏي بخش کي ٻڪريون پالڻ جو جنون جي حد تائين شوق آهي، ماشاءَ الله ڪيس ڏڻ ٻڪرين جو آهي، وحدت ڪالوني چُونڪ جي ريلوي پل کان وٺي بابو جي آڪڙا هوٽل تائين اها ريلوي جي بند واري پوري پرتي جا پٽي چانڊيا پاڙو سڏبي آهي، انهيءَ پاڙي ۾ هڪ تہ ڪئيون گهٽو ويهامنديون آهن پيو چانڊياڻيون ۽ ٽيون هاڏي بخش جون ٻڪريون، انهيءَ پٽي ۾ 360 تہ اسپيڊ بريڪر آهن، تب مان موٽرسائيڪل، خان جي

SHERAZ ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

گهوڙيءَ کان به آهستي هلائيندو آهيان، ڪڏهن ڏس ڪٿين جا ٻلو نڪر، ڪڏهن هاڏي بخش جي ٻڪرين جا ڦر ته ڪڏهن چانڊين جا ٻار آڏو اچيو وڃن. هي چندا ٻار مجال آ جو هڪ انچ به سورن، ٻارن جي معاملن ۾ اهي اترادي چانڊيا ڏاڍا جذباتي آهن. ڪو هنن جي ٻارن کي هٿ ته لائي ڏيکاري، اصل ڏون سڄائي ڇڏيندس، سو مون ڳالهه پئي ڪئي لا هاڏي بخش جي، هڪ ڀيرو قرباني واري عيد کان ڪجهه ڏينهن اڳ هن جي هڪ ڇيلي سوجل وڏو نالو ڪمايو. جيڪو گراهڪ اچي ڇيلو ڏسي موٽي وڃي "هي ته اجان ننڍو آهي". گولي پنيري وانگر هي مولائي ڇيلو به قد ۾ مار ڪائي ويو. گراهڪ کي خالي هٿين موٽندو ڏسي هاڏي بخش کي تيسا چڙهن، ڇيلي کي ڳچيءَ کان جهلي ڪندا مٿي ڪري ضرور ءِ وات ڦاڙي چئي "انڊا ڏسين نٿو به ڏندو آهي" هي ڏينهن ۾ ڏهه ٻارنهن دفعا ائين گراهڪن کي ڏيکارڻ لاءِ ڇيلي جي سسي مٿي ڪري ڏندن جو ديدار ڪرائي. هاڏي ته ڇيلو به اها پريڪٽڪس (مشق) ڪري عادي ٿي ويو. هاڏي بخش ڏانهن ڪو به گراهڪ اچي ته ڇيلو اڳيئي ڄاڻي وٺي ته ڪيس ڇا ڪرڻو آهي، پاڻ مرادو ٻوت مٿي ڪري وات ڦاڙي بيهي رهي، آخر اهو ڇيلي ڪرشنا جو عاشق سوجل ويچارو طارق عباسي جي ور چڙهيو ۽ قرباني تي قربان ٿي ويو.

چالاڪ ٻلي

ترڪ واري جو انٽرويو ڪندو هجي، پر هتي هن ڪوڙي ساک ڏيندڙ ڏاڍي پنهنجي تقرير ۾ خدا جو ڪوڙو قسم کڻي چيو ته ”حسن مجتبيٰ هن وقت پنهنجي گهر ۾ ويٺو آهي. هن کي خبر به ناهي ته ڪالهه هن سان شام ملهائي پئي وڃي ڪيڏي نه افسوس جي ڳالهه آهي ته جنهن سان شام ملهائي پئي وڃي ان کي دعوت به ناهي“، پوءِ ڇڏ جا ٽون ڪنهن آهين“ هن جو ڏوهه نه هو، هي پيءُ جي روايت برقرار رکندو اچي اهي اڪر هن کي حسن مجتبيٰ سيڪاريا هئا. هن کي هٽ سان چتون ڪندڙ. هن جي پيڙي ٽاري هن کي ڳئي ڏيڪاري پاڻ ته حسن مجتبيٰ انگلنڊ پهچي ويو، پر هي مسڪين هتي پيو اڪيلو ڀهائي هي ڏلفي حسن مجتبيٰ کي ضرور مس ڪندو هوندو، هن جو وس لڳو هلي نه ته هي پنهنجي ڳئي ٽپال ۾ وڃي، حسن ڏانهن ان ديس ضرور اماڻي ها. حسن جي به دلي خواهش هوندي ته هي پٽاري ڳئي به انگلنڊ ۾ هجي ها ته خوب ڪٽائي ها، پر هي ڏلفي چريو ٿورئي آهي جو ڳئي ڪنيون پرديس ۾ وڃي دربدر ٿي، هن جي ڳئي جي ته هتي به وڏي ڊمانڊ آهي هي هاڻي پنهنجي گرو جي نالي تي چڪلو کولي اچا سوڏو گرو جو پيغام پکيڙي رهيو آهي. استاد کيس اهڙو سبق پڪو ڪرايو آهي جو اڄ تائين کيس ياد آهي، هي ان جا ڏسيل ۽ آزمايل نسخا استعمال ڪري رهيو آهي، جيڪي هن لاءِ لاپائتا ۽ فائدي مند ثابت ٿي رهيا آهن. هي جيڪو حسن مجتبيٰ جي لڳايل انجيڪشن سان ٿي ساهه کڻندو هو هاڻ ان دوا جو اثر بلڪل ختم ٿي چڪو آهي. هاڻ هي پنهجي ڳئي PPP جي آڪسيجن تينٽ ۾ رکي ويٺو آهي جتي PPP جا سياستدان هن جو دهل وڃائي رهيا آهن. هي جيڪو حسن مجتبيٰ جو فيض يافته چتون هو. هي هاڻ ان جو به محتاج نه آهي رهيو، هن هاڻ پنهنجي منهن ڀهائڻ شروع ڪيو آهي. هن هاڻ سڄي تو جه ڀهائڻ تي ڏني آهي. هن جو ذڪر هاڻ ادبي حلقن کان ٻاهر به ٽيڙ لڳو آهي. هي تمام معزز ماڻهو آهي ڀهائي ٿو ته ٻا هي وڏا ماڻهو هونهن به شوق ۾ ڀهائيندا آهن ان ۾ ڪنهن کي به اعتراض ٽيڙ نه کپي هي ڀهائي ٿو ته پنهنجي ڳئي ۾ ٿو ڀهائي سئو دفعا ڀهائي، حسن مجتبيٰ جي هي پيداوار ٻلو فصل اڄڪلهه سيدا وارو اعجاز قريشي لهڻي رهيو آهي. ”واه قريشي تنهنجا ڀاڳ“ ٻاٿر قريشي صاحب ٿوري هوشياري هجي، اڄڪلهه تو واري هن لونڊي جي اک تحريڪ انصاف واري عمران خان جي ڏکهي ٽپڙ ۾ اٽڻي کٽي هي ڇورو وڃهه ولي آئو نه ڪرئي.

محترم منصور قادر جوڻيجو

هي ڀائي جان آڪاش پرنٽنگ پريس جو مالڪ، سابق وزير تعليم سنڌ ڊاڪٽر ميڊم حميده کهڙو جو سابق او.ايس.ڊي ۽ پوليٽيڪل سيڪريٽري، مهڙ جي ڳوٺ کهاڙي جو جوڻيجو. هڪ باهمت اڻٿڪ قومي ڪارڪن، جيڪو هر وقت دل ۾ قومي درد رکي ٿو، هڪ سچو انسان هڪ بهترين دوست، سٺو مقرر، ادبي ۽ سياسي اڳواڻ، سنڌ پرست، دوست پرست ۽ حسن پرست. هن يار سان منهنجي پراڻي دور کان وٺي خاص ۽

گهرو تعلق رهيو آهي. منهنجي ادبي زندگي کي معنيٰ ڏيڻ ۾ جن فردن جو ڪردار رهيو آهي تن ۾ منهنجو هي دوست به آهي. هي ذاتي طور تي ٿڌي طبيعت وارو مرد آهي ۾ جڏهن ته هي ڦاٽندو آتش فشان وانگر آهي، ڪير ڪيترو اشراف آهي اسان کي سڀ خبرون آهن، هر وڏيرو وات نه کولايو نه ته گهڻو گند ٿي پوندو، هي ماڻهو پڻ شرافت جو نقاب ويڙهي اچان پنهنجو پراڻو ڏنڊو برقرار رکيو پيو اچي. مون هن جي شرافت جي چادر مان ڪيئي منيءَ جا داغ ڏٺا آهن جن کي ڪوئي ڌوئي به مٽائي نٿو سگهي، مان چا چولن اوهان سيني کي اها ڳالهه خبر آهي. اها ڳالهه لڪل نه آهي ته هي ڇوڪرن جو وڏو پياسي آهي، هي رائيس ڪئنال ۾ ترڻ جو شوق رکندڙ اونهي پاڻيءَ ۾ پيو آهي سو ڪيئن پسڻ کان آجو رهي، مونکي چڱي طرح خبر آهي ته ڪير ڪيتري پاڻي ۾ آهي. سڄي زندگي سندس چوڌاري سهڻا ڇوڪرا جمع رهيا، هي هڪ ئي وقت ڪئي ڇورا سنڀالي سگهي ٿو. هن جي معشوقن جي ڪائي ڳڻپ ڪانهي جن کي هي واڳن جي نظرون کان لڪائي رکندو آهي. هن پنهنجي جان انهيءَ عمل ۾ ڳاري ڇڏي آهي، هي ڪوڏي ڪوڏي، ونجهه وٽي ۽ ڇورا پالڻ جو شوقين، هي پرائي ٻنيءَ تي هر هلائڻ جو شوقين ۽ هي گناهن جو شوقين اهو ثواب جو ڪم اڄ به ايمانداري سان ڪري ٿو. هي پيرل پياسي اڃان به اڃايل آهي. هي اڄ به ڪو چنگڙو ڇوڪرو ڏسي ٿو ته سندس وات الڪانوءَ وانگر پتجو وڃي، هي ڳجهڙو منهنجي ڪيئي محبوبن سان ڪجهه ڏينهن اڳيون ٿڌيون ۽ ڪک گرم ڪري چڪو آهي ۽ اڃان به ٻلي وانگر باقي ٻچڙن کي تاڙي ٿو ۽ ٻلي ڪائي سائين مال مليدان ۽ ماڻي جواني. اهو به هن جو قومي سرمايو آهي. هن دوست هڪ ڏينهن ساڙ ۾ چيو ته "تنهنجو ڪردار خراب آهي ۽ تنهنجو ڪتاب اگهاڙو سڄ واهيات آهي، ڪو به تنهنجي ڪتاب کي پڙهڻ ته ڇا هٿ ۾ کڻڻ لاءِ به تيار ناهي." منهنجي هن دوست سان وڏي محبت ۽ عقيدت آهي، هن کي سڀ خبر آهي ته منهنجو ڪتاب ڪيئن هيروئين وانگر بليڪ تي وڪيو ويو. جڏهن ته هن يار سڄي زندگي مختصر ڇوپڙيون ڇپائي اديبن ۾ مفت ورهايو هن جا اوهاسيون ڏيندڙ ڪتاب ڪوڏي ناڻي ڪين وڪاڻا، ڇاڪاڻ ته سندس ڪتابن ۾ دم ڪو نه هو. مان هتي هاڻ سندس ٽي لکڻ کان پرهيز ڪريان ٿو ڇاڪاڻ ته هي گونهه ڪتن جو آهي. سنڌ سلامت – سونهن سلامت ۽ سڄ سلامت.

زمين ۽ آڪاش

سنڌ جو پلوڙ شاعر محترم ڊاڪٽر آڪاش انصاري ڪاڻڻ، ڪارائڻ توڙي پڇائڻ جو بلا جو شوقين آهي. سنڌ ڪالا هن جي ڪمزوري هوندا آهن. پلن ۽ ڪرڙن جو هي ذڪر ائين پيو ڪندو آهي جڻ محبوبن جون ڳالهيون پيو ڪري. ساوڻ جي مند ۾ به ته آڪاس ۾ ڪنڊل ويڇل لڳندا آهن، ان مند ۾ تون به آ ڪاش، ۽ آڪاش اکيڙين ۾ سمائي.

ڪرڇا به ڪٿي سمجهي — ڪنهن کان ته ٻچل آهيان (ڊاڪٽر ٻچل ميمڻ)

دنيا ۾ سڀ پهدل آهن تنهنجا، بس هڪڙو ئي ته ٻچل ٻچل آهي. (لالي)

Scanned with CamScanner

محترم ناز سهتو

هڪ ته تون اڳيئي آن حسين، پيو نفيس ويس تو ڍڪين، تيو وري تلين تو ناز سان.

محترم سليم چنا پاڻائي

جفاڪش، محنتي، پنهنجي مقصد سان سچو، چوڏهين جو چنڊ، (چڻ چانڊوڪي شمشان ٻڻجي ويل هجي).

محترم ڪامران پنني

هن جي به ڪامراني ڏني سون.

محترم ذوالفقار شاهه

عرف پپو شاهه، پيراٽي سگوري ذات، هن شاهه صاحب سيد ذات هجڻ جو ناجائز فائدو ورتو. عقيدت سان هن پير مرشد ڪاڻ جڪٽو پيو تڏهن وجي ڪو فيض حاصل ٿيو.

طارق عالم ابڙي جو نر ڏاڏو

سارنگا جي ڪنهن پرچي ۾ منهنجي دوست ليکڪ مرحوم طارق عالم ابڙي پنهنجي سيلف پورٽريٽ ۾ لکيو هو ته ”منهنجو ڏاڏو طبيعت جو بيحد ضدي شخص هو. اونهاري سياري پنيءَ اگهاڙو گهمندو هو، پيرن ۾ جتي بنهه نه پائيندو هو. هندن سان بنهه نه پوندي هئس، هي واڻين سان هميشه جهيڙو ڪندو رهندو هو. هن ڪي گهر ٺاهڻ جو جنون هو، هڪ عاليشان ۽ هيڏو وڏو گهر اڪيلي سر اڏيو هين. هي پنهنجي گهر تي ڪنهن غير جو ميرو هٿ به نه سهندو هو، هن پنهنجي هن گهر خاطر اڪثر جهيڙا به ڪيا، جنهن ڪري هي جيلن جي حوالي رهيو. هن شهر جي ميونسپل چيف کي هڪ درخواست ڏني جنهن ۾ هن گذارش ڪئي ته ”سندس گهر ٻاهران سرڪاري طور بورڊ لڳرايو وڃي ته جئين ٻاهران ايندڙ مسافر ۽ واٽهڙو سندس گهر جي ديوارن جي لوٽ ۾ پيشاب وغيره ڪرڻ کان پاسو ڪن.“ هن جڏهن ڏٺو ته سندس مسلسل درخواستن جي باوجود چيف آفيسر حڪم جاري نه پيو ڪري ته هن هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ اچي شهر جي ان ميونسپل چيف آفيسر جي ٽيبل تي پريل آفيس ۾ گوڏ جو پلئه هٽائي پيشاب ڪري ڇڏيائين.“

وهي ڪاتي جي وڪريل پنن وارو لڇمڻ ڪومل

هن پنهنجي آتم ڪٿا وهي ڪاتي جا پنا باعث هنڌ سنڌ ۾ حيرت انگيز شهرت ماڻي.

اچي مٽي وارو انڪل

ڪيشو، هنن اچن وارن مون سان اهڙو ويل ڪيو آهي جو ڪو دشمن به نه ڪري، جو چنڊ جيان حسين ۽ هرڻي جهڙين اکين واريون خوبصورت ڇوڪريون بابا، بابا ڪري سڏين ٿيون (ڪيشوداس) اي رب مرضي ٿئي ته ڦائي تي چڙهائين يا جهنم جي

Scanned with CamScanner

آڳ ۾ ڄڀجهائين پر اهو ڏينهن نہ ڏيکار جائين جو، هن ناچيز کي معشوق ڇوي بابا جان (جوش مليح آبادي). هن عمر ۾ هاڻي جڏهن هر ڪا حسينا مون کي انڪل -انڪل ڪري سڏي رهي آهي، تڏهن انڪل واري اچي متي سان پنهنجو ڪارو اعمال نامو تحرير ڪندي، مون کي احساس ٿي رهيو آهي تہ مان ڪيترو سچ لکي سگهڻ جي جسارت ڪري سگهان ٿو. گهر جي درن ۽ درين پويان پردا ڏيئي لتا لاهي ڇڏڻ ۾ تہ ڪا بہ جهجهڪ ناهي پر سچي جڳ جهان آڏو الف اگهاڙو ٿي ويهڻ لاءِ جيڪا جرئت گهرجي، مون ۾ اها پيدا ٿي سگهي يا نہ؟

اغلام بازي

مونکي زندگيءَ ۾ ٻن شين کان سخت نفرت آهي. قمار بازي ۽ اغلام بازي - ٻوئين عمل کان تہ سخت ٻڇان ايندي آهي. جو مان ان کي انسان ٻڇڙي ۾ ٻڇڙو غير نطري عمل سمجهندو آهيان.

يوسف ثاني

پروفيسر ليکراج عزيز سنڌي جو نر شاعر هو. هو غير شادي شده هو. هو قداور ۽ شاهاڻي شخصيت جو مالڪ هو. شڪل صورت ۾ يوسف ثاني هو. ان عمر ۾ بہ هن جي ڳاڙهن لڳن مان رت ڇٽندو نظر ايندو هئس. هو مهمان نوازيءَ ۾ بہ پنهنجو مثال پاڻ هو.

شاعر فراق گورکپوري

هر آتوار تي دهلي گيٽ کان لعل قلعي تائين دريا گنج جي فٽ پاٿ تي پراڻن نايات ڪتابن جي، ميلن تائين ڦهلي "بڪ بازار" لڳندي آهي. مون ڪجھ عرصو اڳ مشهور رسالي "بيسوين صدي" ۾ اردو جي مشهور شاعر فراق گورکپوري جي اپيل پڙهي هئي تہ "منهنجي ناياب ڪتاب "انداز" جي ڪا ڪاپي يا ڪو نقل موجود ناهي. جنهن وٽ هجي تہ مونکي ڏيندا تہ مان تا عمر سندس احسان مند رهندس، پيو تہ ان ڪاپي جي مان ڪا بہ قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان". مون جڏهن هن جو اهو ڪتاب ان بزار ۾ ڏٺو تہ مونکي ذهني جهٽڪو لڳو ۽ مون اهو ڪتاب فٽ پاٿ تان ٽيھ روپين ۾ خريد ڪيو. فراق گورکپوري الھ آباد يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي جو پروفيسر هو. مان اڳ الھ آباد ڪڏهن نہ ويو هئس. فراق جو ڪتاب اتفاقي هٿن اچڻ بعد مان هن سان ملڻ ٿي چاهيو. مون فراق گورکپوريءَ بابت ڪيئي ڏهڪائيندڙ قصا ٻڌا هئا. هن جي هم جنس پرستي وارن فعلن جون ڪيئي ڪهاڻيون مشهور هيون. خود عيني (قرت العين حيدر) جيڪا ڪڏهن بہ ڪا هلڪي يا گهٽي گفتگو نہ ڪندي هئي، مونکي فراق جي مرد پرستيءَ جون مزو ماڻيندي ڳالهيون ڪندي هئي. فراق جي ويجهن دوستن جو چوڻ آهي تہ هو "هم جنس پرستيءَ جي موضوع تي معقول دليل پيش ڪندي اڳلي کي قائل ڪري ڇڏيندو هو تہ اهو فطرتي عمل آهي ۽ بقول شخصي علم عروض جي "مفعول فاعلات، مفاعيل فاعلن" واري بحر وزن جو بنياد بہ اهو ئي آهي". هن بحر طبيعت جي

Scanned with CamScanner

انهي وزن تي هڪ ئي لهر ۾ ستر پنجهتر بندن جو غزل به ائين چلي ويندو هو. فراق جي همعصر شاعر انقلاب جوش مليح آبادي پنهنجي سوانح "يادوڪي ڪي بارات" ۾ فراق جي باري ۾ ڪيترا ابدڏوڦيءَ وارا قصا ۽ لطيفا پڻ درج ڪيا آهن، مون هن جو اهو ڪتاب پڙهيو، هي خيال جي سطح تي عظيم شاعر هو. مون اهو مجموعو سانڍي رکڻ ٿي چاهيو پر مون فراق جهيڙي عظيم اديب ۽ شاعر جي امانت ۾ خيانت ڪرڻ لاءِ ٿي چاهي. تن ڏينهن ۾ فوٽو ڪاپي جي به سهوليت ڪا نه هئي، هڪ شام ڪافي هائوس ۾ نريش ڪمار شاد مليو مان ڪيس سچي حقيقت ٻڌائي ۽ ڪيس چيو ته "پاڻ ٻن ڏينهن ڪان پوءِ الهه آباد هلي فراق سان ملنداسون"، شاد مرڪي چيو "هل پلي پر پنهنجي جو ڪم تي"، مون ڪي هن جو شرارت پريو جملو سمجهه ۾ ته اچي ويو پر چيو مانس، "مان ڪو به جو ڪم ڪڻڻ لاءِ تيار آهيان". هو بئنڪ روڊ واري گهر ۾ اڪيلو رهندو هو. اسان هن جي گهر وياسون هي شاد سان پاڪر پائي مليو پر هن مون طرف ڪا توجهه نه ڏني، هي ڪمري ۾ شراب پئي رهيو هو. شاد چيس "فراق صاحب مون ٻڌو هو ته توهان پيئڻ ڪان پرهيز ڪئي آهي". چيائين "پيارا پرهيز به پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي هئم. شروع به پنهنجي ئي مرضيءَ سان ڪيو اٿم. بواسير (موڪن) جي بيماريءَ ڪري بوتل ڪان پري ٿيٽو پيو پر پوءِ غالب جو اهو شعر آڏو آيو "رگون ۾ دوڙني ڦرني ڪي هم نهين قائل. جو آنک سي هي نه ٽپڪا تو ڦر لهو ڪيا هئه؟" اسان ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳاسون، رسمي ڪچهري ڪان پوءِ مان ڪيس سندس ناياب ڪتاب ڏيندي چيم "مون اوهانجي اپيل پڙهي هي ڏيڻ لاءِ خاص دهليءَ مان هلي آيا آهيون." مون هن کي نه ٻڌايو ته هي ڪتاب ڪتان ۽ ڪيئن خريد ڪيو. ڪتاب ڏسي هن جو گول گول اکيون چمڪي اٿيون، هن پلنگ تان اٿي مون کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ آندو ۽ نرڙ تي هڪ چمي ڏني. هن ڏاڍو زور پريو ته مان ڪانسو هن ڪتاب جا پئسا وٺان، مون جڏهن هن ڪان ڪجهه به نه ورتو ته هن وري زور پريو ته چڱو پلا دهليءَ ڪان اچ وڃ جو ڀاڙو ته وٺ. منهنجي انڪار جي باوجود هن سئو جو نوٽ ڪڍي زبردستي منهنجي ساڄي هٿ ۾ رکي منهنجي مُٺ ڀيڪوڙي ڇڏي. مان هن جا اهي نيڪ ارادا ڏسي اتي وڌيڪ ترسڻ بهتر نه سمجهم ۽ موڪلائي ٻاهر نڪري آيس ۽ شاد وٽس ڪافي دير ويٺو ئي رهيو. هن کي هڪ زال هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ پڻ هو پر هي زال ذات ڪان نفرت ڪندو هو. هن جي انهي افعالن سبب سندس پٽ جوانيءَ ۾ ئي پاڻ کي درياهه ۾ ٻوڙي آپگهات ڪري ڇڏيو. فراق گور کپوري تمام وڏو شاعر هو. هن آل انڊيا ريڊيو تي انٽرويو ڏيندو چيو هو ته "مرزا غالب بعد فراق گور کپوري جهڙي شاعر کي اچڻ ۾ صدي لڳي ويندي آهي". هن کي ڀارتي وزير اعظم اندرا گانڌي هندوستان جو وڏي ۾ وڏو ادبي انعام ڀارتيه گيان پيٺ ايوارڊ ۽ ڏيڍ لک جو ڊرافٽ ڏنو، جيڪا ان وقت تمام وڏي رقم هئي. سالن ڪان پوءِ منهنجي فراق سان دهلي ۾ پاڪ ۽ هند مشاعري ۾ ملاقات ٿي، مان هن جي پيرن تي هٿ رکڻ لاءِ جهڪيس ته هو مون ڏانهن نهاريندو رهيو. مون ڪيس ٻڌايو ته "مان اهو ڇوڪرو آهيان جنهن اوهان کي اوهان جو ناياب

ڪتاب هٿ ڪري ڏنو هو“. ياد ايندي ٿي هن پنهنجي ڪول ڪول اکين جا مٽڪا ٻيرائيندي چيو. ”پر نوجوان حيرت آهي تہ تون ان ڏينهن مونکان ٻچي ڪئين وٺين؟“

گناهہ جا مرتب

ٽرين صبوح سويل ڪانپور اسٽيشن اچي بيٺي، مان گهري ننڊ ۾ هوس ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي مونکي ڏونڌاڙيو، مان نيم خوابي، مان ڇرڪ ڀري اٿس ۽ وائڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيس. سڀ هيٺ لٿاسين، باک ڦٽي محل اسٽيشن تي اڃان فانوس ٻري رهيا هئا. مان سامهون نلڪي تي منهن ڌوئي رهيو هئس تہ خانصاب فرحت حسين مون ڏانهن شيطاني اکين سان گهوري رهيو هو. مون کي ان وقت تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ آيو پر اڳتي هلي هن جي حوس ڀريءَ نهار ۽ هٿ کس جو شڪار ٿيندي ٿيندي بچيو هئس. صبوح روشن ٿيندي ئي سڀ اسٽيشن کان ٻاهر نڪتاسين. مون ڏٺو فرحت حسين مون ڏانهن ڏسي گگ ڳاڙي رهيو هو. نرمل داس فانيءَ جو هڪ شعر آهي. ”حديثن ۾ نظر پهرين تہ آهي معاف — ٻي جا ناهي اوچتي، گناهہ صاف“ ۽ اسان ٽئي صاف گناهہ جا مرت تي رهيا هئاسين.

لکُونا چو

تن ڏينهن يوپيءَ جو ڪو پٽيو اسڪول ۾ ڊانس ماسٽر ٿي آيو، جيڪو لسرات ڇوڪرن کي لکنوءَ جي نواب واجد علي شاهہ جي طرز جو نچڻ سيکاريندو هئو. هو ڊانس تہ سٺي سيکاريندو هئو پر ٿوري ئي غلط پير ڪٽڻ تي ڇوڪرن جا زور سان ڳِٽا پٽيندو هئو. مان تنهن وقت مَنهن ڳونرائي ڪري ڳِٽا پٽايان هان تہ اڄ شايد لڇُو مهراج جي برابريءَ جو ناچو هجان هان.

بدبخت ڇوڪرو

مان سانجهي جو سنان پاٽي ڪري، نئون ڪڙتو پائجامو پائي، لکنو جو بانڪو ٻڄي پريڊ گرائونڊ روانو ٿيس، مان هڪ خيمي جو پردو ڪسڪائي اندر آيس مونکي خانصاب ڏسندي چيو ”آئو آئو ٻچي“ ۽ هٿ کان وٺي پاسي واري موڙي تي ويهاريو. هن مونکي پنهنجي ناٽڪ ڪمپني ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو جو مان ڪيس ٽرين ۾ ٻڌائي چڪو هئس تہ مان ڪٿڪ جو سلو ۽ تربيت يافتہ رقاص آهيان. جيڪو شايد هو منهنجي ان وقت سنهري ۽ لچڪدار جسم کي ڏسي ڀانپي ويو هو. خانصاب فرحت حسين کي ڏسڻ سان ڪا فرحت اچڻ بدران ڀڃان ايندي هئي، هن جو رنگ ڏامر جهڙو هو. ناٽڪن جي پيشڪش دوران رات جو جڏهن هو پنهنجي منهن تي اڇي ڪريم مکيندو هو نہ لڳندو هو تہ اها بوٽ پالش ۾ پالهجي ويئي آهي ۽ بتين جي روشني ۾ ڪاري بوٽ تي چمڪاٽ ڪري رهي آهي. اڌ رات ڌاري جڏهن هر ڪو وڃي پنهنجي پنهنجي خيمي ۾ آرامي ٿيو ۽ مان بہ هڪ وڇايل ٽلهي ڪاٺي تي ليٽي رهيس تہ اوچتو اهو ڏامر جو ڍبو فرحت حسين اندر اچي منهنجي پير ۾ ويٺو ۽ سرگوشيءَ ۾ چوائين ”اٿ منهنجي ٽنبوءَ ۾ اڄ مون تو لاءِ هڪ خاص ڏن ناهي آهي، جنهن

تي تون رقص ڪندي، جيڪا تو ڪي هينئر ئي سيڪارڻي آهي، مٿان وري وسري نہ وڃي“ مان چپ چاپ استاد سان گڏ سندس خيمي ۾ آيس. چيائين تہ ”هتي اچي منهنجي پير ۾ ويهہ“ سندس ويجهو آيس تہ ڇڪي ڪٽي پنهنجي سٿر تي ويهاريائين. آهستي آهستي هو منهنجن ڳٽن تي هٿ گهمائڻ لڳو ۽ پوءِ ياڪر ۾ آڻي چميون ڏيڻ لڳو. هن جي وات مان شراب جي تکي بوءِ اچي رهي هئي. مون ڪاوڙ ۾ هن جو هٿ هٽائي پري ڪيو. چيائين ”جان من ڪو بہ ڊپ نہ ڪر. هن وقت هتي ڪو بہ نہ ايندو.“ آهستي آهستي هن ٻئي هٿ سان پنهنجي تنبوءَ جهڙي سلور جو ريشمي ازاربند کولي ڍلو ڪيو ۽ سلوار هين سرڪائي. ڊپ ۽ حراس ۾ مان روئڻ لڳس ۽ ڇڪاريندي چيائين ”بچي روتي ڪيون هو؟ پوچنا تو همارا فرض هئہ آگي تماري مرضي“ خوف. ڏک ۽ شرمساري وچان مان ڳوڙها اگهندو خيمي کان ٻاهر نڪري آيس. پويان استاد فرحت حسين گهگهي آواز ۾ گٽ وهائي ٻُڻ ٻُڻ ڪري چئي رهيو هو ”اڙي او بدبخت لڙڪي. ڪيون اپني نصيب ڪو ٺوڪر مار ڪر جارهي هو؟“ جڏهن مان رقص جي ريهرسل ڪندو هوس تہ موسيقار فرحت حسين جون حوس ڀريون نظرون منهنجي پنڊڙن تي هونديون هيون منهنجي اها پٽ ڏامر جهڙي ڪاري فرحت حسين جي هر وقت فوڪس ۾ رهي، ان رات واري واقعي کان پوءِ فرحت حسين چڱو خبردار ٿي ويو هو، مونکان لن ڪري ڪ ڪائي رهيو هو تہ مٿان مان هن جي ڪڏي ڪم جو ذڪر هن جي ياءُ نواب صاحب رفاقت حسين يا انوري بيگم سان نہ ڪري ويهان. جي مان ائين ڪيان ها تہ ان جو منفي اثر مون تي پڻ پوي ها، ان ڪري مان مصلحتن چپ رهيس، مونکي پنهنجي روزگار کان وڌيڪ پنهنجي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي هئي، انهي منڊلي ۾ اهو هڪ فرحت حسين نہ هو پر ميڪ اپ مئن اختر حسين بہ هو، جيڪو جڏهن ميڪ اپ ڪندو هو تہ پائوڊر ڪريم هٿي، روج سان منهنجا ڳٽا بہ مهٽيندو هو. مان انهن ناٽڪ منڊلين جي چڪر ۾ گهر گهاٽ ڇڏي شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ ۽ در در جا ڌڪا ڪائيندي ڪيترائي پيرا ذليل خوار ٿيس ڪيترن ڪيل ۽ اڻ ڪيل گناهن جون سزائون پو ڳيم، ڪيترن ڪجرين، ڀڙون، دلالن ۽ لونڊي بازن جون صحبتون ماڻيم. 26 مارچ منهنجو جنم ڏينهن هو ان شام انوري بيگم پنهنجي هٿن سان مونکي ڪارڪون ڪارائي مٿان ملائيءَ سان ڀريل ماهي ڪير جو گلاس پياريو هو، منهنجي محبوبہ سروريءَ پنهنجن هٿن سان پرت ڀريل رومال لڪائي منهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو. ان رات مون سينگاريل استيج تي هزارين ناظرين اڳيان، لڇو مهراج جي معيار جهڙي ڪٿڪ ناچ جو مظاهرو ڪيو هو. منهنجي سڄي تن بدن ۾ قيامت جي باهہ ٻرڪيل هئي ۽ ٽڙڪندڙ ٽڙن جي حرڪت مونکي پنهنجي ريشمي پهراڻ اندر ئي خارج ڪري ڇڏيو هو. ان رات مان سهڪي سهڪي ساٿو تي پنهنجي خيمي ۾ ابتو سبتو ٿيو ستو پيو هئس، اڌ رات خيمي جو پردو سرڪيو ڪو جوان ۽ پرڪيل جسم منهنجي ابتي ٿيل لوٽ ڪي سڌو ڪري پنهنجي ياڪر ۾ پيڪوڙي ڇڏيو.

ويچارو سپاهي

آگري ۾ جوتن جو وڏو ڪاروبار هو، شام ٿيندي ئي ڪاريگر جوتن جا ٽوڪرا ڀري ڪناري بزار جي ڀرسان ئي پاسي اچي ويهندا هئا. هڪ ڏينهن مان به امان کان پئسا وٺي ٻه بوٽ خريد ڪري رنڍي کاني جي لنگهه وٽ اچي ويس ۽ جوتن جو ورو ڪرڻ لڳس. پوليس وارن ڏنڊا اولارڻ شروع ڪيا پر منهنجو معصوم چهرو ڏسي قياس ڪاڏائون، هڪ پوليس وارو ته شيطاني نظرن سان مون ڏانهن نهاري مرڪي رهيو هو، ۽ پنهنجن ٽنگن وچ ۾ پتلون مٿان کنهي رهيو هو، پر اينڊڙ وينڊڙ رش ڏسي پنهنجا چپ چٻاڙيندو رهجي ويو.

لونڊو

مهاجرن ڪوڙا ڪليم ڀري، مڪڙن جيان اچي اڏ نواب شاهه شهر ۾ سيني مڪانن ۽ دوڪانن تي قبضو ڪري ورتو، اسان کي نه سندن ٻولي سمجهه ۾ اچي نه ئي هو اسان جي ٻولي سمجهي سگهن. اسان جو پراڻو ملازم اميرو (امير بخش) هڪ ڏينهن پنهنجي ٻارهن سالن جي پٽ سان ان مهاجر جي دوڪان تان ڪا شيءِ وٺڻ آيو. اميرو هر ٻئي ٽئين ڏينهن وٽس ڪجهه نه ڪجهه وٺڻ پيو ايندو هو. جنهن ڪري هن مهاجر دوڪاندار سان چڱي ڏيٺ ويٺ ٿي ويئي هئس. پٽ کي ڏسي ان مهاجر پڇيس "امير بخش يي تيرا لونڊا هئہ؟" اميروءَ جي اکين ۾ رت لهي آيو ۽ وٺندي همراهه کي ڳچيءَ کان جهلي ڪٽي پٽ تي دسيائين ۽ مٿس ٺونشن جو وسڪارو ڪري ڏنائين مهاجر رتو رت حواس باختہ ٿي مار به کائيندو رهيو ۽ پڇندو به رهيو "امير بخش ڪيا هوئا. مئن ني ڪيا ڪيا هئہ؟" دوڪان جي هڪ ٻن نوڪرن جئين تئين ڪري مهاجر کي ڇڏايو. پوليس ڪيس ٿي ويو، بابا صوبيدار کي چئہ چواءِ ڪرائي ڪيس لئہ مٿي ڪرايو ۽ اميروءَ کي ڪجهه ڏينهن لاءِ ڳوٺ موڪلي ڏنو، دراصل اهي اڙدو ڳالهائيندڙ هر ننڍي ڇوڪري کي ويندي پنهنجي پٽ کي به لونڊو چوندا آهن ۽ اسان سنڌين ۾ لونڊو بدفعل يا ڇٽون ڇوري کي چئبو آهي.

گنگوجي غار ۾

ليمڻ ڪومل ياليا پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هي ڪاتي جا پنا ۾ لکي ٿو ته "مان ٽون سالن جي عمر ۾ نواب شاهه جي ولس هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيس، جتي گهڻا ٽئا ماستر شاعر به هئا. ماستر نارائڻ شيام، پرسرام ضياء ۽ منور آباد جي سنڌي اسڪول جو ماستر رانجهو مل، موني بزار جي پوسٽ آفيس ۾ پوسٽ ماستر ۽ شاعر سليم ڳاڙهوي جي ميزباني ۾ روزانو ميڙاڪو لڳندو هو جتي شاعر پنهنجو پنهنجو شعر پڙهندا هئا اتي هڪڙو مزاحيہ شاعر ترڪي ٽوپي سان به ايندو هو. جنهن ته ماستر رانجهو مل جو ڪنهن ڪنگو نالي شاگرد سان، انهيءَ مفعول ڇوري سان، صوفياڻي قسم جو عشق مشهور هئو، جنهن تي ان قندلي ترڪي ٽوپي واري شاعر محفل ۾ هي شعر پڙهيو،

”محمود چاڙتو هئو شيدي اياز ۾ جيڪي ڏنو آرانجهو گنگو جي غار ۾“

ان عمر ۾ مون کي نہ محمود جي نالي جي ڄاڻ هئي نہ شيدي اياز جي ۽ نہ ئي مون کي گنگو جي غار جو مطلب سمجهہ ۾ ايندو هئو. پر مونکي اها شاعري وڻندي ضروري هئي.

گانڊو

پنگ جو نشو گانڊو نشو آهي. ريڊيو اسٽيشن تي مان ڏهہ ٻارهن سال اسڪرپٽ رائيٽر طور ڪم ڪيو، هڪ ڏينهن شوراتڙي تي مان پنگ جا چار گلاس چاڙهي شام جو ريڊيو تي LIVE ڪامينٽري ڪندي، پاڪستان جي ظالم ۽ احسان فراموش ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق لاءِ لفظ گانڊو نڪري ويو، ٻئي ڏينهن ليڊي ڊائريڪٽر مونکي سڏائي مونکان انگريزي ۾ ”گانڊو“ لفظ جو مطلب پڇيو (هن کي هندي يا اردو نہ ايندي هئي) ان لفظ جو انگريزي نعم البدل ملڻ ناممڪن هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ مون کي سخت وارننگ جو ليٽر مليو.

قائم علي شاهہ واري پنگ

وزير اعليٰ سيد قائم علي شاهہ واري هي اعليٰ پنگ پڻ سيڪس جي واڌاري لاءِ اهم حيثيت رکي ٿي. شراب جي بوتل 800 روپين کن جي آهي. بوتل جو چوٿون حصو پڻ 200 روپين جي قيمت جو ٿئي ٿو، ان شراب پيئڻ لاءِ ماحول کپي، ٽيبل ڪرسي، گلاس، جڳ برف ڪولڊڊرنڪ نمڪو ماچس سگريٽ ايسٽري کپي ۽ شراب جي استعمال کان پوءِ پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪڙهائي گوشت يا مٽن ضروري کپي پر پنگ پٽاري پٽ تي ٻہ پئي سگهجي ٿي رڳو هڪ گلاس خالي کپي سڀ جو ڪم ٿي ويندو ۽ پوءِ 50 روپين کن جا پڪوڙا سڄي سنگت لاءِ گنج آهن، محترم بشير خان قريشي بہ پنگ جو موالي هو تہ سندس پٽ ۽ موجوده جسقم چيئرمين محترم صنعان خان قريشي پڻ پنگ شوق سان پئي ٿو. لياقت رضوي کان عرفان مهدي تائين، تاج جويو کان علي نواز ٿل تائين اسرار شام کان حسن درس تائين سمورن اديبن پنگ پيتي مونکي تہ ادل سومري ۾ بہ شڪ ٿو لڳي پر مون ڪيس ڪڏهن بہ پنگ پئيندي ڪو نہ ڏٺو آهي، مسڪين عزيز گوپانگ تہ پنگ ڏئي بہ نہ آهي تہ ڪيئن ٿيندي آهي. منهنجي دوستن ۾ فضل جوٽيجو، ڪاشف جوٽيجو ۽ سعيد سهتو تہ پنگ جا اڄ بہ موالي نمبر 1 آهن. باقي موالي عبدالله ملاح تہ رڳو نالي ۾ موالي آهي.

صحافي (اخبار باز)

تون ئي صحافت، تون ئي سياست — تون ئي خاص خبر وو جاني! (سرمد چانڊيو)

پڙهہ، ٻڌ، ڏس، سک ۽ لک، اهي پنج ئي متا هميشہ ياد رکڻ کپن، سنڌ جا ٻار پڙهي نتا سگهن، حڪمران ٻڌي نتا سگهن. هت انصاف ڏسڻ ۾ نتو اچي، دک ڪائڻ کان

Scanned with CamScanner

پوءِ سکڻ تہ اسان سکيائي ناهيو ۽ اسان جا ليکڪ ۽ صحافي سچ لکي نٿا سگهن. هت شاعري رڳو ڪرڻ لاءِ، ڪهاڻيون رڳو لکڻ لاءِ، اخبارون رڳون اشتهارن لاءِ وقف آهن، اڄوڪي اخبار ڪاوش ڪٽي پڙهيم ۽ ڏٺم تہ 12 پيجن جي اخبار جي قيمت 12 روپيا هئي، جنهن ۾ ننڍا وڏا ڪل ملائي 84 اشتهار هئا. ڪٽنگ ڪري پراڻي اخبار تي پيسٽ ڪيم تہ ڪل اٺ پيج ٿيا. معنيٰ 12 صفحن جي اخبار ۾ رڳو چار صفحا خبرون جا هئا باقي 8 صفحن تي اشتهار هئا، تب اخبار جي قيمت 12 روپيا. اهو ظلم ناهي. علي قاضي صاحب، تہ پيو ڇا آهي؟ ان ڪان تہ ليکڪ سليم چنا حق حلال جي پگهار مان پنهنجا ڪتاب ڇپائي هر مهيني مفت پيو ورهائي، قيمت ڪجھ بہ نہ، سڄا سارا 27 ڪتاب مفت ۾ اها ادب جي خدمت ناهي تہ پيو ڇا آهي؟ هن ڪي تہ اشتهار ڪو نہ ٿا ملن، خير صحافت جون گهڻيون ئي وصفون ۽ ڪيئي تشريحون آهن، صحافت جو ڪم بنيادي طور تي خبر رکڻ آهي. صحافت جمهوريت جو چوٿون ٿنڀو آهي. هڪ بيباڪ صحافي مظلومن جي آواز کي بلند ڪرڻ لاءِ پنهنجي قلم کي بي باڪيءَ سان استعمال ڪندو آهي، هڪ ذميوار صحافي پنهنجي فرض بجا آڻڻ لاءِ ايمانداري، ديانت ۽ صاف گوئي ڪان ڪم وٺندو آهي. پنهنجي بي باڪانہ صحافت جي سچائي خاطر جن هڏ ڏوکين پنهنجو سيڪھ داءُ تي لڳايو تن ۾ بخشڻ مهراڻوي جو والد صاحب مشهور صحافي شهيد فقير محمد رحيم مهر، فقير محمد لاشاري، شمشير الحيدري ۽ محمد عثمان ڏيپلائي شامل آهن، جن عوامي حلقن ۾ پنهنجي سچائي ۽ سون تي سيڻ نہ مٽائيندي ڪافي شهرت ماڻي ۽ نانءُ پيدا ڪيو، جن پنهنجي عظمت ڪي قائم رکي صحافت کي نوان لاڙ ڏنا. جن بيباڪي جو مظاهرو ڪندي صحافت سان گڏ پاڻ کي بہ امر بڻائي ڇڏيو ۽ اڄ بہ اسحاق منگريو جهڙا ذميوار ۽ باڪردار ڪيئي صحافي آهن جيڪي جرنلزم جي ساک بچايون اچن ٿا. اهڙن اخبار نويسن جي اعليٰ معيار جي جديد صحافت کي منهنجو سلام آهي، باقي راڄو واڄ، سونيون منڊيون، سوني چين ۽ بوسڪي جي قميض پائي پريس ڪلب جي احاطي ۾ شراب پئي گند ڪن ٿا ۽ لفافي جي سهاري صحافت ڪن ٿا، اهڙي صحافي ڪان معافي. ڪهڙو صحافي ڪيتي بيلو آهي، هر ڪنهن جي ضمير جو مسئلو آهي. سڀ ايوارڊ پهلي سرفراز وسطڙو سفارش تي ڪٽي وڃي ٿنهن سان لالا رحمان سمون، مهيش ڪمار، جعفر ميمڻ، اقبال ملاح، يونس مهر يا جاويد ڀٽي کي ڪو فرق نٿو پوي ۽ نہ ئي ان سان ڪو ڪامريڊ غلام رسول سهتو، مظهر چانڊيي جي سڄي پگهار ڪٽي ڇڏيندو، باقي ناز سهتي ۽ نياز پنهور ڪي تہ پگهار جي پرواھ ناهي، علي قاضي زنده باد. ڇا اهو سنڌ جي صحافت جو الميو نہ آهي تہ اخبار هجي نہ هجي ٿي بہ صحافي آهي! ڪجھ لکي نہ لکي تہ بہ صحافي آهي. گهٽ ۾ گهٽ مان تہ سنڌي پرنٽ ميڊيا، سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سنڌي سوشل ميڊيا ڪان پري آهيان، باقي ڏاهو منهنجي ڏيھ جو دانهون منهنجي ديس جون ڪري ڪري غلام مصطفيٰ سولنگي اڃي ٿڪو آهي. هاڻ هي حقيقي صحافت ۾

دلچسپي نٿو رکي ۽ سسني خيزيءَ ۾ دلچسپي رکي ٿو. هي هاڻ سهڻي (سهڻي پارس) نہ پر هر سهڻي ڇوڪري کي سنڌ راڻي ڪري ڪڍ لڳي ٿو. آغا ظفر هوشياري وڌجانءِ ڪٿي تون بہ هن سان گڏ نہ مفت ۾ ماريو وڃن.

ايل بي او ڊي هڪ مها آفت

هن وقت منهنجي هٿ ۾ مون واري يار سليم جمالي جي چاچي مذاحمتي ۽ جاکوڙي صحافي الھ بچائي جمالي جي ڪالمن جو مجموعو "ايل بي او ڊي هڪ مها آفت" آهي. صفحي 37 ۽ 38 تي سليم جمالي لکي ٿو تہ جديد صحافت جا بنياد رکندڙ شمشير الحيدري، سراج، آغا سليم ۽ فقير محمد لاشاري جهڙا صحافي هاڻ فقط ڪتابن جي صفحن ۾ ملن ٿا، ۽ سنڌ جي موجوده صحافت جي صورتحال ڏسي لگ ڪاندار جو وڃن ٿا. هاڻ رڳو مارڪيٽ ۾ ڪال گرل جيان هلندي ڦرندي ريٽ طئہ ڪندڙ بازاري صحافي سرگرم آهن. سنڌ! جتي هاٽي خبر جو ريٽ طئہ ٿئي ٿو، هر خبر جو، هر اشو جو ملھ پنهنجو پنهنجو آ. جڏهن سنڌ جي صحافت بازار جو وکر بڻجي وئي تہ صحافي نالي مخلوق ڇائنا جي موبائيل سيٽ جيان عام جام ٿي پئي آهي. جاڏي نظر ڪر تاڏي صحافي سڳورو بيٺو آهي، هي هلندي ڦرندي ڪچي صورتخطي ۾ خبر ناهي ڇڻ خبر سان ريپ ڪري ٿو. هاڻ تہ صحافين تي ڇتون ڇورا بہ ڪلن ٿا تہ هل ڙي! هي بہ صحافي آهي. اها ڪم چور، ڪاهل، نااهل ۽ واندي خلق، اوهانکي ٽن جاين، هوٽلن تي سڄو ڏينهن ڪانيءَ هڏي ويئي چانھ پئندي، درگاهن تي چرس پئندي ۽ پريس ڪلب تي شراب پئندي اهو توتي نااهل گروه جيڪو پنهنجي مزاجن ۽ روين ۾ مها حرامخور هوندو آهي. حرامپائين جي گرن ۾ دلال جيتري اهليت رکندو آهي. تڏهن تہ اهي پريس ڪلب جا عهديدار حد جي ٽاٽي جا ايجنٽ ڏيرو جا پيچ لتڪائو ۽ منشيات فروشن جا ساٿاري هوندا آهن. اهڙن صحافين جو اصل چهرو توهان کي ڪنهن سياسي يا اين جي اوز پاران ڪيل ڪنهن پروگرام ۾ ماني کائڻ وقت ڏسڻ لاءِ ملندو. هي هر وقت ڪنڌ ۾ ڪارڊ لتڪائي پنهنجي مقرر ڊيوٽي تي ادا ڪندي نظر ايندا هنن ڪري رڍن جو صحافي ٿيڻ جو مقصد عوام جو آواز اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ نہ پر رڳو پئسو ڪمائڻ يا ڪنهن سپاهي، پنگي ۽ رڪشي واري تي روعب ڄمائڻ هوندو آهي. هنن کي دنيا جي وڏي ۾ وڏي خوشي اخبار جو ڪارڊ ملڻ هوندي آهي. اهي عجوبا اخباري اداري جو اهو لائيسنس ملن ڪانپوءِ پهرين ٻن ٽائرن واري ڪودا گاڏي وٺندا آهن ۽ ان جي اڳيان پنيان پريس واري پٽي هر حال ۾ هر صورت ۾ هڻندا آهن تہ جئين ڪرڙ ڪانڌيري کي خبر پوي تہ "صحافي پٽ" پيو وڃي آخر ۾ هي سنڌ صحافت جي ڪاهوڙي ڪردار الھ بچائي جمالي لاءِ لکي ٿو تہ "هي بدبن ضلعي جي قتل درياهن جي ديس ڪڍڻ جو انسان بااصول صحافي آهي، جنهن جي هر هڪ تحرير ۾ اجڙيل ديس جي ماٺهن جو ڪيڏارو آهي، هن بااصول وطن دوست، روشن خيال، ڪاهوڙي صحافيءَ پنهنجي 40 سالن جي صحافتي ڪيريئر ۾

Scanned with CamScanner

ڪيترن ماڻگر مچن ۽ ڪڏڻ سان مهاڏو اٽڪايو. جڏهن واپڊا ۽ ورلڊ بئنڪ جا نااهل بدعنوان ڪامورا ۽ اعليٰ دماغ رکندڙ انجينئر آدم خور خوني ميگا پروجيڪٽ ايل بي او ڊي ٺاهڻ ۾ مصروف هئا تڏهن انهن بدمستن کي جيڪڏهن ڪنهن للڪاريو ته اهو الهه بچايو جمالي هو. هن انهن ديسي ۽ ولايتي ڪوڙن دلالن جي ڪاري ڌنڌي کي ڪيترن اخبارون ۾ اگهاڙو ڪيو. هي لطيف شناس آهي. پر لطيف سنڌس لاءِ پير ناهي، پير پرستيءَ کان ڪيس ايتري نفرت آهي جيتري محمد عثمان ڏيپلائي کي هئي".

محترم محمد عثمان ڏيپلائي

(هڪ مهان شخصيت کي پيتاءِ خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو.)

مان ننڍپڻ کان ئي پاڻ وڏن جي صحبت ۾ رهيس 1970ع واري ڏهاڪي ۾ مان ادب جي شوق سبب اديبن ڏانهن مائل ٿيس. انهيءَ دور ۾ منهنجي محترم سائين نثار حسيني سان ملاقات ٿي. جيڪو مونکي آرٽ، لٽريچر ۽ ڪلچر وارن محفلن ۾ وٺي ويندو هو. جنهن مونکي سنڌ جي مهان ليکڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ بيهارڻ جي سگهه ڏني. منهنجي سنڌ جي ڏات ڌڻين، برک عالمن، مفڪرن، ڏاهن فلاسافرن، اديبن، ليکڪن، شاعرن، سگهڙن، صحافين ۽ استادن سان وڏي عقيدت چاهت ۽ محبت رهي آهي. منهنجون هنن سان وڏيون صحبتون ۽ رهاڻيون رهيون. تن ڏينهن ۾ ئي هن ڏيلي جي ڏاهپ، حيدرآباد جي هير ۽ سنڌ جي سونهن محترم محمد عثمان ڏيپلائي جي زيارت ۽ شفقت نصيب ٿي. ادبي دنيا جي هن شاهڪار جو وجود سنڌ جي اديب لاءِ باعث فخر هو. هر اديب جي دل ۾ هن لاءِ تمام گهڻي عزت ۽ احترام هوندو هو، هي روايتي ليکڪ نه پر هڪ مجيل ليکڪ هو. هي عام ماڻهو نه پر عظيم انسان هو. هي خدا جي خدائي ۾ انسان نه پر هڪ فرشتو هو. هي وقت جي ڪوڙن خدائن آڏو سچ جي للڪار هو. هي قول جو سچو، عقل ۽ علم جو ابو هو. هي دل جو درياهه ۽ قلم جو بادشاهه هو. هن جي لکڻين ۾ تري ڏٽ جهڙو سوات هو. هي ڏيپلي جي وارياسي ڌرتيءَ جو ڄائو، دل جو تر جيترو وسيع هو. هن بي مثل ماڻهو، هن لاجواب شخصيت ۽ هن لاثاني انسان کي ٿري پوڄيندا هئا. هي هو به ته هر طرح پوڄڻ جي لائق. هي راڄ ڀاڳ جو مالڪ، ميمڻ ڪميونيٽي سان تعلق رکندو هو. هي ابتي ڪل لاهيندڙ ڪاروباري ميمڻ نه هو، هن نه ابائي مائيناٽي ملڪيت کي به لت هڻي ڇڏي، هن جون تخليقون هن جي وجود جي سڃاڻپ هيون، پس اها ئي هن جي زندگي جي تاريخ آهي، هي جڳ جهان لاءِ صرف ۽ صرف محمد عثمان ڏيپلائي هو. چون ٿا ته "نالن جو پنهنجو مزاج هوندو آهي" هن جي نالي پٺيان به هڪ مخصوص ماحول ۽ پس منظر موجود هو. محمد عثمان ڏيپلائي هن جو نالو هو. هن جي ماءُ هن جي جنم کانپوءِ ڇٺي ڏينهن هن جو اهو نالو سوچي سمجهي رکيو هو. حضرت محمد پنهنجي جهانن جي سردار جو نالو آهي، عثمان سخاوت جو پيو نالو آهي ۽ ڏيپلو واريا سو پٽ آهي پران جي پاتال ۾ سوني جون کاڻيون آهن، جمڻ وقت

Scanned with CamScanner

هن جي امڙ رب کان دعا گهري هئي تہ اي رب منهنجي هن ٻچڙي کي محمد جي سادگي، عثمان جي سخاوت، ابوبڪر جي عمر ۽ عمر جو انصاف ڏجان ۽ هي ٻچڙو جڏهن جوان ٿيو تہ هن پنهنجي امڙ کي چيو "امان پنهنجي رب کان اها دعا بہ گهر تہ منهنجي قلم کي حيدر جي تلوار جيان تيزي ۽ طاقت ڏجان" هن جي قلم ۾ واقعي طاقت ۽ تيزي هئي. هي قوم جو حقيقي دانشور ۽ سوچيندڙ ذهن هو، هي هڪ تمام وڏو ليکڪ، اعليٰ اديب ۽ باڪردار صحافي هو. هن سماج خلاف لفظن ۽ خيالن جي هٿيار سان جنگ جوتي، هن بي خوف بي پرواهہ ۽ بي باڪ ٿي لکيو. هن لکڻين کي نئون موڙ ڏنو، هن ۾ اظهار جي قوت ۽ تخليق جي سگهہ هئي. هن پنهنجي قلم کي هٿيار ۽ پنهنجي ذات کي علامت بنائي سچ جو ساٿ ڏنو. هن جيڪو بہ ڪجهہ لکيو سچائي ۽ ايمانداري سان لکيو. هن ڪنهن بہ موڙ تي پنهنجي آدرشن جي سوديبازي نہ ڪئي، هن پيرسن جي ٻڍاپي ۾ بہ سچ جي طاقت هئي. اها هن جي نيت جي سچائي هئي. هن جي ڏات ۽ هن جو فڪر جو ڳانڍاپو سڌو سنئون سنڌيت سان هو. هن جي لکڻين ۾ سنڌ جا عڪس، اولڙا ۽ احساس هئا. هن جانثار کي پنهنجي وطن پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي ثقافت سان بي پناهہ پيار هو، هن سچ ۽ سنڌ جي عشق ۾ پاڻ فدا ڪيو. جڏهن ڪو سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلي جو سوچيندو آهي تہ هي سنڌ واسي بہ ان سان بي پناهہ پيار ڪندا آهن هن جي چاهيندڙن جو سنڌ ۾ هڪ وسيع حلقو هو. هن سنڌ جي ماڻهن کي هر مشڪل وقت ۾ ساٿ ڏنو. مشڪل کان مشڪل وقت ۾ بہ هن جي صلاح مشورو همت ۽ حوصلي ڏيارڻ سان آساني ٿي پوندي هئي. هي سخاوت ۾ بہ برک هو. هي حقيقي سچو ۽ محنتي ماڻهو باهمت ۽ اڻٿڪ ليکڪ هو. جنهن ادب ۾ پاڻ کي خوب مڃايو. هن جي، معاشري ۾ پيدا ٿيندڙ هر برائي تي ڪڙي نظر هئي، هن انسانيت کان هيٺ اچلايل ذلت ۽ خواري تي لکيو. هن سماج جي ظلم تي لکيو. هن قومي ڦرلٽ تي لکيو، هن ملان جي اندر ۾ ويٺل ابليس تي لکيو. هن ڪعبي مان پيدا ٿيندڙ ڪفر تي لکيو. هن مذهبي منافقي تي لکيو. هن شڪر تي لکيو ايمان تي يقين تي لکيو، هن جا سمورا ڪتاب انمول ۽ بي ملهہ هئا. هن جا اهي سچ جي ڪوساڻ سان ڀريل ڪتاب آسماني ۽ الهامي ڪتابن کان وڌيڪ وڪيا ۽ پڙهيا ويا، هن جي لاڏائي سان پنهنجي دور جي هڪ وڏي ليکڪ جي پڄاڻي ٿي. پر هي ڏات ڏٺي سدا جيئاڪ بڻجي ويو هي، سچ لکندڙن جي لکڻين جي صورت ۾ اڄ بہ زنده آهي. هي تاريخ جي يتيمي جي ٽپندڙ آس ۾ پنهنجا عڪس ڇڏي ويو. هي پنهنجي پويان نہ صرف قومي خدمتن جو سونهري رڪارڊ ڇڏي ويو بلڪہ ورثي ۾ پنهنجي نيڪ ۽ صالح اولاد پڻ ڇڏي ويو هي اڄ اسان وٽ جسماني طور موجود نہ آهي پر سندس حياتي جو نظريو ۽ خلق جون خدمتون اسان اڳيان مشعل راهہ آهن. هن جي محبي پٽ محترم محمد علي ڏيپلائي وڏي جاکوڙ، جفاڪش، ڪوشش ۽ محنت سان نہ رڳو سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي مهراڻ جو خاص ڏيپلائي نمبر شايع ڪرايو پر سنڌي ٻاراڻي نئين نصاب ۾ ڏيپلائي صاحب تي سبق پڻ شامل ڪرائي حقيقي پٽ جو ڪردار ادا ڪيو جنهن تي

کين سلام پيش ڪجي ٿو، اجا ڏيپلائي صاحب جي نالي ۾ ڪا يونيورسٽي ڪا اسپتال قائم ڪرڻ کپي تڏهن اسان هن عظيم انسان جو حق ادا ڪري سگهنداسون.

جان ڪيري جو سنڌي ٽوپي پائڻ کان انڪار

مارڪيٽ ۾ تازو آيل (ڏبئي، آمريڪا، لنڊن ۽ يورپ) جي سفرنامي "هوا جي ديوار" جو ليکڪ ۽ منهنجو دوست منظور جوکيو صفحي 110 کان 111 تائين ۾ لکي ٿو ته "انسٽيٽيوٽ فار ٽريننگ اينڊ ڊولپمينٽ ITD جي ٽريننگ لاءِ اسان جڏهن واشنگٽن وياسون ته اسان جي پروگرام جو اهم مقصد سينيٽر جان ڪيري سان ملاقات ڪرڻ به هو. ڪيپيٽل هل جي ڪانفرنس هال جو جڏهن وڏو دروازو کليو ته هڪ ڊگهي سنهڙو سمارٽ ۽ خوبصورت ماڻهو جنهن کي دنيا سينيٽر جان ڪيري جي نالي سان سڃاڻي ٿي. نمودار ٿيو ۽ سڀني سان ملڻ کان پوءِ هو اسان سان به وڏي گرمجوشيءَ ۽ مسڪراهٽ سان مليو ۽ اسان کان حال احوال وٺڻ کان پوءِ چيو ته "پاڪستان ۽ آمريڪا جي دوستي جي هڪ تاريخ آهي. هن مشڪل گهڙين ۾ دهشتگردي خلاف شروع ڪيل جنگ ۾ اسان جي فتح پاڪستان جي فتح آهي ۽ جيڪر اسان هارايون ٿا ته اها هار پاڪستان جي به هوندي آهي. هن جي مختصر ڳالهه ٻولهه بعد هو اسان سان گروپ فوٽو ڪڍرائي ٿو. اسان کيس گذارش ڪيون ٿا ته پاڪستان مان هن لاءِ ڪجهه سوکڙيون آنديون آهن، هو خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو، مان کيس اجرڪ اوڍايان ٿو، مسڪرائي شڪريو ادا ڪري ٿو ۽ فوٽوگرافر فوٽو ڪڍي ٿو، وري کيس سنڌي ٽوپي پهرائڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو ته هو مسڪرائي چوي ٿو ته "سينيٽر ڪينيڊي سياست ۾ منهنجو استاد آهي هن جو چوڻ آهي ته "ڪڏهن به ٽوپي پائي فوٽو نه ڪڍرايو ڇو ته اها توهان جي هڪ خاص سڃاڻپ پيدا ڪري ٿو جيڪا توهان جي وسيع سياسي حڪمت عملي کي محدود ڪري سگهي ٿي." انهيءَ ڪري مان اوهان جي ٽوپي جو تحفو دل سان قبول ڪريان ٿو ۽ انهيءَ کي هٿ ۾ جهليان ٿو." اجرڪ ۽ ٽوپي جو ڏهاڙو ملهائيندڙ علي قاضي ياپي ڪنهن کي جان ڪيري تي ڇو اعتراض ناهي. ان جو ڏلن ڪاٿو ته خبر پوي ته ڪو مرس آهي.

ايڪتا جو ڏهاڙو

ڪاڇو ڪڙي ٿي اڄ ڪٿين انقلاب

ٽوپي اجرڪ ٿي مچي ڪٿين انقلاب (استاد بخاري)

جڏهن ملڪ جي پهرين سنڌي صدر محترم آصف علي زرداري سنڌي ٽوپي لڙ ٿي رکي شان سان غير ملڪي دورا ڪيا ته هڪ پناهگير سامراجيت جي نمائينده چينل "جيو" جي تعصب پرست ۽ مفاد پرست صحافي شاهد مسعود جڏهن جي رڳن ۾ سنڌ سان نفرت جو زهر ڀريل آهي سنڌي صدر تي نفرت آميز طعنو هڻي سنڌ قوم جي ثقافت تي وار ڪري آجائي واويلا مچائي، تڏهن سنڌي قوم جي ثقافت ۽ غيرت کي

للڪارڻ ناقابل برداشت ٿي پيو. سنڌي قوم هڪ متحد قوم آهي جا پنهنجي ثقافت ۽ ٻولي جو تحفظ ڪرڻ بهتر انداز ۾ ڄاڻي ٿي.

جو قوم جيئاري اهو جيئندو رهندو، جو عالم اجاري اهو جيئندو رهندو
مونکي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آ. جو سنڌ سنواري اهو جيئندو رهندو (استاد)

پنهنجي ڪلچر کي اجاگر ڪرڻ غيرت ۽ قومي فرض آهي. ايڪتا جي علمبردار سنڌ ڄائي محترم علي قاضي سنڌ ثقافت جي تحفظ طور ۽ پنهنجي جيجل ماءُ سان محبت جي اظهار طور پنهنجي ثقافت ۽ ڌرتي کي پيتا ڏيڻ لاءِ جسم تي اجرڪ ويڙهي مٿي تي سنڌي ٽوپي پائي هٿ ۾ ڪهاڙي کڻي شهپر وٽي سنڌيت جو علم کڻي 6 ڊسمبر 2009ع تي قومي ڏهاڙي (ايڪتا) جي سونهن ڏني، جنهن وساريل ثقافت کي نئون جنم ڏئي زنده ڪري سنڌي قوم ۾ اتساهه پيدا ڪيو.

سنڌ جا ماڻهو ٽوپي اجرڪ سان نمايان ۽ منفرد لڳندا آهن ٽوپي جو اعليٰ مان آهي ۽ اجرڪ جو بيشڪ وڏو شان آهي سنڌي ٽوپي اجرڪ سان سنڌ جو حُسن وڌي ٿو. سنڌ جيتري سهڻي آهي ان جي ثقافت به اوتري پياري ۽ نرالي آهي. سنڌ جي ثقافت ٽوپي اجرڪ پٽڪو دنيا جي سڀني قومن جي ثقافتن کان مختلف آهي جنهن تي هر سنڌي ماڻهو کي وڏو ناز آهي، پنهنجي ڌرتي ۽ ان جي ثقافت سان محبت جو اظهار ته پوري دنيا ۾ مختلف قومون ڪنديون رهن ٿيون پر جهڙي ريت سنڌي ماڻهو پنهنجو ايڪتا ڏينهن ملهائين ٿا، ان جو ڪو به مثال نظر نٿو اچي اسان جي ڏڻ ۽ ايڪي وارو پيغام سڄي دنيا ۾ ڦهلجي رهيو آهي

سنڌ،سنڌي اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪي ٽي اين KTN چينل ۽ سنڌي پرنٽ ميڊيا روزانه ڪاوش جي سڏ تي قديم سنڌي ثقافت جي لڪين رنگ ڪٽي نڪري پئي اجرڪ ٽوپي سنڌي ثقافت ۽ تهذيب آهي سنڌو پٽا جو عالمي سفر سنڌ ٽوپي سان سڄاتو وڃي ٿو. سنڌي عوام ۾ ثقافتي جوش پريندڙ سنڌ جي نئين اڀرندڙ ليڊر محترم علي قاضي جي ڏاهپ ۽ جدوجهد کي سلام آ. جنهن سنڌين جو وقتائينو علم کڻي سنڌ جي سمورن شهرن وستين واهڻن ۾ ثقافت جا انيڪ رنگ پکيڙي ڇڏيا، جنهن درياهه سان يڪجهتي جا ڏينهن سنڌ اندر رواج ۾ آڻي قومي ڏڻ (ايڪتا) جو ڪريڊٽ ماڻيو.

6 ڊسمبر 2009ع تي سنڌي ٽوپي جو ڏهاڙو
24 جنوري 2010ع تي سنڌو درياهه جو ڏهاڙو
5 ڊسمبر 2010 تي ايڪتا جو ڏهاڙو
20 نومبر 2011ع تي ايڪتا جو ڏهاڙو
23 ڊسمبر 2012ع تي سنڌ مهنجي امان
8 ڊسمبر 2013ع تي ايڪتا جو ڏهاڙو
7 ڊسمبر 2014ع تي ايڪتا جو ڏهاڙو

هاڻي هر سال اهو ثقافتي ڏينهن ملهائڻ جي روايت پئجي وئي آهي. اجرڪ ۽ ٽوپي جي تجلن وارو اهو ڏينهن جشن طور ملهايو وڃي ٿو. سنڌي ماڻهن لاءِ هي ڏينهن ڄڻ عيد آهي. اها اسان جي قومي عيد آهي. ثقافتي ڏينهن عيد جهڙي خوشي جيان ملهائڻ جو مقصد آهي ته اسان پنهنجي ايندڙ نسل کي پنهنجي ثقافت جي باري ۾ شعور ڏئي سگهون ڇو ته؟ هر قوم جي سڃاڻپ ان جي ثقافت سان ئي ٿيندي آهي. جنهن ثقافت وساري ان قوم وساري ۽ جنهن قوم وساري ان کي تاريخ وساري ڇڏيندي آهي.

ماڻسان وچن

جي سياست تي لڙو ٿا پيا، لڙو. جي عقيدا ٿا رکو بيشڪ رکو
سنڌ لئه ليڪن سڀئي گڏجي اٿو. سنڌ کي ٿاهي وٺو ٿاهي وٺو!
(استاد بخاري)

سنڌ سدائين پاڻ ملهايو آهي پر سنڌ سان ڪنهن به نه نڀايو آهي.

”وڏي سٿڻ ڍگهي قميص وڏو پٽڪو، اجرڪ ڪلهي تي ۽ پوءِ هل پنهل ميلي تي “پرائي مال تي توپي نراڙ تي.“ اهي توپي باز سنڌي اڳواڻ رڳو پنهنجو پاڻ کي سرخرو ڪن ٿا. چينلن تي چڪلائپ نڪري چڪي آهي. KTN الڳ، سنڌ TV ۽ مهراڻ TV الڳ ته آواز TV ۽ ڌرتي TV الڳ، قرآن ۾ لکيل آهي ته هڪ نه آهي ٿيٽو. قاضين کي خانداني ورثي ۾ مليل آهي ته جتي به وڃون ڳني پنهنجي الڳ ڪجو. هنن تي رنڪ ڪرڻ ڪپي ته هي سنڌ سان ڪيترا وفادار آهن. مان ايڪتا جي هن عظيم فلسفي کي سمجهڻ کان قاصر آهيان. ايڪتا جي ڏينهن جو لڪاءُ به ڏسڻ وتان آهي. اسان سنڌين ۾ ڪيتري ٻڌي آهي، سا اسان ايڪتا جا ڏينهن الڳ الڳ ملائڻ جي مقابلي ۾ ڏسي چڪا آهيون. اها هنن جي عظمت آهي جو اسان جو قومي ڏهاڙو هڪ نه آهي، هي سنڌ جي طاقت گڏ ڪري الڳ ٿيندڙ. هي ٻڌي جي روپ ۾ ڏار، اهو هنن ثابت ڪيو ته اسان لکين سنڌي گڏ هوندي به گڏ نه آهيون. هنن سنڌين جي گهٽگهرن ته ايڪتا کي لوڙي ڇڏيو، سنڌ سان هن انو کي فلسفي ۽ وفاداري کي ڏسي دنيا دنگ رهجي وئي هوندي ۽ پر کي ڇڏيو هوندو ته سنڌي ڪڏهن به گڏ نٿا ٿي سگهن. هي سنڌين ماڻهن جي گڏيل فهم جا عاشق ته آهن پر هنن کي پاڻ ۾ گڏ ٿيڻ جو شعور ناهي. ڪروڙين ماڻهو جو گڏيل فهم به دن کي پاڻ ۾ گڏ ثابت نٿو ڪري سگهي. هي چينل باز بازيگر، اشتهار بازي ذريعي پنهنجي طلسماتي ڪردار سان ماڻهن ۾ ٻڌي جي سگهه کي ساڙو ڪندا رهيا آهن. هنن جو لهلو درست ڪو نهي ماني، ٿن ڏهُ تي مو ڇڙو ٿن گهٽ. اها سنڌي ٻيتا جي جيت نه پر هار آهي. اهڙي ڪردار تي ڪين شاباس ڏيڻ کپي. هي هزارين سنڌين کي گڏ ڪندڙ مدبر اڳواڻ پاڻ هڪ ڏينهن تي گڏ ٿيڻ لاءِ به تيار نه آهن. گهڻ معنيٰ بي عزتي، ٻنهي ڏرين ٻاهن ڪتيل گروپ ۽ لن ڪتيل گروپ آخر تائين آڻ نه مڃي، هزارين ڪوشش جي باوجود به گڏ نه ٿيا. هن ڏينهن تي پنهنجي بزرگن جي ڏنل درس طور بعض رکي اهي ٻاڻي جو عزم ٿا دهرائين. ٻڌي ۽ محبت جو سبق نه هنن کان سکڻ کپي. سنڌي عوام کي

هنن جي نقش قدم تي هلي اهڙي ئي شاندار ٻڌي جو ثبوت ڏيڻ کپي، سنڌي لوڪ جي دلين سان کيڏيندڙ ۽ ايڪتا جو سڏ ڏيندڙ پهرين پاڻ ايڪي جو سبق سکن ۽ پنهنجي وجود کي هڪ ڪري ڏيکارين تنهن کان پوءِ ايڪتا جا گيت ڳائين ۽ جهمريون پائين اصل ايڪو تڏهن ٿيندو جڏهن اوهان پاڻ گڏ ٿيندا نه ته هر هڪ سنڌي اوهان واري واڪ وٺندو. اهو ايڪي ۾ مليل ڪروڙ ٿلهن نعرن رقص طور ملهايل دلي نه پر ظاهري قومي ايڪتا جي ڏينهن کي لوڙهي ڇڏيندو، محبت جي سگهه جي سامهون نفرت ۽ ڪروڌ جي سگهه ٽڪي بيهي سگهي. قوم جي مفاد خاطر ٺاهه لازمي آهي، وڏيون وڏيون جنگيون لڳنديون آهن. هزارين ماڻهو مارجي ويندا آهن، آخر ڳالهه وري به ٺاهه تي نڪرندي آهي. هي نه جنگ آهي نه دشمني، صرف ڌرتي ۽ قوم خاطر هڪ ڏينهن تي گڏ ٿيڻ جي ڳالهه آهي. ضد ۽ انا کي پوري ڇڏڻو آهي، پاڻ کي سنڀالڻو آهي. پاڻ مان اختلاف ڪڍڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. ڌرتيءَ سان حقيقي محبت ۽ ثقافت سان پيار جو ثبوت ڏيڻو آهي. پاڻ ۾ کير کنڊ ٿيڻو آهي، لکين ماڻهن جي ان غير معمولي سگهه کي دانشمندي جي ضرورت آهي. ذاتي رنجشون ختم ڪري هڪ متحد قوم هجڻ جو ثبوت ڏيندي اهو عزم ڪرڻو آهي ته اسان ۾ ڪي به اختلاف نه آهن. تدبر تشڪيل ڏئي پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻي عملي طور گڏجي ايڪتا جو حقيقي روپ ڏئي، ڏيهه توڙي پرڏيهه کي ڏيکارڻو آهي ته قومي ٻڌي جي ايڪتا هينئَ هوندي آهي. آخر ۾ نديءَ جي پاڪ ۽ پوتر جل مان وضو ڪري شاهه جي مقدس رسالي تي هٿ رکي، سنڌ جيجل ماءُ سان اهو وچن ڪرڻو آهي ته امڙ هن دفعي ائين نه ٿيندو.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

باب اٺون: سنڌ نامو

مهانگائي (بک جي ناني)

مهانگائي بک جي ناني آهي. اسان جي ملڪ ۾ 12 مهينا مهانگائي مقت آهي. هر شيءِ جو اگهه روزانو وڌندو وڃي ٿو. اڳهه آسمان سان ڳالهيون ڪندا نظر اچن ٿا. مهانگائي غريب جي چيلهه ڀڃي جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. مهانگائي جي طوفان جي ور چڙهيل غريب عوام آلو خريد ڪرڻ ته ڇا پر انهن جا اگهه به پڇي نٿو سگهي. ايتي ڪل لائينڊز واپارين ڪانٽي کي ڇڪي رکيو آهي ۽ ڏاڍو مال ميڙيو آهي. رمضان ۾ هنن جا مزا محرم ۾ هنن جا مزا عيد تي هنن جا مزا هيٺيون طبقون غربت جي گهاٽي ۾ پيسجي رهيو آهي ۽ مٿيون طبقو ان جي مجبوري جو ناجائز فائدو وٺي رهيو آهي.

بک

رب جي بوچا کان هزار پيرا مٿي آهي پيٽ جي بوچا. شاهوڪاري ۽ غريبي خدا طرفان نه پر ماڻهن جي پيدا ڪيل آهي. ڪن وٽ پائڻ لاءِ هزارين ويس وڳا ته ڪن وٽ بدن ڍڪڻ لاءِ اڱ تي ڪپڙو نه آهي. غريب جي هار کي پيرن ۾ جتي به ڪا نه هوندي آهي. ڪن جي گهر ۾ ڇٽيهه طرحين جا طعام پيا پچندا آهن ته ڪنهن جي گهر جي چلهه ٻروسامپل هوندي آهي. ڪي سور پيا سهن ته ڪي موجون پيا ڪن. اهائي هوندو ۽ اڻ هوند جي جنگ آهي. جيڪا صدين کان جاري آهي. زندگي جي هر موڙ تي غريب عوام کي ورثي توڙي انعام ۾ رڳو بک ۽ مفلسي ئي ملي آهي. بک ۽ مفلسي ڏوهن کي جنم ڏيندي آهي. بک جي ڪري هاري وڏيري کي ڪهي ڪائي پيو. بک ۾ ماڻهو ماڻهو جو ماس کائي پيو. ڏاتار جي ڌرتي تي جڏهن کان جنم ورتو آهي. جيڪو پنهنجي وجود جي مالڪي جي بقا لاءِ وڙهي ٿو. ماڻهو رڳو جيئڻ جي جاکوڙ ۾ رڌل آهي. پنهنجي جياپي لاءِ رڳو پيٽ پرڻ ئي انسانيت ڪونهي انسانيت جون وڏيون قدرون آهن. غربت ۽ بک ملڪ ۾ ڪاٺي پئي آهي. غريب ڪڏهن به بک بيماري ڏک ۽ ڏوجهرن کان ٻاهر نه رهيو آهي. هڪڙا بيڪاري ۽ سبب پيٽ تي مجبور ٿي پيا آهن ۽ پيا رليا آهن. جن جو ڏنڊو ئي پيٽ آهي. دنيا ۾ ڪروڙين ماڻهو ڪاڏي جي ڪوٽ سبب مري رهيا آهن. صوماليه، هيٽي ۽ ٻين ملڪن ۾ بک ۽ بدحالي سبب ماڻهو هڏاوان پڃرا بڻجي ويا آهن. عالمي اداري جي هڪ رپورٽ مطابق "آمريڪا ۾ هر سال 43 ارب ڊالرن جو کاڌو بيڪارڻ ۽ استعمال ڪرڻ جهڙي ڪچري جي ڍيرن تي اڇلائي ضايع ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اهو کاڌو اڇلائڻ بجاءِ سنڀالي استعمال ڪجي ته سڄي دنيا جي بک ختم ڪري سگهجي ٿي." هر سال حاجي سڳورا حج دوران عيد تي اضحيٰ ڪن ٿا. اهو اضحيٰ جو گوشت سعودي عرب کان هوائي جهاز رستي سڌو افغانستان پهچايو وڃي ٿو ۽ فلسطيني بار بک ۾ مئل ڪتا کائين ٿا. انسان کي انسان ٿاهڻ لاءِ بک ختم ڪرڻي پوندي. اڳتي ڪهڙين ۾ هڪ ٻه ڪتا هوندا هئا جن کي باقاعده مالڪ کارائڻ لاءِ گوشت مال آڻيندا هوا.

Scanned with CamScanner

ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيندا هئا. جيڪي پونڪي مالڪ کي موجود کيءَ جو ثبوت ڏيندا هئا. پراچ جو ڪتو بہ انسان وانگر ٻڪيو آهي. ڇو جو جڏهن انسان پاڻ کي ٻڪيو هوندو تہ پهرين کي ڇا ڪارائيندو، ٻک ئي اهاشي آهي جيڪا انسان توڙي جانورن کي ڇتو ڪري ٿي. اوهان ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ فقير کي ڏسي ڪتا ڀونڪندا ڇو آهن؟ ۽ اڄ ڏينهن تائين فقير اهو چئي خيرات نہ موٽائي هوندي تہ بس گنج ٿيو سپائي جا پاڳ سپائي سان هڪ ماني جا چار ٽڪر ڪري ورهائڻ وارا پائر هاڻ ڪتن وانگر هڪٻئي جي وات مان گرهہ ڇني رهيا آهن. هڪٻئي کي ڦٽي لهولهان ڪري رهيا آهن.

غربت جو مزو

غربت جي چڪي ۾ پيسجندڙ غريب عوام هر طرح جي بي پناهہ مسئلن جو شڪار ٿي چڪي آهي، ڪا بچت ناهي. پيدائش جا ذريعا محدود آهن. پورهيت طبقو غربت سبب پنهنجي محنت وڪڻڻ تي مجبور آهي. غريب ماڻهو مظلوم آهي، پورهيو ڪرڻ جي باوجود بہ ٻڪيو ۽ ڏکيو آهي. ٽي بي ۾ ورتل مزدور، بيوس ۽ لاچار آهي. جيڪو جيئڻ مرڻ لاءِ بہ آزاد ناهي. عوام کان آزاديءَ سان جيئڻ جو حق بہ کسيو ويو آهي. هنن جي جيئڻ جا وسيلا تنگ ڪيا ويا آهن. حياتي جون بنيادي گهرجون ڪاڏو، پاڻي ۽ پيون سهولتون گهرڻ ڇا هنن جو حق نہ آهي؟

سنڌ نامو

سائيم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار

سنڌ ڌرتي جيڪا ماءُ جو رتبو رکي ٿي، مونکي ماءُ کان بہ پياري آهي. مان هن جي لڄ تان جان نثار ڪندس، "مرسون مرسون پر سنڌ نہ ڏيسون." هر ديس واسي پنهنجي ڌرتي سان عشق رکي ٿو، پنهنجي ديس جي مٽيءَ جي مهڪ کي محسوس ڪري ٿو. سنڌس هر دفاع ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ ڌرتيءَ تان جان گهورڻ کان بہ نہ ٿو رهي. وطن بہ ماڻهو سان حب رکي ٿو، بلڪ جنهن شهر ۾ ماڻهو جو جنم ٿئي ٿو ۽ جتي هو رهي ٿو، اهو شهر بہ ان ماڻهو ۾ تحفظ جو احساس پيدا ڪري ٿو. منهنجو ديس هڪ زنده زرخيز وطن آهي. هتان جي تهذيب ۽ ڪلچر صوفياڻو آهي. هي امن ۽ محبت واري ڌرتي آهي. جنهن ۾ ڪو بہ ڏيهہ منهنجي هن ڏيهہ جهڙو ناهي.

مان ۽ منهنجي جيجل سنڌ

مان ڪيڏو نہ خوش نصيب آهيان جو مونکي هن ڌرتيءَ سنڌ ماءُ جنم ڏنو. مان سنڌ جي مٽي مان پيدا ٿيو آهيان. مان امڙ جيجل جي ڳچ ۽ سنڌ جيجل جي سنڌوءَ جو پاڻي پي وڏو ٿيو آهيان. مان هن ڌرتي سان جڙيل آهيان. منهنجو تن من سنڌ سان ڳنڍيل آهي. منهنجي رڳ رڳ ۾ سرزمين سنڌ سان محبت آ. ان جي پيار کي مان ايمان جو جزو سمجهيا ٿو. منهنجو سنڌ جي ڌرتي، وطن ۽ قوم سان، مٽي، پاڻيءَ ۽ رت جو رشتو آ. مان سچو سنڌ واسي ۽ پڪو سنڌي آهيان. مان سنڌي ڪار لاءِ ڪم ڪندڙ هڪ

گمنام ۽ ادنا سپاهي آهيان، مون سڄي زندگي دل ۾ سنڌ جو درد پاليو آهي. مان اڳ به ڪنهن نه ڪنهن طرح پنهنجي جيجل جي خدمت پئي ڪئي آهي. مان اڄ به سنڌ جي هر سڏ تي ڊوڙي وڃي قربان ٿيندس.

منهنجي ديس جي مٽي

منهنجي هن ديس سنڌ جي آلي ۽ چيڪي مٽيءَ جي مهڪ ڌرتي سان نينهن تي سيکاري، منهنجي سنڌ جي پوري ڳاڙهي مٽي پوٽر ۽ اڻ مول آهي. سنڌ ڌرتي جي چيڪي مٽي مان ٺهيل ٿڌي دلي جو پاڻي به ته اسان کي مٺو لڳندو آهي. چون ٿا ته "جنهن مٽيءَ مان جنم وٺندڙ ان مٽيءَ تي ظلم ڪندا آهن ته مٽي رنگ مٽائيندي آهي ۽ پوءِ سون پيدا ڪندڙ زمينون به ويران ٿيڻ لڳنديون آهن، تڏهن کيتن ۾ خوشبو روئيندي آهي". ظلم هن ڌرتي جي مٽي کي بدلائي ڇڏيو نه ته سنڌ ڌرتي جي مٽي اهڙي نه هئي، جا مٽي پنهنجي ڪک مان چاول هندو پائي بندن جي حفاظت نه ڪري سگهي، هن سنڌ ڌرتيءَ جي چيڪي مٽي جي خوشبو جي چاهت جي انهن هندن کي خبر هوندي جيڪي هيءَ سنڌ ڇڏي ويا، هيءَ انهن جي ماتر ڀومي سنڌ جي مٽي آهي، هن مٽيءَ جي چپٽي به هنن لاءِ سرمو هئي. هي پوٽر مٽي جيڪا هو دهلي ۾ وجهي ڪٽي ويا جيڪي اڄ به ان چپٽي مٽيءَ جو درشن ڪندي اکيون ٺڏيون ڪن ٿا، ۽ هتان جي سارين جي سارِيالي کي سارين ٿا.

محترم بشير خان قريشي

سنڌ ڇٽيو ڪو اهڙو ناهي، مور مهان بشير خان (آغا قيوم)

هي سنڌ جي ڪک مان جنم وٺندڙ مهان انسان، محترم بشير خان، سنڌي قوم جو حقيقي هيرو هو. هي سنڌ جو مخلص ۽ پرخلوص قومي ڪارڪن جسقم جو چيئرمين هو، هن ۾ تنظيمي صلاحيتون هيون، هي خدمت جي جذبي سان سرشار هو. هي هڪ سياسي ڪارڪن هو. هن جي نظرئي جا ڪيترائي مخالف هئا، هن ڪڏهن به چالاڪي ۽ لچيءَ واري سياست ڪا نه ڪئي، هي ڪڏهن به ڏوهن ۾ ملوث نه ڏٺو ويو. هي ڌرتي ڌڻي، هي عزت لائق هستي، هي آب و تاب ۽ شان شوڪت وارو، هڪ پرامن ۽ پرسڪون ماڻهو هو. هي شخصي طرح باخلاق، باوقار ۽ خوددار ليڊر هو، سندس عزت جو سبب به اهو ئي سمجهه ۾ اچي ٿو، هن پنهنجي ڪارنامن خدمتن سچائي ۽ سورهيائي سان مثالي حيثيت ماڻي، هن کي وطن ٻولي، ثقافت ۽ سنڌ جي ماڻهن سان اٿاهه پيار هو. هن جي دل سدائين سنڌ ۽ سنڌين جي درد سان ڀريل هئي، هي سنڌ جي هر تڪليف ۾ هر اڳ تي ڀرپور آواز بلند ڪندو هو، هي هر وقت سنڌ ۽ سنڌين جي ڀلائي جي لڳن ۾ رهندو هو، هي بنا لالچ جي خلق سنڌ جي خدمت ڪندو هو، هي اوکي ۾ سوکي ۽ مددگار، جنهن پنهنجي سڄي حياتي سنڌ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. هي هڪ سچو سرواڻ، سچو سپوت، سچو سڄڻ ۽ سچو سنڌي هو. هي سنڌ ڪاز تي پختو انسان، مڪمل قومي غيرت جو

للڪار هو. هي شيردل هستي، جنهن جو هر هڪ لفظ هڪ مڪمل ڪتاب هو، هڪ تاريخ هو، ديش ڀڳتي ۽ حب وطني جو لولو سندس رڳن ۾ سمايل هو. هن جي رڳن ۾ خون بجا سنڌ جي محبت گردش ڪندي هئي، هن جو تن من سنڌ سان ڳنڍيل هو. هي سن جي سائين سان دلي عقيدت رکندو هو، هي سنڌ جو جانثار سپوت هي سنڌ جو دودو دلير بهادر ۽ ارڏو پٽ آخري دم تائين سنڌ ۽ سيد سان سچو ۽ وفادار ٿي رهيو هن کي سنڌ سان محبت جي ڏوهه ۾ زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو، ويندي ويندي هن عاشق سنڌ زهر کي به امرت بڻائي جام شهادت ماڻي ۽ هاڻ سندس جانشين ۽ جانثار شهزادو صنعان خان قريشي جسقم جي نئين چيئرمين جي حيثيت ۾ سنڌ جو علم کنيو آهي، هي سنڌ سان وچن ٿو ڪري ته "بابا جي ڇڏيل جدوجهد تي ثابت قدم رهندس." شل دشمنن جي نظر کان بچي ۽ سنڌ، سنڌ جي سائين ۽ سنڌ جي خان جي حقيقي خواب جي ساڀيا ماڻي.

محترم گل ملاح

ڪئين اين.جي.اوز ۾ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي، ڪجهه وقت جيئي سنڌ محاذ جي ڊيلي فرنٽ لطيف سنگت ۾، سنڌ ۾ ڏاڍو سرگرم رهيو هو، بعد ۾ سعودي عرب ۽ لنڊن هليو ويو، هن وقت دبئي ۾ آهي، هر سال دبئي ۾ سنڌي ڪلچرل پروگرام ڪرائيندو آهي. خاص ڪري سنڌ جي فنڪارن لاءِ ويزائون ۽ ٽڪيٽون پڻ موڪليندو آهي.

پناهگير مهاجر

"ڪالهه مهاجر قوم جو نعرو لڳو، اڄ انهن جو دهل تي ڏئو نڪو لڳو" (استاد بخاري)

چون ٿا ته "ڪنهن مخصوص وقت ۽ ڪنهن مخصوص پل يا گهڙيءَ تي، جڏهن ماڻهو سخت پريشان هجي ان گهڙيئي ڪنهن جي وقتائتي مدد هڪ اهڙو احسان آهي جو ماڻهو سڄي حياتي لاهي نٿو سگهي". هنن مهاجرن کي پنهنجي حيثيت نه وسارڻ کپي. هندوستان مان لڏي آيل هنن ڌارين مهاجرن جي لوڏ ۽ يلغار جو رخ جڏهن سنڌ ڏانهن وڌي رهيو هو ته، اسان سنڌ واسين هنن جو وڏي شان ۽ مان سان استقبال ڪيو هو. انهيءَ ڏکيءَ وقت ۾ هن جي عملي مدد ڪئي هئي. هنن جي وڏڙن کي اسان جي وڏڙن هر اسٽيشن تي ٻليڪار چئي ڏيڳون ڀت جون رڌي کارائيون. پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ دل و جان سان آباد ڪيو، جهڙي ريت نانگ جي فطرت ڏنگ هڻڻ آهي. اهڙي ريت هي پناهگير به نانگ آهن نانگ، سنڌ ۾ سر جي پناهه وٺندڙ هي پناهگير مهاجر، منافق، مفاد پرست، احسان فراموش، ڪمينا ۽ نمڪ حرام آهن. مفاد پرستي به هڪ وڏو فن آهي، جنهن ۾ هي وڏا ماهر آهن. پنجاب آمريت ۽ مهاجر سامراجيت گڏجي سنڌ جي اصل ڌرتي ڌڻين جو شهرن ۾ جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيو آهي. هنن نفرت آميز طاقتن اڄي ديرو ڄمايو آهي، انهن سنڌي سماج مٿان ڇانيل ڌارين ۾ پناڻن به وساڻ نه گهٽايو آهي. وقت به وقت انهن فرئونن، قارونن، شيطانن ۽ يزيدن اسان کي ڏاڍو رت ڪيو آهي. اها جنگ ازل کان جاري آهي جيڪا ايان ختم نه آهي ٿي، شايد ابد تائين

جاري رهندي. گڏريل اڌ صدي کان ڌرتي ڌڻين ۽ لڏي آيلن جو پاڻ ۾ نباهه نه پئي ٿيو. هنن پاڻ کي پناهگيرن. هنن مڪر مهاجرن کي جڏهن ڪوڙا سچا ڪليم مليا ته هي جلدي ئي هن شهرن تي حاوي ٿي بخت ۽ تخت جا مالڪ ٿي ويا ۽ ڌرتي ڌڻين لاءِ ڌرتي تنگ ڪري ڇڏيائون. مهاجر سنڌين جا اصل کان دشمن رهيا آهن، هنن سنڌين جي مخالفت ۾ لساني بنيادن تي هڪ MQM نالي پارٽي قائم ڪئي، جيڪا پنهنجي مڪارانه حڪمت عملي تحت سنڌ ۾ لساني ڇڪتاڻ وڌائڻ لاءِ رتو ڇاڻ ڪرڻ تي لهي آئي. هي گروهه هاڻي مڪمل طور تي دهشتگردي جي ڪاروائين ۾ ملوث ٿي چڪو آهي. امن جي هن ڌرتي تي ابليس جا هي ٻچا، انسان نه انساني ٻوٿن ۾ درندا ۽ حيوان آهن. 80 سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ، مهاجر قومي موومينٽ MQM (ايم ڪيو ايم) جماعت ۾ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح يا مجبورن ۽ زوري شامل آهن، اها شهر جي لوسين جي جماعت، مهاجر قومي موومينٽ هاڻ گڏڙن ۽ بگڙن کي گڏ ڪري محتنده قومي موومينٽ بڻجي وئي آهي. گڏهه ساڳيو آهي پر رڳو آ تر مٽيا ويا آهن. هن گڏهه جو روئڻ ۽ ڪلڻ به معنيٰ وارو هوندو آهي، هن منهن نه ڏسندڙ جا پار ڪيڻ جا پنهنجا روايتي انداز آهن. هي بي پير ڪوڙن جو بي تاج بادشاهه آهي، هي جان جي بازي لڳائيندڙ جتيون ڇڏي ڀڄي ويندڙ پاڻ کڙ اج نه سيان ڌهي پت پوندو، بحرحال هن جو حساب ڪتاب هاڻي ويجهو آهي، هن جا ڏينهن به گڏو گڏ پورا ٿيڻ وارا آهن. هن جي سڄي سياست داد گيري، ڌاڌائي ۽ مارَ ڌاڙ تي ٻڌل آهي. هن هميشه ڌمڪين ۽ دهمانن واري سياست ڪئي آهي. جيڪي ماڻهو بندوق جي سهاري جئيندا آهن اهي مرندا به ته بندوق جي ذريعي آهن.

حڪومتي اتحادي ايم ڪيو ايم

هر دور ۾ هر وقت عروج ۾ رهندڙ، سدائين طاقت ۾ آيل، هر ايرندڙ سج جا سلامي، سرڪار ڪنهن جي به هجي، ان حاڪم جو هنن کي سلام ڪرڻو آهي. انتظاميه هن آڏو بيوس آهي. جيڪا ڌر حڪومت ۾ آئي هي سياسي رنگ بدلائيندڙ ان جو طرف وٺندي، ان طاقتور پارٽي جي در جا هلونگڙا ۽ اتحادي ڌر بڻجي وڏا ٽڪ وڏا عيش ۽ وڏا لسونا ڪندا ۽ آخر ۾ ڪنهن هڏي تي رسندا به پاڻ.

سنڌ ورهائڻ جي سازش

مي نظام آ خراب – انقلاب انقلاب

مڪاني نظام، وفاق ۽ صوبائي حڪومت کان پوءِ ٽيون اهم بنياد آهي. 2012ع وارو سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ آرڊيننس جيڪو سنڌ جي ٻهراڙين لاءِ الڳ ۽ شهرن لاءِ الڳ هو، جڏهن کي سنڌ جي ماڻهن ٻٽو مڪاني نظام جو نالو ڏئي رد ڪيو، نتيجي طور تي پيپلز حڪومت کي اهو ٻٽو مڪاني نظام واپس وٺڻو پيو. اهو نام نهاد ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن وارو ڪارو قانون دراصل سنڌ ورهائڻ جي سازش هئي سنڌ کي ٻن ضلعن ۾ ورهائي، سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش سنڌ سان

ويساهم گھاٽي ھئي، اھو نئون ۽ پڻو نظام ھنن اتحادي ڌارين (پاڳرن) سان ڌرتيءَ جو سودو ھو. سنڌ جي وحدت تي جڏھن حملو ٿيو تہ ھي ڌرتي ٽڙٽڪي نہ ھئي. ھن ڌرتيءَ جي حفاظت ۽ مالڪي لاءِ جڏھن ھن ڌرتي جا سپوت پٽ بروقت جاڳي پيا تہ ھي لساني بالادست وانڱا ٿي ويا ۽ انھن سنڌ جو غير فطري ورھاڱو يا سنڌ تي ڌارين جو قبضو ٿي نہ سگھيو.

زندہ قبرستان

آھ.......ھي تہ ھڪ پُر ھجوم قبرستان آھي، ڪنھن پئي چيو تہ ھي شھر آھي؟ ھتي تہ قبرون ئي قبرون آھن. نہ ڪو شھر آھي ۽ نہ ڪو گھر، مئل احساس ۽ مئل اکيون. مئل جذبا ۽ مئل ضمير، ھتي تہ ھر ڪنھن کي ڪفن پھريل آھي، ھي ڪھڙي زندگي آھي جو ھر قدم تي موت جا فرشتا انتظار بيٺا ڪن. (افضل شوق)

مارا ماري

اي پيي ويڙھ نتي سوچي، ڪنھن جو ويڙھ ٿيو ويران (شيخ اياز)

ڳلي ڳلي ۾ خون وھائي – ڪيڏو ڪيس ڪري ويا، مٽرن وانگي جنڊ – پڙن ۾. سارو ڏيھ وڏري ويا. (سرمد چانڊيو)

ھن سامراجي راڄ ۾ ڏاڍا، ڏچا آھن، دنگو فتنو فساد، مار دھاڙ، گڙٻڙ، وڳوڙ، ويڙھ، ھنگامو، رتو ڇاڻ، خونريزي، ظلم ڏاڍ، تباھي بربادي، شھر شھر ۾ انتشار ڦليل آھي. ڏڪ ڏڪان، ڏڪ ڏڪان، پَٽ پٽان، چڪ چڪان لڳي پئي آھي. ھڻ ھڻان، وٺ وٺان، وڙھ وڙھان. ھل ھلان ۽ ڪڻ ڪٽا لڳي پئي آھي. ڏاڍ مڙسي ھٿيار ڪٽي ورتا آھن. بندوقن مائوزرن پستولن ۽ ڪلاشنن جا غير قانوني ٺڪاءُ اھا خوفناڪ وحشتناڪ، پيانڪ ۽ ماٺحو مار دھشتگردي، اھا مارا ماري قتل عام ھي مڪار، عياش بي ايمان فسادي بدمعاش، ھي وحشي رھزن ۽ خوني درندا پنھنجي ذاتي مطلب خاطر ۽ پين تي دھشت طاري ڪرڻ لاءِ انھن ڪن پيا، ھنن جو دين ايمان انسانيت کي ايذائڻ آھي. خلاف توقع حالتون بگاڙيون وڃن ٿيون اھو ڏينھن نہ آھي جيڪو بنا ګوڙ جي گذري. شھر جي مختلف حصن ۾ روز پُرتشدد واقعا پيش اچن ٿا. آدم جي پٽ قابيل ڀاءُ ھابيل کي بي گناھ ڪٺو اھو. سلسلو اڃان ھلندو اچي. "ھڪ انسان جو قتل پوري انسانيت جو قتل آھي" ماڻھن مان ماڻھپو نڪري ويو آھي. انسان کي انسان جوئي ڪٽي پيو خنجر، انسان کي انسان جو دشمن ٿو ڏسان تہ افسوس ٿو ٿئي. ھي آدم بو آدم بو ڪندڙ ملڪ آدم خور ٿي ويو آھي، ھن ماڻھو مار ملڪ ۾ روزانو 10 کان 15 ماڻھو بي موت ماريا وڃن ٿا. خون ريزي ھن ملڪ کي بوچڙ خانو بڻائي ڇڏيو آھي. ھي ڌرتي ڪوس گھر بڻجي وئي آھي. ڌرتي ڌڻين جي نسل ڪشي لاءِ ڪھن ڳولي ڳولي چونڊي چونڊي قتل ڪيو ٿو وڃي، ھي بيگناھ اڻٽ ماريل، ھي بيدردي سان قتل ڪيل، ھي چيچلائي چيچلائي ماريل، ھي ڳترا ڳترا ڪري ذبح ڪيل ھي بي گناھ ننڍڙڪا رت ۾ ھڏيل لاوارث لاش جن مظلومن جو خون ريلا ڪري وھي ٿو. ھي حادثہ نہ پر ڏٺا وائٺا قتل آھن.

۽ انسانذات جو ڪوس آهي، ڪو دور هو منهنجي شهر ۾ بي سهارا انسان بي خوف ٿي ٻاهر ٻانهن پالڻ تي گهري ننڊ ڪندا هئا. هاڻ زندگي غير محفوظ ٿي ويئي آهي. شهر کي شاڪ لڳل آهي شهر جا ماڻهو خوف جي سرطان ۾ ورتل آهن ملڪ ڇڪار، نقصانڪار ۽ موت مار ٿي ويو آهي. شهرن ۾ شعلن جا راڪاس لڇي رهيا آهن ڏڏيل دليون بنا ڪٽڪي گهمي ڦري نٿيون سگهن، ڇچريل معاشري ۾ مائرون خوفزده، ڏڪويل ۽ غمزده آهن. مائون بيواه، ڏيئرون لٽجي ويون آهن. سهاڳڻين جا ڏهاڳ باقي نه رهيا آهن. پٽ قتل ٿي ويا آهن، روڳ گيرب ۽ گاهه باقي رهيا آهن. فرش تي بيوس رڙيون آهن ۽ عرش تي قادر جي قدرت به نڌڻڪي ٿي پئي آهي. شهر ۾ دهشت وحشت ڇڻ موت جو راڪاس گهمي ويو آهي. سڄي شهر ۾ لڳل لکين روپين جون لڪيل آٽوميڪٽ ڪلوز سرڪٽ ڪئيمرائون جي وچايل چار جي باوجود هي وحشي بي روڪ، بي قابو بي لگام قاتل، پوليس چونڪين تي بزدلانه ۽ قاتلانه حملا ڪري رهيا آهن. ڪا داد فرياد ناهي. ڪو پڇڻ وارو ناهي ڪو ڇوڙ وارو ناهي. هي انڌير ڇو ٿي رهيو آهي، 72 ايجنسيون ڇا ماءُ پيون يهان، سڀ هجڙا ۽ ڪدڙا آهن بس موچڙو آهي گهٽ ۾ ماني آهي ٻوءِ تي ائين ته يونيورسٽي جي ڪرمنالاجي جا شاگرد به قتل ڪيل جي اکين جي ماٽڪين جي اسڪينگ ڪري قاتل هڏئي سگهن ٿا. مارا ماري دراصل رياست جي ظلمن جو نتيجو آهي. رڳو جنجال ۽ جهيڙو ته زندگي ناهي، خدرا هاڻ اها خون ريزي بند ڪيو. ڪير سهندو هيڙا هاجا ۽ قيامتون پنهنجي ديس تي. مان انسانيت جي بقا لاءِ امن جي اپيل آهيان، مان امن جو آلاپ آهيان، رب منهنجي ديس کي پناهه ۾ رکجان.

محترم عبدالستار ايڌي

نالي ۾ سماجي ڪارڪن پر وڏو پيداگير، لاشون جو سوداگر.

پيداگيري ۽ ڀتاخور

هي دوڪاندارن کان ناحق اڳاڙي ڪندڙ، زوري ڀتو وصول ڪندڙ سياسي شودا، ڦورو رهزن لٽيرا ۽ بدمعاش، جن کي نه روپ نه رنگ، نه شڪل نه ڄاڻ آهي، رڳو ڦرڦران ڪن ٿا. نه وڻندڙ برتاءُ ۽ بدسلوڪي ڪن ٿا. هي نالي جا زوراور، پنهنجي والدين جي ناجائز ۽ بگڙيل اولاد، هي لڪ ۾ دم ڪندڙ لوفر بدمعاش طاقتور پارٽي جي در جا پاليل لوسي ڪتا آهن، بلڪ ائين چئجي ته پارٽي پنهنجي هنن ڪتن کي ڇڙواڳ ڇڏي ڏنو آهي هي اُلٽيون چالي لئي ڪندڙ ڪارڪن. ڪارڪن نه پر سياسي پڙوا آهن، جن کان اوهين چڱي ريت واقف آهيو. پيداگري هنن جو مول مٽو آهي، هنن سان هر وقت وڏو اٽالو ڪڏ هوندو آهي اهي جرائيم پيشه آوارا لوفر گروهه ۽ ٽولي جو، باقاعده هڪڙي ڪيڪ آهي، جيڪي هر وقت ڦرلٽ ۽ لوفرائپ ڪندي نظر اچن ٿا. هي نامي گرامي زنا خور شراب خور، حرام خور، ڀتاخور، ڀتاخور، پيداگير روزانه ٿوان ڪانئن جا ڪپڙا ٿوان بوٽ پائي چڱا مڙس ٿيو ڦرن پيا. ڪلاٿ اسٽور کان مفت ڪپڙا وٺي، ٽيلر ماسٽر کان

مفت سيائي، ڌوبي کان مفت ڌورائيءَ، موچي کان مفت بوٽ پالش ڪرائڻ ۽ هوٽلن تي مانيون مفت کائڻ هنن جو شوق رهيو آهي. سڄو ڏينهن ڦلو ڪٽ پٽ، هي ڇالي واٽي لئي ڊيڪارڻ لاءِ ائين ڪن ٿا. هنن غنڊن کي پاڻهون گنجڻ شهر وڏڻ ۽ پستول ڪيڻ کان سواءِ اڃي ڇا ٿو. هي غنده بدمعاش جيڪي پوليس ۽ پوليس جي مخبرن ۽ ڇاڙتن جا جگري يار آهن، جيڪي شهر جي وچ بازار ۾ ڏينهن ڏٺي جو وارداتون ڪن پيا، جيڪي مختلف وارداتن ۾ ملوث پڻ آهن، دوڪاندارن کان زوري ڀتو وٺندي پڪڙجن به ٿا. سياسي پارٽي جي مداخلت ۽ پوليس جي ياري سبب جلدي ڇٽيو وڃن. سياسي پارٽي جي دهشتگردن سان مهاڏو اٽڪائڻ سولو نه آهي پر خوف ۽ ڊپ ۾ ديجڻ به ته بزدلي آهي. ”گدڙ جي سئو سال زندگيءَ کان شينهن جي هڪ ڏينهن جي زندگي بهتر آهي.“ هر وقت خوف ۽ حراس ۾ نود ٻڌجڻ کان بهتر ناهي ته ڀتاخورن ۽ ڏاڍ مڙسي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ ڪپي لچن لوفرن کي دڙڪي ۾ رکڻ ڪپي، منهنجي غنڊن ڀڙون ۽ منشيات فروشن سان ڇتي ويڙهه آهي، هي زوراور رڳو نالي جا زوراور آهن، هنن کي جهليو ۽ هنن سان گڏجي مقابلو ڪريو. هونءَ به ڦرجي مار کائي ٿاهه ئي ته ڪرٽو آهي. پوءِ ڇو نه مار ڏئي ناهه ڪجي ”تون ڇا تون ڇا“ واري جهڳڙي مان فائدو ڇا واري پاليسي اختيار ڪجي. منهنجي سڄي تر ۽ اوڙي پاڙي ۾ اهڙا ڪيئي سياسي ڀڙوا رهن ٿا. اهڙا گهٽيا درجي جا ڪمينا ليڊر ۽ ڪارڪن وحدت ڪالوني ۽ ڪچي آبادي ۾ ڪتن کان گهٽا آهن جيڪي پلجن ئي حرام جي مال تي ٿا. لٽ مار يا حرام جو مال کائڻ ڪو سولو نه آهي. خدا به بدمعاش کي ڍگهي رسي ڏيندو آهي پر پوءِ پڪڙ ضرور ڪندو آهي. منهنجي اوڙي پاڙي جا اُهي گانڊو جن جا هر وقت سنگهون ۽ گوبا ڳاڙندا هئا جيڪي نٺڊي هوندي منهنجو ٽپڙ جو منهن ڏسي ذري گهٽ بيهوش ٿي ويندا هئا. هاڻ ڏاڍا ڏنگا ڦڏائي، فسادي، بدمعاش ۽ ليڊر آهن ڳوٺان ڏاڙيلن جي دپ نه جهلي لڏي آيل اهي لوسي ڪتا جن جو ڪنهن وقت ته به نالو نه هو هاڻ لينڊ ڪروزر ۽ پراڊو گاڏين ۾ اڳين ويهي گهمن ٿا. ارشاد خاصخيلي، بابر لاڙڪ، عمران ارباب، علي رضا قطريو. احمد رضا منگسي عرف ڄڳي، نعيم ميمڻ عرف تيڙا، مسعود مهيسر، علي گل ابڙو. زاهد ابڙو عرف رڳهو. شبير شبو ابڙو، لالا ڏاڪر پٺاڻ، ذوالفقار چانڊيو، عاشق چانڊيو، عرس چانڊيو، عمران چانڊيو SRTC، دلاور او ۽ ذيشان شيخ عرف ڊيشو به خدا جو شان آهي. اهي به سائين هاڻ معتبر ليڊر آهن. هنن مان هڪ اڌ کي ڇڏي تقريبن سڀني تي قاسم آباد ٿاڻو ڀٽائي نگر ٿاڻو، جي او آر ٿاڻو ۽ حسين آباد ٿاڻي تي ڪيئي قبضي، ڀتي، ڦر ۽ خون جون FIR داخل آهن ۽ ضمانت تي ٻاهر آهن تب هنن جون مستون چوٽ تي آهن. هنن حيوانن کي خونخواري جو جنون آهي. هي آپي کان ٻاهر جذباتي عمر تي ۽ سر ڦريا ڏوهاري علائقي ۾ ڇڙواڳ گهمن ڦرن پيا. جذبات جي غفلت جي هن کي ڪا به ملامت ناهي، هنن کي مختلف قسمن جا غير قانوني هٿيار گڏ ڪرڻ اڌ رات جو لئي ڊيڪارڻ لاءِ هروڀرو جي هوائي فائرنگ ڪرڻ جو شوق آهي. ائين ڪري هي پاڻ کي دلير ٿا سمجهن ”من ڪا به گڙهڙ نه

سير تي سوا سير آهي.“ هي دلير هڪ ڏينهن جيل جو منهن ڏٺائين ڏسڻ ته همراهن کي دست تي ٿا پون پوءِ سڄي لوفر گيري داداگيري ۽ غنڊه گردي ٻاهر نڪري ٿاهر ٿيو پوي جنهن بابر لاڙڪ هنگي ڏنو هو دراصل هتان جي پوليس ڀاڙوي آهي، اها ڀاڙوي پوليس ٿوري ٿوري غيرت ڏيکاري ته هي ڀاڙيا خوابن ۾ به ڇرڪندا وتن. ٻڌو آهي ته تازو نئين آيل ايس ايس پي حيدر آباد محترم عرفان بلوچ صاحب اهڙو ته هن تر کي ڏنڊو ڏنو آهي جو هي سڀ همراهه هٿن ۾ تسبيون ۽ مٿي تي ٽوپيون پايو نمازون پيا پڙهن.

قبضي خور

قبضي خور (لئنڊ مافيا) ڏينهون ڏينهن پنهنجي گرفت وڌائيندي پئي وڃي اها قبضا خور مافيا قاسم آباد کان ٽيندي وحدت ڪالوني، الشهباز ڪالوني، (ڪچي آبادي) کان اڃا اڳتي سحرش نگر تائين وڃي ٽي. هنن کي جنهن تنهن جو مال ڦٻيو وڃي. پاڙيسري يا محليدار جي پلاٽ تي ناجائز قبضو ڪري سرڪاري زمين يا ريلوي جي زمين تي وڏي پيماني تي قبضو ڪري راتو رات اڏاو تون ڪندڙ ڪو به بريت بيابان جنگل ويرانو خالي نه ڇڏڻ. غريب جي ٿوري ۽ پيشاب جي جاءِ به ڪائي وڃڻ. هنگاما ڪري پلاٽ هڙپ ڪرڻ. غير قانوني قبضا ڪرڻ. ڪين ڪو به چوڻو وارو ڪونهي ڪين سڪجهه ڦٻيو وڃي. اهو سلسلو هاڻي بند ٿيڻ کپي. وڏي پيماني تي هڪ ڀيرو ٻيهر وري ٻوهارو اچڻ کپي ”دشمن جي دانگي ڀڳي پيلي آهي.“

ڪل نائيڪ

هي زوراور گهٽو ڪري نندا دوڪان ۽ هوٽلون ڦريندو هو. ماڻهو جئين هن کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسندا هئا ته پنهنجي سڄي ڏينهن جي گڏ ڪيل جمع پونجي سندس سامهون آڻي رکندا هئا، پر پوءِ به هي انهن ماڻهن کي رڳو مزي وٺڻ خاطر ماري ڇڏيندو هو. اها ڳالهه مشهور هئي ته هي هڪ هٿ سان سينڊوچ کائيندو هو ۽ ٻي هٿ سان ماڻهو ماريندو هو. هڪ ڏينهن دوڪاندارن پوليس کي اطلاع ڪيو پوليس جلدي ڪيس ڏسي ورتو، هن ۽ پوليس وچ ۾ لڪ لڪوتي هلندي رهي پوليس ڪيس اڪٽ مارڻ پئي چاهيو. هي چالاڪ ڪٽي روپوش ٿي ويو. هڪ ڏينهن هن پنهنجي ساٿي کي سينڊوچ ۽ برگر آڻڻ لاءِ موڪليو جيڪو پوليس جي نظرن ۾ اچي ويو، پوليس سندس پيڇو ڪيو اٿي رهيل ماڻهن کي به شڪ پئجي ويو جن پڻ پوليس کي يڪدم اطلاع ڪيو. پوليس جي اچڻ سان ئي پنهنجي ڏرين ۾ ڇپي فائرنگ شروع ٿي وئي، پوليس مٿان فائر ڪرڻ ۽ ٻن پوليس وارن جي مارجي کان پوءِ سندن چوڌاري پوليس جو ڄار وڇڪ سوڙهو ٿي ويو پوليس جي شديد فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هن جا ڪئي ساٿي ماريا ويا، تنهن کان پوءِ لاش ڪڍيا ويا ۽ ڪجهه پوليس گرفتار ڪري ورتا، باقي هي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سڄي شهر جي پوليس سندس پٺيان پئجي وئي، هن کي محسوس ٿيو ته هاڻي هي گهڻو وقت پوليس کان بچي نه سگهندو. اِن ڪري هن ڪنڌي جو ڦيرو ڪيو ۽ واپس ايندي سندس منهن مهان پوليس سان ٿي ويو.

پوليس فائر ڪولي ڇڏيا، هي سخت زخمي ٿي ويو، ائين لڳو ته بنيادي طبعي امداد ڪان اڳ ئي هي مري ويندو پر سندس جسم ۾ زندگي اڃان به موجود هئي پوليس ڪيس ڳچهي ۾ رسا وجهي موبائيل سان ٻڌي روڊ تي گهليندي ٿاڻي ڪٺي آئي. انهي ڦاسي واري رسي جي زور سبب رستي ۾ ئي دم ڏٺي حوالي ڪئين پوءِ پوليس، پوليس مقابلو ڏيکاري هن جي لاش مٿان لانگ بوٽ رکي فوٽو ورتو ۽ پوءِ انعام اڪرام وٺي ترقي ورتي. ماڻهو پل نه مري پر ڦرلٽ ۽ ظلم مري، ڇا گل ڀٽي، شاول مهر، بابو جمالي، منور چانڊيو، ذوالفقار ڍڪڻ مئو ڇا ڦرلٽ مئي يا ظلم مئو؟

سنڌ جا غدار

برصغير جي اها بدقسمتي آهي ته دنيا جي موجوده غدارن ڪان وڌيڪ غدار برصغير ۾ رڳو سنڌ ۾ آهن ۽ اهي سمورا غدار بدقسمتي سان سڀ جو سڀ سنڌي آهن. جيڪي پنهنجي ذاتي مفاد جي خاطر غدار بڻيا. هي ديس غدارن سان ڀريل آهي. هي راڄ ئي غدارن جو آهي، جيڪي سنڌ لاءِ وڏو آزار آهن. اڄ جي سنڌي قوم ڪي سنڌ جي سڄڻن ۽ غدارن جي خبر هئڻ ڪپي. ملڪ جي انهن بدخواهن ۽ دشمنن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري مٿن لعنت ملامت ٿيڻ ڪپي، سنڌ سان ستم ظريفي ته اها آهي، ته سنڌ جي عاشقن ئي سنڌ کي لوڙيو آهي. سنڌ سان جيڪو سنڌي ڏاڍائي ٿو ڪري. ويساهه گهاتي ٿو ڪري ۽ غداري ٿو ڪري، ان غدار کي گهر تائين ڇڏڻو ناهي. ڪنهن به سنڌي اخبار يا ٽي وي چينل کي ايتري جرئت نه آهي جو هو انهن غدارن جا نالا اُچارين. جڏهن به سنڌ جي تاريخ لکي ويندي، ته سنڌ جي هنن قومي غدارن جي ڪردارن کي ضرور ياد رکيو ويندو، وقت هنن جي منهن تي ضرور دانگي ملي گذري ويندو. هن جي حال تي سنڌ اڄ تائين منهن مٿو پٽي پٽي، مير معصوم شاهه بکري جي "تاريخ معصومي" جي ورقن کي پڙهي ڏسو ته شاهه بيگ ارغون ۽ ڄام فيروز جهڙن حاڪمن ۽ شاعر قاضي قاضن جه[illegible] پڙهون تاريخ ۾ پهريون ڀيرو تقسيم سنڌ جو واقعو ڪرايو. سنڌ ۽ سنڌين سان ٺڳي ڪندڙ ان ٺڳ قاضي قاضن جي مصلحت سان ئي سنڌ جي تاريخ تي تقسيم سنڌ جو [illegible]اغ لڳو، چنيسر سومري پنهنجي ننڍي ڀاءُ دودي سومري کان بدلو وٺڻ لاءِ هندستان جي بادشاهه علاو الدين خلجي کي سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ آڻي بغاوت جو اعلان ڪيو. اسان جا پنهنجا ئي نائومل، مير جعفر ۽ مير صادق غدار بڻيا. سنڌ جا مکيه غدار محمد ايوب کهڙو ۽ علي محمد راشدي هئا. تازو هاڻ لاڙڪاڻي ۾ پيپلن جي غدار ايم پي ايز جا نالا، ڪاري گاڏهن ۽ ڪتن تي لکيل ڏٺم، غ[illegible]ارن جي شهر لاڙڪاڻي جي حقيقي خير خواهن جو، دشمنن ۽ غدارن خلاف نفرت جو انوکو احتجاج ڏسي جا حقيقي خوشي ملي سان ٻڌائي نٿي سگهجي. سنڌ جي موجوده ليڊرن جون نيتون، اراده ۽ عزم کهڙا آهن؟ انهن مان و[illegible]دار ڪير آهي ۽ غدار ڪير؟ اهو اوهان مونکان وڌيڪ ڄاڻو ٿا، ان جو فيصلو اوهان پاڻ ڪيو ته بهتر ٿيندو.

ڪھر ڪري ڇڏيئيم

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جا ذاتي جذبات به قومن تي ڪيڏو ڪھر ڪري وجهندا آهن، جنهن کي اهي جذباتي نوجوان پنهنجي جوانيءَ جي جوش ۾ ايندڙ وقت لاءِ نه ڏسي ۽ نه سمجهي سگهندا آهن. قصو ڪوتاهه 1938ع جولائي، پير علي محمد راشدي "اوهي ڏينهن، اوهي شينهن" ۾ لکي ٿو ته مان پنهنجي ڳوٺ بهمڻ (ضلعو لاڙڪاڻو) وڃڻ لاءِ موٽر ۾ چڙهي خشڪيءَ رستي ڪراچي مان روانو ٿيس، مون سان به ڊرائيور ۽ ماستر گوبندرام هليا (گوبندرام جنهن کي مون ننڍپڻ کان پاليو هو ۽ ماستري جي نوڪري به وٺي ڏني هيم) تن ڏينهن ۾ اجان ڪوٽڙي کان دادو وارو پڪو رستو ڪو نه هو. گرمي سخت هئي هوا پوساتيل، سن تائين مس پهتاسون ته ڊرائيور جي نڪ مان گرمي سبب رت وهڻ لڳو. ان ڪري سن ۾ سائين جي ايم سيد جي اوطاق تي لاهي وري سفر چالو رکيوسين، خيال هو ته دادو ۾ وڃي مانجهاندو ڪنداسين. پر اجان لکيءَ تائين مس پهتاسين ته ٻي ڊرائيور به هنگي ڏنو، مجبور ٿي لکيءَ واري هندو ڌرمشالا جي دروت بيهي رهياسين، لکيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ ڪو به وڏو وڻ ٽڻ ڪو نه هيو. جنهن جي ڇانوَ هيٺ پناهه وٺجي ها. اسان جو حال برو هو مون گوبند کي موڪليو ته ڌرمشالا ۾ ڪمرو وٺي اچي ته اُتي ترسي ڏينهن ناري پوءِ اڳتي وڌئون. گوبند اندران ٿي آيو. چيائين "قبلا ڪمرو مليو آهي، اوهين اندر هلو". مان موٽر مان لهي اجان ڌرمشالا ۾ مس اندر داخل ٿيس ته هندن ۾ هل هنگامو مچي ويو، مونکي مسلماني لباس (شلوار، چولي ۽ پٽڪي) ۾ ڏسي رستو روڪي بيهي رهيا. "اڙي ميان مشلمان، هيڏانهن ڪيڏانهن پيو اچين؟ هي ڌرمشالا آهي. هتي هندوءَ کانسواءِ ٻي ڪي پير پائڻو ٿي نه آهي ٻاهر نڪر پونتي موت" مان چيو مان به انسان آهيان. هتي نه وڻ نه ٽڻ ٻاهر ڪانءُ جي اک پئي نڪري مسافر آهيون. گهڙي سواءِ ويهي هليا وينداسين. اوهان جي ڌرمشالا تي قبضو ته ڪو نه ڪنداسين" گوبند غريب به گهڻو ستاين چئي! "هي پير راشدي آهي. قومي خيالن جو آهي. هندو مسلماني، جو ڀيد ڀاءُ ڪا نه رکي. اوهان کي اهڙي انسان سان ائين نه ڪرڻ کپي" پر اسان جا سڀ حيلا، حجتون، دليل دلائل منٿ ميڙ سڀ بيڪار ثابت ٿيا پنڌرهن ويهن واٽين مڙي اسانکي پوٺين پير ڌرمشالا مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ ڪيڏانهن وڃون؟ ڪا به واٽ نه ڏسي، ريلوي اسٽيشن جي ٿرڊ ڪلاس ويٽنگ روم ۾ وڃي ڪرياسين. اُتي سارو وقت دل ۾ سوچيندو رهيس ته جنهن قوم، مذهبي، فرقي ۾ ايتري انسانيت ناهي جو به گهڙيون پنهنجي مسافر خاني ۾ ڪنهن مسافر کي اُجهو ڏي. تنهن قوم، فرقي ۽ ٻاٽين سان ڪهڙي طرح ڀائيچارو هلي سگهندو؟ سو به مون جهڙي ماڻهوءَ سان جنهن هميشه تعصب بدران محبت جو درس پئي ڏنو هو پوءِ جڏهن ڏينهن لاري پئي موٽر ۾ ويهي رهياسين ته مون ڊرائيور کي چيو "هاڻ ڳوٺ نه پر واپس ڪراچي هلنداسين" اج حياتيءَ جو وڏو سبق سکيو آهر. هيستائين جيڪي مون ڪيو

سو غلط هو. ملت مسلمانن سان مان دوکو ڪندو رهيو آهيان ته هندو مسلمان ڀائر آهن ۽ ڀائر ٿي رهن هندن جي اڄ جهڙي تنگ دلي ڏسي مان هن نتيجي تي پهتو آهيان ته هي ڪافر اسان جا ڪڏهن به ڀائر ٿي نٿا سگهن." اڄ مان پاڻ سان وچن ٿو ڪيان ته جيستائين هنن پليتن کي سنڌ مان پاڙ پٽي هتان ملڪ بدر نه ڪندس، اوستائين پنهنجي ڳوٺ جو مُنهن نه ڏسندس" ان ڪانپوءِ جيڪي ڪجهه ٿي گذريو، ان جو ذڪر تاريخ جي ورقن ۾ تڙيو پکڙيو پيو آهي. هتي آءٌ رڳو ايترو اشارو ڏيندس ته ان ڏينهن لکيءَ ۾ جيڪا باهه منهنجي اندر ۾ ڌکي، تنهن مونکي ورندڙ ڏهه سال سک سان سمهڻ ڪو نه ڏنو. آءٌ ماچيس جي اُها ننڍڙي تيلي هوس، جنهنجو پنهنجو وت يا وس ته ڪو نه هوندو آهي، پر جڏهن باهه وکهي سڄا شهر ۽ ملڪ سڙي پسم تي ويندا آهن ۽ پنيت باهه لڳڻ جي جاچ ڪبي آهي، ته ان جي شروعات وجي ان ڪمزور تيليءَ سان ڳنڍبي آهي انهن ڏهن سالن جي عرصي دوران پهريائين سنڌ ۾ مسلم ليگ کي اٽڻ ۽ وڌائڻ جي ڪوشش ڪيم، محمد علي جناح جي صدارت ۾ سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس ڪوٺايم، جنهن ۾ هندستان جي سياسي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو مُلڪ جي ورهاڱي ۽ هندو مسلمان جي جدائي جو آواز اٿيو. آل انڊيا مسلم ليگ ۾ پروپيگنڊا سيڪريٽري بڻجي تقسيم–هند جي حق ۾ مسلمانن کي بيدار ڪيم. پاڪستان جي قرارداد لاءِ مواد فراهم ڪيم. جيڪا 1940ع ۾ منظور ٿي. مسجد منزل گاهه سکر بابت جيڪا ستيا گره ٿي جنهن ۾ وڌو ڪوس ٿيو هو تنهن جو ٻيو نمبر ڊڪٽيٽر آءٌ هوس. صوبائي مسلم ليگ جي جنهن اجلاس ۾ ستياگره جي باقاعده منظوري ڏني ويئي ان جي صدارت پڻ مون ڪئي هئي. سکر جي خونريزي ڪانپوءِ جيڪو ٽربيونل هاءِ ڪورٽ جي جج هلايو، تنهن جي اڳيان مسلمانن جي وڪالت پڻ مون ڪئي هئي ۽ فيصلو ورتم ته تڪراري جاءِ واقعي مسجد آهي ۽ فسادن ۾ مسلمان بيگناهه هئا ۽ اڳرائي هندن جي هئي. ان ڪانسواءِ ان عرصي اندر جيڪو به لٽريچر مسلمانن پاران پڌرو پئي ٿيو. تنهن جو گهڻو ڪري لکندڙ آءٌ هوس. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي مسلمانن وٽ ڪا به اخبار ڪانه هئي. جيڪا هندن جي خلاف پاڪستان لاءِ پروپيگنڊا ڪري، اها ڪسر به مون پوري ڪئي. پنهنجي جوابداري تي 1940ع ڌاري ڪراچي مان "مسلم وائيس" نالي اخبار ڪڍي. آخر نون 9 سالن ڪانپوءِ نيٺ پاڪستان بڻيو ۽ هندن جي سنڌ مان لڏ پلاڻ ٿي. انهيءَ دوران ڪياماڙي بندر تي مان هندن جي لڏ پلاڻ جو نظارو ڏسڻ ويس. ڇا ته منظر هو. هندو مرد عورتون، پوڙها وان ٻار ٻارت وڃڻ لاءِ جهاز جو انتظار ڪري رهيا هئا. حد نظر تائين رڳو ماڻهو ئي ماڻهو هئا ڪي او ڇگارون ڏيئي روئن پيا ته ڪي دانهون ڪوڪون پيا ڪن، ڏاڍو ڀيانڪ منظر هو، هتان جا نوجوان مسلمان پنهنجي وس ڪان ٻاهر هئا ۽ هندو هتي رهڻ لاءِ دل جهلي نه سگهيا. ساڳيو گوبندرام به ان ڏينهن مون سان گڏ هو جيڪو پاڻ به سنڌ ڇڏي هندو وجي

رهيو هو. ويچارو سُکن سان گڏ ساو بہ سڙي ويو. موڪلائڻ وقت اکين ۾ پاڻي آڻي ڏوراپو ڏيندي چئين "پير! پنهنجو وچن سو پاڙيئہ پر ڪري قهر ڇڏئيہ".

نوٽ: [وڏا سيِ وڏا ماءُ جا چڏ هئا نہ پاڻ سک سان ويٺا نہ ڪنهن کي سک سان ويهڻ ڏنئون. اها ڌرمشالا هينئر ڊهي وئي آهي. هاڻ ان جي پر ۾ مسجد ٺهي ويئي آهي. لکي تيرٿ اسٽيشن کي بہ مسلمان ڪري لکي شاهہ صدر اسٽيشن ڪيو اٿن، لکي شهر ۽ اسٽيشن جي سامهون پهاڙن ۾ جيڪي گرم پاڻي جا چشما هئا جتي هندن مندر پڻ ٺهرايو هو. جتي دنيا جهان جا هندو فقير، ٻاوا، سنياسي، جوڳي، نانگا (صفا اگهاڙا) ڪن چير ڪاپڙي اچي اُت ڳاهت ڪندا هئا. ڪل چمڙي جي بيمارين جا ستيل انهن چشمن ۾ وهجڻ لاءِ سڄي سنڌ مان پيا ايندا هئا. پر اڄ انهن چشمن ۾ مسلمان زيارتين جا ٻار بيٺي پيشاب تا ڪن ۽ ان ڌرمشالا ۽ مندر جا ڪنڊر اڄ تائين اتي موجود آهن. جيڪي ڪجهہ ٿي گذريو تنهن جو فيصلو الله تعاليٰ جي ذات وٽ آ، پر انسان وڏي ڪميني شي آ.]

ديوان کي ڪاڪوس ۾ بند ڪرڻ

ڪامريڊ يوسف نوناري جي سنڌ سُجاڳ سماچار جو هي نئون شمارو هٿن ۾ آهي، جيڪو ڪامريڊ، سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" کي نئين ترتيب ۾ آڻي پڌرو ڪيو آهي، جنهن ۾ هي واقعو ديوان نهچلداس وزيراڻي کي پير علي محمد راشدي ڪاڪوس ۾ بند ڪري ڇڏيو ڏاڍو دلچسپ آهي. بجيٽ تي آخري ووٽنگ ۾ باقي بہ ڏينهن هئا. جي ايم سيد، ڪانگريس پارٽي ۽ ديوان نهچلداس وزيراڻي هندو گروه سان اڳ ۾ ئي هڪ اصلاحي پروگرام جي بنياد تي ٺاهہ ڪري ڇڏيو هو. ووٽنگ کان هڪ رات اڳ دستور موجب وزير اعظم سر غلام حسين هدايت الله پنهنجي سمورن مددگار ميمبرن جي اعزاز ۾ رات جي کاڌي جي دعوت (ڊنر) ڏني. ان تي سوال اٿيو تہ جي.ايم سيد صاحب ان دعوت ۾ شامل ٿئي يا نہ؟ ڪن جو خيال هو تہ جنهن صورت ۾ سر غلام حسين جي وزارت کي ٻي ڏينهن تي ڪيرائڻو آهي. تنهن صورت ۾ هينئر ان جو نمڪ (دعوت) نہ کائجي پر بحث مباحثي بعد هن نتيجي تي پهتاسين تہ جيڪڏهن، جي ايم سيد ڊنر ۾ شريڪ نہ ٿيندو تہ هڪدم شڪ شبها جاڳندا ۽ پوءِ ميمبرن تي سر غلام حسين وزارت پاران چوڪسي شروع ٿي ويندي، ڪن کي تہ عهدن جا واعدا پڻ ملندا، عرض تہ سيد جو ڊنر ۾ نہ وڃڻ واري غلط قدم کڻڻ جي ڪري ساري ڪئي ڪمائي ختم ٿيندي ويندي. تنهنڪري فيصلو ٿيو تہ جي ايم سيد صاحب ڊنر ۾ ضرور شريڪ ٿئي. سر غلام حسين جي ڊنر پارٽي کانپوءِ اسانجي آخري گڏجاڻي ٿي. جنهن ۾ ديوان نهچلداس وزيراڻي بہ اچي شريڪ ٿيو. اسان جي گڏجاڻي اڃان هلي رهي هئي تہ ٻاهران خبر ملي تہ خانبهادر ايوب کهڙو اچي رهيو آهي. ايوب کهڙو صاحب ان وقت سر غلام حسين جي وزارت ۾ پارليامينٽري سيڪريٽري هيو. ايوب کهڙي صاحب جو ديوان نهچلداس وزيراڻي کي آڌيءَ رات جي وڳڙي ۾ اسان وٽ ويٺو ڏسڻ خطرناڪ

سمجھيو وڃي ها. تنھنڪري مون (پير راشدي) ڪيس اتاري وڃي ڪاڪوس ۾ بند ڪيو. ڪيس سمجھائي ڇڏيو ته جيستائين ايوب کھڙو هتي آهي، تيستائين پاڻ ڪاڪوس اندر ڪموڊ کي ڪرسي بڻايو ويٺو هجي، جنھن ويلي کھڙو صاحب اٿي ويو ته آءُ جلد ئي اچي در کولي تو کي ٻاهر ڪڍندس. خانبهادر ايوب کھڙي کي ڳالهيون ڪندي ڪي ڪلاڪ گذري ويا. آخر پاڻ به روانو ٿي ويو ۽ اسان کي اچي ننڊ ورايو. مور ڳو اها ڳالهه ئي وسري وئي ته ڪو ديوان نهچلداس غريب ڪاڪوس ۾ بند آهي. گهڻي رات گذارڻ کانپوءِ ڪنھن ويلي قضا حاجت لاءِ ڪاڪوس ۾ داخل ٿيس ته ڏٺم ديوان باقاعدي ڪموڊ تي ڍڳي ڪڍي ويٺو آهي. شرمساري وچان مون ساڻس گھڻي همدردي ڪئي. ڪيس چيم ته، "هن وقت تائين خانبهادر کھڙي اٿڻ جو نالو ئي ڪو نه ٿي ورتو. تنھنڪري اسان به ويٺا رهياسون معلوم ٿيئي ٿو ته وزارت پارٽي کي ڪو شڪ جاڳيو آهي، جنھن جي تحقيق لاءِ ايوب کھڙي کي موڪليو هئائون. اسان به ڪيس ويهاري خوب ويساهه ڏنا، هو هنيئر اٿي ويو آهي، ۽ مون اچي ڪاڪوس جو در کوليو آهي". ديوان نهچلداس غريب جي ذهن تي وزارت جو ڀوت چڙهيل هو. سو ڪنھن ساري رات جي تڪليف يا بري حال کي ذرو به محسوس نه ڪيو ۽ ڪلندو اٿي گھر ڏانھن روانو ٿي ويو. ويندي رڳو ايترو پڇيائين ته "پروگرام ته آل رائٽ آهي". (رتابندي ته سڄي ٺيڪ آهي) جواب ڏنم "بلڪل ٺيڪ ٺاڪ"

اڇو ته جهالت سان جنگ ڪريون

جهالت سان جنگ ڪندڙ منھنجو هي دوست عاشق او ڏاڏو يقين ۽ اعتماد ڀسان چوي ٿو ته "ياد رکو ميڊيا وار ۽ ثقافتن جي جنگ هٿيارن جي ويڙهه کان وڌيڪ تيز اٿو." هي سنڌي ميڊيا ۽ سنڌي اديبن کي سلام پيش ڪري ٿو. جيڪي سنڌ جي هر محاذ تي پنھنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن ٿا. منھنجو هي دوست چوي ٿو ته "جيئي سنڌ جي شروعاتي دور ۾ ان کي شاگرد اڳواڻ ڪيو ويندو هو جيڪو پوزيشن هولڊر هوندو هو پر افسوس جو اڄ ان شاگرد کي شاگرد اڳواڻ ڪيو وڃي ٿو. جيڪو ڌاڙو ۽ ڌڙڪو رکي ٿو، ڪرمنلز ۽ ڀتي خورن قومي تحريڪ ۽ سماج کي تباهه ڪيو آهي". هي چيو ٿو ته "مان پهرين ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين ڪرمنلز جو مخالف آهيان ڀلي کھڙا به لقب ملن" هي قومي تحريڪ اندر پنھنجو فڪري ۽ تعليمي اثر ڇڏيندڙ قومپرستن، ترقي پسندن ۽ انهن ٻڌرن ۽ ڊيڄڙن کي پڻ سلام پيش ڪري ٿو. جن سنڌ جي عظيم درسگاهه سنڌ يونيورسٽي مان ڪرمنل لڏي کي ڀڄائي پاڪ ڪيو. هي شير حيدرآباد SSP حيدرآباد محترم عرفان بلوچ صاحب کي پڻ سلام پيش ڪري ٿو. جنھن حيدرآباد جا ڪرمنلز ۽ ڀتاخورن کي هاف فرائي ۽ فل فرائي ڪري صفايو ڪيو. هاڻ ته ڪرمنلز ليڊرن جي ديدار کان به سڪي مئا آهيون. سلامن جو ڏوڙيو لاهيندڙ منھنجو هي دوست 1988ع جي سنڌي مهاجر جهيڙن ۾ ذاتي ڪوشش سان جهڙو ختم ڪرائيندڙ

رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد ۽ قائد تحريڪ الطاف حسين کي پڻ سلام پيش ڪري ٿو. هي ٻڌائي ٿو ته ”جڏهن سنڌ ۾ پهريون پيرو ايم آر ڊي تحريڪ هلي رهي هئي ته ان وقت سنڌ اندر سگهاري ٻارڙا سنگت لطيف سنگت هئي ۽ شاگردن ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن هئي جيڪا قومي جدوجهد هلي رهي هئي ۽ مڪمل طور تي منظم هئي، شهيد بشير خان قريشي ان وقت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اڃان نئون نئون مرڪزي صدر ٿيو، هو ان وقت لطيف سنگت کي جساف جي مڪمل پنيرائي حاصل هئي ۽ مان جيئي سنڌ لطيف سنگت جو مرڪزي پريس سيڪريٽري هيس، مون وٽ سڄو مرڪز هو پر ڪو به فيصلو اڪيلو نه ڪيم. اسان جا اجلاس سن ۾ رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي اوطاق تي ٿيندي هئا. اجلاس ڪري ٽڪجي پياسين ته پوءِ هڪ دفعي ڪاوڙ ۾ مون چيو ته ”يار ڪجهه ڪيو ته نتا رڳو ٿا اجلاس ڪريو. مونکي ننڌ تي اڇي نيصلا ڪجو پوءِ پريس ۾ ڏيندس“، شهيد بشير خان قريشي ۽ ڊاڪٽر حيدر لاشاري جيئمستن جي عزت بچائي لاڙڪاڻي جا سارنگ ماڇي ۽ ڊاڪٽر نظير سولنگي به ڪنڌار نڪتا ۽ شهيد سرائي قربان کهاوڙ پڻ پاڻ ملهايو باقي ٻين جا ڪم لتل هئا. مون رهبر سنڌ سائين جي ايم سيد جي ڪچهري ۾ ڏٺو ته اڪثريت رونشيباز ڪارڪنن جي هوندي هئي، علمي ۽ ادبي ماڻهو تمام گهٽ هئا ۽ سائين جي ايم سيد، فڪري ۽ سگهاريو ڳالهيون ڪندا هو. گهڻا دوست سائين جي ايم سيد جي روشن خيالي اعليٰ فڪر ۽ عالمگير حيثيت کي لڪائن ٿا، جيڪا ڳالهه سائين جي ايم سيد جي فڪر سان ناانصافي آهي. اُميد ته تنقيد اختلافن ۽ ذاتيات ڪان هٽي ڪري ڪئي وڃي ته جيئن اسان جهالت ڪان شعوري جنگ ڪتي سگهون. جيئن ته شاگرد جدوجهد دوران اسان ڪان سڄي قومي تحريڪ ڪان تمام وڏيون غلطيون به ٿيون آهن. ان غلطين جي ازالي لاءِ هاڻ نئين سري سان صف بندي ٿيڻ گهرجي ته بهتر ٿيندو.“ آخر ۾ هي ٻڌائي ٿو ته ”مونکي اهو چوندي تمام گهڻو ڏک ٿو ٿئي ته هاڻوڪي موجوده سنڌ جي سمورن بورڊن جي امتحاني مرڪزن ۾ ڪاپي ڪلچر ضرور هو.“ هي چوي ٿو ته ”ڪاپي ڪندڙ ٻڌي ڇڏين ته اهي قوم کي جهالت جي انڌيري ۾ ڌڪو ڪن ٿا. اها قوم سان سچائي ناهي“ هي ٻڌائي ٿو ته ”مان جڏهن ڏهين ڪلاس ۾ گورنمنٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي ۾ پڙهندو هيس ان وقت منهنجو ڪلاس ٽيچر ۽ انگريزي جو استاد مرحوم سائين وزير علي سومرو صاحب جن هئا.“ هو چوندو هو ته ”جيستائين تعليم عام نه ٿيندي تيستائين اوهان سنڌ ۾ انقلاب آڻي نه سگهندا. ڪنهن به قوم کي ترقي ڪرڻي آهي ته اها پهرين پاڻ کي تعليم جي ميدان ۾ اڳيرو ڪري“. پر هي ٿو چيو ته ”انقلاب اچا پنڌ ۾ آهي اهو اچڻو آهي نسرت ڇاڻ جي هولي ۾“

4 مارچ جا زيرو

هي 4 مارچ جا هيروز اقبال ترين، مير ٿيٻو، مهر حسين شاهه يوسف ٽالپر، يوسف لغاري، جام ساقي، مجيب پيرزادو، مدد علي سنڌي، ڪامل راڄپر، اعجاز قريشي ۽ مسعود نوراني آهن، جن ۾ ڪجهه وڪائو پڻ آهن، جن ذاتي مفاد خاطر سنڌ ۽ سنڌين جي مفاد کي قربان ڪري ڇڏيو. اهي وڏي بي حيائيءَ سان پاڻ کي سنڌ جو قومي هيرو پيا سڏائين، اهي چوٿين مارچ جا هيرو هاڻي صرف زيرو آهن.

جيئي سنڌ جا ڌڙا

سنڌين جي قومي جدوجهد ۾ ڏار وجهڻ لاءِ جيئي سنڌ جا ڪيئي ڌڙا ڪيا ويا آهن. ڪو ڊاڪٽر قادر مگسي جي ترقي پسند پارٽيءَ جو آهي ته ڪو جلال محمود شاهه جي، يونائيٽيڊ پارٽي جي عَلمَ هيٺ تو گڏ ڪيو وڃي، ائين ڪو آريسر گروپ آهي ته ڪو بشير خان گروپ، شفيع برفت، شفيع ڪرناٽي قمر ڀٽي ۽ چانڊين جا ڌڙا ڌهه گروپ ٿي پيا آهن. صفدر سرڪي کان وٺي قمر ڀٽي تائين اهي جيئي سنڌ جا ننڍا وڏا گروپ، جڏهن سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگره يا ورسي تي اچن ٿا ته انهن جو لقاءُ ڏسڻ وٽان آهي. هنن جو رهبر هڪ هو. هنن جو سياسي ڪعبو سن آهي پر هي سڀ ليڊر بعض معاوين ۾ ورتل آهن، هي مخالفن تي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ پنهنجي باهه ٺارڻ لاءِ هر صورت ۾ ٻئي جو مٽڪو ڀڃڻ ۾ دير ئي ڪانه ٿا ڪن. هنن جا مثا ۽ مقصد ساڳيان رهيا آهن. ليڪن طريقڪار علحيده آهن. هي سنڌ جي گڏيل مقصدن خاطر يا مصلحت خاطر هڪ پليٽ فارم تي گڏجن به ٿا، ته اهي هنن جي منافقي جا ٿاهه گهڻو وقت هلي نه ٿا سگهن. هڙو آهي ته شفيع محمد ڪرناٽي جي اڳواڻي ۾ جيئمست الائنس وجود ۾ آيو آهي، هن الائنس جو ترجمان سورهيه سنڌي ٻڌائي ٿو ته ”ڪنوينر الائنس شفيع محمد ڪرناٽي کان سواءِ سنڌ جي غير تمنداولاد مان جيئي سنڌ قومپرست پارٽي جو چيئرمين محمد راهمون، قومي تحريڪ جو چيئرمين محمد علي خشڪ، قوم پرست اڳواڻ ۽ ايڊووڪيٽ قمر ڀٽي، جيئي سنڌ آزادي تحريڪ جو چيئرمين خادم سومرو، پارٽي اڳواڻن ۾ دودو ديشي، سهيل ابڙو، نثار لاگير، محمد ڪوڪر ۽ ٻيا شامل آهن. جيڪي انسانيت، امن ۽ محبتن جي پرچاري ۽ سنڌو ديش جي آزادي جي علمبردار محترم سائين جي ايم سيد جي 111 هين سالگرهه تي امن ۽ محبت جو ڏهاڙو ملهائيندا. شل اهو الائنس به هلي موٺڪي اميد نٿي نظر اچي.

جيئي سنڌ جي ڪارڪن جي دماغي ڪيفيت

پاڻ هتي جيئي سنڌ جي ڪارڪن جو جائزو به وٺنداسون. لوهان هنن جي دماغي ڪيفيت ۽ روايتن مان باخوبي واقف آهيون ۽ هنن کي پوري طرح سڃاڻو ٿا ۽ اوهان کي اها به خبر هئڻ کپي ته ”جڏهن جو شخصي ڪردار نه هوندو آهي ان جو قومي ڪردار به نه هوندو آهي“، سنڌين جي درد جو ٺيڪو کڻندڙ هي قومپرست ڪامريڊ، جن

ڪڏهن به ڪو ٻوٽو نه هاريو آهي. جن کي اصولن جي ڪا به پرواهه ناهي، هي سڀ جيڪي پنهنجي شخصي مفادن تي قومي مفادن کي قربان ڪري ڇڏيندا آهن هي سنڌ سنڌ ڪري ٿڪجندا ناهن، جن کي صرف هي ديش آزاد کپي، هي خود پرست، هي مفاد پرست، ٺلهن نعرن ۽ ڪوڪلن ڀاشن ۽ بنا تنظيم ڪاري جي هي ڇا ڪانئر سنڌ آزاد ڪرائيندا. ڪو به عملي قدم نه آهي ڪٽڻو اهو هنن جي منشور ۾ شامل آهي. رڳو سائين جي ايم سيد جون سالگرهيون ۽ ورسيون ملهائيٽيون آهن. وطن پرستي ۽ ديشي ڀڳتي جي صورت ۾ قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻي آهي، وڏي سٽڻ، ڏکهي قميض پائي موچون وتي هر ڳالهه تي هروڀرو جاوڏاوڏا ٺهڪ ڏيڻا آهن، هنن کي ته پنهنجي ڪوڪلن ٺهڪن تي به يقين ناهي. هي غرور جو شڪار، وڏائي خور، لڪ باز، آڪڙ باز، مون جيان لوٽڻي پاس هلندا ائين آهن ڄڻ سنڌ هنن جي ابي جي هجي، هي خود فراموش ڪنهن سان به سئون منهن ڪري نه ڳالهائيندا آهن، هي بحث ۾ پنهنجي ڳالهه تان نه هٽندا پنهنجي هر ڳالهه مڃائيندا. ٻئي جي لڻ ٻڌندا. سچ هرگز نه ٻڌندا. بحث کي جلدي جهيڙي ۾ تبديل ڪري وٺندا. هي چوٽ پٽل جا پاڻ کي عقلمند ۽ عقل ڪل سمجهندا آهن. ڪامريڊ شپ، قوم پرستي وارن لاڙن، جذباتي نعرن ۽ استادن سان سئين راند سونٽي جي، واري دهشتگردي، سنڌ جي سمورن مقدس تعليمي ادارن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي کي وڏو نقصان پهچايو آهي. هنن هر هنڌ تانبا ڏئي ڇڏيا آهن، جئيڻ ئي جنجال ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جو آئيندو ڏاڍو ڀيانڪ نظر اچي ٿو. اهي جنوني قوم پرست، اهي جذباتي گنڊا جن کي نه اٽڻ ويهڻ جو ڍنگ آهي نه ڳالهائڻ جو. هي سنڌ ۽ سنڌين جا مڪمل بدخواهه آهن. هي ڀتاخور جيئي سنڌ وارا پيدائي ٻيتي لاءِ ٿين ٿا. انهن ۾ هنن جو جياپو آهي. هي ائين نه ڪن ته هنن جي گلشن جو ڪاروبار ڪئين هلي. هنن جي رهبر کي به آزادي گهربي هئي، هاڻ هنن کي به آزادي گهرجي. هنن نوڏن جي روين ۾ تبديلي اچڻي ناهي. ڀل آزادي به ماڻي ڏسن.

تنهنجو ڀيءُ به ڏيندو آزادي

سنڌ جا سنڌي ليڊر خدا ته نه آهن جو هنن تي تنقيد نٿي ڪري سگهجي. سنڌ ۾ ڪو به اهڙو ناهي جو هنن ٻي عزت ليڊرن ڏانهن آڱر سڌي ڪري سگهي. ليڊر ڪهڙا به ڪڏا ڪم ڪن ٿا تڏهن عوام هنن کان حساب نٿو وٺي، هتي هر ڪو مفاد پرست ٿي ويو آهي. مان هن ڪوڙي ليڊر شپ جو اصل چهرو سنڌ واسين کي ضرور ڏيکاريندس. مان جڏهن هنن جو اصل روپ وائکو ڪندس ته ناراضگي جو سيلاب يا طوفان ته ضرور ايندو. مان سمجهان ٿو ته هي گڏجي پنهنجي پالتو ڪتن کان ٻچ ضرور ڪرائيندا. جيڪي مونکي حلال ڪري ڇڏيندا، مان يا پيو اڪيلو ڪجهه به ڪري نٿا سگهون. پين قومن جي ڀيٽ ۾ سنڌين جو سياسي شعور وڏيڪ آهي، سنڌين ۾ ذات ليڊر آهن تڏهن سنڌي سگهارا نه پر نڌڻڪا آهن، ته به هي شڪست خوردا ۽ هارايل آهن. سنڌي وت پهر ليڊر

شپ ڪونهي، سنڌين کي سچو ليڊر ملي نه سگهيو آهي، سچا ليڊر مري کپي ويا آهن جن کي اڄ به سڄي سنڌ ڳائي ساري، ڪروڙين جن جا سلامي آهن، ليڊر سنڌ ۽ سنڌين سان ڪيترو مخلص آهن. هنن جي عوامي زندگي ۽ ڪان ذاتي زندگي ٻنهي مختلف آهي. هنن جي قول ۽ فعل ۾ ڪيڏو نه وڏو تضاد آهي. هي سنڌ جا وڏا ليڊر جن جو سنڌ ۾ وڏو نالو آهي، ڪجهه به نه آهن. سنڌ جي هر رهاڪو کي خبر آهي ته هي اسان جا ليڊر ڪيتري پاڻي ۾ آهن. خود قوم پرست ليڊر جيڪي قومي غيرت رکن ٿا جيڪي قومي ليڊر آهن سي پڻ قوم سان سچا ناهن. هي خودار ۽ غيرتي به بي غيرت ٿي ويا آهن. هنن کان سنڌيت وسري ويل آهي، هي هاڻ رڳو جيهڙن جهتن جي مزاجن جي ترجماني ڪن ٿا چندا خور ليڊر آهن، شرابي ڪبابي ليڊر آهن. دغا باز، بليڪ ميلر، اناڻي گير ليڊر آهن. آواره لوفر بدمعاش ليڊر آهن، ڪو فخر سنڌ ته ڪو شير سنڌ تو سڏائي، ڪو ڏهيسر آهي ته ڪو مهيسر تو سڏائي. اسان جي هوشيار ۽ چالاڪ ليڊرن عوام کي گمراهه ڪرڻ لاءِ قوم کي رڳو سڪڻن نعرن کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏنو ڇا آهي؟ انهن ٺلهن هوڪارن ۽ جذباتي نعرن رڳو عوام کي بيوقوف بنايو آهي. ”مان ننڍڙو ٻالڪ آهيان، مان گهر جو رستو ڀلجي نعرو ٻڌجي ايند س۽ رڳو پنهنجي ديس جي ڪنهن پت تي لڪجي ويندس“، هي سوپارا ۽ سرخرو رڳو نعرن ۾ آهن، ”تنهنجو پيءُ به ڏيندو آزادي تنهنجي ماءُ به ڏيندي آزادي“ پٽن سڄي زندگي ڳئي گسائي ڇڏي تب آزادي حاصل ڪري نه سگهيو، باقي هي چڪلائي هليا آهن آزادي وٺڻ، هنن کي پاڪستان نه کپي. هنن کي ڪالاباغ ڊيم نه کپي. هي ته پاڻ اندر ۾ ڪاري ڪڏر ڪندڙ آهن. هي ته ڪالاباغ ڊيم کان به وڌيڪ خطرناڪ آهن. هنن ليڊرن اڄ تائين ڪهڙا، ڦاڙا ماريا آهن تن جي خبر اوهان کي به هوندي ، هي اسان جي سنڌ جي سياست وانگر ڦرٽا گهرٽا خود غرض ۽ بي اصول ليڊر خواب غفلت ۾ ستل آهن، هي ٻتاڪون هڻندڙ ڪم چور ڪاهل، بزدل ۽ عياش ليڊر ڪجهه به ڪري نه سگهندا. هي سڀ بي سرا راڳ پيا ڳائين ته هي سنڌ سان سچا آهن، اهو سڀ ڪوڙ آهي، اها قوم سان ٺڳي آهي. هي سچا ٿيڻا ناهن، ڪائئون مهل سر ڏرتي ۽ قوم لاءِ قرباني جي اميد رکڻ اجائي آهي. هي ائين ٿا محسوس ڪرائين جڻ سنڌ تان سر گهوري ڇڏيندا ، مونکي انهن جاهلن تي کل ٿي اچي. جي اهي عشق پرست، حسن پرست ۽ قوم پرست ليڊر سڀ جو سڀ سچا هجن ها ته ممڪن آهي ته سنڌين کي اهي ڏکيا ڏينهن نه ڏسڻا پون ها. لعنت آهي اهڙن ليڊرن تي. هي ليڊر ٽيٽ جا بلڪل اهل ئي نه آهن. سنڌ جا سنڌي ليڊر سڀ جو سڀ چندا آهن ، هنن کي خبر ئي ڪانهي ته سياست ڪٿين ڪبي آهي، هي سياست نه پر رڳو ٻڙوت پيا ڪن. هنن بي غيرت ليڊرن کي رڳو دلنائلو باقي آهي.

ڇٽبو سچ

قوم مارايئي ٻچايئي پاڻ کي — سنڌ ساڙايئي ۽ سايئي پاڻ کي (استاد بخاري)

مون تي الزام آهي تہ ”مان پنھنجي آتم ڪٿا اگھاڙو سچ ۾ پنھنجو قد وڌائڻ لاءِ سستي شھرت حاصل ڪرڻ لاءِ عظيم رهبر سائين جي ايم سيد خلاف انتھائي نازيبا ٻولي استعمال ڪئي آهي“، مان تہ سائين جي ايم سيد جي پيرن جي مٽيءَ کي سرمو ڪيان پر مان ڇا ڪيان، منھنجي دل نٿي مڃي ۽ ها مان تہ ننڍڙو آهيان پر منھنجي سنڌ جي تاريخ تہ وڏي آهي ۽ مان انھيءَ تاريخ جو هڪ ورق آهيان، سنڌ جي تاريخ پڙهي ڏسو اوهان جا لڳ ڪاندراجي ويندا، اسان کي رهبرن جي روپ ۾ سدائين رهزن مليا آهن ۽ اڃان اسان رڳو ڪھاڙيون ٺپائيندا وتون ٿا، نهرو، گانڌي، ابوالڪلام آزاد، پٽيل ۽ محترم جي ايم سيد جھڙي معتبرن جي هوندي ملڪ جو ورهاڱو ٿي ويو، رڳو اختلافن جي نتيجي ۾ سنڌين کي ٻليدان تي چاڙهيو ويو. ان منحوس ورهاڱي ۾ نقصان صرف ۽ صرف سنڌ، سنڌين ۽ سنڌيت جو ٿيو. سنڌ اسيمبلي جو پراڻو رڪارڊ کڻي ڏسو جنھن ۾ مائي جيٺي سپاهملاڻي تي چئين تہ ”ان وقت اسانجو رهبر عقل جو مظاهرو ڪري ها تہ هي ٿهر نہ ٿئي ها“. جيئم سائين جئين سدائين جن هڪ وزير جي حيثيت ۾ سرڪاري ٽي وي تي سنڌ جي سنڌين هندن خلاف تعصب ڀري جذباتي تقرير ڪئي تہ ”ٽيستائين مان سک جو ساهہ نہ کڻندس جيستائين هڪ بہ هندو سنڌ ۾ باقي نہ رهندو“. سنڌ مسلم ليگ جي هن پريزيڊنٽ پنھنجي سڄي طاقت جو زور لڳائي. اخبارون ۽ ٽي وي تي سنڌين هندن خلاف ڌمڪائڻ جا اشتھار هلائي سنڌ کي معاشي طور تباهہ ڪري، سنڌي واڻن کي زوريءَ سنڌ مان ڌڪي پوءِ سک جو ساهہ کنيو. ملڪ ٽوڙي پاڪستان ٺاهي سنڌين کي عقليت ۾ تبديل ڪري بعد ۾ واڳون وارا ڳوڙها ڳاڙيا. سنڌين جي قاتل جنرل ضياءَ کان گلدستو وصول ڪري سندس آشرواد حاصل ڪيو. سنڌين جو سڀ کان وڏو قاتل الطاف حسين اڄ بہ وڏي واقعي چيو ٿو تہ ”مان سياست ۾ سائين جي ايم سيد جو شاگرد آهيان ۽ هو منھنجو گرو ۽ استاد هو“. الطاف حسين کي آشرواد ڏيندڙ جي ايم سيد وڏو قوم پرست هو. جنھن کي انگريزن کان بہ نفرت هئي پر سندس نالو سنڌي ۾ غ م سيد نہ انگريز ۾ GM سيد هو. جي اهو جيئيم سيد هجي ها تہ بھتر هو. ان کان تہ ج – ع منگهاڻي، ع – ق شيخ، الف – م (اسرار شاهہ) وڏا قوم پرست ڇٽبا جو گهٽ ۾ گهٽ هنن پنھنجو نالو تہ سنڌي ۾ لکيو.

ڪھاڙي ڇاپ امن

ڪلرن ۽ رنگن جي دنيا ۾ رنگن جي هڪ پنھنجي معنيٰ هوندي آهي. هر رنگ پنھنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو. اوهان رستن تي سفر ڪندي چوواٽن تي لڳل ٽريفڪ سگنلز کي غور سان ڏٺو هوندو. ساڱو رنگ ايندي ئي ٽريفڪ هلڻ لڳندي آهي. پيلو رنگ معنيٰ هوشياري وٺو (رڪڻ يا وڃڻ لاءِ) ۽ ڳاڙهي رنگ تي

ٽريفڪ بيهي رهندي آهي. نشانيون علامتون اُهي ئي رنگ خاص اهميت رکن ٿا ڊيگهه، ويڪر، ٿولهه، منڍ ڇيڙي، چورس، مستطيل، ٽڪنڊي، گول، ڪالو ۽ والو جي به ڪا معنيٰ هوندي آهي. محرم ۾ اوهان ڏٺو هوندو ماڻهو اڪثر ڪارا ڪپڙا پائيندا آهن اهو ڪارو رنگ ڏک ۽ غم جو رنگ آهي. اهو رنگ تباهي ۽ مايوسي جو رنگ آهي. رات به ته ڪاري ڀيانڪ هوندي آهي. اڇو رنگ سادگي، پاڪائي ۽ امن جو رنگ آهي. پيلو رنگ بيماري ۽ اُداسائي جو رنگ آهي، خزان جي علامت آهي. سائو رنگ بهار خوشحالي ۽ خوشيءَ جو رنگ آهي ۽ ڳاڙهو رنگ سرخ خون جو رنگ آهي. ڳاڙهو رنگ شهادت جو اعلان آهي. اهو رنگ مزاحمت جو رنگ آهي. منهنجي ان سڄي لکڻ جو مقصد اهو آهي ته مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسان جي سنڌو سڀيتا جي عظيم تهذيب موهن جي دڙي جي ڪنڊرات مان هٿيارن کان سواءِ سڀ ڪجهه مليو. اهو دنيا کي پيغام هو ته سنڌ امن ۽ آشتي جي سڀيتا آهي. سنڌو ماٿري صدين جي سُونهن جو ورثو آهي سنڌ امن جو هندورو آهي. سنڌ جي عظيم تهذيب جا اهي اُهڃاڻ ٻڌائين ٿا ته اسان جي هٿيارن جي ثقافت نه آهي، اسان اڄ به امن سک ۽ سلامتي چاهيون ٿا. اسان کي ڪنهن به هٿيار، بندوق يا ڪهاڙي جي ضرورت نه آهي. سنڌ کي صرف ٻڌي ايڪي ۽ ڀائيچاري جي ضرورت آهي. جا اصلي هٿيار ۽ سگهه اهي، اهو ڪهاڙي ڇاپ سنڌين جو رهبر سائين جي ايم سيد جيڪو دنيا جو سڀ کان وڏو امن پسند انسان هو. اهو پراسرار راز اوهان به ٻڌو ته اهو امن جو علمبردار کهڙي خوشي ۾ ڪهاڙي کڻي نڪتو. جيئي سنڌ جو جهنڊو اوهان اڄ وچي غور سان ڏسو، سڄو ڳاڙهو آهي، ڳاڙهو معنيٰ خون جو رنگ، ان ڳاڙهي جهنڊي جي وچ ۾ اهو اڇو گول چوڏهين جو چنڊ آهي. اهو اڇو گول جيڪو ٽورڙو آهي، اهو سائين امن آهي. ان امن ۾ وري ڪهاڙو ڏنل آهي. ڪهاڙو جيڪو هٿيار آهي. اهو هٿيار ڪهاڙو ڳاڙهي نشان تي به اڇي پي سگهيو پر اهو هرو ڀرو امن جي حصي جي مٿان ڏئي ڪينهن نه امن جي ماءُ پڏي وئي آهي. سنڌ جي ثقافت اجرڪ به ته آهي، سنڌي ٽوپي به ته آهي. وڏي ڳالهه ته سنڌ جو نقشو ايترو خوبصورت ۽ پيارو آهي جو اهڙو خوبصورت نقشو دنيا جي ڪنهن ملڪ جو نه هوندو. اهو ڏنو وڃي ها. ڪهاڙو ڪهڙو آدريش ٿي سگهي ٿو. جي ايم سيد کي ميڇالو يا دماغ ته هو ئي نه جو عقل ۽ فهم کان ڪم وٺندي ان قاتل ڪهاڙي جي بجاءِ زيتون جي شاخ ڏي ها جا پڻ امن جي علامت آهي. لاڙڪاڻي جا زيتون دنيا ۾ مشهور آهن ان لاڙڪاڻي جي زيتون جي ڪا ٽاري ڏئي ها. يا امن جو ڪو اڇو پکي ڏئي ها. جڏهن ته دنيا جي سپر طاقت آمريڪا پنهنجي جهنڊي ۾ هٿيارن جي نمائش نٿو ڪري، جيڪا طاقتور موتمار ميزائل ۽ ايٽم بم جي طاقت رکي ٿو. اهي ڪعبي قبلي جا وارث سعودي عرب وارا پنهنجي پاڪ ملڪ جي جهنڊي ۾ پاڪ ڪلمي سان گڏ تلوار ڏئي ڪهڙي امن جو پيغام ڏين ٿا. سنڌو سڀيتا جو هي عظيم رهبر ميزائل رکندڙ قومن کي قلم بجاءِ ڪهاڙو سجائي اهو جهنڊو ڏيکاري ڪهڙي امن جو پيغام پکيڙي ويو. سو منهنجي سمجهه کان

زور آهي. ٽيڪ آ، رت انقلاب جي ۽ ضمير مڙسي جي نشاني آهن پر مٺا سائين، ضمير جي مڙسيءَ سان انقلاب آيو تہ نہ، هو نهن بہ آمريت جا ساٿي جا ساٿي انقلاب ٿورئي آڻيندا آهن، نہ ئي نالو مٽائڻ يا نئڊيو ڪرڻ سان غلامي ويندي آهي. آزادي ڪا رنڊي ڪونهي جو اوهان ڪيس پڻ روپين جي لالچ ڏيندا تہ هو ڊوڙندي اچي اوهان جي هنج ۾ ويهندي، آخر ۾ هن عدم تشدد جي پرچاري سياستدان کي مون صوفي عدم وجود جي قاتل جو سرخ سلام.

کهاڙي رهزنن جو هٿيار

سهڻا تون نہ وج لاڙ، کهاڙي آءُ جهليندو سائين

شهيد فاضل راهو جنهن کي ڏينهن ڏٺي جو سندس ڳوٺ راهوڪي ۾ کهاڙي سان ڪُنو ويو. کهاڙي جيڪا قديمي سنڌي استعمال ڪندا آهن تلوار، تير، مکو يا کهاڙي امن جانشان ٿي نٿا سگهن، اهي رهزنن جا هٿيار آهن، اها کهاڙي مون سڃاتي آ. مونکي ان کهاڙي کان سخت نفرت آهي جنهن فاضل راهو جهڙي عظيم انسان جو سر ڪنيو.

کهاڙي تو لا مقدس
کهاڙي مون لاءِ پاپ
کهاڙي تنهنجو شان، مان ۽ نشان
کهاڙي منهنجو نقصان
کهاڙي تنهنجو ڀاڳ
کهاڙي منهنجو اڀاڳ / نڀاڳ

17 جنوري سازش جو ڏينهن

17 جنوري هڪ رنڊي آهي، تون وٺ اچي ٿي، مون وٽ اچي ٿي
هڪڙو ناچ نچي ٿي، ڇڻ نغارن تي نچي ٿي (آغا قيوم)

17 جنوري سائين جي ايم سيد جي سالگره
تنهنجو رهبر منهنجو رهبر
جي ايم سيد جي ايم سيد
فاضل آ.

17 جنوري شهيد فاضل راهو جي ورسي
تون کهڙو فاضل مارينديں،
هت هاري ناري فاضل آ، هي سنڌ ساري

17 جنوري هلو هلو سن هلو
17 جنوري هلو هلو راهوڪي هلو
17 جنوري تنهنجو جنم
17 جنوري منهنجو موت
17 جنوري سن ۾ سائين جي سالگره جي خوشي ۾ ناچ
17 جنوري راهوڪي ۾ راهوڪي جي ابي جو غم ۽ ماتم.
17 جنوري تو لا بهار
17 جنوري مون لاءِ خزان
17 جنوري سن ۾ عيد
17 جنوري راهوڪيءَ ۾ قيامت
17 جنوري سن ۾ ٺهڪ
17 جنوري راهوڪي ۾ ڳوڙها
17 جنوري تو لاءِ تحفو ڪيڪ
17 جنوري مون لاءِ تحفو ڪفن
17 جنهن تنهنجو هر هر جنم
17 جنوري منهنجو هر هر مرڻ
سن تنهنجو ساهہ
راهوڪي منهنجي رهزن
تنهنجو جنم منهنجو انت آهي ۽ منهنجو انت ئي تنهنجو موت آهي.

17 جنوري تي سن ۾ سائين جي ايم سيد جا پانديئڙا کهاڙي کي چمنداءِ سلام پيش ڪندا.
17 جنوري تي راهوڪي ۾ فاضل راهو جا عاشق کهاڙيءَ کي ٽو ڪاريندا.
منهنجي گهر ڪان سن ۽ راهوڪي جو فاصلو هڪ جيترو آهي، مان سائين جي سالگره تي وڃان يا فاضل راهو جي ورسي تي وڃان، مان راهوڪيءَ کي رنجائي سن کي سجائي نٿو سگهان، هلو مسئلو ئي حل ٿي ويو چوڻ ٿا تہ شهيد فاضل راهو جي پٽ محترم اسلم راهو اعلان ڪيو آهي تہ هاڻ شهيد فاضل راهو جي ورسي هر سال 17 جنوري جي بجاءِ 27 جنوري تي ملهائي ويندي. جئين سن وارا راهوڪي ۽ راهوڪي وارا سن وڃي سگهن.

ذاتون — **لن ذاتون**

برفت بري آفت	ڏيرن ڏاهرين ۾ ڏڦير	دلن	ٻلالن
چانڊيہ چور	جمالي ڍنڍ	سيالن	پلالن
منگسي شاهد	ڦنن ۽ ڦلپوٽن ۾ ڦڙ ڦوت	مغلن	ڪاڇيلن
ڀٽي ڀاٽيا	مري مدهوش	جهتيالن	ڀيالن

عجيب و غريب ذاتون

گڏهہ مار	مچلا	ڪودا	منڊا	جهيجا	موتا	گائنچا
ڏنگا	منگڻ	ڏُڪڙ	گونگا	جنهنجهڻ	آوٺا	ڪلتي
شودا	بگهڙ	ڏمچر	جاڙا	چنجٽي	پاهي	چورا
لُچا	ٻوڪ	ڪارا	جاڙيجا	جهرڪ	ڪچائي	ڀَنگ
وڙهاڪ	ڏڦر	مڏا	چاڙيپوتا	سانڊا	ڪُرسي	منڊاٽي

"ي" واريون ذاتون

سنڌ ۾ 20 ڪان 25 هزار ذاتون آهن، جن ۾ 5 هزار ذاتون اهڙيون آهن جيڪي لاٽي ڪاٽي واٽي يا (ي) تي اچي ختم ٿين ٿيون.

لسٽ

باب نائون: پوليس – وڪيل ۽ جج

پاپي پوليس

هڪ پوليس وارن جو پوءِ سهڻا، پيو تو مان لٿو ٿئي ڏوءُ سهڻا.
او ميريا ڍهول سپاهيا، تينون رب ديا رڳهان.
پوليس ڪاهي فرض مدد آپ ڪي.

فوج پوليس ۽ انتظاميہ تحفظ ڏيندڙ قانون ناهي، عوام کي لاڳيتو پنهنجي قبضي هيٺ رکندي آئي آهي. هي ڪورتون، هي ٿاڻا سڀ بدمعاشي جا اڏا آهن جتي غريب جو رت، پيتو وڃي ٿو. پاڪستان ۾ پڙوي ۾ پڙوَ ادارو پوليس جو آهي. هن ملڪ ۾ پوليس جو رول هن وقت رڳو دلال وارو وڃي رهيو آهي، هي پوليس جي وردين ۾ سرڪاري پڙوا ڏينهن رات پڙوت ۾ سرگرم رهن ٿا. سنڌ جي حدن ۾ قائم ٿاڻن ۾ ناڪارا ۽ مدي خارج پوليس وڃني آهي. ٿاڻن تي سڀ جا سڀ چور ويٺا آهن. پوليس ۽ چور جي نفسيات، پوليس ۽ ڌوهاري جي ذهنيت ساڳي آهي. هنن پڙون جو دين ايمان رڳو مُڪ مُڪائو هوندو آهي. پوليس سڳوري وٽ ڏنو پٽ چٽي جو هوندو آهي، پوليس ڪيسن تي ڏي وٺ ڪري وٺي ٿي، خون ۽ زوري زنا تي بہ ڏي وٺ ٿئي ٿي، هي مفت خور، ڪم چور سپاهي هر وقت رڳو SHO جي دلالي ۾ پورا آهن. سڀ پوليس آفيسر رڳو خانہ پوري ڪرڻ لاءِ ڪرسين تي ويٺا آهن. هنن جار ڳوٺ آهن. هي دنبن پيتن وارا پوليس آفيسر حرام ڪائي اهڙا تہ تلها ٿيا آهن جو چُرڻ ڦرڻ کان لاچار آهن، سندن ڳچيون ئي گم ٿي ويون اٿن. اها حرام جي ڪمائي ڪائي، هنن پوليس آفيسرن جا ضمير مري ويا آهن. هي ظلم پوليس آفيسر تہ پنهنجي انتها کي رسي ويا آهن، چڪلا نالي ۾ بند آهن. گهر گهر پڻ چڪلو کوليو ويو آهي، پوليس کي تہ موقعو ملي ويو آهي. پوليس تہ اهڙا موقعا ڳولهندي رهندي آهي. ليڊي پوليس ڪانسٽيبل پاڻ چڪلو هلائيندي ڏٺيون ويون آهن. چڪلي جي رنڊين جي ڪمائي جو وڏو حصو پوليس زوري وٺيو ٿي وڃي. ٿاڻن جا سپاهي ۽ منشي، اهي وردي پوش پڙوا، اهي با وردي خونخوار بگهڙ، ڪامورن (وردي پوش پوليس ۽ غير وردي پوش انتظاميا) تائين اهي رنڊيون ۽ منٿلي وقت سر پهچائين ٿا. انهن هنن سپاهين جا حوصلا وڌن ٿا. اهڙن پوليس آفيسرن تي جيڪي چڪلي جي رنڊين ۽ ڪڌن جي ڪمائي کائن ٿا، تن تي لعنت هجي. پوليس جي وردي ۾ 99 سيڪڙو ملازم خود ڏوهاري ۽ رشوت خور آهن. ڌاڙيلن کان بہ وڏا ڌاڙيل خود پوليس ۾ موجود آهن. پوليس ڌاڙيلن جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي. هي قانون وارا پاڻ ئي قانون توڙين ٿا پوليس جيڪا خود دهشتگردي ۾ ملوث آهي. ڪڏهن ڪڏهن پوليس پنهنجي ڪار گذاري ڏيکارڻ لاءِ بہ وارداتون ڪندي آهي. جيڪي بہ ڏوهہ ٿي رهيا آهن اهي سڀ پوليس جي لاپرواهي جي ڪري ٿي رهيا آهن. با وردي سپاهي چونڪن تي رائيفلون جهليو پوزيشن ۾ بيهل تہ آهن، پر اهي سڀ رڳو شوپيس آهن. پوليس جو ڪم صرف ۽ صرف غريبن کي ستائڻ آهي. غريب هر وقت وڏيري جون گاريون ۽ پوليس جا موچڙا کائڻ جو عادي ٿي ويو

آهي. جيڪڏهن ڪو پوليس سان ڦٿائي ٿو ته جيل جي هوا کائي ٿو، هنن پاڻ هٿان ڪو به ڪو نه بچندو آهي. مون ڏٺو ته اسٽيشن جي حد ۾ هڪ پوليس موبائيل هڪ رڪشا واري کي روڪي ۽ ان مان هڪ مسافر همراهه کي لاهي وٺي وڃن ٿا جي مُڏ مڪاءُ نه ٿيو ته هن مسڪين کي ڪنهن رنڊي سان گڏ اگهاڙو ڪري فوٽو ڪڍرائي يا ڪنهن ڪرمنل ڪيس ۾ چالان ڪيو ويندو. پوليس جي موچڙي ۾ وڏي ڪرامت آهي. سچ پتلو لڳڻ تي چنگن ڀلن جو تورو به نڪري وڃي ٿو. هي بي گناهه نه ڪيل ڏوهه به باسيندو، پوليس ۽ چور جو ٻلي ڪوئي وارو مثال آهي پوليس جو ڪم آهي هتي هر حال ۾ امن قائم ڪرائڻ، پوليس کاتي ۽ انتظامي عملدار جي پيرن ۾ ڪڙيون ۽ هٿن ۾ ٻيوسي جا ڪنگڻ پاتل آهن، عوام جي مال ۽ جان جي محافظ به ڪجهه نٿا ڪري سگهن ته هن غريب عوام کي تحفظ ڪير ڏيندو، جڏهن انتظاميا پاڻ ڏلي پئجي وڃي. جڏهن قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي خفيه پوليس پاڻ مختلف وارداتن ۾ ئي ملوث هجي. جڏهن پوليس جا مخبر ۽ ٻڌل دلال، سياسي ڏرين جي غنده گردن سان اٽن ۽ ويهن، پوليس جن جون هر وقت خدمتون چاڪريون ڪندي نظر اچي. پوليس کان ته ترجو ڪو لولچ لوفر بدمعاش يا چور ڳجهو نه آهي، پوليس لُوچن لوفرن، بدمعاشن ۽ چورن کي چڱي طرح سڃاڻيندي آهي ۽ روزانو هنن ڏوهارين سان اٿندي ويهندي پڻ آهي. پوليس ته پاڻ غنده گردي کي فروغ ڏيندي آهي. اهي پتا خور بدمعاش، لولچ لوفر ۽ چور اهڙيون ڪار گذاريون اڪيلي سر نه ڪندا آهن. انهن جي پويان خود پوليس به انهن جي مددگار هجي ٿي. هي سڀ ڪجهه پوليس جي آڙ وٺي ڪندا آهن. جي پوليس سچي ٿئي ته هتي ڪو ڪڪڙ جو ٻچو به چوري نه ٿئي، پر هي ته پاڻ هٿ سان چورن ۽ لوفرن کي تحفظ فراهم ڪندا آهن. هتي جيڪي ڏوهه ٿين ٿا، جيڪڏهن تن ڏوهن جو پير ڪٽبو ته اهي سڀ هنن وردي وارن ڏانهن ويندا. ڏوهاري ڏينهن ڏٺي جو سرعام پريل بازار ۾ دوڪاندار کي چماٽون وهائي ڪڍي ٿو ۽ اتي موجود پوليس موبائيل ۾ پوليس جا سپاهي مفت جي چانهه ساسر ۾ وجهي شڙاپ شڙاپ پئيندا رهن ٿا. هنن سيني شودن کي پوليس جو ڪو به ڊپ ڪونهي. ڏينهن ڏٺي جو موٽرسائيڪلون ۽ موبائل ڦريون وڃن ٿيون. سرڪاري زمينن تي کهڙي ريت قبضو ڪيو وڃي ٿو. منشيات سرعام وڪامجي رهي آهي. منشيات جو ڪاروبار چوٽ چڙهيل آهي. بدنام منشيات فروش، ڀنگ، چرس، هيروئين ۽ شراب خانه کولي ويٺا آهن، هن تي پوليس پهرو ڏئي ويٺي آهي، ٿاڻن جي پوليس جتان چرس ۽ شراب مفت ۾ گهرائي وٺي ٿي. ها ڪو نئون SHO صاحب اچي ٿو ته مسلماني جو ثبوت ڏيندي، سڀ گٽا ۽ شراب خانه سيل ڪرايا وڃن ٿا، ته جئين پتو پيٽو وٺي سگهجي. نشي جي خاتمي جو پڪو پهه ڪندڙ اهڙا ايماندار پوليس ڏنڍي ڪونڊي واري سلفي پيئندڙ صوفي ۽ هيروئني کي ٽپاٽڪي ڪري ٿي يا ڪنهن ڳنڍي چوڙ کي پڪڙي لاڪپ ڪري ٿي. باقي چور ۽ لوفر تي گهٽ هٿ وجهي ٿي. جن وٽ اسلحو آهي ان جي ته بلڪل ويجهو ئي نٿي وڃي، پوليس اها جرئت نه ٿي ڪري سگهي. جيڪڏهن پوليس ٺوري به ڪڏهن ڪڏهن غيرت ڪري ته هي آواره لوفر ۽ بدمعاش اهڙي جرئت به نٿا ڪري سگهن، پر اسان جي پوليس پڙوي آهي

Scanned with CamScanner

ٻڙوي ڪي ٻه ٻارنهين مهيني غيرت ايندي آهي پر هي پوليس ته ٻڙون کان ٻه چڙيل آهي. ڪنهن سياسي ڏر جي غنڊن هڪ بي گناهه نوجوان کي ڪهڙن ڪان آڇو ڪري شهر ۾ گهمائي ساڻس شديد جسماني تشدد ڪيو. ان ڪاروائي دوران خاموش تماشائي بڻيل شهرين مان ڪنهن به پوليس کي بروقت اطلاع نه ڪيو نه ئي ڪنهن ان غير انساني رويي خلاف ڪو احتجاج ڪيو ان جو ذميوار ڪير آهي؟ لازمي طور تي ان جي ذميواري پوليس سان گڏ عوام جي به ته آهي. عوام بزدلي جو مظاهرو ڪندي اڳتي نٿو اچي، جنهن ڪري ڏوهارين کي سزا نٿي ملي. ڪجهه عوام کي به اڳتي اچي ڊپ ٿو پوندو ته "ڪير چاپيو ڪري" ڏوهارين جي پشت پناهي ڪرڻ وارن ۾ ڪهڙيون شخصيتون ملوث آهن. جن خلاف ڪا به ڪاروائي نٿي ٿئي. قانون هٿ ۾ ڪٺڻ کي سختي سان منهن ڏنو وڃي. سنڌي عوام کي هن پوليس تي هاڻي ڪو به اعتبار ڪو نه رهيو آهي، ڪنهن ڏوهاري خلاف ڪيس وڙهندڙ وڪيل جو پوليس پاران تحفظ نه ملڻ سبب قتل ٿي ٿو وڃي. اتي عوام ڪهڙي آڌار تي پوليس سان سهڪار ڪري سگهي ٿو، عوام پوليس سان صرف هڪ صورت ۾ ئي سهڪار ڪري سگهي ٿو جڏهن ڪيس اهاپڪ هجي ته جڏهن هن ڪنهن ڏوهاري جي نشاندهي ڪئي آهي ته پوليس ڪيس مڪمل تحفظ ڏيڻ سان گڏوگڏ ان ڏوهاري کي سزا ڏيارڻ لاءِ مضبوط ڪيس تيار ڪري ۽ ڏوهاري کي پنهنجي انجام تائين پهچائي.

پوليس کاتي جا نر آفيسر

سڄو پوليس کاتو هرو ڀرو ائين ناهي ڪجهه نر آفيسر به آهن جن کي چاهيندڙ پسند ڪن ٿا. هي جتان بدلي ٿي وڃن ٿا. اتان هنن جي واپسي لاءِ عوام احتجاج ڪري ٿو ته هن کان سواءِ ٻيو نه ڪپي. جن ۾ اي ڊي خواجه، نثار احمد صديقي، ڊي آءِ جي عبدالعزيز بلو، عبدالحفيظ بنگش، ڊي آءِ جي حيدر آباد ثناءُ الله عباسي، ايس ايس پي حيدر آباد پير فريد جان سرهندي ۽ عرفان بلوچ جهڙا، شريف آفيسر پڻ آهن. جن کي سلوٽ ڪرڻ تي دل چاهي ٿي.

بي گناهه ضدي

هن ته ڪڏهن ڪوئو به نه ماريو هو، هي ان وقت پنهنجي ٻارن ٻچن سان پنهنجي گهر ويٺو هو ته اوچتو دروازو کڙڪيو، هن جيئن ئي در کوليو ته پوليس ڪيس ڌڪا ڏئي زوري زبردستي سندس گهر گهڙي آئي. گهر ۾ ائين ڪاهي پئي جڻ ڪا فاتح فوج مقتول قوم جي گهرن ۾ ڪاهي پوندي آهي، يا جيئن جرمن فوج نازين تي ڪاهي پئي، پوليس ڪيس گلي کان جهلي زوري ڪيس موبائيل ۾ ويهاريو. هن پوليس کان پنهنجي گرفتار جو سبب پڇيو ته هن کي چيو ويو ته ٿاڻي تي هلي ٻڌائينداسون. هن کين چيو ته "موڪلي ڇڏيو ته مان پاڻ ئي ٿاڻي تي پهچان ٿو." هن پڇيو ته "هنن وٽ ڪو تلاشي جو وارنٽ يا ڪو آرڊر آهي." پوليس ڪيس وراڻيو ته "تلاشي وٺڻ لاءِ ڪو به وارنٽ نه کپندو آهي، نه ئي سرچ وارنٽ ضروري آهي." پوءِ ٻڌا ڪنهن مشهور نامي نامڻ

بي هن بي گناهہ کي ڏکا ڏئي لاڪپ ۾ بند ڪيون، ان بي ايمان رشوتخور آفيسر رشوت وٺڻ لاءِ اها گهٽيا حرڪت ڪئي. هن ڪيس لاڪپ ڪرڻ کان پوءِ ڪائنس سودي بازي ڪرڻ شروع ڪئي. هن سوچيو تہ هي ڪوڙي الزام ۾ بدنامي کان بچڻ لاءِ ڪيس جام رقم ڏيندو، هن مسڪين کي بي گناهہ گرفتار ڪري پوليس وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو. هن سرڪار کي عرض ڪيو هو تہ ڪنهن اشراف جي گهر ۾ زوري گهڙي ويندڙ کان پڇاڻو ڪري تحقيقات ڪرائي، سازش ڪندڙ کي قانون تحت سزا ملڻ کپي. هن آخر ۾ لاڪپ مان غير قانوني طور ٻاهر نڪرڻ کان بہ انڪار ڪيو، هي ضد ٻڌي وينو هو تہ جيڪڏهن مون ڏوهہ ڪيو آهي ۽ مونکي قانوني طور گرفتار ڪيو ويو آهي تہ پوءِ غير قانوني طور تي مونکي ڇو ٿو آزاد ڪيو وڃي؟

پوليس جي ٽارگيٽ ڪلنگ

حيدرآباد ۾ آچر 6 جولائي 2014ع تي رات جو لطيف آباد 8 نمبر چوڪ تي ”منان هوٽل“ ويجهو پوليس موبائيل تي دهشتگردن جي فائرنگ ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جا ٽي پوليس اهلڪار اشتياق راجپوت، سيد محمد راشد ۽ مسعود ظفر شهيد ٿيا، جڏهن تہ هڪ واٽهڙو علي ظفر سميت هڪ پوليس اهلڪار ”منور ديوڊ“ پڻ زخمي ٿيو. زخمي ٿيل پوليس اهلڪار ”منور ديوڊ“ کي رات دير سان ڪراچي جي اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو، جتي آپريشن بعد سندس حالت سڌرندڙ ٻڌائي پئي وڃي. زخمي اهلڪار ”منور ديوڊ“ 11 نمبر لطيف آباد جو رهواسي آهي ۽ ڪيس تي ٻار آهن، ٻي طرف ٽنهي شهيد پوليس اهلڪارن جي جنازي نماز پوليس گرائونڊ حيدرآباد ۾ ادا ڪئي وئي. جنازي نماز ۾ ڊي آئي جي حيدرآباد ثناءُ الله عباسي، ايس ايس پي حيدرآباد پير فريد جان سرهندي، پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جنهن بعد شهيد ٿيل اشتياق راجپوت جو لاش ٽنڊوڄام زرعي يونيورسٽي ڪالوني جي حاجن شاهہ بخاري قبرستان، سيد محمد راشد جو لاش ٽنڊو يوسف ۽ مسعود ظفر جو لاش مير فضل ٽائون لطيف آباد 9 نمبر جي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. واقعي ۾ شهيد ٿيل اهلڪار اشتياق راجپوت لطيف آباد 11 نمبر جو رهواسي هو ۽ ڪيس 5 ٻار آهن، شهيد ٿيل سيد محمد راشد، لطيف آباد 9 نمبر جو رهواسي هو ۽ ڪيس 3 ٻار آهن. ايس ايس پي حيدرآباد پير فريد جان سرهندي واقعي ۾ شهيد ٿيل اهلڪارن جي وارثن لاءِ 20،20 لک روپيا معاوضي ۽ هر شهيد جي هڪ وارث کي پوليس ۾ نوڪري ڏيڻ جو اعلان ڪيو. تدفين دوران ڊي آئي جي حيدرآباد ثناءُ الله عباسي چيو تہ ”اسان جي ڪوشش آهي تہ شهيدن کي هڪ هڪ ڪروڙ روپيا معاوضو ڏياريو وڃي.“ هن انهي موقعي تي نسيپ چيڪنگ تي مقرر اهلڪارن کي بلٽ پروف جيڪيٽ ڪانسواءِ چيڪنگ نہ ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو، هن وڌيڪ چيو تہ ”حيدرآباد پوليس وٽ ڪل 182 بلٽ پروف جيڪٽون آهن، جيڪي ڪافي ناهن ان لاءِ ٻين ضلعن مان بہ پوليس اهلڪارن لاءِ بلٽ پروف

چيڪتون گهرايون ويندي‌ون.“ هن اها هدايت پڻ ڪئي ته ”هاڻ ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به هنڌ تي هڪ پوليس موبائيل چيڪنگ نه ڪندي ۽ چيڪنگ واري هنڌ چوطرف گهٽ ۾ گهٽ تي پوليس موبائلون مقرر رهنديون.“ هن چيو ته ”دهشتگردن خلاف ڪاروائي ڪرڻ رڳو پوليس جو نه پر ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو به ڪم آهي.“ آخر ۾ واقعي جي جاچ لاءِ هڪ اعليٰ سطحي جاچ ڪاميٽي ٺاهي وئي.

ساڳي هنڌ هن واردات کان 8 مهينا اڳ نومبر 2013ع تي ”منان هوٽل“ تي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس موبائيل تي فائرنگ ۾ 4 اهلڪار محمد علي، عابد علي، محمد عمران ۽ ڪامران عباسي دهشتگردي جو نشانو بڻايا ويا. ڇاٽايل واقعي جا جوابدار به اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. ان وقت به پوليس جي اعليٰ سطحي جاچ ڪاميٽي جوڙي وئي هئي دهشتگردي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ جي حوالي سان پر امن سمجهيو ويندڙ شهر حيدرآباد ۾ نومبر 2013ع کان وٺي شروع ٿيل پوليس جي ٽارڪيٽ ڪلنگ ۾ هن وقت تائين ٿيل 11 مختلف واقعن ۾ 17 پوليس اهلڪارن جي شهادت ۽ 8 پوليس اهلڪارن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع آهن. جڏهن ته ڊي آئي جي حيدر آباد ثناءَ الله عباسي جي چوڻ مطابق ”هڪ سال دوران حيدر آباد ريجن ۾ 36 پوليس اهلڪارن کي شهيد ڪيو ويو آهي.“ روزانه ڪاوش جي ڪرائيم رپورٽر سعيد افضال جي جاچ ڪندڙ پوليس آفيسرن سان لڪيل ۽ ڊگهي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ ڏنل رپورٽ مطابق، اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته، سيني واقعن ۾ دهشتگردن موٽرسائيڪلن ۽ نائين ايم ايم جو پستول استعمال ڪيو. پوليس جي جاچ ڪندڙ ذريعن اها دعويٰ ڪئي آهي ته، سمورن واقعن ۾ ايتري هڪجهڙائي هوندي به جاچ بعد اها ڳالهه به سامهو آئي آهي ته، ڪجهه وارداتن ڪانسواءِ باقي وارداتن ۾ هڪڙو ئي نائين ايم ايم پستول نه پر مختلف نائين ايم ايم پستول استعمال ڪيا ويا، جنهن مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته سڀ وارداتون هڪ ئي دهشتگرد گروپ ناهن ڪيون ۽ ان ۾ مختلف ٽولا ملوث آهن“ نومبر 2013ع ۾ منان هوٽل تي اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس موبائيل تي فائرنگ ۾ 4 اهلڪارن جي شهادت جي ذميواري جيئو ٽيڪ تحريڪ طالبان قبول ڪئي آهي پر جاچ ۾ اها ڳالهه ثابت نه ٿي آهي. پوليس خلاف ٽارگيٽ ڪلنگ جي واقعن جي جاچ ڪندڙ ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ”اڪثر اهلڪارن کي ذاتي دشمني ۽ باقي اهلڪارن کي لياري گينگ وار ۽ مختلف ڌوهاري گروپ جي ماڻهن شهيد ڪيو آهي.“ پوليس ذريعن جي دعويٰ موجب ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار خدابخش کي ڌوهارن جي ٽولي شهيد ڪيو. لطيف آباد 2 نمبر ۾ ٻن پوليس اهلڪارن ستار سولنگي، ۽ صفر پنهور کي لياري گينگ وار جي ڪرمنل عدنان عرف عدو جي ٽولي قتل ڪيو، ۽ ساڳيو ٽولو نومبر 2013ع ۾ اي سيڪشن پوليس جي موبائيل تي حملي ۾ 4 اهلڪارن جي شهادت ۾ ملوث هو، ۽ هڪ تڪراري مقابلي دوران لياري گينگ وار جو عدنان عرف عدو پوليس

مقابلي ۾ ماري ويو، جڏهن تہ سنڌس ڪو بہ ساٿي زخمي يا گرفتار ٿي نہ سگھيو، نہ ئي ڪو پوليس اهلڪار زخمي ٿيو. امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي تہ هيڊ منان هوٽل تي 6 جولائي 2014ع وارو واقعو جنهن ۾ اي سيڪشن جا ٻہ اهلڪار شهيد ٿيا، سو ماري ويل جوابدار عدنان عرف عدو جي قتل جو پلاٽ هجي. هر واردات ڪالعدم تنظيم تحريڪ طالبان جي کاتي ۾ وجهڻ تہ پوليس جي پراڻي عادت آهي. انهن واردتن ۾ زخمي ٿيل پوليس اهلڪارن جي نشاندهي تي اصل دهشتگردن کي گرفتار نہ ڪرڻ ۽ ذميوار جوابدارن کي تحفظ فراهم ڪرڻ. ان ڳالھ کي مڃي ورتو آهي تہ پوليس بہ انهن بااثر ڏوهارين کان ڊڄي ٿي، ٻئي طرف جن ڪيسن جا جوابدار گرفتار آهن تن جا عدالت ۾ ڪيس هلن نٿا. شنوائي ٿئي نٿي، جوابدار کي سزا ملي نٿي تہ پوءِ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ انصاف ڏيڻ ڪنهن جي ذميواري آهي. جڏهن تحفظ ڏيندڙ پوليس اهلڪار ۽ انصاف فراهم ڪندڙ ججھ ۽ وڪيل پاڻ قتل ٿين تہ پوءِ عام شهرين جو ڇا ٿيندو؟

CID جي SP چوڌري اسلم جو قتل

ڳجھا ۽ تحقيقاتي ادارا هميشہ ڳجھي چاڻ ڏئي ڏوهارين کي گرفتار ڪرائڻ يا مارائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن، پر اسان جي ملڪ ۾ ائين نہ ٿيندو آهي. ان جو ثبوت هن حقيقت مان معلوم ڪري سگھجي ٿو تہ سي آءِ ڊي جو ايس پي چوڌري اسلم کي سنڌس ساٿين سميت دهشتگرد ڪاروائي ۾ شهيد ڪيو ويو. هي لياري ايڪسپريس تان گھرلن آفيس ڏانهن وڃي رهيو هو، تہ هن کي دهشتگردن نشانو بڻايو. هي گھران آفيس يا آفيس مان گھر وڃڻ وقت رستا تبديل ڪندو هو. پر ان ڏينهن سنڌس روٽ ڪنفرم هو، جنهن ڪري دهشتگردن سنڌس گاڏي تي حملو ڪيو، سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ چوڌري اسلم جي ان ڏينهن واري ڪنفرم روٽ جي ڄاڻ دهشتگردن تائين ڪيئن پهتي، اهي ڪهڙا عنصر آهن، جيڪي سي آءِ ڊي ۾ رهندي طالبان لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. جن جي انفارميشن تي چوڌري اسلم تي حملو ٿيو.

وڪيل

موٽڪي انصاف گھر جي وڪيل نہ، مان هنن لا پاس وڪيلن جي هتي وڪالت نہ ڪندس. دراصل ماڻهو بدنام نہ آهي پيشو ۽ پئسو بدنام آهي، هر لا پاس وڪيل وڪالت جو پيشو ڪندو آهي. هر وڪيل پروفيشنل ۽ پيشہ ور هوندو آهي. ڪي وڪيل تہ هن مقدس پيشي کي بدنام پڻ ڪندا آهن. حقيقت ۾ وڪيل وڪائو هوندو آهي. وڪيل پارٽي تي ڪوڙ يا سچ ڳالهائڻ لاءِ ورتو ويندو آهي. انڊيا وارا پڪستان ۾ آهن ۽ هندستان ۾ وڪيل کي پاڙو ۽ وڏي يا سينيئر وڪيل کي مها پاڙو سڏيو وڃي ٿو. ان جو مثال هيئن سمجھڻ گھرجي تہ جيڪڏهن هتي وڪيلن جي آفيس جي ٻاهر نالي واري تختي لڳل هجي،

پاڪستان ۾

وڪيل فضل قادر ميمڻ

سينيئر وڪيل يوسف لغاري

هندستان ۾

پاڙو فضل قادر ميمڻ

مها پاڙو يوسف لغاري

جج ۽ وڪيل جيڪي پنهنجي جياپي جا قانون ناهي، انساني زندگين سان کيڏندا آهن. وڪيل قانوندانن جا اهي ٽوڪ دان آهن، جيڪي ڪورٽن ۾ هر ڪيس جي پيشي تي دليلن جي دانگي چاڙهيندا آهن. وڪيل ڪورٽ ۾ چور کي ساڌ ۽ ساڌ کي چور ثابت ڪري سگهي ٿو، چون ٿا ته ”وڪيل جي رڳن ۾ رت نه پر پئسو ڊوڙندو آهي. وڪيل ضمير سان نه پيئسه تي ڳالهائيندا آهن، هنن کي پئسا ڏئي جيڪو وٺي اهو ڳالهرائي سگهجي ٿو.“ وڪيل نمائيندو يا ترجمان هوندو آهي، هن کي ڪاري ڪوٽ جو تقدس قائم رکڻ کپي. وڪيلن جو هڪ وڏو تولو ڪوڙن ٺڳن ۽ بي ايمانن تي مشتعمل آهي. هي ماهر قانون ڪاري ڪوٽ ۾ عدالتي بدمعاش آهن. اهي ڀڙوا ڀڙون جو دفاع ڪندا آهن، اوهان کي اهي بي ضمير وڪيل ڳولهڻا نه پوندا. اهي ڪهڙو انصاف ڪندا جيڪي خود بي انصافي جي پيداوار آهن، ڇو جو ڪورٽن ۾ ڪوڙ ڳالهائي ڳالهائي هنن جو ضمير مري ويندو آهي، هي عادي ٿي ويندا آهن ڇو جو اهو هنن جو ڌنڌو آهي، لعنت آهي، اهڙي روزي تي جيڪا ڪوڙ ٺڳيءَ ۽ منافقت ڪري ڪمائجي. اها پنهنجي پيشي سان ويساگهاتي ۽ غداري آهي. هي پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ هروڀرو ڪيس کي اينگهائيندا آهن. هي ڪيس جي آڙ ۾ غريب فريادي جي پينگ ڪري ڇڏيندا آهن. سچ پڇو ته حقيقي وڪالت ۾ وڏو مزو آهي. ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ وڏي کان وڏي مجرم کي گلي کان جهلي جواب طلبي لاءِ بيهاري ٿو سگهي. سچا وڪيل گهٽو ڪري اهم ۽ حساس نوعيت جا ڪيس وڙهندا آهن. سچا وڪيل بار ائسوسيئشن جي بار مان نڪري حقيقي انصاف لاءِ گڏجي هڪ پينل ناهي وڙهن ته انصاف يقيني آهي، پر هتي ته انصاف ۽ قانون آهي ڪٿي. اهو قانون جيڪو وڪيلن قانون جي ڪتاب ۾ لڪائي رکيو آهي. هتي ته عدالت جا پنهنجا مثال آهن. وڪيل عدالتن ۾ پيش نٿا ٿين. ڪنهن به ڏوهاري کي سزانه ٿي ملي، ظلم ته اهو آهي ته ٿاڻن تي ايف. آءِ. آر. به داخل نٿي ڪئي وڃي.

سنڌ ۾ سٺا وڪيل ايڊووڪيٽ ۽ بيرسٽر به آهن جن وڏو نالو ڪمايو آهي. اها وڏي فخر جي ڳالهه آهي ته پوري پاڪستان ۾ ڪرمنل پرسيجر ڪوڊ جا سٺا ڄاڻو وڌ ۾ وڌ سنڌ ۾ آهن. منهنجي وڪيلن سان گهٽ ڄاڻ سڃاڻ رهي آهي. منهنجو هڪ اڌ ڪيس کان سواءِ ڪنهن ڪيس سان واسطو نه پيو آهي. مونکي عدالتي فلمون بي حد پسند آهن. مان جيڪڏهن ليکڪ نه هجان ها ته بهترين وڪيل ضرور هجان ها. مونکي ذاتي طور تي وڪيلن ۾ هي پسند آهن.

محترم رسول بخش پليجو، محترم اياز لطيف پليجو، محترمه نور ناز آغا، محترم يوسف لغاري، محترم فضل قادر ميمڻ، محترم عزيز شيخ، محترم ڊالو مل،

Scanned with CamScanner

محترم اشوڪ ڪمار، محترم روچيرام، محترم ڪرشن پيل، محترم ديدار بلوچ ۽ محترم لالا لياقت جيڪو منهنجو مامو پڻ آهي.

جج

هڪڙو ته روز حشر ٿئي، ٻيو ظالمو هتو، ٻي لوٽ فيصلو ڪري اهڙو خدا ڪٿي (استاد)

واهه ڙي وا، بور جوازي فيصلا! دلفريبي، دو ڪيبازي فيصلا (استاد بخاري)

انصاف سچائي وڏي طاقت آهي. منهنجو رب پاڪ پڻ عدل انصاف ڪندڙن ۽ سچائي جي چاهيندڙن کي پسند ڪري ٿو، مظلوم کي انصاف فراهم ڪرڻ جج جي ذميواري آهي. هتي هلين عدالت ڪان وٺي، وڏي عدالت تائين انصاف پريا فيصلا ڪونه پيا ٿين. بي گناهه ڪوڙن ڪيسن ۾ جيلن ۾ بند آهن. قانون جا محافظ پوليس، وڪيل ۽ جج تقدير جا مالڪ آهن عدالت ۾ سڀ جا سڀ عقل ۽ عدل جا انڌا ويٺا آهن. هن ملڪ ۾ انصاف مري ڪپي چڪو آهي. انصاف امير جي ميراث بڻجي چڪو آهي، بس جهنگ جو قانون آهي. هن ملڪ ۾ ڏوهي کي سزا به نه ٿي ملي ۽ بي گناهه ٽيپ ڪايو وڃن. سزا هوندن به هيٺي لاءِ هوندي آهي. ڪورٽ، ٿاڻا ۽ هنن جا قانون به هنن جهڙا آهن. پوسٽ مارٽم جي رپورٽ اچڻ ڪان اڳ ۾ ئي ڏوهاري جو ضامن منظور ڪري ڏوهاري کي ضمانت تي آزاد ڪيو ٿو وڃي، بيشڪ آزادي انسان جو پيدائشي حق آهي، جوابدار معنيٰ ڏوهاري هتي ڏوهاري کي ڪيسن جي ڪا پرواهه ناهي هن کي پڪ آهي ته هن جو ڪيس به اهڙي ڪورٽ ۾ هلندو جا ڪورٽ هن خلاف ڪو فيصلو ڏئي نٿي سگهي. هن وقت تائين جيڪو ٿيندو آيو آهي اهو انصاف نه بلڪ ويسا گهاتي آهي، ڏوهاري کي فوري طور تي قانون جي گرفت ۾ آڻو وڃي ۽ انهن کي ڪورٽن ۾ چالان ڪري سخت ڪان سخت سزائون ڏنيون وڃن.

اڳي هن خطي ۾ امن امان ايترو هو جو ورلي ڪا ڪورٽ ويهندي هئي، چوري چڪاري ۽ لٽ مار نه هئي، ماڻهون ٻي ڏپا ٿي سمهندا هئا. هاڻ ملڪ ۾ لوفر وڏو آهي ۽ انصاف جڏو آهي. پاڪستان جو موجوده داغدار عدالتي نظام عوام جي تباهي ۽ بربادي جو نظام آهي، ماڻهون کي هاڻ ڪورٽن تي اعتماد نه رهيو آهي، هي موجوده نظام کي پنهنجي لاءِ هڪ ڏچو ٿا سمجهن. هن وقت ملڪ ۾ ڪو به قانون نه آهي عدالتون رڳو ڏيکاءُ آهن هتي انصاف نالي ڪا شي نه آهي، هتي خوبصورت عدالتي بلڊنگون ته آهن پر اتي انصاف جي ڪوٽ آهي، هن ملڪ ۾ عدليه سڪرات ۾ ورتل آهي، رياست جا سڀ دستور آهستي آهستي مري کپي رهيا آهن.

انصاف اهي ڇا؟ What is Meenig of Justice? ڏوهاري جرم ٿو ڪري، قتل عام جو پيو ٿئي؟ ان جي ڇاڻ پاڻ کي بلڪل ناهي اهو ته لوهان کي اياز لطيف پليجو ئي ٻڌائي سگهي ٿو، بس پاڻ کي ايتري خبر آهي ته انصاف ايمان جي مضبوطي جو نالو آهي، چون ٿا ته ”جج، جارل ۽ جيلر سياڻا هوندا آهن، جيڪي قانونن ۽ اصولن کي پائيندا ۽ ڏياڪيندا آهن.“ عام طور جداري ڪيسن ۾ ماڻهو صرف ۽ صرف ان لاءِ حاضر ٿين ٿا جو هنن

Scanned with CamScanner

کي گرفتاري جو ڊپ هوندو آهي قانون غريب جي پهچ کان پري آهي، هتي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ حضرت خضر جي عمر، ايوب جو صبر ۽ قارون جو خزانو هئڻ لازمي آهي. عدالت انصاف نه پر جڻ خيرات ڏيندي آهي، جج جن وٽ سچ ۽ ڪوڙ ڪجهه به ناهي، جج ڪيترائي زير سماعت ڪيس ۽ مقدما التوا ۾ وجهيو ڇڏين ٿا، قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ جج هر وڳرو جي ڏيگهه ڪري ٿو. هت ماڻهو انصاف وٺڻ اچن ٿا ۽ موت ۾ رڳو تاريخ وٺي موٽن ٿا. ڪين بنا هڏڻ جي مايوس ڪري موٽايو وڃي ٿو. اهو آهي هن ملڪ جو انصاف، هتي بي انصافي عروج تي آهي، جيڪا ڳالهه ڏينهن ۾ طئي ٿيڻي آهي اها مهينن ۾ ۽ جيڪا مهينن ۾ طئي ٿيڻي آهي انهن ۾ سال لڳيو وڃن. وڏو ظلم آهي. غريب ماڻهو پنهنجو سڄو ڪم ڌنڌو ڏاڙي سيڙائي پنهنجا ٻچا بک ماري، لوڌر سوڌر وٺي، ڪرايا ڀاڙا ڪري اچي ٿو، هتي ڇهه ڇهه مهينا گذريو وڃن، ڪو به فيصلو ڪو نه ٿئي، ماڻهو ويچارا پنهنجي ڪيسن کي منهن ڏئي نه سگهندا آهن، هي هنن ڪيسن ۾ پنهنجي جند ڦاري ڇڏيندا آهن، ڪيئي ويچارا مورڳو ڪيسن تان ئي (With Draw) ٿين ٿا ۽ هٿ ڪڍي وڃن ٿا. ڇو جو انصاف ۾ دير ٿيڻ ڪري انصاف وٺندڙ ٿڪجي ٽٽجي هارجي پوي ٿو ۽ هن ۾ اها همت ئي ڪو نه ٿي رهي ته هي انصاف وٺڻ جي ڪوشش ڪري، فريادي ۽ جوابدار اها انصاف ۾ بي انصافي ۽ دير جي فيصلي ۾ دل ۾ اهو فيصلو ڪن ٿا ته ڪيسن جو فيصلو الله ڪري جلدي ٿئي پوءِ ڀل اسان جي خلاف ڇو نه هجي. اڪثر ڪيسن ۾ ائين ٿيندو آهي ته دعويٰ پيءُ ڪندو آهي ته ڪيس جو فيصلو پٽ يا پوٽو ٻڌندو آهي. جڏهن ٻيڙيون غرق ٿي وڃن. مظلوم ظالم جو ڪاچ ٻڌجي وڃي. تنهن کان پوءِ انصاف ڪهڙي ڪم جو. مون اوهان کي پهرين ٻڌايو ته عدالت ۾ ترائل لاءِ ڪو به وقت مقرر ناهي، اهڙي قسم جي شڪايتن کان پوءِ آخر 26 جون 2015ع تي سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ جسٽس ثاقب نثار تاريخي عدالتي فيصلو ٻڌائيندي چيو ته ماتحت عدالتون سول ڪورٽون ترائيڪل مڪمل ٿيڻ کانپوءِ 30 ڏينهن ۾، ڊسٽرڪٽ ڪورٽون 45 ڏينهن ۾ ۽ هاءِ ڪورٽون 90 ڏينهن ۾ ڏنل وقت مطابق فيصلو ٻڌائين پابندي نه ڪندڙ ججن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي. شل ائين ٿي پر مونکي نٿو لڳي ته ائين ٿيندو. انصاف جي پهرين، ٻي ۽ آخري ڏاڪي ٿائين رشوت يا پئسو ڏيڻو پوي ٿو، هي قاضي، مفتي، محتسب، هي بي فيض جج ڪهڙو انصاف ڪندا سرڪاري وڪيل، جن جو عدالتن ۾ احترام ڪونهي، جيڪي جميا ۽ پلياڻي حرام جي پيسن ۾ آهن ته پوءِ اهي ججهه لئي ويا ته انصاف جو ڇا ٿيندو. "ڪرپشن ۾ بار ۽ بينچ هڪ ڳالهه آهي" جڏهن ججهه رشوت خور هوندا ته لازمي وڪيل به اهڙا ئي هوندا، جيڪي ججن جي دلالي ڪندا هوندا. ڪورٽن ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جو پروانو جاري ڪندڙ ۽ رشوت وٺي انصاف کي ٽيين وال ڪندڙ جج مجال آهي جو، پنهنجي ڏنل ٽائيم تي ملن ۽ بنا انتظار ڪرائڻ جي گهرائن.

مان حيسڪو (واپڊا) هيڊڪوارٽر حيدرآباد ۾ ڊائري ۽ ڊيسپيچ تي اسسٽنٽ ۽ انچارج آهيان منهنجي انڊر ۾ ٻه ڊائري وارا ۽ ٻه ڊيسپيچ وارا ڪلارڪ آهن جمع تي هاف ڊي ۽ لاسٽ ڊي هئڻ ڪري سڀ جلدي ڀڄيو وڃن مان انچارج هئڻ ۽ ڪوريئر سروس ڊيل ڪرڻ سبب جئين ته مان دير سان ايندو تنهن لاءِ مونکي دير تائين ويهڻو پوندو آهيان. جمع ڏينهن مونکي اڪثر ڪٽڪو رهندو آهي ته جاڻ ڪورٽ مان سمن آيو ۽ سچ پڇو، پوءِ ٽينلو به ائين ٿي آهي. سمن (عدالت جو سڏ يا اطلاع نامو، ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ جي طلبي) جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن هفتن جي محلت مليل هوندي آهي. اسان وٽ ٻاري بينچ جا رشوت خور وڪيل ۽ ججھ اهو سمن پراڻي تاريخ ۾ صحيح ڪري آخري تاريخ ۾ موڪليندا آهن، ته جئين الزام لڳل آفيسر ٽائيم تي عدالت ۾ پهچي نه سگهن، سمن ۾ 15 تاريخ سومر جي ڏينهن صبح جو 8 لڳي آفيسر کي ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻو آهي، 13 ۽ 14 ڇنڇر آچر موڪل آهي. 12 تاريخ جمع جي ڏينهن آفيس ٽائيم کان پوءِ ڪورٽ جو بيلف سمن ڪٽي ايندو جنهن ۾ جج جي صحيح پهرين تاريخ جي ڪيل هوندي آهي ۽ نمبر به پهرين جو ئي لڳل هوندو آهي. جڏهن ته ائين نه هوندو آهي. صحيح ۽ نمبر پراڻي تاريخ ۾ لڳل هوندو آهي. هيڏانهن پاڻي ۽ هوڏانهن باھ هوندي آهي. جي اهو سمن نه ٿا وٺو ته جج ٿو ٻڌي، جي وٺو ٿا ته ڪيڏانهن ڪريون، آفيسر ته 15 تاريخ تي صبح جو 9 لڳي ايندو، ڪڏهن تياري ڪري، ڪڏهن ڪورٽ وڃي پوءِ هو آفيسر ڪا ڳالھ نه ٻڌندو ۽ سسپنڊ ڪندو ۽ ائين مان ڪيئي ڀيرا بي گناھ ماريو ويو آهيان، هاڻ اوهين ٻڌايو اهڙا منافق ججھ ڪهڙو انصاف ڪندا. هاڻ ته جج کي ججمينٽ به وڪيل ٿو لکي ڏئي. هاڻ ته ججھ جي ڳئي به وڪيل ٿو ڪني. هاڻ ته ڪورٽ ۾ انصاف نه ٿو ٿئي پر رڳو پريمي جوڙن جو نڪاح ٿو ٿئي.

ائين به ناهي ته ڪي سڀ ججھ ۽ سڀ وڪيل بدديانت ۽ رشوتخور آهن، پر حقيقت پنهنجي جاءِ تي اٽل آهي. آهن ڪي ايماندار ۽ ظرف وارا ججھ به پر اٽي ۾ لوڻ برابر. ڪورٽ جج سان ٻڌل هوندي آهي، جي جج ايماندار ۽ سٺا هوندا ته عدالت جي نيڪي ٿيندي ۽ ماڻهن جو انصاف ۾ ويساھ ٿيندو جي جج ايماندار آهي ته شريف ماڻهن لاءِ چپر ۽ ڇانوءِ آهي. هڪ مانائتو جج جيڪو خدا جي انصاف واري ڪرسي تي ويٺو آهي، جيڪو ڪوڙن جي شاهدي کان وڌي سچي صورتحال کي چڱي طرح سمجهي ٿو. هڪ عالم فاضل، بردبار، تحمل وارو، نيڪ سيرت، شريف، سچاڄھو رحمدل، ايماندار ۽ انصاف پرور ججھ ئي عدالت جو وقار بحال ڪري سگهي ٿو. جنهن مان انصاف جي اميد ڪري سگهجي ٿي، انصاف لاءِ صرف نيڪ نيتي گهرجي اهڙن انصاف پرور ججن تي خوني حملا به ٿي سگهن ٿا پر هنن کي همت نه هارڻ گهرجي، اهڙن ايماندار ججن جي ٻيڙن جي مٽي به اکين ۾ پائڻ ثواب آهي.

خوني بيان

قانوني لحاظ کان اسان کي خبر آهي تہ جيڪڏهن قتل کان اڳ ڪو فرد ڪجھ ماڻهن مان پنهنجي جان کي خطرو سمجهي پڌرائي ڪري ۽ بعد ۾ مارجي وڃي تہ اهڙي موقف کي خوني بيان (Dying Declmation) چئبو آهي. جنهن جي قتل بابت تيندڙ تحقيقات ۾ بنيادي ۽ لازمي اهميت هوندي آهي، نہ تہ اهو پاڪستان پينل ڪوڊ جي خلاف ورزي آهي. جنهن محترمہ بينظير صاحبہ پنهنجي موت جي ايف آءِ آر پنهنجي قتل کان پهرين ئي درج ڪرائي وئي. جنهن تحت جنرل پرويز مشرف تي ڪيس هلي رهيو آهي.

جرم - خطا

- موت جي سزا جو پروانو يا ڦاسي جو حڪم (ڊيٿ وارنٽ) جاري ڪندڙ ججھ هن جي زندگي بخشي ڇڏي. انهيءَ خوشيءَ ۾ سندس دم پرواز ڪري ويو.
- اطلاعاتي درخواست ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ قانون جي ضرورت نہ هوندي آهي. هر شهري کي حق آهي تہ هو انتظاميہ جي ظلم جي خلاف درخواست ڪري تہ سگهي، پنهنجو پاڻ تي ٿيندڙ ظلم يا اجتماعي ظلمن جي باري ۾ اعليٰ انتظاميہ کي اطلاع ڪرڻ ڪو بہ ڏوهہ يا جرم ناهي.
- توهين عدالت جي جرم ۾ ڇهہ مهينا سزا ڪاٽڻ لازمي آهي، جي جرم ڪندڙ کي چارج شيٽ يا فرد جرم جي ڪاپي ملي آهي، جي نہ تہ پوءِ اهو ڪيس ائين عدالت ۾ هلي نٿو سگهي. ڪيس مٿي پاڪستان بار ڪائونسل ۾ اپيل جو حق آهي. اهڙو قانون اڳي ئي عمل ۾ آهي.
- ڄاڻي واڻي لاپرواهي ۾ ڪيل ڏوهہ يا غلطي سان ڪيل قتل بہ ٿي وڃن ٿا. ڪوڙن، بوگس ۽ جڙتو عيني شاهدن جي روشني ۾ عدالت ڪين ڪيس مان بري ڪيو ڇڏي ۽ ڪنهن ڪوڙي ۽ جڙتو ڪيس ۾ آزايل بي گناهہ ڦاسي چڙهيو وڃن.
- وڏي ۾ وڏي مجرم کي بہ عدالت ڪجھ نٿي ڪري سگهي، پر شرط اهو آهي تہ ان ڪيس ۾ حڪومت جي دلچسپي نہ هجي، باقي ماڻهن طرفان داخل ڪيس کي ماڻهون ئي منهن ڏيندو.
- ڪيس جي ڊڪري (Ex-Party) ڪنهن بہ هڪ ڌر جي حق ۾، هڪ طرفو فيصلو.
- ڪرائم ڪنٽرول ائڪٽ تحت چالان ٿيل بہ هاءِ ڪورٽ ۾ قانوني پٽيشن تيار ڪري، پاڻ ئي فريادي ٿي سگهي ٿو.
- ڪو بہ ماڻهو ڪنهن بہ جج خلاف سپريم ڪورٽ يا سپريم جڊيشل ڪائونسل ۾ وڃي سگهي ٿو.
- اذيت ڪهڻ ۾ قيدي يا باندي کي قانون جي پلڙن سان جوڙيو وڃي ٿو.

Scanned with CamScanner

- جيل ۾ ڏوهاري پيشه قيدين کي ڏنڊا پيڙيون هڻيون وڃن ٿيون. ٻانڊين کي زنجيرن ۾ ٻڌي هڻن جي پيرن ۾ اڙ مڻ جون ڏڙيون ٻڌيون وينديون آهن. ڏڙيون هڪ زنجير ۾ ٻڌل هونديون آهن.
- پوليس جو لاڪپ، زندگي ۾ هڪ ڀيرو ڏسڻ لازمي آهي.
- حراست، نظر بندي، حوالات، هٿڪڙيون مرد جو زيور آهن. الله تعاليٰ ڏئي اهڙي زيور کان آبجيڪشن اور رول تي پاڻ هن جج واري چيپٽر کي ڪلوز ڪريون ٿا.

باب ڏهون: مذهب

مذهب

مذهب جي تاريخ بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان سواءِ اسان ان جي باري ۾ ڊاهپ پريو بحث نٿا ڪري سگهون، مان هتي مذهب تي تبصرو ڪو نه ڪندس، ڇو جو هي وڏو مسئلو آهي، مذهب جو تعلق عقيدي سان آهي. مذهب عقيدو ئي ڪونهي بلڪ طرز عمل به آهي. مذهب دراصل هڪ قسم جي تحريڪ آهي. انسان ذات جي ترقي ۾ مذهب جو هڪ اهم ڪردار رهيو آهي. مذهب Religion لاطيني زبان جي لفظ Relgio مان نڪتل آهي. جنهن جي معني آهي ٻڌڻ. دنيا ۾ تي سئو کان مٿي مذهب (ڌرم) موجود آهن. مذهب اسلام آخري مڪمل ۽ جداگانه دين آهي ۽ ان جي اچڻ بعد ٻيا سڀ دين منسوخ ٿي ويا. خدا جو آخري ارشاد سچو قرآن ۾ آ. ازل ۽ ابد جي مقدس ڪتاب قرآن پاڪ کان ڪهڙو ڪافر انڪار ڪندو، هن ۾ تمام وڏو سبق ۽ هدايتون موجود آهن. ”ڪوڙ تي قرآن ڪڻندڙ اسان جا سنڌي ڏاڙي ٻولي ۾ لٿل قرآن کي گهٽ اهميت ڏين ٿا ۽ پنهنجي ٻولي ۾ لکيل شاهه جي رسالي کي وڏيڪ.“ هي شاهه جي بيتن کي آيتون سمجهن ٿا. ڇو جو شاهه صاحب پاڻ فرمائي ٿو ته ”جي تو بيت ڀائين سي آيتون آهن“ پر قرآن جهڙو ڪو درس ناهي. جي ايم سيد کي پلي رهبر سمجهيو پر نبي پاڪ جهڙو ڪو رهبر ناهي. پنجتن جهڙو ڪنهن جو شان نه آهي ۽ فقير جهڙي ڪا مجلس ناهي. صرف رب جي رتل وات تي هلڻو آهي، ٻي ڪا وات ڪانهي، سمورا عالمي مذهب هڪ ٻئي کان مختلف نه ٿي سگهن ٿا، پر انهن ۾ هڪڙي وحدت موجود آهي، هر مذهب ۾ عبادت دعا ۽ قرباني موجود آهي. ڪو به دين جهيڙ ڇهتو ۽ ويڙهه نه ٿو ڏسي، نه ئي ڪو مذهب خراب آهي. ڇو جو ڪو به مذهب برائي جو سبق ڪو نه ٿو ڏئي. هر مذهب عالمي ڀائيچاري جو درس ڏئي ٿو. جيڪڏهن سڀ مذهب انسانيت سيکارين ٿا ۽ امن اتحاد سيکارين ٿا ته اهي پاڻ الڳ الڳ ڇو آهن، پنڊت جو ڌرم ۽ ملا جو اسلام ڳالهه ساڳي آهي. حقيقت ۾ ڪفر ۽ ايمان، هندو ۽ مسلمان اڇو ۽ ڪارو هڪ آهن. نه ڪفر ڪم جو آهي نه مسلمان، ”مذهبن ۾ وڏي منافقي آهي.“ هي سڀ مذهبي منافق رڳو اداڪاري ڪن ٿا، ”مذهبي ٿيڻ آخري عياشي آهي.“ جڏهن انسان ڪجهه به ڪري نٿو سگهي ته هو مذهبي بڻجي وڃي ٿو. معنيٰ مڪمل ڪميڻو، پنهنجي عياشين کي مذهبي رنگ،

ڏئي مذهب جي ٻاڪ نالي ۾، مذهب جي اوٽ يا آڙ ۾ ڪڌي طريقن سان پنهنجي مفادن کي جائز قرار ڏئي استعمال ڪيو ويو آهي. مذهب خوف مان پيدا ٿيو آهي، ۽ خوف يا ڊپ بزدلي آهي. اسان کي مذهب جي نالي تي مفلوج ڪيو پيو وڃي. ماڻهن وٽ مولوين جو اثر وڌندو ٿو وڃي. جيئن ته دنيا جي ڳالهين کان وڌيڪ مذهبي ڳالهين جو اثر وڌيڪ ٿيندو آهي. اهڙا ماڻهو به پنهنجو پاڻ کي مذهبي پابندين کان نٿا بچي سگهن، پوءِ ڀلي سندن دل ۾ مذهب لاءِ ڪا اهميت هجي يا نه هجي. مان جيترو گهٽيا آهيان ملان مولوي ۽ اهي ديني عالم مونکان به هزار دفعا گهٽيا آهن. هي مذهب جي نالي تي هر پڙوت ڪن ٿا ۽ ٿڪي ٿا وڃن. چون ٿا "ته هندوستان ۾ 95 سيڪڙو کان به وڌيڪ رنڊين جو مذهب اسلام آهي". مسلم ۽ غير مسلم ۾ تضاد شيعه ۽ سني ۾ تضاد مُلن ۽ سيدن ۾ باهمي حسد عام آهي. "مذهب نئين نويلي طوائف جيان فرقي جي نئين پڙوي هٿان لٽجي ٿو." هي سڄو ڏينهن مصلي تي ويٺل دين جا پاڻ جيڪي بهشت نصب ٿيڻ جو يقين ڪٺي ملن ٿا. هي فرعون صفت، خود مطلبي ۽ جاهل فرد ئي اسلام جا علمبردار آهن. هي روايت مذهب جا دعويدار، هي مذهب (ڌرم) مڙيندڙ. هي مذهبي ڀوت، هي فتني باز جيڪي مذهب ۾ عقيدي جي نالي تي قانون هٿ ۾ کڻي افراتفري پيدا ڪرڻ جا ذميوار آهن. هي حديثون ٻڌائيندڙ واعظ ۽ نصيحتون ڪندڙ ملان، پيش امام، ديني رهنما عالم ۽ نقاد، هي منهن جا مومن ۽ مسلمان، مومنائپ جي انساني لباس ۾ ٻاهر ملان ۽ اندر ۾ ابليس آهن. هي سني ۽ ديوبندي، هي تنگ دل ۽ شدت پسند، ڪٽر فرقه پرست مسلمان، پنهنجي مدرسن ۾ رڳو ڪاوڙ حسد ۽ جڙ ڏيندڙ. مذهبي درس ڏين ٿا، ڌرم ۾ جيڪا هٽ ڌرمي آهي، هي دين ڌرم جي ڳالهه ڪندڙ مذهب جا ٺيڪيدار، هي خدا جي ڌرتي جا ناخدا تي ويٺل، خدا کان به وڌيڪ خدا بنجي ويا آهن. ڪڪڙ ٻانگ ته ڏيندو آهي پر نماز نه پڙهندو آهي. اسان مسلمانن جو پڻ ساڳيو حال آهي، اسان رڳو نالي ۾ مسلمان آهيون رڳو زبان سان ڪلمي چوڻ ۾ ايمان ناهي. مسلمانن نمازون پڙهڻ کان سواءِ ڪجهه نه ڪيو آهي، صرف نيڪ هئڻ نمازون پڙهڻ ئي نيڪ نه آهي. نيڪي جون پيون به ڪيتريون ئي تقاضائون آهن. جيستائين انهن کي پورو نه ٿو ڪيو وڃي ايمانداري ۽ نيڪوڪري واري وصف مڪمل نه ٿئي ٿي. صحيح معنيٰ ۾ مسلمان اهو آهي جيڪو حقوق الله سان گڏ حقوق العباد کي به پنهنجي زندگيءَ جو اهم حصو سمجهي.

مان ۽ مذهب

مان نه هندو آهيان نه مسلمان، مان نه شيعو آهيان، نه سني نه وهابي، نه قادري، نه قادياني، نه ديوبندي، نه نقشبندي، نه برقاني، نه صدقاني، مان ڪنهن به ڌرم يا مذهب جو نه آهيان. مان رڳو رب جو آهيان. مان مذهبي پابندين کان پاڻ کي آجو رکندو آهيان. جنهن ڪري مان مذهب ۾ قائل نه آهيان، مان خدا جو منڪر به آهيان، نه عاجز به آهيان. مان دين اسلام کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ڏسي نٿو سگهان، منهنجو دين مڪمل ۽ هڪ

آهي، منهنجو رب هڪ آهي، مان رب جي ڪهڙي گهر ۾ وڃي نماز ۾ سر جهڪايان، هو پنهنجي هر ثواب ڪي تسبيح جي داڻن ۾ ڳڻن ٿا. مون ڪڏهن به پنهنجي سجدن جو حساب ناهي رکيو. مان شرعي (مذهبي) قانون جو پچان منهنجي اندر ۾ ئي عدالت آهي، منهنجو ضمير ئي منصف آهي. هي مُلان مولوي ڪٽر فرقي پرست مسلمان پلي مون خلاف ڪا به فتويٰ جاري ڪن. اهي پاڪ عبادت گاهن ۾ اينڊڙ پليت پلي وضو ڪري پو تر (پاڪ) نظر اچن پر انهن جي پليتي نه ويندي، پليت جو پاپو به ته پاپ آهي. انسان گندي، غليظ ۽ ناپاڪ مٽيءَ مان پيدا ٿيو آهي. انهي لاءِ ان جي حيثيت منيءَ کان وڌيڪ ناهي. هر اها شي جنهن مان زندگي جنم ٿي وٺي اها ناپاڪ آهي. اسان جي بدن مان جيڪا به شي خارج ٿئي ٿي اها ناپاڪ آهي. انساني جسم ناپاڪ ۽ سندس روح پاڪ آهي، اهو فلسفو مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي بحرحال اهي پاڪ خوش هجن اسين نا پاڪائي يا ناپاڪي ۾ ئي خوش آهيون، پر ياد رکو ڏڪار برائي ڏينهن ترغيب ڏئي ٿي.

الله

ايجها ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ ٻڻجي (سچل)

ڪيس الله، رب، خدا، ايشور يا گاڊ سڏيو فرق نٿو پوي. هي ڪائنات جوڙيندڙ، هي زمين و آسمان جو مالڪ، هي هر جڳهه هر وقت موجود، هي سدا کان سدائين وجود رکندڙ، جنهن جي ڪٿ ممڪن ئي نه آهي. حاڪميت الله جي آهي، زندگي، موت، عزت، ذلت خدا جي وس آهي ڪجهه به پنهنجي وس نه آهي. هن خدا آڏو اسان بي وس لاچار ۽ هٽيا آهيون. آخر اهو ئي ٿيندو جيڪو رب کي منظور هوندو، ڏٽي کان سواءِ ڪنهن جي سٽائي ٽٽي نه آهي، سيان جون رزق به الله تي آهي، وٽيس ته بڪ ماري. جائي پاڻ الله، ذات هڪ آهي باقي سڀ صفات آهي، ذات حقيقت آهي ۽ صفات مجاز آهي.

خدا جو راز

اسين جن راڪاس، شيطان ٿياسين. اسين ديوتا ۽ فرشتا نه آهيون
اسان جوڙيا ڪعبا، اسان جوڙيا قبلا، ڪندا پاڻ کي پاڻ سجدا نه آهيون (استاد بخاري)

جڏهن شريعت تي پورو لهبو ۽ طريقت سکبي ته حقيقت معلوم ٿيندي. خيال ۽ فڪر وسيلي معلوم ٿيل حقيقت ڏاهپ ۽ ڄاڻ آهي، خدا خيال جو نالو آهي ۽ انسان وجود جو نالو آهي. اسين خيال جي پويان پنهنجو وجود وساري ويهون ٿا. اسين مسلمان ته ٿي وڃون ٿا پر انسان ٿيڻ اسان جي وس کان ٻاهر آهي، ڇا اسان جنهن بابت سوچيون ٿا ٿي سگهي ٿو ان جو ڪو به وجود نه هجي، خدا رڳو تصور ئي تصور يا خيالي ئي خيال ۾ هجي. ٿي سگهي ٿو خدا جو خيالي وجود محض تصور يا وهم ئي هجي. ڇا ان سوچ کي درست ۽ سچو چونداسون. ايمان يا عقيدو خطرناڪ وڻ ويڙهي آهي. ان عدم وجود (وجود نه رکندڙ) تي عقيدو رکڻ ڇا ڪنهن بي ايمان ماڻهو وٽ ايترو مضبوط ايمان هوندو يا سپهي عليهان کان آجي الله، جي ذات ۾ وڌو توڪل (ڀروسو) يا خدا جي ايمان ئي بختگي

Scanned with CamScanner

هجي، ڇا اسان جو رب جي وجود کان انڪار، ڇا هو اڻ موجود ٿي پوندو. رب جو پنهنجو وجود آهي، ان بابت سوچڻ گناهه آهي. شريعت، طريقت معرفت راز حقيقت پروڙڻ گناهه آهي. اتي دانائي ۽ ڏاهپ ڏوهه آهي. مجيون ٿا ته خدا آهي باقي هي پڙوت اجائي آهي.

ڇا ٿئي تخليق کي چورو نه ڪر (استاد بخاري)

انسان جو سرجڻهار ۽ تخليڪار خدا، رڳو انسان کي ڪٺ پتلي جيان نچائي ٿو. هن کي اسان جي ڪا به گهرج ناهي. خدا رڳو پنهنجي من ماني چاهي ٿو، انسان لاءِ بندگي جو فرض آهي، خدا ۽ بندي جي وچ ۾ صرف بندگيءَ جو فرق آهي، انسان خدا جو راز آهي. خدا کي پنهنجو پاڻ ۾ تلاش ڪر. خدا تو کي ڳولي ٿو ۽ تون ڪنهن جي ڳولا ۾ آهين. مان پڻ وحدت الوجود (هم اوست) جي فڪر جو قائل آهيان. انسان جي اندر ۾ جيڪو رب پاڪ روح رکيو آهي سا اصل حقيقت آهي. انهي حقيقت کي سڃاڻڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي پروڙڻ ئي خود خدا جي ذات جي معرفت حاصل ڪرڻ آهي ۽ ان کي ئي خدا سمجهي سجدو ڪرڻو آهي. منهنجي به قلب ۾ هڪ قبلو آهي مان پنهنجي تن کي ئي طواف ڪندس.

الله جا گهر

هڪ هندو ٻيا مسلمان تيون وچ وڏائون وير،
انڌن اونهه نه لهي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهه پرين جي جڏهن گهمي ڏٺو سون گهيڙ
ته رب مڙني ۾ هيڪڙو، تنهن ۾ ڦندو نه ڦير،
سا ڪيڏانهن ڪنڌي پير، جا سڃي ڪعبته الله ۾،

مسلمانن ۾ مومنين کان ولي مولائين تائين سڀني ۽ نيڪ خيال رکندڙ ۽ خراب لسمن جا ماڻهو به ملن ٿا، جن کي هڪڙي جي شڪل ئي نٿي وڻي، رب کي ڪنهن سجدي جي يا ڪنهن گهر جي ضرورت ناهي پوءِ الله جا ايترا گهر ڇو؟ عبادت واسطي مسجدن ۾ رب کي رڳو سجدو ئي ته ڪرڻو آهي. اسان جي آڏان ته هڪ آهي پوءِ اهي چڪلائي الڳ الڳ ڇو آهن، ڪعبي مان ڪفر پيدا ٿيندو ته باقي مسلماني ڪٿي رهندي. ڪعبو وڏي شي ناهي ماڻهو وڏي شي آهي. جيڪو الله جي عشق ۾ ڪعبي ۾ اچي ٿو، جي دنيا جهان جا ماڻهو پنهنجو ڪعبو قبلو الڳ الڳ ناهي ويهن ته هتي رڳو ڏيهو چمڙا ۽ الو ئي ڏسي سگهجن ٿا.

فطرت سان بغاوت

ڪجهه به نه مان ڪجهه لهي نٿو سگهي. هڪ روپ کان ٻئي روپ ۾ ٿيون ۽ ڇو ٿون روپ ٿي سگهي ٿو ۽ ائين سلسلو هلندو رهي ٿو، پر مادي کي ڪو به خلقي نٿو سگهي. ڪا شيءِ اڳ جنهن حالت ۾ هجي، ان ساڳي حالت ۾ نه رهي ته ان تبديلي کي ڇرپر ڇڪبو آهي ۽ هر ڇرپر فطرت سان بغاوت آهي. هڪ شيءِ مان ٻي نرالي شيءِ ٺهڻ جي تبديلي جهلي يا مورثي

عمل نہ هو. تبديليون بغاوت کي جنم ڏين ٿيون. شيطان جو آدم کي سجدو نہ ڪرڻ انسان جو فطرت خلاف ڦريون جڻن، هو جڏهن حوا جنت مان بيزار ٿي پور ٿي آدم کي اُنان نڪرڻ جي صلاح ڏني تہ آدم خدا خلاف بغاوت جي نيت ڪئي. ان ڪارنامي تي خدا کين جنت مان تڙي ڪڍيو. ڌرتي جو پهريون خون، حوا جي ڌي زهرن تي آدم جا پٽ وڙهيا هڪ جو خون ٿيو ٻيو خوني ٿيو.

وڏو گهر

ڪوئرو. لوٽو يا بدنو هٿ ۾ ڪٽي، کهڙ جو ڏنڊڻ سيني تي لٽڪي، "مان مديني وڃان سارو مدينو گهمان" جي رٽ لڳائيندڙ نوراني پوشاڪ ۾ ڪفن پهريل هي شيطان، جڏهن شيطان کي پٿر هڻي حج ڪري اچن ٿا، تہ اڳي کان بہ وڌيڪ حرامي ٿي پون ٿا. هي دل جا ڪارا ۽ منهن جا صاف پرهيزگار ۽ ايماندار، رشوت جي پئسن مان سال بسال حج ۽ عمرہ ڪندڙ ۽ هر سال اعتڪاف ۾ ويهندڙ مسلمان بي ايمان ۽ شيطان جيڪي ماءُ پيءُ کي پادر هڻي ڪمرن ۾ بند ڪندڙ. پلاٽ هڻي يا پئسي جي لالچ تي سڳي ڀاءُ کي بي گناهہ قتل ڪري، خون ۾ رنگيل هٿ ڪٽي ۽ يتيمن جي مال تي حج ڪري پنهنجا سمورا گناهہ بخش ڪرائي حاجي سڏجن ٿا. اُهي ڪيترا ڪمينا هوندا تصور نٿو ڪري سگهجي. چون ٿا تہ "حج يا عمري تي خدا جنهن کي گهرائي." خدا بہ هنن ڪمينن کي پسند ڪري ٿو. اهو بہ چون ٿا تہ خالق ڪائنات جي جنت ماءُ پيءُ جي قدمن ۾ آهي. اهي غريب مسڪين جيڪي حج يا عمري جا خواهشمند آهن، ڪو غيبي خزانو هٿ لڳڻ يا ڪنهن معجزي يا الله جي حڪم جو انتظار پيا ڪن، تن کي گهرجي تہ ماءُ پيءُ جي خدمت ڪن انهن لاءِ اهو ئي حج آهي ۽ جن کي ماءُ پيءُ نہ آهن اهي اڪيلائي ۾ خدا کي ياد ڪن ڇاڪاڻ تہ اڪيلائي خدا جو واحد دروازو هوندو آهي. خوني، قتل يا ظالم پلي لڪ حج ڪري اچي. آب زم زم سان پلي پاڪ صاف ٿي اچي ان پليت کي پل خدا معاف ڪري ڇڏي. خدا کي ڇا آهي پو ڳي تہ اهو يتيم ٿو جنهن تہ اڃان پيءُ جي قاتل چاچي کي معاف نہ ڪيو آهي. مان تہ چوان ٿو تہ قاتل کي تہ سندس جي مرڻ ڪانپوءِ بہ معاف نہ ڪيو وڃي. پوءِ تہ يذيد جي ظلم ۽ فرعون جي خدائي کي بہ وساري ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ هاڻ هو هن دنيا ۾ نہ رهيا آهن، ڇا اڄ کان پوءِ ظالم کي ان ڪري معاف ڪيو وڃي تہ هو هاڻ هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي، مان هاڻي ضياءَ الحق کي ڇا چوان عظيم چوان يا شهيد چوان. شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو قاتل پرويز مشرف حج يا عمرو ڪري خدا کان گناهہ معاف ڪرائي اچي، ڇا اوهان PPP وارا کيس ان ڪري معاف ڪندا جو خدا کيس معاف ڪيو آهي. ڇا بلاول ڀٽو زرداري، بختاور ۽ آصفہ، بينظير جي پيهر اولاد کيس معاف ڪندي ڪاڏهن بہ نہ.

قدرتي آفت

تيسين سور سئو جيسين ان جو ڪو لاهيندڙ ڳولي لهجي. الله جي آسري ۽ انسان جي ڀروسي سان انسان ڪيترو هلندو. توڪل تي ڀاڙيو. خدا جي خدائي تي ڀروسو رکو. الله وٽ دير آهي انڌير نه، پر اهوئي ته وڏو انڌير آهي. شايد انسان خدا جي قدرت کان واقف نه آهي. قدرت وٽ انصاف جا پنهنجا پيمانا آهن، اهي پيمانا ڪڏهن به غلط ڪو نه ٿيندا آهن. جڏهن رب غضب، ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ ايندو آهي ته، پنهنجون دهشتون ڏيکاريندو آهي. هن جو غضب قدرتي آفت جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. هر قدرتي آفت تباهي جو اهڃاڻ ٿئي ٿي. هي قدرتي آفتون اسان جي ڪيل گناهن جي سزا آهي. هو سزا ۽ جزا جو مالڪ آهي. ڏوهه گناهن موجب سزا ۽ نيڪي چڱائي موجب جزا ڏيڻ جو مجاز آهي. بيشڪ رب ڪي وڏي طاقت آهي.

ڪجهه مذهبي ڳالهيون

اهڙي قسم جا گهڙيل شيشا ملن ٿا جنهن ۾ جيڪڏهن سڄي پاسي کان ڏسجي ته تصوير متفرق ۽ اونڌي سونڌي نظر ايندي ۽ پاسيرو ڏسجي ته ٺيڪ ڏسڻ ۾ ايندي.

مرڻ کانپوءِ روح جو آواگون ڪنهن جي صورت ۾ اچڻ اهو خيال نه پر حقيقت آهي. ته روح ڪنهن ٻي ۾ ٽرانسفر ٿيندو آهي. منهنجي وڏي ڀاءُ آغا رشيد جي ڀرين گهرواري جيڪا بروهڻ هئي. ان ڪي جنات جو اثر هو، وفات وقت ان جي ڪمري ۾ سندس مڙس. ڀاءُ ۽ مان موجود هئاسون. جئين ته ان پنهنجي ڀاءُ خالد جي هنج ۾ دم ڏنو. جنات ڪي يڪدم هٿي ٻاڏي گهربل هوندي آهي. اسان باقاعده ائين محسوس ڪيوسون ته ڏوئن جي صورت ۾ ڪاشي ڀاپي شائسته جي ٻاڏي مان نڪري خالد جي ٻاڏي ۾ شفٽ ٿي ويئي ۽ ٿوري دير ۾ خالد جنات وانگر عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳو.

درگاهن تي غازي عباس جي علم هيٺان ويهي، هي مولائي موالي ٻٽجي ڀنگ جو ڪونڊو پي، چرس جاسوٽا هنيو، خبر ناهي ڪنهن جي روح ڪي خوش ڪن ٿا.

حشر جي ڏينهن ۾ ماڻهو ماتمي جلوسن ۾ پٽڪي دوران ڪيترو سينو ڪٽين ٿا. ياباهه تي ماتم جو ڪهڙو فلسفو آهي، از خود ئي دوزخ ۾ گهر ٺو ٺو پوي.

سجدي لائق رڳو رب هو. ڪو به آدم پوڄا لائق ناهي، سواءِ ان خدا جي جنهن جي هٿن ۾ روزي روٽي، رزق ۽ رحم و ڪرم آهي. آدم شيطان جي نظر ۾ پوڄا لائق نه هو. پوءِ ڇو خدا جي چرچ تي ٻارن وانگر شيطان ٻڻجي شيطان ڪي پٿر هڻو ٿا.

آدم ته بهشت ۾ وڏي شان ۽ مان سان گهڙيو هو، پوءِ ننگو ٿي ڇو تڙيو ويو.

آدم جي اڇلايل ٽڪ (جنت) ڪي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ آدم ذات ايڏي بي چين ڇو آهي.

ذوالفقار علي ڀٽي جي دئور ۾ امام مڪه ۽ امام مدينه پاڪستان آيا هئا، حيدر آباد جي عيدگاهه ۾ لکين ماڻهن سندن پٺيان نماز پڙهي هئي جامون به پڙهي چاشان هو.

هي اهو ذوالفقار علي ڀتو هو، جنهن جي ڏئور ۾ پرهڻتيءَ محل اوڀر طرف آسمان ۾ تارن جي هڪ قطار ظاهر ٿئي. جنهن جي شڪل تلوار جيان هئي. ان آسماني تلوار لاءِ اهو مشهور ٿيو ته اها تلوار مولا علي جي آهي ۽ مولا ڀتي صاحب تي مهربان ٿيڻ وارو آهي. حق موجود. بيشڪ موجود.

توهم پرستي ۽ وهم پرستي

"پيرن فقيرن جي سنڌڙي سونهاري." ذات پات جو فرق اسلام توڙي ڇڏيو آهي تب سنڌ ۾ سيدن جي وڏي لئي آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ رضوي سيد، جيلاني سيد ۽ بخاري سيد جام آهن. "سيد ميرو ته به پنج سيرو" جيئن امير جو ٻار چريو يا چتون، هوندو آهي ائين سيد جو ٻار چريو يا مست ضروري هوندو آهي. هر سيد جي گهر ۾ هڪ نه ٻيو ٻار چريو يا مست آهي. اها سيدن کي پٽ آهي يا دعا، اهو سيد ئي ٻڌائي سگهن ٿا. اهي مست ۽ چريا هنن سيد لاءِ سون جا جهرڪ آهن. جڏهن اهو چريو نانگو يا مست سيد گذاري ٿو وڃي ته هي پنهنجي ڇوتڪاري يا گذاري لاءِ ان ته مقبرو اڏي نانگو شاهه يا فلاڻو مست لکي ٿا ڇڏين. جيڪڏهن هو معصوم ٻار آهي ته ان تي معصوم شاهه يا گل شاهه لکي ٿا ڇڏين. پوءِ اسان جا اهوجهه ۽ واندا سنڌي انهن روحاني قبرن تي اچي ٻڙ ٿا وجهن، پير فقير، بزرگ ۽ اوليائن جي اهڙن آستانن، مزارن، تربتن، مقبرن ۽ درگاهن تي کهڙي کهڙي طريقن سان عياشيون ڪيون ٿيون وڃن، مذهبي وڏن ڏينهن تي هنن درگاهن تي، عورتن جو وڏو انگ هر وقت موجود رهي ٿو. مزارن کي مرڪز بنائي اتان جا پير فقير، اهوجهه سنڌين کي پليتون پڙهي ۽ زعفران سان تعويذ لکي ٿا ڏين، ائين تعويذ ڳچين ۾ پارائي، ڦيٿا رکرائي، ڪارا تلڪ هٽائي، ڪارا ڪڪڙ يا ڪارا ٻڪر صدقي ۾ ڏئي. جن ڀوت ڪڍئي. انتر منتر جادو منتر، بلدروح سان ڳالهيون ڪري، ساڻ سونڻ ڪيا وڃن ٿا. جيڪي سڀ اجايا آهن. اهي چالاڪ سيد انهن بيوقوف سنڌين کي معجزا ڪرامتون ڏيکاري، اصل ۾ انهن بکين ۽ پندڙن ڪان پنن ٿا. اهو هنن سيدن جو ڏوهه ناهي، اهي بيوقوف پاڻ ئي لتجڻ ڪاڻ اچن ٿا.

قدم گاهه جو شيدي

قدم گاهه مولا علي جي مين گيٽ لڳ ڍڳهن ولرن ولري درويش جي تصوير رکي هڪ شيدي پنهنجو جهان ڪري ٿو. هن وٽ ڪنتا ڪولاب، مڻين جا هار، ياقوت فيروز، مرجان عقيق ۽ نيلم جا پٿر به آهن ته مينڊيون به، ماڻهو انهن بي جان پٿرن ۾ وڏيون آسون اميدون رکي ويهن ٿا، هنن جو عقيدو آهي ته اهي پٿر سنڌن زندگيءَ تي اثر ڪن ٿا. مون ڏٺو ته ان شيدي جي سڄي ڳچي، هٿن ۽ چيچن تائين پٿرن سان ڀريل هيون، اهو سڀ ڪجهه هوندي به هو ڪائي پئي پن جو پيو.

Scanned with CamScanner

پاپوش بابا

دنيا جي ستن ولين ۽ درويشن جيتري طاقت رکندڙ دعويدار پاپوش بابا جيڪو حسين آباد گدو پارڪ لڳ درياهہ جي ڪناري تي آستانو ٺاهيو ويهندو هو. پاپوش معني (پادر. جوتو يا بوٽ) اهو پادر بابا آس پاس جي پيرن ۾ وڏو نانءُ هو. اهو پاپوش بابا سڄي ڏينهن ۾ ماڻهن سان صرف هڪ ڪلاڪ ملندو هو ۽ ملڻ وقت گنڊڙ وانگر وڏيون اُٺايون ڪندو هو. جيڪو هاڻ تازو پردو فرمائي ويو آهي هاڻ هن درگاهہ جو چڱو مڙس مون وارو يار محترم مظفر صديقي آهي. جنهن کي سائين جو وندُ پڻ مليل آهي.

فقير سائين رحمان بابا

نہ شيطان آهيون نہ رحمان بابا— اسان ابن انسان، انسان بابا (استاد بخاري)

شيطان بابا

درويشن جا مريد سندن نوري پٽ آهن، طالب بي نور آهي ۽ مرشد نور وارو آهي، مرشد جو شان وڏو آهي طالب ويچارو عيبدار ۽ ڪمينو آهي، خليفا بہ هر جاءِ تي مرشد جو مت تي نٿا سگهن، مان اڃان طالب آهيان، منهنجو ڪو ڪامل رهبر ناهي، جئين تہ منهنجو ڪو مرشد ناهي تنهنڪري في الحال منهنجو مرشد شيطان بابا آهي مان وتانس ڪجهہ سکيو هوندو. قيامت ڏينهن حساب جي وقت مونکي پڪ آهي تہ منهنجو هي مرشد شيطان بابا مونکي اڪيلو نہ ڇڏيندو، مان پنهنجي مرشد ڏانهن ڪرم جي نگاهہ جو طلبگار آهيان.

وحدت الوجود

اي خدا منهنجا تي گناهہ معاف ڪر (شينڪر آچاره جو فلسفو)

1.مون تصور ۾ تنهنجي تصوير قائم ڪئي (حالانڪ تنهنجي ڪا بہ صورت نہ آهي)

2.مون مداح ۾ تنهنجو بيان ڪيو (حالانڪ تنهنجي تعريف ٿي نٿي سگهي)

3.۽ مسجد ۾ وڃڻ وقت مان هي ڀلجي ويس تہ (تون تہ هر جاءِ تي موجود آهين)

شاهہ حسين بن منصور حلاج

منصوريءَ جي موج ۾ تو "اناالحق" الايان (سچل)

هڪ انفرادي انسان، هڪ مثالي ڪردار، بيحد دلير، سچو، هڪ ڪامل يقين رکندڙ صوفي جنهن جو مقام ۽ مرتبو اعليٰ هو، منصور جنهن علي الاعلان اناالحق جو نعرو هنيو. "اناالحق" يعني "آءٌ خدا آهيان". هن چيو تہ "جي تمان ڪافر آهيان تہ پوءِ منهنجي ڪفر ۾ اضافو ڪر"، هن اهو بہ چيو تہ "اچو مونکي قتل ڪريو، جو تہ منهنجو خون اوهان تي حلال آهي"، هن وڏيڪ چيو تہ "يارو مونکي قتل ڪريو. ڇڏو! منهنجي قتل ۾ منهنجي زندگي آهي. منهنجي زندگي ۾ موت، منهنجي موت ئي زندگي آهي." 27 مارچ 922ع مطابق 24 ذوالقعد 309 هجري تي اڱاري جي ڏينهن صبح جو

Scanned with CamScanner

ساجهر باب خراسان آڏو، درياهه دجلہ واري ڪليل ميدان ۾ هن آخري ڀيرو بيباڪيءَ سان اناالحق جو ڪلمو پڙهيو ۽ جلاد جي تلوار آڏو چيو تہ "جيڪي مون انڪشاف ڪيا، تن جي سچائي تي مان اڄ بہ اٽل آهيان".

مراقبو

اسلامي تهذيب جي روح الله جي ذڪر سان وابستہ آهي ۽ الله جي ذڪر جو سڀ کان مؤثر ترين صورت مراقبو آهي. ذڪر يا مراقبو الله جي طرف متوجہ ٿيڻ آهي. جيئن تہ لالچي انسان حلال حرام کان بي نياز ٿي. هر صورت ۾ دنياوي زندگي جي لذيذ نعمتون مان مزو وٺڻ، آزادانہ طور جنسي خواهشن جي تسڪين ۽ پاڻ کي خوشحال بنائڻ جي الجهن ۾ لڳي ويو آهي ۽ پنهنجي حقيقي خالق کان دور ٿي جدا ٿي ويو آهي، تنهنڪري هن جو الله جي اهم ذات کي دل جي گهرائين ۾ سمائڻ ۽ رب سان لنئو لڳائڻ ضروري آهي. مراقبو نفيس قوتن جي مڪرو فريب ۾ قاتل انسان نفس پرستي جي حلن مان نڪري، ساري حربن کان نا آشنا ٿي، مادي دنيا کان بلند ٿي. پاڪيزه مقصد تائين رسائي جو ذريعو آهي. مراقبو مختلف خيالات کي ڇڏي. دنيا جي سمورن ارمانن کان خالي ٿي، ڪنهن بہ هڪ مادي تصور کي پڪڙي رکڻ ۽ ڄمي ويهڻ جو نالو آهي. مراقبي جي مادي صورت ڪنهن تصوير تي نظر ٽڪائي رکڻ، ان جي آواز تي ڌيان ڄمائي رکڻ ٻين تصويرون ۽ آوازن کان لاتعلق ٿي وڃڻ ۽ ڪنهن بہ خيال تي توجہ نہ ڏيڻ آهي. مراقبي جو ڪل آرٽ چوڪس رهو، هوشيار ۽ ڦڙت رهو تہ جيئن انهن سيني چورن کي اوهان ۾ گهڙڻ جو ۽ اوهان کي ناپاڪ ۽ آلوده ڪرڻ جو امڪان باقي نہ رهي. مراقبي لاءِ سڀئي هنڌ صحيح آهن. هر هنڌ تي هڪ مرڪز دستياب هوندو آهي. بس رڳو هڪ سو اسي (180) درجي جو رخ موڙي وٺو، بس پنهنجي اندر ۾ ڏسو، هيڏانهن ڪا بہ بيزاري نہ هجي. ڪا هڪ سوچ بہ نہ هجي، فقط اوهين ئي هجو، پنهنجي اندر مان دنيا کي ختم ٿيڻ ڏيو ۽ اوهين دنيا مان ختم ٿي وڃو، مراقبو خدا جي نور ۽ هستيءَ کي پنهنجي هستيءَ ۾ جذب ڪري پنهنجي اندر ۾ غرق ٿيڻ جي ڪوشش آهي. دل جڏهن الله ڏانهن پوري لوت سان متوجہ ٿيندي آهي تہ دل تي الله نقش ٿي ويندو آهي. دنيا جي اندر رهو پر پاڻ کي وساري ڇڏيو. چون ٿا تہ "پاڻ ۾ پيهي روح رهاڻ ڪرڻ سان انسان پاڻ خدا ٿيو وڃي." مراقبو تصوف جي سمورن سلسلن ۾ موجود آهي. گوتم ٻڌ پڻ گيان ڌيان ۾ مگن هو. اسلامي مراقبي جي تاريخ حضور پاڪ جي غار حراءَ ۾ قلبي ذڪر کان شروع ٿئي ٿي. مراقبي جي قلبي ذڪر جو ردم تڏ ۽ ڏيڍر کان سکڻ کپي جيڪي روزانہ رات مسلسل ذڪر ۾ رهن ٿا. مراقبي جو فن ٻلي ءَ کان سکڻ گهرجي جيڪا ڪوئي جي ٻر تي جوهہ ماري ويهندي آهي. مراقبو آغاز ۾ هجي يا انجام ۾ اهميت رکي ٿو. ماڻهو سوچين ٿا تہ مراقبو ڪو بي حد ڏکيو ۽ محنت طلبي ڪم آهي. مراقبو دم ڪشي جي هڪ مشق آهي. بس رڳو پاڻ کي قابو ۾ ڪرڻ جو فن آهي روزانہ صبح شام رڳو سٺ

منٽن لاءِ سڄي دنيا کي وساري ڇڏڻو آهي ۽ انهيءَ عمل مان گذرڻو آهي. فقط خاموشي جي ذريعي ڳالهائڻو آهي، فقط هڪ منٽ جي خاموشي اربين کربين گناهن جي گرامن جي گهر ڪري ٿي ڇڏي ۽ هڪ منٽ جو اڻ وڻندڙ آواز دنيا جي سڪون کي ساڙي رک ڪري ٿو ڇڏي، ڳچ سنئون سڌو خاموشي ۾ ويهي رهڻ ڪم نه ايندو، روزانو پهريون هڪ هفتو ڪلڻ جو، ٻيو هفتو روئڻ جو، ٽيون هفتو خاموشي سان ڏسڻ جو ۽ آخري هفتو انٽرايڪشن ۾ خالي رهو. مراقبي جو مطلب آهي اڪيلي هئڻ جو آرٽ ۽ محبت جو مطلب آهي گڏ ٿيڻ جو آرٽ، مراقبي ۾ اوهين ساهه اندر ڏا ڪڍو ۽ محبت ۾ اوهين ساهه ٻاهر ڏا ڪڍو ۽ گڏيل محبت ۽ مراقبي سان اوهانجو ساهه مڪمل ٿئي ٿو. مڪمل اهو شخص هوندو آهي جيڪو ٻنهي کي سڃاڻيندو، مان هڪئي وقت مراقبو ۽ محبت ڪري سگهان ٿو. اضافي فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ مراقبو خفيه هٿيار آهي. مراقبو هڪ عظيم اهميت جو حامل آهي مراقبو ذهني طور تي بيمار ماڻهن جي علاج ۽ صحت جي بحالي جو طريقو (ٿراپي) بڻجي وڃي ٿو. ٻنپهرن جو ڪجهه وقت لاءِ آرام به مراقبي جو قسم آهي جنهن سان فائدو پوي ٿو. مراقبي جو عمل ننڊ جي عمل ڪان وڌيڪ ذهن کي تازگي ڏيندڙ آهي. مراقبو زندگيءَ جي الجهيل ڏور کي سلجهائڻ جو بهتر ذريعو آهي، مراقبو دماغ تي سڌو اثر انداز ٿئي ٿو ۽ ذهن کي ڪنٽرول ڪري ٿو. وڌندڙ ذهني دٻاءُ ۾ ڪمي واقعي ٿئي ٿي، انسان خيالات جي انتشار، فڪر جي فلتشار ۽ پريشانين جي بحران مان نڪري اچي ٿو، مراقبو ذهني سڪون ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو، وڏي ڳالهه ته جذبات کي ڪنٽرول ڪري ٿو، مراقبي جي ذريعي دماغي قوت جي ڪارڪردگي ۾ اضافو ڪري بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا، جڏهن اوهين ڪڏهن ڪنهن مراقبو ڪندڙ کي ڏسو ته انهي سان گڏ ويهي رهو. ائين اوهان به مراقبي جي موڊ ۾ هليا ويندا ۽ اوهان کي به فائدو ٿيندو، پوءِ اوهان الله کان ساري انسانيت جي ڀلائي لاءِ دعا ضرور گهرجو. خدارا مراقبي جي عمل سان زندگيءَ جو سليقو سکو. مراقبو سڪون ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي، مراقبو به هڪ جوا آهي ٻين سيني جوائن ۾ اسين ٻي ڪا شي داءُ تي هڻون ٿا پر مراقبي ۾ اسين پنهنجو پاڻ کي داءُ تي هڻون ٿا. مراقبو ڪندڙ ڪڏهن به هارائبو ناهي.

باب يارهون: حيسڪو

بجليءَ جي ڪهاڻي

(لوڊشيڊنگ کان بچڻ لاءِ گهٽ بجلي ڪپائڻ سکو)

ٽي سئو سال اڳ جڏهن دنيا ۾ بجلي ڪانه هئي تڏهن رات جو روشني پيدا ڪرڻ لاءِ هتي شهر جي رستن توڙي گهرن ۾ استعمال ٿيندڙ بتين ۾ تيل ٻارڻ طور استعمال ٿيندو هو. مکي منگهارام جي اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سندس لڏي وڃڻ کانپوءِ سندس جنرل مئنيجر سردار بهادر (شيخ محمد بخش) ولد ميان الاهي بخش وٽ رهي جيڪو اصل شڪارپور جو رهندڙ هو. جنهن 1947ع کان 1951ع تائين هن ڪمپني کي هلايو، بعد ۾ حڪومت هن ڪمپني کي پنهنجي قومي تحويل ۾ ورتو. اها حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني بعد ۾ سنڌ اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني بڻجي ۽ پوءِ واپڊا ۽ پيپڪو ٿي هاڻ وري هي حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو) آهي.

اداري جي ڊيوٽي

- مونکي مارشل لا جي دور ۾ واپڊا ۾ نوڪري ملي ان وقت ملڪ جو سربراهه جنرل ضياءَ الحق هو.
- مونکي تنهن زماني جي واپڊا جي ايڪسين ڳاڏي، ڪاتي محترم ڪريم بخش قريشي جيڪو ڪي بي قريشي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو نوڪري ڏني. جيڪو پوءِ حيسڪو ۾ به پيرا CEO پڻ رهيو ۽ هاڻ رٽائر آهي.
- مونکي نوڪري منهجي ماءُ بادشاهه زادي پنهنجي پوٽي مٺ سهيلي افروز قريشي جي انهي پاءُ ڪي بي قريشي کان وٺائي ڏني.
- مان مئٽرڪ جي بناٽي 5 گريڊ ۾ لوور ڊويزن ڪلارڪ جي طور تي آپريشن سب ڊويزن واپڊا ڳاڏي ڪاتو حيدراباد ۾ 8 جولائي 1981ع تي ڊيوٽي جوائن ڪيئي.
- مونکي واپڊا ۾ نوڪري ڪندي 34 سال ٿيا آهن مون پنهنجي پوري جواني واپڊا کي ارپي ڇڏي، رٽائرمينٽ ۾ باقي 6 سال وڃي رهيا آهن.
- مان هن وقت 14 گريڊ ۾ اسسٽنٽ (هيڊ ڪلارڪ) آهيان ۽ حسيڪو هيڊڪوارٽر حيدرآباد جي ايڊمن برانچ ۾ ڊائري ۽ ڊسپيچ سيڪشن جو انچارج پڻ آهيان. اهو منهنجي حوصلي ۽ هڪ طويل صبر جو ڦل آهي. منهنجي انڊر ۾ 7 ملازم ڪم ڪن ٿا. ڊائري تي روشن ضمير ۽ آصف رضوي ڊسپيچ تي، جي خان (جميل خان) ۽ عذير قريشي، ڊاڪ رنر، جان (غلام حسين) اڳ عيسائي، هاڻ مسلمان ۽ نائب قاصد (پٽيوالا) محمد الياس جتوئي ۽ فرقان حيدر.

Scanned with CamScanner

- منهنجو چٺين ڪورئير سروس سان واسطو آهي TCS جو اعجاز، OCS جو عرفان، SpeedX جو ممتاز حسين ۽ PDHS جو شاهد مون سان رابطي ۾ آهن.
- منهنجو هيڊ CEO محترم سليم جاٽ، ايڊمن ۽ ايچ آر ڊائريڪٽر محترم عمران علي عسڪري، مئنيجر ايڊمن محترم ايوب آفريدي، مئنيجر ايچ آر محترم شفيق احمد ميمڻ، ڊپٽي مئنيجر (ٽي ايم پي) محترم مانجهي خان هنگورجو، ڊپٽي مئنيجر سروسز محترمه پشميته شيخ ۽ ڊپٽي مئنيجر (سي ايس) محترم محمد عثمان ميمڻ جن منهنجا مين آفيسر آهن جن جي انڊر ۾ مان ڪم ڪريان ٿو.
- ايڊمن برانچ منهنجي مين برانچ آهي جنهن ۾ سينيئر سپرنٽينڊنٽ محترم محمد اسلم ميمڻ، اسسٽنٽ عبدالحئي عباسي، اسسٽنٽ مرتضيٰ مشوري، اسسٽنٽ محمد قاسم، اسسٽنٽ صادق رضا چنه، اسسٽنٽ شوڪت علي، اسسٽنٽ سيد شفقت علي، نظير ميمڻ، زاهد علي، عبدالحڪيم ٽڙي، فيصل ڪوري، مختيار احمد، سيد مجتبيٰ شاهه، رحيم بخش، اياز گائنچو، سلمان شفيق، ظفر الله آريجو، ڪامران ڪامي، علي ڏنو ۽ الياس جتوئي ۽ دوستن ۾ ريحان، علي رضا ميمڻ، شيرازي، عتيق ۽ الله رکيو نائب قاصد.
- مان حيسڪو هيڊڪوارٽر حيدرآباد ۾ گهڻو وقت ڊسپيچ تي رهيو آهيان، تنهن کان سواءِ ايڊمن برانچ ۾ A3 ٽيبل تي، 3 پيرا پلاننگ ۾، ايم.ايم.ايم، (او اينڊ ايم) ڊسٽريبيوشن، هيلپ لائين 118، پي آر او سيڪشن، ڪمرشل سيڪشن، سيفٽي برانچ، ايس.اِي سرڪل I، ايڪسين گاڏي کاتو، آر.او گاڏي کاتو، سول ورڪس سب ڊويزن تنهن کان سواءِ پول پلان ڪوٽڙي، ماتلي آپريشن سب ڊويزن، ٽنڊو محمد خان آپريشن ڊويزن ۽ نئون ڪوٽ آپريشن سب ڊويزن ۾ پڻ مون جوائيننگ ڏني.
- سرڪاري نوڪري ۾ ڪاهلي ۽ سُستي وارو ڪلچر ڪجهه وڌيڪ هوندو آهي، اها ڪاهلي ترقيءَ جي دشمن آهي. مونکي شروع کان ئي پٽ آهي ته مان آفيس ڪجهه ليٽ ايندو آهيان. مان ٽائيم جو ايترو ته پابند آهيان جو جڏهن مان پنهنجي ٽائيم تي آفيس ڊيوٽي تي ايندو آهيان ته نه منٽ هيڏانهن نه منٽ هوڏانهن مونکي ڏسي آفيسر ۽ ملازم پنهنجون گهڙيون درست ڪندا آهن ۽ جڏهن مان ايندو آهيان ته لنچ بريڪ يا نماز جي وقفي ۾ به ڊيوٽي ڪندو آهيان. مان آنڌي ۾ طوفان ۾ برسات ۾ ٻوڏ ۾ ڪرفيو ۾ ۽ هڙتال ۾ به ايندو آهيان. مان بجلي بند هجي تب ڪم ڪندو آهيان ۽ ڪڏهن دير تائين به ويهندو آهيان ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪري پوءِ ويندو آهيان مان بيماري، سيماري ۾ به پاڻ ڪٺائي ايندو آهيان. مان جائز موڪل رکو چنجر آچر واري ۽ خاص سرڪاري موڪلين واري ڪندو آهيان.
- مالهو نوڪري هابي سمجهي ڪندا آهن پر مان ڊيوٽي کي بندگي سمجهي ڪندو آهيان، مان ڪم کي بوجهه نه سمجهندو آهيان، مشين يا روبوٽ بڻجي پوندو آهيان،

Scanned with CamScanner

منهنجي مٿان ذميوارين جي بوجهہ جا پهاڙ آڻي رکو ماں هئو مان جيان اُهي ڪم جا پهاڙ تري تي کڻي وڃي سگهان ٿو. منهنجا ساٿي جيڪو ڪم سچي ڏينهن ۾ بہ ڪري نہ سگهندا آهن، اهو سا ڳيو ڪم مان هڪڙي ڪلاڪ اندر ڪري وٺندو آهيان. مان ڪم تي پنهنجو يا پرائو نہ سمجهندو آهيان. مان ڪم پورو ڪري ساٿين جي حصي جو ڪم بہ اڪيلي سر ڪري وٺندو آهيان. تنخواهہ دار ۽ نوڪري پيشا ماڻهو ڪي ڊورن وانگر محنت ڪرڻي پوي ٿي. حد ڪان وڌيڪ ڪم ڪري مون پنهنجي صحت کي هڪ طرف نقصان پهچايو ۽ ٻاڻ کي حسد جو نشانو ٻئي طرف پڻي بڻايو.

- پنهنجي اداري جو تقدس قائم نہ رکڻ پنهنجي پيشي سان غداري آهي. اهي جيڪي چون ٿا تہ ”هن اداري جي نوڪريءَ اسان کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. اسان اهڙي بيوقوفي واري نوڪري جي لاءِ تہ ڪو نہ چاوا هئاسون“ هي صبح جو سوير بنا قلم ۽ پين جي رڳو ان لاءِ اچن تہ جئين هنن جي حاضري قبول پئي ۽ پوءِ هنن جي ذميواري ختم ٿي وڃي ٿي، اهڙا خوشامندڙيا. ابن الوقت طرز جا ماڻهو ئي مونکي اوورٽيڪ ڪري مونکان گوءِ کڻي ويا.
- منهنجي دل ۾ هر وقت ڪو نہ ڪو دشمن هوندو آهي، اهڙي طرح منهجي دل مان هڪ دشمن نڪري ٿو وڃي تہ مان سک جو ساهہ کڻندو آهيان، پر اوچتو جلد ئي ڪو ٻيو دشمن اچي اها جاءِ وٺندو آهي تہ منهنجي لاءِ وري ڏچو پيدا ٿي پوندو آهي.
- نوڪري ۾ پنهنجي طبيعت جي ڪري روايتي خوشامد ۽ غلط ڪم نہ ڪرڻ جي ڪري سدائين تڪليف ۾ رهيس ۽ آفيسرن جي گڊ بوڪس (Good Books) ۾ نہ اچي سگهيس ان ڪري مون لاءِ نو پروموشن، نو ترقي جو بورڊ هنيو ويو. گروهہ بندي ۾ هڪ اڪيلي ۽ تنها ماڻهو جو نوڪري ڪرڻ ڏکيو آهي. آفيسرن جي ٽارگيٽ ۾ آيل هڪ مخصوص گروپ جي پروپگنڊا جي ور چڙهيل ڪئين ٿو پاڻ بچائي سگهي.
- آفيسر تہ ڪافي بدليا پر منهنجي قسمت نہ بدلي، منهنجا ستارا هميشہ گردش ۾ رهيا.
- آفيسر شينهن ۽ ملازم گدڙ هوندا آهن ۽ گدڙ ڏر ۾ لڪي زندرهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن ڪو بالادست پنهنجي زيردست جي مجبوري جو ناجائز فائدو وٺڻ چاهيندو آهي تہ زيردست پيچي هيٺو ٿي پوندو آهي ۽ خوف هن ۾ گهر ڪري ويندو آهي. ماڻ ڪنهن جي ڏڻ مڻ سهڻ وارو ماڻهو نہ آهيان. جڏهن بہ ڪو بالادست پنهنجي اختيارن جو غلط استعمال ڪندو آهي يا ڪا بہ غلط سوچ جڏهن مون تي زوريءَ مڙي ويندي آهي تہ مان احتجاجن پاڻ ڪان بہ وڌي طاقت سان مهاڏو اٽڪائي ويهندو آهيان، مونکي اهي آفيسر زهر لڳندا آهن جي زندگي ۾ هڪ اصول جو ڏنڊو کڻي هلندا آهن، اصول خود بہ هڪ سچ ڪونهي، اصولن جون وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندڙ آفيسر لوهان ڪي هر وقت بي اصول ئي ملندا. مان آفيسرن سان سندن ئي اصولن تي ڪيترائي جهيڙا بہ

Scanned with CamScanner

ڪيا. مان هر وقت خطرن جي زد ۾ هوندو آهيان. انهن قاتلن ۽ قانون کي ٺوڪر هڻڻ جي مونکي سزا به وڏي ملي. "سزا هڪ سٺو آهي" مان ڪيئي ڀيرا سسپينڊ پڻ رهيس. اها سزا هئي جا مونکي ڀوڳڻي پئي مون ڏاڍو ڀوڳيو آهي. مان سسپينڊ ٿيڻ دوران سخت مونجهارن جو شڪار رهيس. منهنجي خلاف ثابت ڪرڻ لاءِ ڪائي ثابتي ڪانه هئي پر تڪليف مونکي پنهنجن ئي ڏني. مصيبتن، تڪليفن ۽ مشڪلاتن ۾ بجاءِ آسرو ڏيڻ جي مان پاڻ کي سنڀالي وٺندو آهيان. قدرت به اسان مسڪينن کي ڪٿي ڇڏي. غريب جو الله آهي. قدرت مون کي هر ڀيري باعزت بري ڪندي رهي آهي. مسلسل تڪليفن کان پوءِ ٻيڙا وڃي پار پوندا آهن.

- مان هارٽ پيشنٽ به آهيان. منهنجي ڪارڊيالاجسٽ ڊاڪٽر جي خيال کان مان موسٽ ڪامپليڪيٽڊ پيشنٽ آهيان.
- مان پنهنجو خرچ آمدني جي حساب سان ڪندو آهيان مون ۾ بهتر آمدني جي خواهش ڪڏهن نه رهي، مون نوڪري جو سارو زمانو شرافت ۽ ايمانداري ۾ گذاريو مان اداري جو هڏڏوکي ۽ جانثار ٿي رهيس. "رشوت کارائڻ جهڙي ميزباني ۽ کائڻ جهڙي مهماني ڪائي ناهي" ڪجھ مٿيان آفيسر راشي هئا ۽ ڪجھ هيٺان ملازم ديانتدار نه هئا ته به مان انهي نيڪ بخت رشوت کي نذرانو نه بڻايو. مان وانيا جهڙي راشي ڪاٽي ۾ هوندي به ڪجھ ٿاهي نه سگهيس، نوڪري ۾ ديانتدار ماڻهو لاءِ مستقبل ڪونهي. اسان جي ملڪ ۾ وڏي بدقسمتي اها آهي جو هتي ايماندار ۽ محنتي ماڻهن کي هميشه پري رکيو ويندو آهي ۽ خوشامندڙين ۽ جي حضورين کي اڳيان رکيو ويندو آهي.

منهنجي وڏن وارن جو آزار

- جون ته ته سيد غلام مصطفيٰ شاهه جيڪو وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي ۽ وفاقي وزير تعليم هو ۽ انتهائي بااصول هو. سنڌ جي ڀلوڙ شاعر محترم امداد حسيني کي سيد هجڻ ۽ وڏي سفارش هجڻ جي باوجود به سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۾ نوڪري صرف انهيءَ ڪري ڪو نه ڏنائين جو هن جا وار وڏا ۽ سدائين وکريل هوندا هئا. مونکي به جيسڪو جا سپ آفيسر ڏاڍو چاهيندا هئا پر اهي پلا آفيسر مونکي پروموشن صرف انهيءَ لاءِ ڪو نه ٿا ڏين ته منهنجا وارا به عورتن جيان وڏا ۽ هر وقت وکريل رهن ٿا. جنهن ڏينهن مان لفظ نهات پريو ٿي ايندس انهيءَ ڏينهن منهنجو پروموشن پڪو آهي. پر مان به ضدي آهيان لن ڪٽائي ڇڏيندس وار نه. اها منهنجي ڪيئي سالن جي محنت آهي. مان انهن وارن جي ڪري ته ڪڏڻ جي B.O.D جو چيئرمين آهيان، جنهن جي مونکي ڳري پگهار ملي ٿي.

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD SINDH

صبر جو ڦل

منهنجي Date of Appointment 8-7-1981 آهي ۽ Lengt of Serivce 33 سال آهي. مون جونيئر ڪلارڪ کان سينيئر ڪلارڪ وارو ڪورس C-300 18.8.2003 کان 19-9-2003 تائين ريجنل ٽريننگ سينٽر حيسڪو ڄام شوري مان پاس ڪيو. مونکي 20-10-2003 تي 7 گريڊ مان پروموشن ڏيئي 9 گريڊ ۾ سينيئر ڪلارڪ ڪري PRO سيڪشن ۾ رکيو ويو. مون وري سينيئر ڪلارڪ کان هيڊ ڪلارڪ وارو ڪورس C-400 6-5-2013 کان 24-5-2013 تائين ريجنل ٽريننگ سينٽر حيسڪو ڄامشورو مان پاس ڪيو. مون DPE به پاس ڪئي آهي. منهنجو 4 نمبر سينيارٽي لسٽ ۾ نالو آهي. مونکي ساڳي گريڊ ۾ 12 سال گذري ويا آهن. ڊپارٽمنٽ ۾ 4 جايون خالي پڻ آهن (BOD) بورڊ پاران مونکي پروموشن ڏيڻ جي منظوري پڻ ڏني وئي هئي. ايڊمن برانچ جي سينيئر سپرنٽينڊنٽ محترم اسلم ميمڻ جيڪو حيسڪو هيڊڪوارٽر ۾ (CBA) يونين جو چيئرمين پڻ آهي مون سان وعدو ڪيو ته 18 مارچ 2014 تي پروموشن تنهنجي سالگره جو تحفو هوندو. وري عيد تي آسرو مليو. ٻه عيدون گذري ويون وري چيو ويو 10-10-2014 تي تنهنجي شادي جي سالگره جي تحفي طور توکي پروموشن ملندو. پر منهنجو اهو سڄو وقت اميدن جي نظر ٿي ويو. ڏيڍ سال گذري ويو پر مونکي پروموشن ڪو نه مليو، ان راه ۾ الائي جي ڇو کهڙي رنڊڪ بڻيل هئي. مونڏي هنن آفيسرن جو الائي جي کهڙو پلانڊ رهيل هو. مون پنهنجي واسطيدار آفيسرن محترم مانجهي خان، محترم شفيق احمد ميمڻ، محترم علي انور جوکيو، محترم ايوب آفريدي ۽ محترم سيد عمران علي عسڪري جن کي بار بار چيو پر هنن ڀلو اڻ ڀڙو ڪري ڇڏيو، ساري مٿا ماري ڪرڻ ڪانپوءِ ان جو ڪو به نتيجو نه نڪتو، مونکي هنن مان گهڻيون اميدون هيون، مان نٿو چوان ته مان ڪو قابل آهيان پر مون هن اداري جي دل و جان سان خدمت ڪئي آهي هي مون لاءِ هڪ وڏي انتظار جي ڳالهه ٿي پئي آهي. پر مون اڃان دل نه هاري آهي قدرت هميشه حقدار کي حق ڏنو آهي. رڳو هڪڙي اسلم ميمڻ مان اها اُميد رکڻ ته هي سڀڪجهه ڪندو ناممڪن پئي لڳو. ويچاري مانجهي خان کي ڀيا ڪم به ته گهڻا هئا. بابا مان فقير طبيعت ماڻهو آهيان مون فقير سان نه ڦٽايو، مونکي ستائي سُک نه پائيندو. آخر عبداللطيف نظاماڻي صاحب سان مليس جنهن چيو بابا حقدار کي حق ضروري ملندو ۽ پوءِ 2 ڊسمبر 2014ع تي محترم اسلم ميمڻ جي اڻٿڪ محنتن رنگ لاٿو. مرتضيٰ مشوري جي دوستي به ڪم آهي ۽ محترم مانجهي خان نيٺ قدر ڪيو، ائين مون حقدار کي حق مليو.

اڪيلي آفت ۽ فوج

مزي جي ڳالهه ته جڏهن واپڊا ۾ نئين نئين ARMY (فوج) آئي ته ان پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکارڻ شروع ڪئي، هن مليٽريءَ اچڻ شرط ملازمن ۾ تاڪوڙ وجهي

حيسڪو (واپڊا) جي اڳوڻن ۽ موجود آفيسرن جي لسٽ

مون واپڊا ۾ پنهنجي نوڪري دوران ڪيئي آفيسر ۽ بالا آفيسر ڏٺا. جن ۾ XEN, SE, AD, DD, DIR, CE, CEO ۽ SDO هئا. اڄ به سڀ حيسڪو ڪي هي هيٺيان آفيسر هلائين ٿا.

محمد سليم جاٽ	سيد عمران علي عسڪري	شفيق احمد ميمڻ	محمد ايوب آفريدي
عبدالقادر جمالي	سيد مظفر الدين	محمد عثمان ميمڻ	محمد اڪبر دراني
نظير شيخ	سيد عشرت علي	عبدالحق ميمڻ	محمد فاروق افغان
حبيب الله خلجي	عبدالواحد علوي	عبدالستار ميمڻ	محمد نعيم خان
ڪي بي قريشي	سيد نبي شاھ	فهيم الله ميمڻ	رياض احمد پٺاڻ
مقبول احمد خواجہ	سيد خالد علي چشتي	ذوالفقار علي ميمڻ	سرفراز احمد خان
عبدالغفور ميمڻ	سيد سعيد الحسن	مقصود احمد ميمڻ	سلطان حسين خان
حفيظ الله قريشي	سيد شرافت علي	محمد اقبال ميمڻ	محمد اسماعيل خان
گفتار انجم	سيد مختيار حسين شاھ	اقبال احمد ميمڻ	مولائي طلا الله خان
اديب الحسن رضوي	سيد مرتضيٰ شاھ	عامر نويد ميمڻ	سعيد احمد خان
تنظيم الحسن نقوي	سيد خالد علي شاھ	نظام الدين ميمڻ	محمد شفيق خان
منج الحسن سيد	علي مدد شاھ	عبدالجبار ميمڻ	معين الدين خان
ثمرڪند خان	سيد الطاف هاشمي	ارشاد علي ميمڻ	عمران خان
عبدالحڪيم ڪندي	شاھ رضا نقوي	امير احمد ميمڻ	الہ الدين خان
غلام فريد	سيد اعجاز علي شاھ	منير احمد ميمڻ	آفتاب احمد خان
اڪبر گجر	سيد وجاهد حسين شاھ	خالد ميمڻ	علي عمران پٺاڻ
ارشد بخاري	سيد عاقب عباس شاھ	اعجاز اختر ميمڻ	علي نذير جان
شڪيل احمد	سيد سميع عباس زيدي	ساجد پرويز ميمڻ	محمد اقبال خان
برگيڊيئر ابو راشد	ميسز امبر شاھ	عرفان ميمڻ	غلام اڪبر خان
برگيڊيئر طارق ارشد	سيد خالد حسين شاھ	نثار احمد ميمڻ	غلام قادر خان
برگيڊيئر محمد علي	تجمل حسين	خليل الرحمان ميمڻ	عقيل احمد خان
شريف انصاري	ظهور احمد شيخ	فريد الدين ميمڻ	شهباز الله زمان
امتياز احمد ڪلهوڙو	ميسز پشمينہ شيخ	غلام سرور ميمڻ	عمر ترين
جميل احمد راجپوت	عبدالغفور شيخ	محمد موسيٰ ميمڻ	اختر قريشي
اميد علي قريشي	عبدالحميد شيخ	صفدر حسين ميمڻ	فدا حسين قريشي
اجيت ڪمار	منظور آحمد شيخ	شڪيل احمد ميمڻ	اشفاق علي قريشي
ڪرنل حامد غوث	لياقت علي شيخ	خادم حسين ميمڻ	امتياز احمد قريشي
مختيار بيگ مرزا	اعجاز احمد شيخ	منظور علي ميمڻ	ضياء الدين قريشي
چاند بادشاھ	حفيظ الله شيخ	سجاد علي ميمڻ	خرم قريشي
ظفر اقبال اعواڻ	غلام محمد شيخ	مقبول احمد ميمڻ	عبدالرحيم سومرو
سهيل احمد ڪتياڻ	محمد مٺل شيخ	نزاڪت علي ميمڻ	افتخار احمد سومرو
احمد سعيد سولنگي	عبدالقائم شيخ	امتياز احمد ميمڻ	منير احمد سومرو
سيد مختيار حسين شاھ	ريحان احمد شيخ	ارشاد احمد ميمڻ	فريد احمد سومرو

طارق مجيد	امجد علي شيخ	اختيار احمد ميمڻ	رفيق احمد سومرو
ڪاظم علي خان	اعجاز احمد شيخ	اظهر علي ميمڻ	امجد علي ابڙو
امداد حسين ڏوگر	جاويد احمد شيخ	فريد احمد ميمڻ	جاويد اشتياق ابڙو
حق نواز سومرو	عمران احمد شيخ	امجد محمود آرائين	انعام علي ابڙو
طفيل محمد شهواڻي	منير احمد شيخ	ذوالفقار علي آرائين	محمد اعظم ابڙو
علي انور جوکيو	ارشاد شيخ	اعجاز حسين آرائين	ذوالفقار علي ابڙو
ستار بخش سومرو	عبدالڪلام شيخ	محمد رفيق آرائين	ڪنور ريحان سڪندر
ظهر راجپوت	عرفان ڪريم شيخ	لياقت علي آرائين	ڪنور سلطان سڪندر
علي خان جمالي	لونگ خان جکرآڻي	حافظ بدرالدين	غلام نبي ملڪ
عبدالمالڪ جمالي	محمد يعقوب گوپانگ	جاويد محمود	محمد نظام الدين
غلام علي جمالي	محمد صادق گهر	غلام اڪبر ملاح	حافظ عبدالحميد
نيڪ محمد جمالي	مانجهي خان هنگورجو	علي رضا پتي	عقيل نور
محمود علي ڪيڪي	رفيق احمد هنگورجو	عبدالغني پاتولي	آصف حسين پتو
جميل احمد ڪيڪي	نذير احمد کوکر	اشتياق علي پتي	خالد رضا
شمشاد ڪيڪي	احمد خان سراز	محمد مٺل پتو	محمد يامين
عبدالغفور جاٽ	غلام سرور درس	ڪريم بخش ڏاهري	نجم الدين ابڙو
طارق نديم جاٽ	مولا ڏنو سنگراسي	نياز احمد لاشاري	سهيل احمد شيخ
نور احمد نظاماڻي	مشتاق احمد	عبيد الله لاکو	محمد فرحت ڪمال
عبدالعزيز نظاماڻي	منير احمد پنهور	شاهد حسين دائود پوٽو	پرويز افضل
واحد بخش نوناري	غلام فاروق ٽنيو	مشتاق علي بروهي	آصف شيراز
حفيظ الله نوناري	غلام نبي خاصخيلي	محمد سليم مغل	غياث الدين
سهيل احمد نوناري	نويد اختر ارباب	وحيد علي ٻرڙو	گل بهار
محبوب علي نوراني	سعيد احمد ڏاوچ	مشتاق احمد مهيسر	شمير عالم
لياقت علي ميراڻي	ذوالفقار علي مگٽپيجو	آفتاب احمد دياني	عبدالمجيد منگي
الطاف حسين ميراڻي	جاويد احمد صديقي	فرمان علي دياني	ملڪ امتياز الحق
عبدالخالق ميراڻي	مجيب الرحمان سيال	مقصود احمد ڪوريجو	دين محمد
جلال الدين عباسي	رحم علي لونو	امجد حسين جاگيراڻي	محمود احمد
عبدالستار عباسي	محمد روشن اونو	محمد ابراهيم منگريو	جهانگير عمير
محمد نواز عباسي	مشتاق احمد دايو	گلزار احمد دستي	ميسز ظهور افضل
اظهر علي سولنگي	فيض محمد ڏومڪي	غلام قاسم شاهاڻي	شاهين عمر
محمد اڪبر سولنگي	جاويد اختر آخوند	نادر علي خشڪ	عمر فاروق
امجد جتوئي	طارق باجاري	قاضي خالد حسين جوڻيجو	فضل الرحمان
اظهر جتوئي	عبدالقيوم پرڳڙي	عمر حاجن اوڄڻ	عطاء الرحمان
غوث بخش جتوئي	رحيم پتافي	خادم حسين پٽي	پيرزاده اسد الله امير
ظهير احمد خواجه	محمد اسحاق بيگ	گل منير سرهيو	سادات علي
عزيز احمد خواجه	ڏتي بخش ڪونڌر	محمود علي بحريار	دڳرو مل
نعمت الله سانڊ	شير محمد ڪونڌر	محمد نظام الدين	رميش ڪمار
عبدالستار سوهو	وسيم احمد ڪورائي	چوڌري رياض احمد	ڪانجي مل

Scanned with CamScanner

ممتاز علي سوهو	رانا محمد شفيق	نذير احمد حليمي	ارشد چغتائي
محمود علي	خالد پرويز	مظهر علي	اطهر جاويد
قاسم حسين	نسيم الدين	معين شاداب احمد	طاهر حبيب عابد
اصغر علي	عماد احمد	محمد مدثر احمد	محمد سلطان
عبدالحڪيم	سلمان	ڪرنل نعيم اختر	رواچند شرما
مير خان ڪتيان	اختر لطيف صديقي	امتياز علي قاضي	ڪرشن لال ڪتري
مس فرح ديبا	ميسز خورشيد بانو	محمد موسيٰ ميربحر	سنيل ڪمار
خادم حسين ميراڻي	عبدالستا چنا	عثمان الحق انصاري	فاروق رشيد

محترم محمد سليم جاٽ

مون محسوس ڪيو آهي تہ حيسڪو جو جيڪو بہ نئون CEO ٿيندو آهي عملي جي سلام جو جواب ڏيڻ بجاءِ ڪنڌ کي ڏوٽي لڻ ڏانهن اشارو ڪري چڻ چوندو هجي ”ڇهڙو هن لڻ تي“.

محترم محمد سليم جاٽ حيسڪو جي هن ڊپارٽمنٽ جو سربراهہ آهي. واپڊا ۾ هن جو نانءُ معتبر نانءُ تسليم ڪيو ويجي ٿو. حيسڪو ۾ هن جي وڏي خدمت آهي. ڪيس انهي خدمت جي مڃتا طور هن اداري جي نمائندي ڏني وئي آهي. هن ڏکي وقت ۾ هن اداري جون واڳون سنڀاليون آهن. هن کي ننڍي عمر ۾ ڏاڍي ڏکي ذميواري سونپي وئي آهي. ان سپردگي ڪانپوءِ هن جي ذميواري پڻ وڏي وئي آهي. هي سڀ ڪان وڏيڪ عزت وارو شخص باڪردار، ديانتدار ۽ محنتي آهي. هي غير معمولي انسان عمر ۾ ننڍو پر لياقت ۾ وڏو آهي. هي ملازمن سان شفقت ۽ پيار سان پيش ايندو آهي. هي خانداني شخص عهدي ۾ تہ وڏو آهي پر انسان بہ وڏو آهي.

محترم سيد عمران علي عسڪري

محترم سيد عمران علي عسڪري، حيسڪو ۾ ايڊمن ائينڊ ايچ آر ڊائريڪٽر آهي. هي آهستي آهستي ترقي ڪري هن مقام تي پهتو آهي، اهو هن شريف ماڻهو جو حق بہ هو. هي ڌيمي لهجي وارو ۽ بلند خيالن وارو شخص آهي، هي ادبي ذوق رکندڙ آهي. هي انهن ٿورن آفيسرن مان آهي جيڪي ايماندار ۽ انصاف پسند ٿي رهندا آهن. هي هڪ بااصول صاف شفاف ۽ ايماندار آفيسر طور مشهور آهي. هي سرڪاري ڪم لاءِ ننڍي ملازم وٽ پاڻ اٿي بہ هلي ايندو آهي. هن ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ڪرايو آهي تہ هي ڪو وڏو آفيسر آهي، پر ائين چو عملو هن لاءِ چوندو آهي تہ ”هي نہ ڏهڻ جو نہ ڪهڻ جو آهي،“ هن مان ”نہ سڄڻ کي آسرو نہ دشمن کي ڀُو“، ”انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين“، پر مان ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ کان في الحال پاسو ٿو ڪريان، بحرحال هي وسيع تجربي وارو انسان، انتهائي شريف ماڻهو آهي، هن اداري جي انتظام کي عزت ۽ وقار سان هلايو آهي. هن جي پرک جي ڪسوٽي نهايت تکي آهي، جهڙو تهڙو هن تي مشڪل پورو لهندو، هن جي عظمت جو اندازو ان واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو تہ

حيسڪو جي اسڪول وين هن جي معصوم نياڻي سنيه کي سنڌس گهر ڇڏي واپس وڃي رهي هئي ته اوچتو اتفاق سان اها نياڻي پير سلپ ٿيڻ سان ان وين هيٺان اچي چيپاٽجي وئي. هن عظيم انسان انهي سانحي کي الله جي رضا سمجهي ان وين جي ڊرائيور جاويد کي بيني پير معاف ڪري ڇڏيو. منهنجو حيسڪو انتظاميه کي عرض آهي ته هن عظيم انسان جي ان نياڻي جي ياد ۾ ان حادثي واري وين تي سنيه اسڪول وين نالو رکيو وڃي يا واپڊا اسپتال تي سنيه جو نالو لکيو وڃي.

محترم محمد ايوب آفريدي

هي بي پرواهه بادشاهه، هي حيسڪو جي روح ۽ جان، هي محترم محمد ايوب آفريدي خان، حيسڪو ڪاتي ۾ مئنيجر ايڊمن جي اهم پوسٽ تي آهي، هن کي ايترا ته جلدي اهم عهدا ڏنا ويا، جنهن مان سنڌس بخت جي ستاري جي بلنديءَ ڏينهن سفر جي اندازي جي خبر پوي ٿي، سنڌس خاندان هڪ پناڻ آفريدي قبيلي سان تعلق رکندڙ آهي، هن جا ڏاڪنهن سبب جي ڪري پنهنجو ديس ڇڏي اچي ٽنڊو آدم ۾ وسيا. هي بهترين سنڌي ڳالهائيندڙ آهي. هن جي انفراديت اها آهي ته هي سڀ جو دوست ۽ يار آهي. هن پنهنجي چاهيندڙن ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو آهي، هن جي وسيع واقفيت پاڪستان پيپلز پارٽي سان گهڻي رهي آهي. پيپلز پارٽي هر دور ۾ حيسڪو ۾ LO محترم غلام سرور درس ۽ محترم ايوب آفريدي کي گهڻو نوازيو آهي. ٽنڊو آدم وارو MPA فدا حسين ڏيرو ته آفريدي صاحب جو پڳ مَٽ يار آهي، هي هڪ انتهائي سياڻو ۽ سمجهدار شخص آهي، هي وقت جو مڪمل فائدو وٺي ڄاڻي، هن جي پوسٽنگ گهڻو وقت هيڊ ڪوارٽر ۾ رهي آهي. هن جي ڇهين حس تيز آهي. هن کي اڳواٽ خبر پئجي ويندي آهي ته هاڻ هيڊ ڪوارٽر ۾ تباهي اچڻ واري آهي ته هي اتان نڪري سائيڊ پوسٽ وٺي ويهي رهندو آهي ۽ جڏهن محسوس ڪندو آهي ته هاڻ طوفان ٽري ويو ته هي واپس پنهنجي اڳوڻي جاءِ تي ويهي رهندو آهي. هي شخص ڪچري جو ڪوڏيو آهي. هن جي ڪچهري ۾ مصري ماکي جهڙي مناڻ آهي، هن جي ٽيبل جي چوڌاري هر وقت مهمان ويٺل هجن ٿا. ويٺل مهمانن جي سامهون ٽيبل تي پليٽن ۾ هر وقت هر قسم جو نمڪو پڳل چليل پڳڙا ۽ گرم گرم چانهه حاضر هجي ٿي. هي ا ڳ اسٽائل جو آفيسر منهنجو آئيڊيل آفيسر آهي، هن جو مون تي شروع کان ئي راز رهيو آهي. مون سان گهڻي محبت ۽ حجت اٿس، جڏهن موڊ خراب هوندو اٿس ته مونکي پنهنجي روم ۾ اچڻ ڪانه ڏيندو آهي ۽ جڏهن فرسٽ ڪلاس موڊ ۾ جمع خان ۽ فرحت ڪمال جهڙن دوستن سان ويٺو هوندو آهي ته مونکي ضروري گهرائي وٺندو آهي پوءِ مون تي سيڪسي چرچن جو حملو ڪري ڏيندو آهي، هي ويس نوابي ۽ ٺاٺ ٺوٺ وارا پهريندو آهي پر دل درويشي اٿس. هي ننڍي لاڪون کان ئي صورت ۾ تمام سهڻو ۽ طبيعت ۾ کلڻو ملڻو رهيو آهي. هي نيڪ سيرت، خوبصورت، خوش اخلاق، خوش خرم، خوش پوش، خوش

Scanned with CamScanner

لباس چگي چلت، وڏي هلت وارو، پنهنجي دور جو تمام فيش ايبل شخصيت رهيو آهي.
هي هينڊسم مرداڻي وجاهت شاهاڻي حسن و جمال ۽ جاهو جلال واري شخصيت اڄ به ايور گرين ۽ سدابهار آهي. هي وڏي عمر ۾ به نوخيز ڇوڪرو لڳي ٿو. هي منهنجي آفيسرن ۾ سڀ کان چگي شي آهي، هي هينئر 19 گريڊ جو آفيسر آهي، رب کيس اڃان به وڏي عزت ۽ چمار ڏيس (آمين).

محترم شفيق احمد ميمڻ

هي حيسڪو جو ذميوار آفيسر محترم شفيق احمد ميمڻ، حيسڪو ۾ مئنيجر (ايڇ آر ايم) آهي. پاڻ گڏو گڏ Recruitment Cell ريڪروٽمنٽ سيل (نوڪريون ڏيڻ) جا انچارج آفيسر پڻ آهن، پاڻ بنا ڪنهن سفارش جي ميرٽ تي بي انتها نوڪريون ورهائي چڪا آهن. هن غير معمولي، قابل فخر ۽ سدا بهار آفيسر جي هي برڪتن ڀري ڪرسي تاحيات پڪي آهي. هي عهدو ڇڻ ڪيس ڏاڃ ۾ مليل هجي، ماڻ ڪيس پينگهي ۾ لولي ڏيندي دعا ڪئي هئي ته پٽ شفيق، الله ڪندو تون وڏو آفيسر ٿيندين ۽ غريبن ۾ نوڪريون مفت ورهائيندو رهندي، ماڻ ڪيس شايد اهو به چيو هجي ته پٽ هڪ اصول ياد رکجان، دنيا کي نوڪريون ڏيجان، پر ان آغا قيوم جي ڪنهن به اولاد کي نوڪري نه ڏيجان. هي صاحب عقل ۾ علم ۾ وڏو، ايماندار، ديانتدار، رعبدار، اصول پرست، بي ڊپو، اداري جو ذميوار ۽ خيرخواهه، پنهنجي عملي جو قدردان، معاملي جي تهه تائين پهچڻ جي صلاحيت رکندڙ، انسان پسند ۽ پورو پورو انصاف ڪندڙ انسان آهي. انسان خطا جو گهر آهي، ڪڏهن اسان کان وقتي پل ڇُڪ ٿي به هوندي ته هن مهربان شخص مهرباني جي نظر سان اسان کي معاف ڪري ڇڏيو هوندو. مان هن شخص جي نهايت ئي عزت ڪندو آهيان ۽ هي به موت ۾ ان کان به وڌيڪ عزت ڏيندو آهي، رب ڪيس اڃا به عزت وارو ڪري.

محترم مانجهي خان هنگورجو

* صبح سانجهي، آنڊي مانجهي لالي ۽ جي رڱو ها جي، نه جي (آغا قيوم)

* اٽل اڏول ارادو جنهن جو — هنگورجي جهڙو ڪير
سنڌ ڄڻيو ڪو اهڙو ناهي — مانجهي مڙس مٽير (آغا قيوم)

* اهي ته طوفان وڏا پيا، وڏندا، هينئر ته مانجهي هنيان نه هاريو.
سڄن سان ساگر سڪانه ڪڏهن، گهرڻ سان گهتجي نه ڪالهر آ. (حليم باغي)

* ڪري ياد روئيندين جي ورق ورندا — ته مانجهي موتيا منزل ڳتي سڀ ڪشالا
(ڊاڪٽر شاهه عنايت موسوي)

اوهان صوفي راڳي مانجهي فقير ٻڌو هوندو، اوهان ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ جي ڊائريڪٽر محترم ڊاڪٽر محمد علي مانجهي کي به سڃاڻيندا هوندا پر هاڻي اچو ته اوهان کي ملايون حيسڪو (واپڊا) جي ڊپٽي مئنيجر (TMP) محترم مانجهي خان هنگورجي سان مانجهي سعنيٰ (بحري ٻيڙي يا جهاز جي مسافرن ۽ ڪپتان

Scanned with CamScanner

جو رهبر ۽ رهنما) هي حيسڪو جو رهبر ۽ رهنما هي جوڌو جنگ جوان، هي مانجهي مور مهان، ڪهڙي ۽ هٺونگو شهر لڳ اچڙي ٽر جي ڳوٺ جڪرو خان هنگورجو جو آهي هي پنهنجي ڳوٺ پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي ذات ۾ واحد پڙهيل لکيل ۽ اڪيلو آفيسر آهي. هڪ پڙهيل لکيل ماڻهو ئي آفيسر ٿي سگهي ٿو، هي منهن مهانڊي، ڪپڙي لٽي ۽ اٿڻي ويهڻي ۾ خانداني آفيسر لڳندو آهي. ڪاموري زندگي يا آفيسر شاهيءَ ۾ هن ذات جا اوهانڪي مشڪل ملندا، هي حيسڪو جي ڪشتيءَ جو ناکُءُ يا مانجهي حيسڪو کي قدرت طرفان مليل هڪ انمول ۽ ناياب تحفو آهي، هي حرف نه ڪوئي آيو، مانجهيءَ ماڳ ملهايو، عمر ٿوري قد ۾ بيشڪ ننڍڙو آهي، پر هن جي هن اداري ۾ قدر و قيمت تمام وڏي آهي. هي پنهنجي عمر ۾ حد کان وڌيڪ چاڙهو، هوشيار ۽ سخت محنتي شخص آهي، هن کي پنهنجي ڪم تي غير معمولي عبور حاصل رهيو آهي. هي ڪم کي تمام گهڻي اهميت ڏيندو آهي. هي پنهنجي ڪم ۾ مڪمل فنا ٿي ويندو آهي، هي گڏجي ڪم ڪرڻ (Team Work) جو قائل آهي هونئن به ٽيم کان سواءِ ڪو به ڪم ڪرڻ ممڪن ناهي. هي عظيم ناهي پر هن جو ڪم هن جو عمل عظيم آهي، ننڍي قد واري غير معمولي انسان جرمني جي هٽلر جنهن دنيا تي راڄ ڪيو. علامه آءِ آءِ قاضي جنهن VC تي سنڌ يونيورسٽي تي راڄ ڪيو. تنهن هي مانجهي خان پڻ حيسڪو تي راڄ ڪرڻ چاهي ٿو.

هي گهٽ ڳالهيندڙ طبيعتن خاموش، مڪمل خشڪ ۽ سخت مزاج آهي. هي آفيسر ڊيسپلين ۽ وقت جو سخت پابند آهي مسٽر رول چيڪ ڪرڻ هن جي بهترين هابي آهي. ايڊمن برانچ جي عزت ۽ ذلت هن جي هٿن ۾ آهي. ڊيسپيچ برانچ جي بگڙيل صورتحال جو ليکو به ڪيس مليل آهي.

بحرحال اهو مجبو ته هن ۾ مونکي سڌارڻ جون وڏيرون صلاحيتون آهن. هي ائين مونکي سڌارڻ جا حڪم جاري ڪندو رهندو ته ممڪن آهي ته مان سڌري به وڃان، في الحال ته منهنجا به پير زمين تي نه آهن. هن کي ۽ مونکي خبر آهي ته اسان ٻئي هڪٻئي کي ڪجهه به ڪري نه سگهنداسون، پر جيڪڏهن سياڻي مان سڌري ويس ته اهو ڪمال يقينن هن کي حاصل هوندو. اهو ڪريڊٽ هن کي مان هاڻ ئي ايڊوانس ۾ ڏئي پيو ڇڏيان.

محترم محمد صادق کُهر

مون ڪٿي پڙهيو هو نه رنجيت سنگهه لکيو هو ته "سيلارجا جو پاڻي صاف شفاف ملو ۽ لذت وارو آهي، ائين ڄڻ امرت ڌارا هجي" مان به چوان ته هن شخص کهر صاحب ۾ ايتري ميلاڄ ڇو آهي؟ محترم محمد صادق کهر صاحب حيسڪو ۾ ڊپٽي مئنيجر پبلڪ ريليشن آهن. ضلعي خيرپور ميرس ۾ سيلارجا نالي هڪ اسٽيشن به آهي ته هڪ ڳوٺ به آهي "سيلارجا پالا" اهو منهنجي يار غفور سومري جو ڳوٺ پڻ آهي جنهن ڀاڳ وارا زمانه ليکڪ وڪيل امان الله سومرو پڻ پيدا ٿيو. ان سيلارجا پالا لڳ هڪ

Scanned with CamScanner

خوبصورت ڳوٺ صادق ڳهر پڻ آهي. صادق ڳهر هن صادق ڳهر جو ڏاڏو هو. جنهن هي ڳوٺ ٻڌو ۽ سندس پنيان به اهو نالو ڳوٺ تي ۽ سندس هن پوتي تي رکيو ويو. اسان جي هن آفيسر ڳهر صاحب جو ميڊيا سان ننڍپڻ کان وٺي ناتو رهيو آهي، ميڊيا سندس گهر ۾ موجود هئي. سندس والد علي شير ڳهر پنهنجي وقت جو مجيل صحافي هو. ضلعي خيرپور ميرس جا ٻه محنتي صحافي هڪ غلام عباس ڀنڀرو جنهنجي اڄ به عبرت جي مالڪن اڳيان عزت آهي ۽ ٻيو علي شير ڳهر جنهن کي هو ڪڏهن به وساري نه سگهندا، وسريو نه ڳهر صاحب جي عزيزن قريبن کان مرحوم انور ڳهر (جاني) به ناهي، جيڪو نوجواني ۾ ڇپان ۾ ڪنهن روڊ حادثي ۾ وفات ڪري ويو. جنهن کي ٽپيدار منظور ڳهر، نيڪ محمد ڳهر، ولي محمد ڳهر، محمد سومر ڳهر، ماڪن ڳهر، ڊاڪر حسين ڳهر ۽ دلشاد ڳهر اڄ به ياد ڪن ٿا. هنن ڳهرن ميڊيا کي چڱو ڀڙو، ڏٺو ۽ سمجهيو آهي. محترم صادق ڳهر جو پٽ ثاقب صادق ڳهر مهراڻ چينل تي آهي، ته شڪيل ڳهر عبرت ۾ شاهد ڳهر ايڪسپريس چينل تي آهي ته مون وارو يار اشرف ڳهر وري PTV تي آهي. مطلب ته هي ڳهر پوري ميڊيا تي ڇانيل آهن. محترم صادق ڳهر صاحب کي حيسڪو ۾ پڻ اهو اهم شعبو مليل آهي، هي سموري اخبارن ۾ اشتهار ڏيارڻ، پريس ريليز جاري ڪرڻ، اخبارون خريد ڪري، ان مان حيسڪو جون خبرون ڪٽنگ ڪري CEO کي پهچائڻ ۽ ان تي هڪلم عمل ڪرائڻ جو پابند آهي، هي پنهنجي انهي ميڊيا جي وابستگي سان هن اداري کي ڪامياب رکندو اچي، ان کان سواءِ ڳهر صاحب ٻيون به ڪوڙ ساريون خدمتون انجام ڏيندو رهي ٿو، هن حيسڪو مان حيسڪو نيوز نالي رسالو پڻ جاري ڪيو. حيسڪو ۾ 118 هيلپ لائين پڻ سندس ڪوشش جو ڦل آهي. حيسڪو جي ويب سائيٽ، حيسڪو جا خوبصورت ملازم ڪارڊ، حيسڪو آفيسن جا ٻرندڙ سائين بورڊ، سيفٽي لاءِ پينافليڪس تي پرنٽ هدايتون جاري ڪرڻ وغيره، واپڊا جي منسٽر يا حيسڪو جي ڪلي ڪچهري هجي يا ڪنهن آفيسر جي مان ۾ ڊنل پارٽي. ڪنهن نئين ڳوٺ جي بجلي جو افتتاح هجي يا ڪو حيسڪو جو سيمينار، هي شخص سڀ کان اڳيان اڳيان رهندو آهي. هي حيسڪو کي درپيش مسئلن جي حل، توڙي انهن خدوخالن (GAPS) کي پورو ڪرڻ، سسٽمن ۽ ڪجھ بنيادي نوعيت جون تبديليون آڻڻ جي طريقيڪار کي يقيني بڻائي ٿو. هي جستجو جي خزاني سان ڀريل آهي، هن ۾ پنهنجي طرز عمل جي معنيٰ تبديل ڪرڻ جي معجزانه صلاحيت آهي هي پنهنجي وڏيڪ دلچسپيءَ ۽ تجربي سان هن اداري کي سڌارڻ ۽ سوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هي اداري جي جان، اداري ۾ جان وجهڻ لاءِ ۽ واڌ ويجھ لاءِ پنهنجي ڄاڻ ۽ علم مطابق ڏينهن رات پاڻ پتوڙي ٿو، اداري لاءِ جاکوڙ به هڪ عبادت آهي، هي قداور ۽ انهتائي متاثر ڪندڙ شخصيت، جنهن جي شخصيت ۾ وڏو نڪار ۽ وقار آهي، هي فقير ۽ درويش ماڻهو هن اداري جو حقيقي مالڪ آهي. درحقيقت هي پنهنجي ذات ۾

هڪ اعليٰ قسم جي انجمن آهي. هي هڪ شخص نه پر هڪ ادارو آهي، سنڌس ذات، ڏاهپ ۽ ڏاهپ سان هي اداري ڏينهن ڏينهن فيضياب ٿيندو رهي ٿو. هن شخص جو مون ٿي وڏو راز آهي. هن طرفان مون سان ڪڏهن به برادرانه سلوڪ ۾ ڪمي ظاهر نه ٿي، هي جڏهن PRO هو ته مان سنڌس انڊر ۾ ڊپٽي PRO سڏائيندو هوس، هن جو ان دور ڪان مون سان قرب هلندو اچي. هن نوڪري ڏاڍي همت سان ڪئي ۽ ان مان پاڻ کي ٿاهيو، هن پاڻ کي پاڻ ٺاهيو آهي، هي تازو عضيٰ واري عيد تي پنهنجي فيملي سان گوٺ ويل هو، ته پويان سنڌس ايگريڪلچر پلازه واري فليٽ تان چور سنڌس گهر مان الهه تاهه ٻواري ويا، چور جڏهن هن جي ڪل ميڙيل حق حلال جي موڙي ميڙي ويا ته هن کي ان جو ڏاڍو ڏک پهتو ۽ ڪيس دل جو اٽيڪ ٿيو. پاڻ جڏهن حلال احمر جي دل جي اسپتال ۾ داخل هئا ته اسپتال جي اندريان توڙي ٻاهريان هن کي چاهيندڙ جو هڪ هجوم جمع هو، انهي ۾ مان هن جي اهميت ۽ محبت جو اندازو لڳي سگهجي ٿو. خدا کين ڊگهي عمر درازي عطا فرمائي (آمين).

محترم لونگ خان جکراڻي

محترم لونگ خان جکراڻي حيسڪو ۾ مئنيجر (ايل اينڊ ايل) آهن. هي حيسڪو جو واحد آفيسر آهي، جنهن جي عهدي ۾ ٻه لازم آهن (لام ٽي زور) اينڊ جي شروع ۾ ٻه ايل ته اينڊ جي اينڊ ۾ ٻه ايل، اڳيان ٻه ايل ته پويان ٻه ايل، حقيقت ۾ مونکي ٻه ان ٻن لنن واري برانچ ۾ هيٺ ڪپي آ. هڪ ڀيرو هن هالا جي ملازم جي وفات ڪانپوءِ خالي پيل جاءِ تي مونکي گهرائڻ لاءِ مٿي لکي پڻ ڏنو هو، پر شايد ڊسپيچ تي منهنجي گهرج وڏيڪ هئي، ان وقت منهنجي جواني ٻه هئي جکراڻي صاحب جي ته عيد ٿي وڃي ها. پر خير هاڻ ٻه اڳتي ٻه ٻه ٻروچ ويٺا آهن، هڪ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر علي خان جمالي ۽ ٻيو هي، مان هتي هجان ها ته هي ٻئي مونکي ڪورٽن ۾ ٻچائي ٻچائي اصل منهنجي ڪالهه گرم ڪري ڇڏين ها، محترم لونگ خان جکراڻي جو شمار حيسڪو جي قداور، هينڊسم ۽ باوقار شخصيتن ۾ ٿئي ٿو، هن ۾ پڻ هڪ سٺي آفيسر جا سڀ طريقا موجود آهن. هڪ انتهائي باشعور، سجاڳ ۽ ذهين آفيسر، جيڪو عملي سان ته هر وقت ڪلندو ملندو رهي ٿو پر حيسڪو جي ڪرتا ڌرتا ۽ فيل مستن کي هر وقت چرڪائيندو پڻ رهي ٿو. هي تن کي اهو سبق ٿو ياد ڏياري ته "غلطيون رڳو وسارڻ لاءِ ناهن هونديون، اعليٰ آفيسر نه اعليٰ عمل هوندو آهي، هڪ اعليٰ آفيسر پنهنجي ڪيل غلط فيصلن تي ملازم کي پنهنجي مفاد لاءِ نقصان پهچائي ٿو ته اهو عظيم نٿو رهي" اهو ئي سبب آهي جو حيسڪو جو سمورو عملو هن عظيم انسان جي راءِ ۾ پنهنجو احترام وڃائي ڇڏيندو آهي.

محترم محمد عثمان ميمڻ

محترم محمد عثمان ميمڻ صاحب اسان وٽ هاڻ حيسڪو ۾ ڊپٽي مئنيجر (CS) آهن. هڪ بهترين آفيسرن ۾ جيڪي وصفون هجڻ کپن سي هن انسان ۾ موجود آهن. پاڻ پتوڙيندڙ، هڏوڪي، محنتي ۽ جفاڪشي، هن جو شمار انتهائي ذهين ۽ قابل

Scanned with CamScanner

آفيسرن ۾ ٿئي ٿو، هي هڪ ڪامياب آفيسر سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو پنهنجي سچائي، خلوص، نيڪ نيتي ۽ اداري سان وفاداري ڪري اداري جي تمام ويجهو آهي. مٿياري جو هي ميمڻ آفيسر پنهنجي ذات ۾ هڪ شاندار ۽ خانداني قسم جو ماڻهو آهي، هن جو ڪردار بلڪل بي داغ آهي. هن جي پوري ڪيريئر ۾ ڪا به ڪرپشن ثابت نه ٿي آهي. هڪ پڪو ديندار، مانيٺو حليم، شائسته، سادو، سنئون سڌو، درويش صفت انسان، سٺي اخلاق ۽ سٺي ڪردار جو مالڪ، اندر جو ۽ دل جو اجرو، نرم دل فراخ دل، رحمدل، دردمند، خداترس بنهه گهڻو مهربان. هڪ عاليشان محبتي ماڻهو، جيڪو سڀ سان محبت واري وات وٺندو ۽ هر ننڍي ملازم جي عزت ۽ مالڪي ڪندو آهي جيڪو انسانِي اخلاقن جي معيار کي پرکڻ جي صلاحيت رکي ٿو، جيڪو دل قول ۽ عمل جو سچو آهي، جيڪو منافقت کان ڪوهين ڏور آهي. هڪ اهڙو نيڪ نيت انسان جيڪو سڀ جو ڀلو چاهي ٿو، جيڪو هر وقت پنهنجي ملازمن جي مفادن جو ڀرپور خيال رکي ٿو، جنهن ڪڏهن به ڪنهن ملازم کي نقصان ڏيڻ جو سوچيو به ناهي. هڪ سنجيده انسان، هڪ مثالي آفيسر، جيڪا ڳالهه چئي ڇڏي سا چئي ڇڏي، پوءِ ڀلي ڇا به ٿي پوي. مڙس ماڻهو واعدو هر صورت ۾ پورو ڪندو. هن عظيم انسان مون سان ان ڏکي وقت ۾ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو، جڏهن حيسڪو جا ڪرتا ڌرتا آفيسر به مون لاءِ ڪجهه ڪري نه سگهيا ته هن عملي طور اهو ڪري پنهنجو وعدو پورو ڪري ڏيکاريو پوءِ ڇو نه مان اهڙي نر ۽ مڙس ماڻهو جي واکاڻ ۽ چڱائي لکان.

مئڊم پشمينا شيخ

مئڊم پشمينا شيخ حيسڪو ۾ ڊپٽي مئنيجر (سروسز) آهن. مر[illegible] سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي مردن جيان پنهنجو ڀرپور رول ادا ڪندڙ هي سائڻ جنه[illegible] جي عظمت ۽ عزت وڏي آهي. انتهائي پراعتماد باوقار ۽ هڪ دلير آفيسر، جنهن حيسڪو ۾ پنهنجي وجود جي مڃتا مڃائي آهي، هونئن به اسان جي معاشري ۾ عورت جو در[illegible]سل وڏو مقام آهي. سنڌ ڄائي، سنڌ راڻي محترمه بينظير ڀٽو صاحبه پهرين سنڌياڻي هئي، جنهن پهرين مسلمان عورت ۽ پهرين پاڪستاني عورت جو اعزاز ماڻيو، جنهن پاڪستان جي وزيراعظم ٿيڻ جي اقتدار ماڻيو، جڏهن ته هزاري سان اڳ عورت جو مڙهه مقام ۽ بڻ بنياد رڌٿو هو. پر اڄ جي عورت وڏا وڏا ادارا هلائي ٿي ۽ اهڙي ڪاميابيءَ سان هلائي ٿي جو خود مرد به حيران آهن. هي حيسڪو جي انتهائي معتبر هستي عملي جوں تڪليفون دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي خدمتي ۽ محبتي جذبن تحت هر وقت پنهنجو پاڻ کي پيش ڪندي رهي ٿي ۽ ملازمن جي ننڍين ننڍين مسئلن کان وٺي اهم مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ پڌم اڳي حاضر ٿي وڃي ٿي. نه ڪيس پنهنجون ٻيڪون ڳڻائڻ جي عادت آهي، نه ڪيس گهڻو يا فضول ڳالهائڻ جي عادت آهي، بس هي فرض شناس آفيسر نه هر وقت پنهنجي ڪم ۾ مصروف ۽ رڌل رهي ٿي. هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته هي عام عورت نه پر عظيم انسان آهي.

محترم محمد يعقوب گوپانگ

محترم محمد يعقوب گوپانگ صاحب جنهن سخت محنت ۽ لاڳيتي جاکوڙ سان هي هڪ اعليٰ منصب ۽ مقام ماڻيو. جنهن پنهنجي وجود مان دنياداري، تڪبر غرور لالچ ۽ لوڀ کي تڙي ڪڍيو. غرور کان پري هن ڪڏهن به وڏائي نه آندي، تمام نيچرل ماڻهو پنهنجو مٽ پاڻ، روشن دماغ، سادو سٻاجهڙو حساس ۽ سچي دل رکندڙ انسان، قلم هٿ ۽ دل جو سخي، ڪائنس نقصان ڪنهن انسان کي ڪو نه پهتو. ملازم هن جي انتهائي عزت ڪندا آهن ڇو جو هي غريبن جو همدرد آهي. هن شخص کان ڪئي ملازم متاثر آهن. تنهنڪري اڄ تائين سندس نالو ڳائبو اچي ٿو. هي جتي به ويو پنهنجو نالو ڇڏي آيو. هي صاحب هڪ تجربيڪار ۽ سچي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکي ٿو. حيسڪو ۾ هن جو هئڻ حيسڪو لاءِ عزت جو باعث آهي. واسڪيٽ پاتل واڪنگ اسٽيڪ هٿ ۾ جهليل هي مسيحا انسان هڪ دلبر ۽ نر آفيسر آهي.

محترم اقبال ميمڻ

محترم اقبال ميمڻ صاحب هن وقت حيسڪو ۾ ڊپٽي مئنيجر (ايم ايم) آهن، هن فقير طبيعت ماڻهو، هن آدرشي انسان ۽ هن فرشتي لاءِ به ڪجهه چوڻو پوندو. قابل ذڪر ۽ قابل تعريف آفيسر نه پر هڪ مخلص بي لوث دوست، وڏو نالو شاندار پرسنلٽي، هڪ غضب جو ماڻهو، جنهن جي صحبت ۾ راحت ۽ گفتگو ۾ سواد آهي، جنهن جي چپن تي هر وقت مسڪراهٽ وکيريل آهي. جيڪو پاڪر پائي اندر ۾ ٺار ۽ ٻاهرين گرمي کي ٺڏڪار ۾ بلائي ڇڏي ٿو. جنهن جا رقيب گهٽ ۽ رفيق بي انداز ۽ بي پناهه آهن. جنهن وٽ دوستيون نڀائڻ جو ڀرپور ڏانءُ آهي. هي يار ويس، جنهن ۾ ڪو به غرور ڪا به وڏائي ناهي، جيڪو انتهائي ذهين، قابل ۽ سمجهدار آهي. جنهن جو ذهني معيار تمام بلند آهي. جيڪو هڪ اعليٰ قسم جي سوچ جو مالڪ آهي. جيڪو پنهنجي شعبي جو ماهر آهي. جيڪو پنهنجي ذميواري ۽ پنهنجي مقصد سان مخلص آهي. جيڪو عزت ۽ وقار سان پنهنجي هڪ الڳ ٿلڳ دنيا ۾ رهي ٿو. اهڙو ڪل مڪ ۽ فضيلت وارو ماڻهو جيڪو منهنجي دل وتان آهي، ۽ منهنجي خوشين ۾ اضافو آهي، هي ٻاجهارو شخص وقت به وقت معنائون ڀري مرڪ ڀري مونکي پاڻ وٽ گهرائي گرم گرم چانهه مان سرڪيو پرائي ٿو، هي جهڙي جو جاني جڏهن هر عيد تي پنهنجي ملازمن ۽ رشيدارن کي عيدي ڏيندو آهي ته مونکي پڻ يادرکندو آهي. هن جو هر قرب ڇڻ مون لاءِ عيدي آهي.

محترم عبدالعزيز نظاماڻي

MN SHE'AH BANA, SUN'E BANA, DEOBAND WA, BIRELVI BANA,
NA BAN SAKA TU AZIZ EK ACHA MUSALMAN NA BAN SAKA.

AZIZ NIZAMANI

اڪ پاسي ميري رهن وهابي – اڪ پاسي ديوبندي
اڳئي پڇهي شيعه سنّي – ڏاڍي فرقه بندي
وچ وچالي ساڏا ڪوئنا – قسمت ساڏي منڊي
اڪ محل تي آٺ ميستان – ڪيڏي ڪرين پابندي (بلي شاهه)

Scanned with CamScanner

محترم علي انور جوکيو

مونکي فخر آهي تہ محترم علي انور جو کيو صاحب جھڙو نہ آفيسر منھنجو آفيسر هو، آهي ۽ انشاءَ الله رهندو. هن معتبر شخصيت جي هن دارين ۾ بامعنيٰ حيثيت آهي. سندس قابليت، صلاحيت ۽ ذهانت کان ڪنهن کي بہ انڪار ناهي. هي مسلسل محنت ۽ جدو جهد ۾ يقين رکي ٿو، هي اهل دل انسان، هي دلين جو دلبر، هي هر دلعزيز شخصيت دل ۾ خدا جو خوف رکي ٿو، هي سخي ديانتدار شخص هميشہ ٻين جي ڀلائي لاءِ جاکوڙيندو رهندو آهي. هي هڪ وڏي اعليٰ پائي جي سوچ ۽ اعليٰ ظرف جو مالڪ آهي، هي آفيسر نہ پر ملائڪ آهي. ٻيا آفيسر جئين عهدن ۾ ويندا آهن وڏا ٿيندا ٿئين سندن دل ويندي آهي گهٽبي، پر هي تہ درياهہ دل آهي، هي ڏکن سورن جو سهارو، هي ماڻهو پيارو، بي سهارا، هيسيل ۽ مايوس ملازمن ۾ جئڻ جو حوصلو آهي. هن جي شخصيت ۾ همدرداڻو ۽ شفقتاڻو رويو سمايل آهي. هي هر ڏوهہ درگاز ڪندڙ، ڪنهن جي بہ دل ڏکائڻ نہ چاهيندو آهي. هڪ سچو ذات ڏٺي جنهن علم سان لونءِ لاتو آهي، هڪ سچو قوم پرست جنهن جو ڌرتيءَ سان پيار بہ شامل آهي. جنهن کي دنياوي لالچن کان بيزاري رهي آهي. جيڪو الله سان بہ عقيدت ۽ محبت رکندڙ آهي. هي جيڪو هر جمع تي پنهنجي بنگلي تي ٽيهن چاليهن مهمانن کي گهرائي ويهاري دين جو ڳالهيون ٻڌائي، مراقبو ڪرائي، نماز پڙهائي، عمده طعام ڪارائي ٿو ۽ جيڪو پنهنجي خرچ تي مذهبي ڪتاب ڇپرائي مفت ۾ ورهائي ٿو. هي نيڪ ۽ سخي انسان اڄڪلهہ غير ضروري انڪواريون ڀوڳي رهيو آهي، هن ان کان اڳ بہ تمام گهڻو ڀوڳيو آهي، پر قدرت ڪيس هميشہ باعزت بري ڪيو آهي. هن شخص جو سيڪو سلامي هو، طاقت کان ٻاهر نڪرڻ بعد اهي ساڳيا ماڻهو بدلجي وڃن ٿا. ايتري قدر جو ڪيترا هوشيار، چالاڪ ۽ مڪار ماڻهو جيڪي هن جا پنهنجا هئا. هن جي شرافت ۽ سادگي مان غير واجبي فائدو وٺي سندس بدنامي جو باعث بڻيا.

محترم ظفر اقبال اعوان

هي ڊائريڪٽر پنهنجي وقت جي سمورن سي اوز تي غالب رهيو. ماڻهو سڄو ڏينهن هن جي آفيس جي ٻاهران ملاقات لاءِ انتظار ۾ ويٺا هوندا هئا، پر هي ڪنهن کي بہ لن نہ هٿندو هو. هي آپي کان ٻاهر جيءَ جنجال سڀ کان وڏو آزار هو، ملازمن جا سندس ٻاري ۾ رايا مناسب نہ هئا. هي پٺيوالن تي بہ احمد سعيد سولنگي جيان پنهنجي انگريزي جاڙيندو هو. هي ٿڙي سان نہ ٻاڪ ۽ ڳڻي سان ڳالهائندو هو. هي انتهائي گهٽيا درجي جو ڪرپل انسان وڏو مغرور هو، پاڻ کي هوشيار ايمانداري ۽ آلائي ڇا ڇا سمجهندو هو. هي اول تہ برانچ ۾ ايندو نہ هو ۽ جڏهن برانچ ۾ ايندو هو تہ ملازمن ۾ ٿاهہ پئجي ويندو هو. ملازم هن کان ايترو ڊڄندا هئا جنهن جي ڪا حد ناهي، سڀ هن جي هڪ اشاري تي

نچندا هئا. هي جڏهن عقابي اکيون گهوري ڪنهن کي ڏسندو هو ته اڳلو ڏڪي ويندو هو ته هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟ هي جڏهن نرڙ تي گهنج آڻي رعب ۽ دٻدٻي واري آواز سان ڪنهن کي سڏ ڪندو هو ته چڱي ڀلي ماڻهو جو پيشاب نڪري ويندو هو. هي ڪنهن کي پنهنجي آفيس ۾ اندر اچڻ جي اجازت گهرڻ تي YES به ايڏي ته دٻدٻي سان چوندو هو جو اڳلو منجهي پوندو هو ته اندر وڃان يا اتان ئي ڀويان پير ڪيان. ملازم سندس آفيس ۾ سڏ تي ساهه روڪي ائين ايندا هئا ڄڻ اڏي تي چڙهيل هجن، هن پنهنجو دٻدٻو سڄي دنيا کي ڏيکاريو پر مان هڪ پل به هن کان ڪانه ڊنس، انهن مڙني ڳالهين جو مون تي ڪو به اثر نه ٿيو، مون اهڙن حڪمن جي ٽڪي جيتري به پرواهه نه ڪئي. ڪنهن جي پرواهه نه هجڻ جو احساس ئي دل کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪافي هو. هي ته منهنجو منهن ڏسڻ به پسند نه ڪندو هو، ظاهر آهي حڪم نه مڃڻ جو ڀوت ڪئين وٽندو. (هونئن به منهنجو ڀوت وٽڻ جهڙو ناهي) هر ملازم هن بدبخت شخص کان نفرت ڪندو هو. مان به هن سان نفرت ڪندو هوس، تنهنڪري صبح صبح سان هن منحوس جي شڪل به ڏسڻ پسند ڪانه ڪندو هوس، پين کي ستائڻ هن کي سٺو لڳندو هو. مان هن جي هرويرو خوشامد ڪو نه ڪندو هئس. هن جو مون سان رويو غير مهذب هو. هن جي ته مون سان پوندي به ڪانه هئي، هي مونکي هرويرو پريشان ڪرڻ لڳو، هن سڄو وقت مون درويش شخص کي پريشان ڪيو، مان هن جو سڄو دور مخالفت ۾ رهيس، سڄو ترم عتاب هيٺ آيل رهيس، ڪڪ ڪري مارين، ڏاڍو ستايائين، ننڍي ننڍي ڳالهين تي مسلسل تنگ ڪندو رهيو. منهنجي نڪ ۾ نٿ وجهي اٺ جيان يا ڳچي ۾ رسي وجهي مداري جي ڀولڙي جيان نچائيندو رهيو. مان ڄڻ واڳهون جي وات ۾ هئس، هي سوئر منهنجي رت پي ويو هو، آخر هڪ ڏينهن نه راهه الله نه راهه رسول سسپينڊ ڪري ڇڏين، هي ته مون تي اڳئي ڏمريل هو اهو ته ڪو سڪٽو بهانو هو، دٻنامو مليو ڄڻ سزا هئي. بنا ڏوهي جي لڙڪائي ڇيو پيو وڃي ته "ڇا توکي ڏوهه قبول آهي". اهو فيصلو گهٽ ۾ گهٽ مان ته منظور ڪو نه ڪندس، مون ناقابل بخش جرم ته نه ڪيو هو. مونکي ضروري هئو وڃي ته جئين مان پنهنجي صفائي پيش ڪري سگهان. مون سان ڊپارٽمنٽلي زيادتي ٿي هئي، اها بي انصافي هئي. مان CEO مقبول احمد خواجه کي درخواست ڏيندس ته ڇا ٿيندو ڪجهه به نه ٿيندو. مان CEO وٽ ڪيئي شڪايتون پيش ڪيون، مون مئو مٺو پٽيو ته مون سان ظلم آهي، پر ان صاحب تي ان جو ڪو به اثر نه ٿيو. بس سپ اپليڪيشنون زيان ويون. مون هڪ آخري ڪوشش ڪئي مان PSO طفيل صاحب سان مليس ۽ ڪيس صفائي پيش ڪئي ته "مان پاڻ تي لڳايل الزام بابت پاڻ کي ڏوهاري سمجهان ٿو يا نه، جئين ته مان هڪ بالا آفيسر جي ماتحت آهيان، جنهن جي هٿ ۾ ڪات کهاڙو آهي. مان انهيءَ قابل ئي نه آهيان جو ڪا سازش ڪري سگهان يا جنگ جوٽي سگهان. ان ڪري مون مٿان مڙهيل الزام جڙتو ۽ بدنيتي تي مبني آهن"، ڏينهن ٻن ۾ هن بادشاهه جي دربان ڇيو ته مونکي سرڪار اندر گهرايو آهي مان اندر ويس ته

Scanned with CamScanner

اتي پيا بہ چام واندا ويٺا هئا. منهنجي مخالفن جا منهہ لٿل هئا، جڏهن مان CEO جي روبرو پيش ٿيس تہ هو سڀ آفيسر پاڻ ۾ سس ڦس ڪرڻ لڳا ۽ ٿوري دير کان پوءِ CEO صاحب مونکان پڇيو ”تہ ڏي حال ميان تون ساڳيون تہ نہ آهين جيڪو شريف ماڻهن خلاف اگهاڙو ڪوڙ لکندو آهين يا ٻيو آهين“. مون ڪيس وراڻيو تہ ”سر! اهو سوال منهنجي هن ڪيس جي متعلق نہ آهي باقي اوهان هن ڪيس بابت ڪجهہ بہ سوال ڪريو“، اهو ٻڌي هي تپي باهہ ٿي ويو، هن جي چهري ۾ همدردي نالي ڪا بہ علامت ڪا نہ هئي مونکي هن مان انصاف ملڻ جي بلڪل توقع ڪا نہ هئي. مون پاڻ سان ٿيل وارتا جي دانهن وري بہ ڪيس کي ڏني، جنهن هڪ ڪن کان ٻڌي ٻي ڪن مان ڪڍي ڇڏي، ڪو بہ ڪڙتيل ڪا نہ نڪتو، وقت وڏو بادشاهہ آهي هو هر ڪنهن جو فيصلو پاڻ ڪندو. پوءِ بہ سور سختيون جاري هيون. مان اهي بار بار ملندڙ عقوبتون زيادتيون بي واجبيون صبر سان برداشت ڪيون، اهو سولائي سان جند ڪا نہ ڇڏيندو، مان جڏهن ڏٺو تہ حالتون روز روز ناقابل برداشت ٿينديون وڃن ٿيون تہ مون هن سان سڌو سنئون ٽڪر ڪاڏو. ان باهہ ۽ آڳ ۾ پاڻ کي پچائي ڪاڙهيو، هر عذاب مون لاءِ چڻ ڪنٽا ۽ عيش ٿيندو رهيو، ملازم هن جي هڪڙي ئي دٻ تي هنگي ڏيندا هئا پر مون ڪيس اهڙو منجهائي ڇڏيو جو همراهہ جون وايون بتال ٿي ويون. مون انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ پريس ڪلب آڏو پاڻ پٽي ساڙيو، ان مان نقصانڪار نتيجن نڪرڻ جو امڪان هو. مان جي بچي ويس تہ اهو يقين هڪ معجزو هوندو نہ تہ اهو خون هن جي ڳچي ۾ تہ آهي. اخبارون پڙهي مون کي CEO صاحب گهرايو مان ٻيهر هڪ گهٽيا درجي جي جاهل وٽ پيس ٽيان سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي آخر حيسڪو هيڊڪوارٽر جي يونين جي چيئرمين محترم عبدالڪريم بلوچ مونکي ٽڪ لعنت ڪري زبردستي وٺي هليو مون CEO صاحب کان معافي ورتي، منهنجي گناهہ جي قرباني رائيگان ڪا نہ ويئي ۽ مان ٻيهر بحال ٿي ويس ۽ هو ڏانهن اها مصيبت ٽري. خدا ڪيو مس مس هن جنجال ظفر اقبال اعوان مان جند ڇٽي، سيڪو هن جي بدلي مان خوش هو. هن جي بدلي کان پوءِ وڃي ڪا بهار آئي.

محترم عبدالقادر جمالي

(O&M) کي ٻن حصن ۾ ٽوڙي هڪ کي (T&G) ۽ ٻئي کي ڊسٽريبيوشن بڻايو ويو محترم اجيت ڪمار کي (O&M) ڊسٽريبيوشن جو پهريون چيف انجنيئر مقرر ڪيو ويو. ان نئين دفتر ۾ LDC ظفر الله آريجو ۽ اسسٽنٽ غلام رباني منگريو کان پوءِ جو ڪيو صاحب مون ناڪارا کي سڀ کان هوشيار سمجهي بدلي ڪيو تہ ڊپٽي ڊائريڪٽر محترم ظهير احمد خواجہ ۽ منظور شيخ صاحب منهنجي جوائننگ وٺڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن مان CE اجيت ڪمار وٽ ويس تہ ان چيو ”پٽ هي ٽا چون تہ تون سڄي عمر ڊسپيچ تي رهيو آهين، ڊسپيچ کان سواءِ تو کي ٻيو ڪم نہ ٿو اچي، تو کي وٺي ڇا ڪنداسون هاڻ تون ٻڌائي ان کان سواءِ تو کي ڇا ٿو اچي“، منهنجي ڳچا سڙي

Scanned with CamScanner

ويا. اُهي ٻئي ڊپٽي ڊائريڪٽر ان وقت اُتي ويٺا هئا، مان انهن ڏانهن ڏسي صاحب کي چيو "مونکي سر! پڙوت جا سپ ڪم اچن ٿا". صدقو وڃان اجيت ڪمار تان ڪلي چئين "اسان کي تو جهڙو پڙوي جي سخت ضرورت آهي جيڪو گهر ويني ملي وڃي ته ٻيو ڇا کپي" ائين مان هن آفيس ۾ پڙوو تي ڪم ڪرڻ لڳس، پر مونکي محترم ظهير احمد خواجه هڪ سيڪنڊ به چين سان ويهڻ ڪانه ڏنو، جئين ته نئين نئين آفيس هئي اسان کي پنهنجي برانچ نه هئي ان لاءِ مان MMM برانچ ۾ محترم امداد شاه سان گڏ سندس ٽيبل تي ويهندو هوس. اُتي مون زندگيءَ جا ٽي بهترين دوست ٺاهيا هڪ محترم امداد شاه ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هڪ محترم عبداللطيف نظاماڻي صاحب جو وڏو پٽ محترم عبدالعزيز نظاماڻي ۽ ٻيو محترم اقبال ميمڻ جن کي مان ڪڏهن به وساري نه سگهندس. وري اسان جو دفتر ڪچي قاسم آباد گريڊ اسٽيشن تي (CM&O) جي دفتر ۾ رکيو ويو. محترم اجيت ڪمار ڪان پوءِ محترم مظفر اُڃڻ پوءِ محترم نظام الدين چارڻ ۽ آخر ۾ محترم عبدالقادر جمالي صاحب آيو. اُتي اسان تي شيطان مشهور هئاسون هڪ اطهر ميمڻ جيڪو منهنجي پائيتي آغا عابد جو سَرو پڻ هو (تازو فيملي سان حج تي ويو ته اُتي وفات ڪري ويو). ٻيو قمرالدين ڪلهوڙو جنهن کي مان قمرالدين ڪا لوڙا چوندو آهيان ۽ ٽيون مان، هي آفيسر جمالي صاحب نهايت شريف ماڻهو هو. ڪو ٽينشن نه هو. بغير چون چران جي سٺو وقت پئي گذريو. هڪ ڏينهن اوچتو خبر ناهي ڇو اطهر ميمڻ جو ٻلت ڦربو يونين جو چئيرمين هو، الٽي ڪوپڙي هو، هر وقت پستول ساڻ هوندو هوس پستول ڪڍي قمرالدين ڪلهوڙي کي گڏ وٺي صاحب کي ڊيڇارين، يا حسين گهوڙا مچي وئي. انڪوائري ٿي، ٻئي همراهه قمر ڪلهوڙو دادو ۽ اطهر ميمڻ لاڙڪاڻي جي هوا ڪائڻ لڳا اطهر جو ته ڳئي مان لاڙڪاڻو نڪري آيو معافي تلافي ٿي، ڏند ڏوهه پريون ۽ پوءِ "جُتون دي ڪوتي اُتنون آ ڪلوتي" وري ٻئي ٺڪ السلام عليڪم، وري ٽيڙو مڪمل هاڻ ته هالن وارو هو عيسو ميمڻ به اچي گڏيو. اها چنڊال چوڪڙي وري عروج تي، هڪ ڏينهن منهنجي ٿئي ڦٿي "اڙتا تير گانڊ ۾ لينا" جي چوڻي مطابق، روز پنهنجي مرضي تي ايندو ۽ ويندو هوس ڪڏهن به صاحب کان نه پڇيو، نه ئي ڪڏهن صاحب پڇيو، موڪل واري ٽائيم کان ڪلاڪ ڪن پوءِ صاحب جي ڪمري ۾ ويس "فقير ويه يا وڃي" اهو چوڻ ڇڻ پنيور کي باهه ڏئي ڇڏي، اهو، ڇُوت ٻروچ آپي مان نڪري ويو، اهو ڏينهن اهو شينهن جمالي صاحب اشرافت جو جو پو لاءِ ڦٽو ڪيو انهيءَ دوران ڪيس سيٽ به وڏي ملي، سيٽ ڇا مليس ڇڻ ته ٽيڪچي ويو. رهيل سهيل ساک به تباهه ۽ برباد ٿي ويس، انتظامي نقط نگاهه کان بيڪار رهيو باوجود طبيعت ۾ شريف هئڻ جي، نامرادي سندس نجهرو هئي، هي آپي پاپ آفيسر صفا اڳڙين جو لن هو، پوري سروس ۾ هن جهڙو ڇُوت پتل جي آفيسر مون نه ڏٺو. هي آفيسر جي القابيت کان به ناواقف هو. وڏو نالو هوس پر پرسنلٽي ٽڪي جي ڪانه هئس. جهڙي سندس ٻَوٽ هو ان ۾ ته آفيسر نٿي لڳو. هي آفيس ۾ سڄو ڏينهن، هڪ ئي ڪم ڪندو هو. پنهنجي ڊپٽي ڊائريڪٽر

غلام قاسم شاهاڻي صاحب کي پاڻ وٽ گهرائي ان جو لن پيو دائيندو هو، هي جي ايم بدقسمتي سان سنڌ تي اهڙي جيسڪو جو چيف ايگزيڪيوٽو ٿي رٽائر ٿيو، هن جهڙو اگو ٿي چاپ نااهل آفيسر CEO ٿي وڃي هن اداري جي اها ڪهڙي بدقسمتي ٿيندي، هن جي اوقات چاهئي، انهيءَ خوش فهمي ۾ هو ته مان CEO آهيان، ڪو هن مسڪين جي ٽڪي پئسي جي ته پڇندو ئي نه هو، پنهنجي ڊپٽي مئنيجر سروس محترم عثمان ميمڻ صاحب کان هڪ نئون ٽيليفون سيٽ گهرين جنهن ڪيس مٽي ڪٽي پراڻو ڏنس، هڪ سيٽ به ڪاڻ وٺي سگهيو باقي چالٽي جو CEO هو. هاڻ رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو آهي. بهرحال ڪجهه به هو پر ماڻهو شريف هو. الله ڪيس وڏي حياتي ڏئي.

118 (هيلپ لائين) جي روڙي

عهدو ۽ اختيار ڪيترن ماڻهن جي اکين تي پڙدو چاڙهي ڇڏيندو آهي. انسان ڪيڏي به درجي تي وڃي رسي تب به ڪيس اصليت وسارڻ نه کپي، اهو آفيسر اڄ آهي سڀاڻي نه هوندو. ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو هوندو. خبرناهي اهو ڪير هوندو. هي جئين جئين وڃي پيو عهدي ۾ وڌو ٿيندو تئين تئين سندس روپ وڃي پيو دهشت ڀريو ٿيندو.

هي پنهنجي عملي جو ازلي دشمن آهي دپ ڏيڻ هن جو مکيه اصول آهي. هي رڳو هر وقت عملي کي دٻائڻ ۽ ڌمڪائڻ ۾ پورو هوندو آهي هن جو ماتحت عملو به هن مسڪين جي لن پڇندو آهي، اسان هن بيزار ڪندڙ مصيبت مان هاڻ مانوس ٿي ويا آهيون اُپرن سيرن کي گڏ ڪٽي هلٽو پوندو آهي. منجهنس ڪاري ۽ ڪبري ۾ تميز جو مادو ڪونهي، سندس اڳيان روڏون سڀ هوت ڪاريون آهن، هي رڳو پاڻ مان مطمئن آنيس پاڻ کان سواءِ ڪنهن تي به ڀروسو نه ڪندو آهي. هي پنهنجي پو ڳناهن جو بدلو شايد اسان کان ولي رهيو آهي، هي هر وقت چڙ جي نگاهن سان ڏسندڙ هميشه ٿوڪيو ويٺو هوندو آهي. هي هر ڪنهن سان کهري نموني پيش ايندو آهي. هي ايترو ته مغرور آهي جو ڪنهن سان سڌي منهن ڳالهائيندو به ڪونه آهي. هي عزت جي نالي کان واقف ئي ناهي اهو ئي سبب آهي جو هي عزت وارن کي بعزت ڪندو آهي. هي عملي سان انتهائي بدسلوڪي سان پيش ايندو آهي. هي هر روز اچيو پنهنجي آفيس ۾ ڪنهن نه ڪنهن کي بنا سبب گهرائي يا برانچ ۾ اچيو بيعزتو، بيجزو ۽ ذليل ڪندو آهي. هي سختي طريقي سان به نه سمجهائي سگهي ٿو پر هي انسان جو نه ٿو ئي ناهي،هي پنهنجي حيثيت وڌائڻ ۽ اڳلي جي ساک گهٽائڻ لاءِ پنهنجي معتبري ظاهر ڪرڻ لاءِ هئي کي صرف ڪندو آهي ۽ هلڪڙائپ ۽ ٽرڙائپ جو مظاهرو ڪندو آهي، اهو رويو هر روز جو معمول آهي اها زيادتي، ناانصافي ۽ ذلالت برداشت کان ٻاهر آهي. ڪنهن سان ايڏو به نه ڪرڻ گهرجي، مون پنهنجي پوري سروس دوران اهڙو مغرور، ٽرڙو بي فيض ۽ اصل مرچوٽ آفيسر نه ڏٺو: هن جي هن اداري لاءِ ڪا به قابل ذڪر ڪنٽريبيوشن ناهي، هن جي عملي پرپٺ هن جو نالو روڙي رکيو آهي، روڙي به ملي هوندي آهي هي نه صفا

ڪوڙو توهه آهي، پر اسان تہ زهر کي بہ ماکي ڪيو چڙيون هن سان مقابلو ڪرڻ معمولي ڳالهہ ناهي پر مان هن جي هلڪي ڦلڪي دٻ تي ڏهجڻ وارو بہ تہ ناهيان.

آفيسر شاهي جي خداوندي

هي سنڌ جيڪا هميشہ وقت جي حاڪمن جي غلط پاليسين جي شڪار رهي آهي هي مدي خارج بيورو ڪريٽ هي سرڪاري ڪامورا، هي عملدار ۽ هي آفيسر شاهي هن ديس کي اوڏائي جيان ڪائي اندران ئي اندران کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان جي اهم ترين ادارن ۾ واپڊا بہ هڪ آهي. حيسڪو ان جي ڊيلي ڪمپني آهي. حيسڪو جي هن اداري سان واسطو رکندڙ آفيسرن جي فطرت کي سمجهڻ نهايت ڏکيو آهي، پر مونکي هنن آفيسرن جي نامناسب روشن جو خاصو تجربو آهي. مونکي پنهنجي آفيسرن سان نهايت گهري محبت پئي رهي آهي. مان تہ بزرگن، استادن ۽ آفيسرن جي عزت ڪرڻ سکيو آهيان. تنهنڪري اهو ناممڪن آهي تہ مان ڇاٽي واٽي انهن سان ٽڪرڻ گهرندو هجان، مان پنهنجي هٿن سان ئي پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هڻندس تہ ٻي مدد ڪٿان ملندي، پر مان تہ پنهنجو بچاءُ بہ تہ نہ پيو ڪريان مونکي ناحق سان مقابلو ڪرڻ وڏيڪ سٺو لڳندو آهي. آفيسر فرشتا تہ ناهن جو هنن جي خلاف نہ ڳالهائجي نہ لکجي، مڙس کي مڙس ۽ پاڙئي کي پاڙيو چوڻ حق آهي. هر نئين آفيسر جا نوان نخرا هوندا آهن. مونکي انهن نئين ڪنوار جيان نخرو ڪندڙ انهن آفيسر کي ڇيڙڻ ۾ مزو ايندو هي، حيسڪو جا سمورا آفيسر پاڙيا آهن. هي دل ۽ جگر نٽار ڪن. سرڪاري ۽ پبلڪ ادارا هميشہ ان ڪوشش ۾ هوندا آهن تہ هو پنهنجي ماڻهن جي طرفداري ڪن پر هي چمڪندڙ بجلين جا مالڪ واري هٽ ولي پنهنجي اسٽاف کي مارينديي بہ دير ئي نہ ڪندا آهن، آفيسر دراصل هڪ گهٽيا درجي جي مخلوق جو نالو آهي، جيڪا پاڻ کي فرشتو ۽ اسٽاف کي شيطان سمجهندي آهي. آفيسر پاڻ کي عقلدار سمجهندو آهي جڏهن تہ هو مڪمل بيوقوف هوندو آهي. جئين رنڊي کي سڀ ڪان وڌيڪ دلچسپي پئسي سان هوندي آهي ائين حيسڪو جي آفيسر کي سڀ ڪان وڌيڪ دلچسپي مسترول (حاضري رجسٽر) سان هوندي آهي. هي مسترول چيڪ ڪرڻ جي فن جا ماهر هوندا آهن ڪين ان ڪم ۾ خدائي ڏات مليل هوندي آهي. هي پنهنجا سمورا فرض وساري رڳو مسترول ڏسندا آهن. ڪين اهو مسترول ايترو تہ پيارو هوندو آهي جو هي ان کي ڏسي ڳئي هيٺان رکي آرو پڻ ڪندا آهن. ان بي بخت مسترول کي روزانو هڪ آفيسر نہ پر ڪيئي آفيسر گڏجي اجتماعي ريپ ڪندا آهن، آفيسر ليٽ اچڻ واري جي رن رولي ڇڏيندو آهي. گسائڻ نتائڻ يا گهوڀي هٽڻ معنيٰ موت، مسترول تي ڪراس معنيٰ زندگيءَ تي ڪراس، هي ايڪسپلينشن ڪال، وارننگ، سسپنڊ آرڊر يا شوڪاز نوٽيس ٽڪڙو جلدي ڪڍي ڇڏيندا آهن جئين اناڙي ڇوڪرو ڳئي مان ٽڪڙو لن ڪڍي ڇڏيندو آهي. همدردي نالي جي ڪا بہ علامت هنن ۾ ڪانہ هوندي آهي، جيڪڏهن ڪو هنن کان بچي بہ ويندو

آهي تہ اهو هڪ معجزو هوندو آهي. هنن آفيسرن مان انصاف ملڻ جي توقع رکڻ فضول هوندي آهي. آئي ڏينهن اسٽاف جي عزت ۽ ناموس وڃي پيو گهٽبو ۽ آفيسر وڃن پيا زور وٺندا. هن اعليٰ اداري ۾ بالا عهدن تي ويٺل هنن آفيسرن کي پنهنجي طاقت کان ٻاهر نڪرڻ نہ کپي. آخر هي ننڍا ملازم بہ تہ خدا جي مخلوق آهن. ننڍي ملازم سان آفيسر جو ظلم انتها تي آهي. آفيسر طبقو هن دنيا ۾ پيدا ٿي پنهنجي اسٽاف کي ٽينشن پيدا ڪرڻ لاءِ آهي. ذهني دٻاءُ (Tention) انسان کي مڪمل طرح مفلوج ڪري ڇڏيندو آهي. ڇو جو انسان جو ذهن ئي سڀ ڪجهہ آهي. ذهن ٺيڪ رهندو تہ انسان بہ ٺيڪ رهندو. چون ٿا تہ "ظلم ڪرڻ واري کان ظلم سهڻ وارو وڏيڪ دلير ۽ بهادر هوندو آهي". پر انسان جي برداشت جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. هڪ خاص حد تائين ماڻهو صبر ۽ ضبط کان ڪم وٺي سگهي ٿو، اداري جا سچا خدمتگار ملازم آفيسرن جي نوازيل عيوضن جي غلط بياني سبب مسلسل ظلم جو شڪار ٿي رهيا آهن، آفيسرن کي حقيقتن کان آگاهي نہ هوندي آهي هو رڳو چمڪي تي بندوق هلائيندا آهن شل ڪين سمجهہ اچي ۽ حقيقتن کي پوري طرح سڃاڻي سگهن. ڪنهن جي بہ خلاف ڪا شڪايت ڪٿي وڃڻ لاءِ ثابتي يا حقيقت هٿ ۾ هجڻ لازمي آهي، نہ تہ ٿوري ئي ڀُل چُڪ ڪيس وڃائي ڇڏيندي آهي. آفيسرن کي تجربي مان سکڻ کپي تہ جيسئين حقيقت ڪين هٿ نہ آئي آهي تيسئين قدم کڻڻ درست نہ آهي، پر افسوس جو هنن آفيسرن کي تہ پنهنجي عيوضين کان پڇا ڳاڇا ڪرڻ جي بہ اڃان سمجهہ ناهي. ائين هر ڪنهن جي چغليءَ تي اعتبار ڪري پروسو ڪري ويهن ٿا.

پاور ۾ هٿ

هڪ ڏينهن دستور مطابق FIA حيدرآباد جي دفتر مان هڪ پٽيوالو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر FIA محترم زبير احمد پيچوهو جي صحيح سان هڪ لفافو رسيو ڪرائڻ آيو. ان وقت آفيس ۾ لنچ بريڪ هو، مون کان سواءِ سڄو اسٽاف لنچ ۽ نماز تي ويل هو. پٽيوالي کي خبر هئي تہ هي لفافو ڊائري ڪلارڪ انور امام ئي وصول ڪندو. وقفي ختم ٿيڻ ۾ اڃان ڪجهہ منٽ باقي هئا ان لاءِ هي ان جو انتظار ڪري رهيو هو. منهنجي ان ڏينهن ڪا ڦتل هئي، ڇوڪرو ميڙئي ڪجهہ ٿاهو ڪو هو. مان عادت کان مجبور، هن سان ٺري ٿيڻ لاءِ ڪيس سڏيو، لفافو وٺي رجسٽر تي صحيح ڪئي. ڇوڪري چيو "ٺپو بہ هڻي ڏي". مون ٺپو بہ هنيو. ڇوڪري چيو "هاڻ پنهنجو نالو بہ لک". "مون کيس چيو جڏهن تہ هي ڪم منهنجو ناهي مون تہ ڦرب ۾ تو کان ورتو آهي. ٺپو آهي، صحيح آهي، اهو ڪافي آهي، بس تون وڃ امانت ملي وئي جڏهن آفيسر وٽ پهچي وئي" هو چيو تہ "نالو بہ لک" مان چوان "نہ" آخر ڳالهہ وڌي ويئي اهو ڇوڪرو ائين پيو ڳالهائي جڻ هو ڊائريڪٽر FIA پاڻ هجي مونکي بہ پلاڻڪي جهڙڪي ڏاڍي رجسٽر وٺي مٿي صحيح ۽ ٺپو پين سان ڪٽي رجسٽر جي ماڻهي لفافو منهن ۾ هڻي ڇپو مانس چڙهہ لن

Scanned with CamScanner

تي جڏهن همراهہ اچي تہ ان کي ڏيجان" چورو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. رجسٽر ۾ لفافو ڪٽي ٽڪڙو ٻاهر نڪري ويو. اجان ٿوري دير مس گذري تہ ڏسان آفيس ۾ ٻاهر ڪٽو مچي ويو. هڙ جا هڙ آفيسر ڊوڙندا سهڪندا مون وٽ آيا تہ ڇا ڪيو تو هن FIA واري چوري ڪي؟ CEO صاحب تنهنجي ڪري اسان تي ڏاڍو ڪاوڙيو آهي". ايتري ۾ PSO صاحب بہ مونکي سڏڻ آيو تہ CEO صاحب تو کي گهرايو آهي جلدي هل" CEO صاحب هجي محترم مظفر حسين عباسي سو مونکي ڏسندئي ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو، مان ٻڌندو رهيس ۽ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو آخر پنهنجي صحيح سان جاري ڪيل سسپينڊ آرڊر ڏيندي چئين "مون تہ تنهنجي نوڪري پئي تيل ڪئي پر تنهنجا مرشد ضرور هئا جو تون بچي وئين" نيٺ گونگي ڳالهايو مون چيو سر منهنجو قصور صرف ايترو آهي تہ هو پٽيوالو ٿي ڊائريڪٽر FIA واري ٻولي پيو ڳالهائي تہ مون بہ حيسڪو جي CEO واري اک ڏيکاري مانس بس سر ڳالهہ ايتري هئي مون 32 سال هن اداري جي خدمت ڪئي ۽ موٽ ۾ مونکي ان جو سلو هي پيو ملي. هو FIA جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پنهنجي ماٺهو جو مان رکڻ لاءِ اوهان جي ماٺهو جو پٽڪو پيو ڏوڙ ڪري ۽ اوهان آيو جو CEO ٿي ڪري پنهنجي ماٺهو کي بچائڻ بجاءِ اقٽ ماري رهيا آهيو. بس سر هاڻي گهٽو ٿيو. مان هاڻ هن بي قدري اداري ۾ وڌيڪ رهڻ نٿو چاهيان محترم زبير احمد پيچوهو صاحب مڙس ماٺهو تہ آهي مان وچان پيو ان جي پڙوت ڪرڻ گهٽ ۾ گهٽ هو ڏڪئي وقت ۾ ماريندو تہ نہ بچائي تہ سگهندو. هتي تہ بچڻ جي بہ اُميد ناهي" اهو ٻڌي CEO صاحب حيران ٿي ويو مان ڪيس لاجواب ڪري ڇڏيو، مونکي هيٺان ڪان مٿان ڏسي ڪلي ڏنيئن واقعي نر آفيس هو. سسپينڊ آڊر پنهنجي هٿن سان ڦاڙي چئين " تون وڏي ڳُتي شيءِ آهين، هاڻ وڃي شان سان پنهنجي ٽيبل تي ويهہ ڪير بہ تنهنجو نالو نہ وٺندو مان پاڻ منهن ڏيندس." ۽ پوءِ ڪجهہ بہ نہ ٿيو ۽ خير سان اهو وقت بہ گذري ويو.

افسانوي دريا – LETHE

ملازمت دوران منهنجي زندگيءَ ۾ وڏا وڏا بالا آفيسر آيا ۽ ويا پر منهنجا اهي سمورا آفيسر مون سان بهتر انصاف ڪري نہ سگهيا. مان سڀ ڪجهہ برداشت ڪري ٿو سگهان پر بي انصافي برداشت نہ ٿو ڪري سگهان. بي انصافي مونکي باغي ڪري ڇڏيندي آهي. بي انصافي ڪري مونکي هنن آفيسرن کان نفرت ٿي پئي آهي، آفيسر اهو افسانوي دريا (LETHE) آهي. جنهن جو پاڻي انسان کي خود غرض ۽ خود فراموش ٿاهي ڇڏيندو آهي. انهن ۾ انهن جو ڪو بہ قصور ناهي، هنن کي جڏهن پنهنجي سڃاڻپ ئي نہ هوندي تہ هي پوءِ ٻئي کي لن سڃاڻيندا، اهي تہ آفيسون ۾ بالا عهدن تي ويٺل فرعون ٿيا ويٺا آهن، تن کي ٻين جي درد جو احساس هئڻ ڪپي. پر انهن مان ڀلائي جي اُميد رکڻ ٻہرن کان ٻير گهرڻ جي برابر آهي. الاهي ڇا ماجر آهي جئين مان نوڪري ۾ گهڙيو آهيان مٿي هڪ ڏاڪو بہ چڙهي نہ سگهيو آهيان، هي خود غرض پاڻ تہ هر پيري

ڊبل پروموشن وٺن پيا ۽ مونکي چون پيا تہ ”صبر ڪر صبر وارن جي گهر ۾ خير آهي“ مان تہ پنهنجي ناڪامين تي روئي بہ نٿو سگهان. جيسڪو ۾ يا تہ خود غرض ۽ بد دماغ آفيسر اچن ٿا جيڪي پنهنجي اسٽاف جو مُٽ پٽي ٿا وجن يا وري اڳرين جو لن اچن ٿا جن مان ورڻو ڪجهہ ناهي. خبر ناهي ادارو ڇو اهڙو آفيسر ٿو مقرر ڪري جنهن مان نہ اداري کي فائدو آهي، نہ اداري جي ملازم يا انهيءَ اداري سان واسطو رکندڙ عوام کي، ڪنهنجي بہ ڀلائي جو ڪو بہ فائدو ٿيڻ وارو نہ آهي. هي انتقامي جذبي جا مالڪ رڳو پنهنجي عهدي ۽ اختيارن جو غلط ۽ ناجائز فائدو وٺن ٿا. هي باقاعده خوب اختيار استعمال ڪن ٿا. رڳو آفيس جي ڊيڪورم ۽ ڊسيپلين جي ڳڻ ڪن ٿا. اهو خدا جو ڏمر آهي جو اهڙا ماڻهو آفيسرن جي شڪل ۾ اسان جي مٿان نازل ڪيا وڃن ٿا. اها اسان جي اعمالن جي سزا آهي، جيڪا اسان ڀوڳي رهيا آهيون، منهنجا انهن ظالم آفيسرن سان اصولي اختلاف تہ هئا پر الائي ڇو شخصي طرح سان هنن سان منهنجي بي پناهہ محبت رهي آهي. جيتوڻيڪ هنن مون سان بي انصافي ۽ ناجائزي ڪئي پر تڏهن بہ منهنجي دل مان هنن لاءِ ڪڏهن بہ بدعا نہ نڪتي.

بي قياس بي رحم آفيسر

آفيسر آخر بدفصيلتو، قهري، بي رحم ۽ ظلم ڇو ٿو ٿئي؟ انهيءَ جي دل ۾ رحم جو جذبو هئڻ کپي، ڪيس بي رحم ۽ بي قياس ٿيڻ نہ کپي، هنن آفيسرن جي روح ۾ ذور بہ رحم نٿو هجي، هي مزاج جا ڊڪٽيٽر هجن ٿا. اهي سخت مزاج، غنده ٽائيپ آفيسر اداري کي پنهنجي ابي جي ذاتي ملڪيت ۽ جاگير سمجهي اسٽاپ کي پنهنجو غلام سمجهي انهن جي ابي ڏاڏي تي ڏمرجي وڃن ٿا. صبح جو بنا ناشتي جي ايندڙ اهي آفيسر، جن کي زالون گهران ئي ڏڪا ڏئي ڪڍن ٿيون. جڏهن آفيس اچن ٿا تہ پاڻ کي الئہ ڇا ٿا سمجهن تہ هي ادارو هلئي انهن جي ڪري ٿو. پٺسان سدائين بخيل گهران ئي لن جهڙي شڪل ڪيو اچن ٿا ۽ اچڻ سان ئي ماتحت اسٽاف کي بنا ٽڪ جي شروع ٿي وڃن ٿا. اسٽاف کي نيچ نظرن سان ڏسندڙ هي خوني درنده دشت طاري ڪرڻ لاءِ ائين ڪن ٿا. نيچ انسان ۾ ئي مگ ۽ تڪبر هوندو آهي. بس زور آڏو زاري آهي. ڳڻي تي بہ هٽ آهي تہ وات تي بہ هٽ آهي. خوف ۾ اسٽاف مسڪين بہ ظاهر تہ سندن حڪم مڃي وٺندو آهي پر انهي غريب اسٽاف جا پٽون ۽ پاراتا اهڙن کي دوڙ ڪيو ڇڏين. هي سڄي زندگي تہ جيئرا رهئا نہ آهن. اهي مرن تہ جئين پيا جئين.

سنڌي آفيسرن جي دماغي ڪيفيت

سنڌين آفيسرن جي ڳالهہ ئي نہ ڪجي، سنڌ دشمن آفيسر سنڌيت جا دشمن آهن، سنڌيت جو ماحول پيدا ڪندڙ پاڻ بہ سنڌي نہ آهن. هنن جو رويو سنڌي وڏيري وارو آهي، هنن مان ڇڻ غيرت موڪلائي وئي هجي، هاڻ مشڪل ئي انهن کي آمر ٿي، ها باقي رٽائرمينٽ بعد يا سنڌ کان ٻاهر بدلي ٿيندي آهن يا ڪا ناانصافي ٿيندي آهن تہ اندر

جي قوم پرستي جاڳي پوندي الن، سيٽ تي هوندا آهن ته ايترا ڪمينا ٿي ويندا آهن جو سڀ ڪان وڏيڪ ايذائون به سنڌين ڪي ئي ڏيندا آهن. ڳالهه رڳو موقعي ملڻ جي آهي، ڪنهن سنڌي ڪي آفيسر ٿيڻ ڏيو، ڪنهن عهدي تي رڳو ويهه پوءِ ڏسو ته اهو فلاڻو خان ڪئين ٿو يڪدم سانڊي وانگر ڪهڙا ڪهڙا رنگ ۽ روپ مٽائي، پوءِ ڏسو هن جي اندر جي ڪميڻائپ ڪنهن تي ٻاهر نڪري اچي، پوءِ ان مان اوهان ڪئين ڀلائي جي توقع رکي سگهو. جيڪو سيٽ تي ڳئي ڪوٺڻ سان ئي ڦرين ڪنهن سنڌي جي ئي رن رليندو، وري سنڌي آفيسر جهڙو ٻاڙيو به ڪوئي ڪونهي. هي ايترو ته ٻاڙيو آهي جو ڳالهه نه پڇو، هي ايترو ته بزدل آهي جو ڪو ٿوري به مڙسي ڏيکاري ته هي هنگي ڏيندو. جيسڪو جو مهاجر آفيسر يا مهاجر اسٽاف ٿورائي ۾ هوندي به اسان سنڌين ڪي پاڻ ۾ ويڙهائي اڻ سڌيءَ طرح اسان مٿان راڄ ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري، ڪو سنڌي آفيسر اسٽاف مان ڪنهن تڪي جي مهاجر ملازم ڪي سزا ۾ ڪٿي اندروني سنڌ بدلي ته ڪري ڏيکاري ڪئين سڀ مهاجر ملازم ڪولين وانگر ڪٽي تي ويندل ۽ اهو سنڌي آفيسر ڏسندو رهجي ويندو.

اڙي پائوهي ته يار هڙڪائي ويا

سنڌ ميوزيم جي ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۾ وفات ڪان ڪجهه مهينا اڳ، جڳ مشهور ماهر تعليم محترم ايڇ ايم کُوجا پنهنجي صدارتي تقرير ڪندي، انهي ڳالهه تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هو ته "مون جن هارين، مزدورن ۽ پورهيتن جي غريب يتيمن، لاوارث ۽ ڏکايلن اولاد جون فيسون معاف ڪري مفت ڪتابن ۽ هاسٽل جون سهولتون ڏئي، اسڪالرشپون وٺائي، پڙهائي اها اُميد رکي ته هي مسڪين يتيمن ۽ لاوارث، علم حاصل ڪري وڏا عهدا ماڻي يقينن سماج جي غريب محروم ۽ ڏکايلن جي دل سان مدد ڪندا، پر مونکي انتهائي ارمان سان چوڻو ٿو پوي ته منهنجا تيار ڪيل، اُهي غريب شاگرد اڄ وڏا راشي ۽ ڪرپٽ آفيسرن آهن." اها حقيقت آهي. اخبارون رشوتخور ڪامورن جي ظلم سان ڀريل آهن. ظلم ۽ رشوت خوري ملڪ کي تباهي ماريو آهي، ڪرپشن اسانجي روح ۾ سمائجي ويئي آهي. رشوت جي بيماري اسان جي محڪمي ۾ به آهي، پوليس ۽ واپڊا جو ادارو سڀ ڪان وڌيڪ بدنام آهي، جئين SRTC جي پنهجن ئي ملازم پنهنجي اداري جي ماءُ پهڏي هي به ائين هن درهم برهم اداري جا پنهنجا ئي ملازم پنهنجي هن اداري جي ٻيڙي ٻوڙي ٻيڻگ ڪن پيا. پوءِ لوهان ئي ٻڌايو ته اهو ادارو ڪئين سڌرندو، جيسڪو ۾ ايمانداري ۽ ظرف وارا ملازم ٿوڙي آفيسر موجود آهن پر اٽي ۾ لوڻ برابر، انهن چند آفيسرن ۽ ملازمن ڪان سواءِ ڪيئي آفيسر ۽ ملازم ڪرپٽ آهن، هي هن اداري کي اڳتي ڪن يا سڌو ڪن ڇا؟ مان ڇا چوان ته هتان جي بي ايمان رشوت خور آفيسرن ڪان رنڍي جو ڪردار سٺو آهي، مان جيسڪو جي انهن راشي آفيسرن ۽ ملازمن جا چهرا سڃاڻان ٿو جيڪي ڪنگال هئا اڄ ڪروڙ پتي آهن،

Scanned with CamScanner

مهيني جا لک هزار تہ ڪڏي نہ ويا. جن بي ديانت هئڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نہ ڇڏي، جن ڪي هن اداري سکيو ستايو ۽ مالا مال ڪري ڇڏيو. جيڪي اڄ بہ هن اداري جو ڪتيو پيا کائين، ڪنهن ڪي بہ اهڙي جرئت ڪانہ ٿيندي جو هنن جو وار ونگو ڪري سگهي. ڪو مائي جو لال هجي جو هنن کي اچڻ شرط انهن سيٽن تان هٽائي، خدا جو قسم هي هڪ مهيني اندر پنڻ جهڙا ٿي ويندا. هي جئين تنهن جو مال ڦٻائي ساوا ٿي ويا آهن. هي وڏن پيٽن وارا آفيسر ۽ ملازم جيڪي ہہ قدم ڪن بہ ڏڪي نٿا سگهن. رشوت وٺي حرام کائي هنن جو ضمير مري ويو آهي. نيب NAB، FIA اوچتو اچي مٿان ڪڙڪي ٿي، انڪوائري ٿئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ وڏا عملدار تہ رشوت ڏئي ڇٽي وڃن ٿا، پر ڪنهن ننڍي بي گناهہ عملدار کي صدقي جو ٻڪرو بڻائي نوڪري کان رخصت ڏني وڃي ٿي. نانگ تہ نڪري وڃي ٿو، پوءِ رڳو ليڪو پيو ڪٽجي. اهو آهي هن ملڪ جو انصاف، غبن واري سڄي رقم جڏهن NAB يا FIA وارا ڪٽي وڃن ٿا تہ، هي ڇٽي وري اچي ساڳيو گند ڪن ٿا. اُهي رشوتي ۽ طاقت جا سلامي آفيسر انهيءَ غبن جي پئسن مان ڪجهہ رقم هي انهن انڪوائر ڪندڙ حرام خور ڪتن اڳيان هڏي طور وجهندا آهن ۽ هو انهيءَ هش ۾ خوش ٿي ويندا آهن، اهڙن جو انجام گهڻو ڪري ڀيانڪ هوندو آهي، هاڻ هنن جي راند اٿر ۽ مستي ختم ٿي چڪي آهي. هي پنهنجي انجام تائين پهچڻ وارا آهن، طاهر مغل جهڙي پڙوي کي دپ پئي تہ هو ائين گم ٿي ويو ڄڻ هو ئي نہ جونيئر ڪلارڪ مان 17 گريڊ ۾ اسپورٽ آفيسر خدا جو شان آهي. هاڻ هن سوئر جو گنهہ موت سوڙهو آهي. هن جو مثال اهو ٿيو تہ ڪن شينهن جي سهاري هيڙيون ڪيئي لومڙيون پيٽ پالين پيون، پر جيڪو پاڻ پڙون سان ويٺو کائي تنهن کي ڇا چئجي؟ اڃان هڪ چالاڪ پڙوو باقي آهي، مايا ميڙڻ جنهن جو شوق رهيو اهي، هي حرام جي ڪمائي همت ۽ مردانگي سان خرچ ڪندو آهي. جڏهن ڪنهن کي بہ ڪا فتح حاصل ٿيندي آهي تہ هن پڪي پڪائي کي شراب جي هڪ اڌ بوتل ۽ رن بطور مال غنيمت عطا ڪئي ويندي آهي ۽ هن جا مفت مشورا پڻ ڪم جا هوندا آهن هاڻ تہ هن جي بہ اسٽيشن ئي ٻي ٻڌڻ ۾ پئي اچي، هتي تہ غير حاضر جو حصو بہ هڙپ ٿي ويندو آهي. رشوت ناجائز ۽ حرام آهي. پر غير حاضر جي رشوت بہ جائز ٿيو وڃي، حيسڪو جي انهن حالتن ۾ ڦيرو اچڻ جي اُميد اُجائي آهي، سچ پڇ تہ مان ڪمائڻ نہ سکيس، مان دنيا ۾ خوداري، ايمانداري ۽ ديانتداري سکي آهي. مان حرامي ۽ حلالي جي سڃاڻپ رکان ٿو. مون تنگي ۽ مفلسي ڏٺي آهي، پر مان حرام جي پئسي کي ٽڪ بہ ڪانہ هڻان، ديانتداري ۾ پورت ڏکي آهي. پوءِ بہ منهنجا هٿ ڪڏهن بہ غليظ نہ ٿيا. مان ڪفايت پسند آهيان. مان جيڪڏهن سخي نہ آهيان تہ ڪنجوس بہ نہ آهيان. مان صرف آمدني کان خرچ گهٽ ڪندو آهيان، تہ جئين مونکي ٻين وانگر وقت تي پنڻو نہ پوي. مون لاءِ اها حق حلال جي روزي ڪافي آهي. ماڻهو کي ايتري دولت هجي جو عزت

جي ماني ملي اها ڪافي آهي. هتي فرشتو ڪو بہ ڪونهي، ديانتدار رڳو رب جي ذات آهي، احتساب الله وٽ آهي. هي راشي آفيسر ۽ ملازم پنهنجي پر ۾ وڏا ايماندار ٿيا پيا گهمندا آهن. هنن جو دين ايمان رڳو پئسو هجي ٿو، نہ تہ ايترو پئسو جهٽ پٽ ڪٿان اچيو وڃي. هي ڪروڙين روپيہ ٿڦائي هر شي هڙپ ڪن ٿا، ڪين ڪير بہ غلط نٿو چوي. ڪين سڀ ڪجهہ ٿيو وڃي، هنن جي بڪ انهيءَ مان ئي ظاهر آهي تہ هنن هيڏو ڪاڏو آهي، تب هنن حرام خوران جو تہ پيٽ ئي ڪو نہ ٿو ڀرجي، هي جيترا وڏا تونگر آهن اوترائي وڏا مفلس پڻ آهن. هي سدائين ائين ئي بکيا ئي رهندا، هي بکيا تب پاڻ کي ڀڳوان ٿا سمجهن. هي حرام خور راشي آفيسر پنهنجي آخرت سنوارڻ لاءِ پنهنجي حرام جي ڪمائي کي حلال جي ڪمائي ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پاڻ حرام ڪائي عملي کي حلال ڪارائڻ لاءِ آفيس ۾ هر جمعي رات ديڳيون رڌائي خيراتي ڪاڏا ورهائيندا نظر اچن ٿا. هي حرام جي دولت گڏ ڪري پنهنجي اولاد جو سک ڪنڌ سڄي عمر رشوت ۽ حرام جي ڪمائي تي پنهنجا بنگلا ۽ محل اڏيو، جڏهن رٽائر ٿي ڪنهن ڪم جا نہ رهندا آهن، تہ باقي عمر ڏاڙهي رکايو نيڪ نمازي بڻجي ويندا آهن. اهڙن راشي ۽ رٽائر آفيسرن جا مون وٽ هر روز ڪئي مذهبي SMS اچن ٿا، من سندن اهي مذهبي SMS هنن جي آخرت جي ڇوٽڪاري جو سبب بڻجي پون.

عشق جا ڪُورا

حيسڪو جا اترائتا آفيسر هر وقت رڳو نظاماڻي صاحب سان وفاداري جو ڪردار ادا ڪرڻ ڪري بي اترائتا بڻجي ويا آهن.

تازو ڪن نااهل آفيسرن کي اهل آفيسرن کان ٽپائي ترقي ڏيڻ ڪري ايماندار آفيسر بدظلن ٿيندا پيا وڃن، جنهنڪري پراوينشل سروس ڪنڌن کي اهو وهم ويجهي ويو آهي تہ ايمانداري سان نوڪري ڪرڻ ايترو فائديمند نہ آهي جيترو ڪنهن نظاماڻي جا ٽتا ڪٽڻ سان، ذاتي نفعن حاصل ڪرڻ لاءِ هر وقت مشغول رهندڙ اهي حيسڪو جا بالا آفيسر، جيڪي هن اداري کي ادارو نہ پر نظاماڻي جي جاگير سمجهن ٿا. جيڪي هن جي منشا موجب هلن ٿا. جيڪي هن کي راضي رکڻ لاءِ هر وقت هن جي عشق جا ڪُورا پرين ٿا ۽ سائين سائين ڪندي هن جا پير چمن ٿا. هنن نااهل آفيسرن مان جوابداري جو احساس گم ٿي ويو آهي. ڪين عملي جي مسئلن سان ڪا بہ دلچسپي ناهي. ڪين پنهنجي اسٽاف جي بهتري جو ڪو بہ اونو ڪونهي. هنن آفيسرن جون خوبصورت ٽيبلون هيڊ ڪلارڪن جي ميزون جيان هر وقت ڍڳ فائيلن سان سٿيون رهن ٿيو. هي مڪيہ ڪمن کي بہ اهميت نٿا ڏين، جن کي وڏيڪ اهميت جي ضرورت آهي، فائيلون مهينن جا مهينا بنا ويچار ڪرڻ جي وٽن پيون رهن ٿيون. انهن اهم مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ انهن فائيلن کي ڏسڻ لاءِ بہ ڪين وقت ناهي، رڳو ڪين رواجي ڪمن لاءِ واندڪائي ملي ٿي. دراصل هنن کي اهڙا اهم مسئلا حل ڪرڻ جي اهليت ناهي، نہ هي

ڪنهن ٻي کان ئي صلاح وٺڻ چاهين ٿا. ان جي پيٽ ۾ هنن کي صرف رواجي ۽ غير ضروري ڪم، چاپلوسي ليڊرن جا خالي سلام وصول ڪرڻ ۽ انهن ليڊرن سان ڊگهين ملاقاتن سان دلچسپي آهي.

ايڊمن برانچ

سموري ايڊمن برانچ ناپسنديده ماڻهن سان ڀري پئي آهي. هي سڀ ڀڙوا ڪنهن ڪم جا ناهن. هنن خود غرض مان ورڻو ڪجهه به نه آهي هي خود مطلب خود پرور ۽ Todays جيڪي منهن جا مٺڙا ۽ اندر جا ڪارا آهن، هي جيڪي آفيسرن جي مدد سان پنهنجي مخالفن کي اندران ڪمزور ڪري ٻاهريان تن سان دوستي رکيو اچن ٿا. تن منافقن کان بچڻ کپي، هي گهران آفيس رڳو حاضري هڻڻ ۽ آفيسرن جي خوشامند ڪرڻ اچن ٿا، باقي ڪم ڪان لن. هنن مان ڀلائي جي توقع ڪرڻ ٻهرن کان ٻير گهرڻ جي برابر آهي هتي هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان ته هي نه سهڻ واري سموري لوڊ جو ڪئي صاحب جي نوازيل آهي. علي انور جو ڪيو صاحب عظيم ۽ درويش صفت انسان آهي سڀ کي نوازيندو آهي. هي انهيءَ دور جا مشهور ڀڙوا آهن. جيڪي مفت جي مال تي مڇي مواڻ مڙس ٿيا آهن. جن جون اڄ به پنج ئي آڱريون گيهه ۾ آهن. جن جو هر لالچ اڳيان وات ڦاٽي ٿيو پوي. جيڪي بکايل ڳجهن وانگر ڍونڍ جي تاڙ ۾ ڪرڪنيو ويٺا رهن ٿا، آفيسر رڳو ڪنهن خاص مخصوص گروپ کي گهڻو نوازن ٿا، رڳو پنهنجا نوازڻ جي دستور کي ختم ڪيو وڃي. ڀڙون کي ڪرسين جي پرواني ڏيڻ جي رسم يڪدم بند ڪئي وڃي، بنا ڪنهن تميز ۽ فرق جي برابري جي جڳهه هجڻ کپي. پنهنجي مخلص اسٽاف کي به گڏ ڪٽي هلڻ کپي، آفيسر چند ليڊرن جي هٿن جو رانديڪو ٿي ڪتب نه اچن. هي يونين جا ليڊر ليبر جا نمائندا نه آهن. هي رڳو پنهنجي ذات ۽ مطلب جا آهن. يونين ليبر جي حقن جي حفاظت ڪرڻ بدران پنهنجي ماڻهن جي بچاءُ ۽ ترقي لاءِ ڪوشان رهي ٿي. هي رڳو پنهنجي مفادن جي حفاظت لاءِ سجاڳ آهي، غريب ۽ اهو جهه لازمي طرح جاهل هوندا آهن. اهي اهو جهه ملازم هنن چالاڪين کان بيخبر هئڻ ڪري ذليل زندگي پيا گذارين ۽ هي خود غرض ليبر ليڊر به هنن جي جهالت مان ناجائز فائدو پيا وٺن. ڪمزور ملازم يونين ۽ آفيسرن جي چنبي ۾ ڦاٿل آهن. اها يونين جي لعنت هنن پاڻ تي پنهنجي ڳچي ۾ وڌي آهي، هي هاڻ انهي مان ڪڏهن ٿا آجا ٿي سگهن. سڄو اسٽاف بزدلي جي اگهور ننڊ ۾ ستل آهي. جيستائين اهي ملازم سجاڳ نه ٿيندا تيستائين اهي نا اهل آفيسر ۽ منافق ليڊر راه راست تي نه ايندا. ملازمن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ سنڀالڻ جي جوابداري ڪنهن جي آهي. اسان کي پاڻ ۾ ملي هڪ جان ٿيڻ جي ڪم ڪرڻو آهي پر اهو جذبو اسان ۾ موجود ناهي.

جي حضور

"سوچا ٿا ايڪ ڪام ڪرون، جاتي جاتي تجي سلام ڪرون"

هر وقت ڪم ڪان لن واھ سائين واھ، واھوا، واھ جي ڳالھ ڪيو اٿئو.

منهنجو هي دوست مفت مُشورا 14 هين گريڊ ۾ اسسٽنٽ آهي، نالو ته لائق جھڙو اٿس پر مونکي هي صفا نالائق لڳندو آهي، هن کي اجائي ترڙائپ آهي. هي اٿئي ويهٽي ۾ پاڻ کي لارڊ ٿو سمجهي، جڏهن ته هي مسڪين جو ٻار آهي. هي عقل جو اڪابر ڇڻ علم ۽ عقل ۾ قابل هجي، جڏهن ته چاڻ تڪي جي ٻه ڪانه اٿس. ايرنڊڙ سڄ جو سلامي، ڏنڍ جي پکين وانگر سڪ جو سانگي، نوڙي مان نانگ ٺاهيندڙ اول نمبر جو ڪوڙو، پاڙيو، مڪمل بدخواھ، حاسد ۽ دغاباز آهي، هي اڳئي مون سان نه ٺهندو هو، هيو هي منهنجي خلاف آفيسر سان ٻٽ هو. ٿيو هئين جو آفيس ۾ مان ڊسپيچ تي آهيان، آفيس ۾ هڪ ڪم ٿيندو ته هيو ايندو آهي. ڪو اوهان جي ذهن تي پريشر وجهي ته اهو هلندڙ ڪم اڌ ۾ ڇڏي هيو نئون ڪم ڪيو جنهن کي (Leep Omission) چئبو آهي يعني ٽپڻ (اوچتو هڪڙو ڪم ڇڏي هيو اختيار ڪرڻ). مان هونهن ٻه هر ڪم ارجنٽ ڪندو آهيان، پر جي ڪو مون تي ائين پريشر وجهندو آهي ته مان صفا بخيل ٿي پوندو آهيان، سو هن يار سان ان چوڻي مطابق "تنگ آمد جنگ آمد" تي پئي هاڻ هن کي منهنجي شڪل ٻه ڪانه وڻندي آهي. هڪ چوڻي اها ٻه مشهور آهي ته " جتي لوپي هوندا اُتي نوڳي ٻک نه مرندا" ايوان ۾ هر وقت آفيسرن ۽ يونين جا چاڙتا ۽ جاسوس پيا ڦرن. هي مخابرو چغل خور، ڪم چور ۽ نااهل جتي ٻه ڪم ڪندو اهي اُتي ٻه سندس عزت ڪا نه هوندي آهي. هن جي ريپوٽيشن خراب آهي، هن پنهنجي نوڪري جي پوري عرصي ۾ هڪ ڏينهن ٻه صحيح ڊيوٽي ڪانه ڪئي، ڪيس ڪم ڪان سخت نفرت آهي. هي فائيلن ۽ ڪاغذن کي هٿ لڳائڻ ٻه گناھ سمجهندو آهي. دفتر اچڻ جي وقت جو سخت پابند آهي، پر مجال اهي جو صبح جو اچي چار ليڪا ڪڍي. هي خوشامندڙو آفيسرن جي رڳو خوشامد ڪندو آهي. اهو طريقو هن جي ڪم ڪرڻ جو طريقو آهي. هي حرام جي سرڪاري پگهار کڻندو آهي. پگهارون ۽ اورٽائيم ته هن جي ابي ڏاڏي جو بونس آهي. هي آفيس جو ڪم ڪار لاءِ باقي وقت چڪلي ۾ وڃي گذاريندو آهي. هي ائين ته پڙوو آهي، پر پاڻ کي معزز ۽ شريف ٿو سڏائي. هي هئنڊسم پرسنلٽي ۾ قابل تعريف آهي ۽ وڏي شد مد سان ڳالهائيندو آهي. هن وٽ اهڙي ڪا لياقت ٻه ڪانهي، تنهن لاءِ هي پنهنجي ان ذاتي ڪم جو ڪاريگر آهي ۽ پنهنجي انهيءَ پڙوت جي ڪم ۾ انتهائي هوشيار پڻ آهي. هن کي انهي پڙوت مان سٺي رقم ملي ٿي. هي غريب جو ٻار مفت جي مال تي ايڏو ته بدمست ٿي ويو آهي، جو پرپٽ آفيسرن کي گاريون ٻه ڏيندو آهي. اها پاڙيائي آهي. جو ته نمڪ کائي گلا نه ڪبي آهي. هي دولت ڪمائي ٻه چاٽي ته کپائي ٻه چاٽي. اڄ ٻه هن جي وڏي لئي آهي. ماٺهو هن ڪوڙي جي ڪوڙن ڏٺن تي لڳي

پنهنجي پير تي پاڻ ئي ڪهاڙو هڻن ٿا ۽ پوءِ پريشان ٿين ٿا. هن جي نيت صفا ناهي. پر جي هي سچو ٿئي ته ڪڙ تي ڪير پيارو. آفيسرن ڪي به اهڙن ڪمينن ملازمن جي هر وقت گهرج پوي ٿي. باقي چمچا ته هر جڳهه هوندا آهن. هي آفيسرن جي چمچاگيري ڪندڙ هر فرمائش پوري ڪندو آهي. هن کي آفيسرن سان رهائي رکڻ جو خوب ڍنگ اچي ٿو. هي جي حضور ڪرڻ جو ماهر، هر آفيسر ڪي پنهنجي مٺ ۾ رکندو آهي. هي هر آفيسر سان فٽ، آفيسرن سان لاڳاپا رکي طاقت وٺندو آهي. هن کي آفيسرن جي دست شفقت حاصل آهي. آفيسرن سان گهاٽي لاڳاپي هئڻ ڪري آفيسرن جي پنيرائي ۾ رهندي، هي ڪنهن جو به پتو ڪٽي سگهي ٿو. پر هي مون فقير سان ڦٽائيندو ته ڏوڙ ٿي ويندو، تنهن لاءِ هن ڪي اها جرئت ئي ڪانه ٿيندي آهي ته مون سان ٽڪر ڪري. اهو رعب پلي پين ڪي ڏيکاري. هي مونکان ڪو نه بچندو، ڇو جو مان هن جا سڀ گهٽ گيڙ بند ڪري سگهان ٿو. خدا ڏي پناهه منهنجو ڏنگيل پوءِ پاڻي به ڪانه گهرندو آهي. هي آفيسرن جا پاليل ڪتڙا سندن اچلايل هڏن تي پلي خوش ٿين پنهنجو ڇا؟ هنن پڙهن جو ڇگو مڙس اڄڪلهه هتي نه آهي. هي به اندرين خاني ڪهڙا وري ڪن سان سچا هئا. هي سڀ ٽوٽي ۽ حرامخور ڪتا هن لاءِ عظيم هئا. جيڪي هن جي بي جا تعريف ڪري پنهنجو مطلب ڪڍندا هئا، جيسڪو جو هو رحمدل آفيسر هنن حرام خورن جو پيٽ پرڻ لاءِ انهن ڪي خراميايون ڪرڻ جي چوٽ ڏيندو هو. آفيسر پاڻ به ته اهڙن پڙهن ۾ گهٽ لياقت وارا ماڻهون ڪي وڏيڪ پسند ڪن ٿا ۽ جيڪي هنن جي پسند موجب هلن ٿا. جن کان هي سو ڪڙي پاڪڙي وصول ڪري موت ۾ ڪين انعام اڪرام ڏيندا رهن ٿا.

محترم مرتضيٰ مشوري

(بابا سائين) مٺي زبان، مٺي چريءَ سان ڳهڻ وارو، منو ايڊو سنڌڙي انب ڪان به منو بابا سائين، بابا پٽ، جاني منا ڪري ڳالهيندو پوءِ اڳلي جي ائين ماءُ پهندو جو ان ماءُ جي چڏ ڪي پاڻيءَ به نصيب نه ٿيندو. اڄڪلهه سڀ رنگ دنيا سان آهي هي پنجن ڪي پندرهن ڪندڙ شاعر جيسڪو ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر جي حيثيت جو اسسٽنٽ آهي، هن جي هر رات رنگين گذري ٿي.

ڪاسبي ڪنجر محترم طاهر مغل

هي وائيٽ ڪالر سفيد پوشي پڙوو رڳو وڏن ماڻهن جي محفل ۾ سندن وڏين گاڏين جي اڳين سيٽن تي ويهي ٿو. هن ڪميٽي ۽ بي عزت ڪي مان چنگي طرح سجاڻان شڪارپور جو هي ڪنجر طاهر مغل اڄڪلهه حيدرآباد جو مها ڪنجر آهي. هن هتي اچي پڙوت جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. هي خود پرست چوٽي، جو حرامي ماڻهو آهي، هن ڪي پڙوو سڏجي ته بيجانه ٿيندو، مون پاران هن ڪي ڏنل پڙوت جو اعزاز هن ڪميٽي لاءِ قيمتي سرمايو آهي. هن بي عزت جي عزت هئي ڪانه، ڇو جو هن طرح پڙوي جو ضمير مري ويندو آهي. پڙوي ۽ هن ۾ ٽڪي جو فرق ڪونهي. هن ڪي شرم

Scanned with CamScanner

ڪو نہ آهي باقي هيو سيڪجهہ آهي، هن ڪان تہ چڪلي جا پڙوا عظيم آهن. فطري حالتن جي ڦيري ۽ بدلجندڙ ماحول هن کي پڙوو ڪري ڇڏيو نہ تہ هي ماڻهو لاجواب آهي. هي 5 گريڊ جو LDC هاڻ حيسڪو واپڊا ۾ 17 گريڊ جو اسپورٽس آفيسر آهي. هن جونئير پڙوي ڪي سينيئر پڙوي جي چارج بہ آهي. هي پڙوو ٻئي ڊيوٽيون ڪري پيو، اڄڪلهہ هن پڙوي وٽ پئسا جام هوندا آهن پر پيسي سان عزت ڪو نہ ملندي آهي. واپڊا ۾ ذات ڪنجر آهن پر هن ڪنجر کي معتبر ڪري ويهاريو ويو آهي، هي گريڊ ۾ ننڍو ڳئي جو ٿهلو ۽ پڙوت ۾ وڏو آهي. خدا جو شان آهي تہ هي ڪوچڙو بہ پڙوت ڪري پيو، حالانڪ هي پڙوت جي بلڪل هيل ئي ناهي. پڙوت هن منافق جي رت ۾ ويهي وئي آهي. پڙوت هن جي رڳ رڳ ۾ سمائيل آهي. هن جي حلالي هئڻ ۾ شڪ آهي. هي پڙوت جي پيداوار، حرامزادو پيدائشي حرامي پڙوو آهي. اها پڙوت جيڪي هن جا ابا ڏاڏا بہ ڪري نہ سگهيا. اها پڙوت هن ڪنجر ڪري ڏيکاري. هن پڙوت جا سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا آهن. هي ٻن هٿن سان پڙوت ڪندڙ هاڻي صاف پڙوت تي لهي پيو آهي. پڙوت هن جو ڌنڌو آهي. پڙوت هن جي زندگيءَ جو مزاج بڻجي چڪي آهي. هي زاني، پڙوت جي ناني، پڙوت جو پورو نمونو پڙوت جو اصل روپ آهي. باقاعده هڪ تصديق شده ۽ مجيل پڙوو آهي. هي ڪميڻو ماڻهو هڪ نسلي پڙوو آهي، هن جو پڙوت ۾ ڪو ثاني ناهي. مان هن پڙوي جي دل جي گهرائين سان عزت ڪندو آهيان ڇاڪجي هن سماج ۾ پڙون سان بہ رهائي رکڻو پوندو آهي. بوبڪن جا پڙوا، ياڻن جا پڙوا، پريا جا پڙوا پٽ شاهہ جا پڙوا تہ ٻڌاسون پر اسان پڙون جو ضلعو ئي الڳ آهي. خدا کان دعا آهي تہ هن جي اهڙي عزت ۾ ڏينهنون ڏينهن اضافو ٿيندو رهي ۽ رب ڪيس پڙوت ۾ اڃان بہ ترقي سان نوازي تہ جئين اسان جي ضلعي شڪارپور جو نالو روشن رهي.

عبدالشڪور ميمڻ اڳوڻو سنيئر سپرنٽينڊنٽ	هن حيسڪو مان رٽائرمينٽ کان پوءِ پنهنجو چڪلو کوليو آهي، عبدالحئي عباسي جو هي سورو هاڻ جاين جي دلالي ڪندو آهي
فيضل جمن ڪوري	کير ڪنيار آ، کير آ ڪوري، هي ٽنڊي حيدر جو ڪارو ڪوري ڪارو ناڳ آهي. هي صاحب جي پڙوت ۾ پيش پيش هوندو آهي.
انور امام	هي ڪراچي گهر وڃڻ کان اڳ اهڙو تہ مٺو ٿي ويندو هو جڻ مصري ۽ واپسي مهل زهر بڻجي پوندو هو.
الهہ ورايو پنهيرو	هن مسڪين کي الله بہ واپس ورائي ڏنو تہ هن سو ڪڙي کي مان ڇا ڪندس، اها او هان ئي ڳئي ۾ لنگائي ڇڏيو.

محترم علي اُچڻ

علي تون سنڌين ـ آن، واپڊا واٽر ونگ جي لونڊن جو سردار، هن جا لونڊا، ضلعي ليول، تعلقي ليول، سيڪٽر ليول ۽ يونٽ ليول جا هوندا آهن. هن سان ڪو ورهين جو ساٿ ناهي رهيو، هر پيٽ ۾ گڏ، هن کي تي ويلا ماني ملي. هنڌ بستر ملي گنج ٿيو. باقي ڇا لن ڪپي.

بابر لاڙڪ

هن گڙنگ چتون جو نالو بابر لاڙڪ آهي. هن جو نالو ئي ڪافي آهي، هي جميلي پائر چتون آهن. حقيقت ۾ هن جو گهر ڀاڳ وارو آهي جو هي چتون ان گهر ۾ پيدا ٿيو. اهڙا نصيب ۽ ڀاڳ وارا چتون بار بار نه پر مشڪل جمندا آهن. هي هلندڙ صديءَ جو سڀ کان وڏو چتون آهي. هن دور ۾ هيڙا چتون ملڻ مشڪل آهن. هن چتون جو حيدرآباد ۽ حيدرآباد کان ٻاهر وڏو نالو آهي. هن چتون کي تاريخي حيثيت حاصل آهي. جڏهن سنڌ جي چتون جي تاريخ لکي ويندي ته هن چتون جو نالو پهرين ورتون ويندو. هن مجيل ۽ معتبر چتون سنڌ ۾ پاڻ مڃايو آهي. چتون ۾ هن جو هميشه ڏاڪو جميل رهيو آهي. اسان وٽ هي چتون وڏي مان ۽ شان وارو لکيو وڃي ٿو، پر هن چتون جي عزت ۽ مان ايڏو ڪو نه آهي جيڏو هن چتون کي حاصل آهي، هن کي اها خوشفهمي آهي ته پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ هن جهڙو چتون ڳولي ڪو نه لڀندو. باقي هن جي چتون هئڻ جي اهميت کان انڪار ڪرڻ وڏي بيوقوفي آهي. چتون ته هر ڪو نه ٿيندو آهي پر هي انهي فن ۾ ماهر آهي. هن چتون ۾ پهائڻ جا ايترا ته GTTS (گرڊس) آهن جو اها رفتار رهي ته هي چتون انٽرنيشنل ليول جو چتون ثابت ٿي سگهي ٿو. هن چتون جي سرپرستي ۽ سرواڻي ڪندڙ ليبر ليڊر عبداللطيف نظاماڻي جو هن چتون تي ٻاجهه جو هٿ آهي. مان ڪيس هن چتون جو ابو سڏيان ته بجا ٿيندو. چو ته هن ڪيس سندس پيءُ ايوب لاڙڪ جي فوتي ڪوٽا تي حيسڪو (واپڊا) ۾ جونيئر ڪلارڪ طور پرتي ڪرايو پر هي حيسڪو مان پگهار کڻي ڊيوٽي هن ابي جي ڪندو آهي. حيسڪو جي ڊرائيورن جو چيئرمين عبدالڪريم هالي بلوچ پڻ هن چتون جو وڏو طرفدار آهي. حيدرآباد جهڙي ڪليل فضا ۾ جتي ڳاٽيتي جيترا چتون مس هئا. انهي شهر ۾ پاءُ مجيد سيال هيڙن چتون جي اوسر لاءِ وڏو پاڻ پتوڙيو آهي. هن ڪيترائي گهارا چتون متعارف ڪرايا آهن. جيڪي گهڻو عرصو هن جي مدد سان چتون بڻيا رهيا. بابر لاڙڪ جهڙو تڪي تڪي تي پڇائيندڙ چتون پڻ هن جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان چتون جو هڪ اعليٰ نمونو بڻيو. هن جهڙي غصب جي چتون کي هڪ ڪامياب چتون ٿيڻ تي مبارڪ ملڻ کپي. ڪنهن کي وهم و گمان به نه هو ته هي چوپٽي ڪٽ ٻار اڳتي هلي هڪ ڪامياب چتون ثابت ٿيندو. تاريخ وڏي ظالم شي آهي، هن جهڙي غيرتي پٽ کي به آخر چتون ڪيو ڇڏي. هي چتن جي عملي شڪل خصوصي چتن جي قطار ۾ هڪ سلو بهترين واڌارو آهي. چتون ۾ هن جو وجود غنيمت آهي. هن کي پهائڻ جو اهڙو ڍنگ آهي جو ٻيو ڪنهن چتون ۾ نه هوندو. چتون جو استحصال ڪندڙ سن چتون ميدان ۾ اچڻ کان پوءِ جڻ سهڻي ۽ چتون کي علامتي ماري وڏو آهي. هي بنيادي چتون تادم چتون ئي رهندو. پر هن لاءِ چتون هئڻ

Scanned with CamScanner

ڪا بہ حيثيت نٿو رکي، چنگائي تہ هن چتون مان لٿي نہ آهي هتي مخلص چتون جي اڃان ڪمي آهي. افسوس جو مان اهڙي شاندار چتون کي پهڻ کان محروم رهجي ويس.
پڌڻ ۾ اچي ٿو تہ هي پهي پائر سني لاڙڪ ۽ بابر لاڙڪ محترم عرفان بلوچ هٿان هاف فراءِ ڪيل آهن، بابر لاڙڪ کي تہ مون فقير جي بددعا ڪائي وئي مان هن جي پيءُ جيڏو هيس گدو چوڪ تي واقعي انصاري پيٽرول پمپ تي هن مونکي جڳ آڏو بيگناهہ ماريو هو مون رب تي ڇڏيو هو ۽ رب مونکي هي ريزلٽ ڏني.

شراب خور

شراب جڏهن جسم ۾ اندر داخل ٿيندو آهي تہ پوءِ اندر جي سڄي ڪميڻائپ ٻاهر نڪري ايندي آهي، شرابي ماڻهو شريف تي نٿو سگهي ڇو جو شراب پئيڻ کان پوءِ ان ۾ شناخت نٿي رهي، هو ڪمينو ۽ بي غيرت تي ٿو وڃي. هي شراب خور شراب جو هريل هو. هن کي شراب ڏاڍو وڻندو هو، هي مهانگو شراب پئيندو هو. هي اَٽڻ شرط بوتل چپ تي رکندو هو. ڀلي ڪيڏي بہ مهانگائي ڇو نہ هجي هن کي لن جي پرواهہ هڪ اڌ بوتل تہ هن کي روز کپي، ڀلي ڇا بہ ٿي پوي شراب جي عياشي ڪرڻي آهي، هي شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي پنهنجي شرم ۽ حياءُ کي پري ڦٽي ڪري ڇڏيندو هو. هي شراب جي نشي ۾ چُور ٿي مون کي ڪچيون گاريون ڏيندو هو ۽ شراب جي پنڪين ختم ٿيڻ کانپوءِ مونکان روئي معافي وٺندو هو.

محترم عبداللطيف نظاماڻي

(پيارا! پير سنيالي ڪڻ –اڳيان بہ نظاماڻي اٿئي)

پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ليبر يونين (پوهاسلي) جي عقوبتن جي هڪ تمام ڏکي تاريخ آهي. اڌ صدي کان (CBA) رهنڌڙ ۽ پنهنجو پاڻ کي ليبر جي نمائينده جماعت سڏائيندڙ هي (پوهاسل) يونين جيڪا ناقابل برداشت نامور بڻجي چڪي هئي، تنهن جو هاڻ ڊراپ سين ٿي چڪو آهي، ۽ پنهنجو موت پاڻ مري چڪي آهي، ۽ سندس گند جي ڏپ اڃا تائين ساهہ منجهائي رهي آهي. بيشڪ ڪمال کي زوال آهي. اهو ياد رکڻ کپي تہ تاريخ ڪڏهن بہ تاويل قبول ناهي ڪندي. جڏهن دما ڌم مست قلندر ٿيندو آهي ۽ جڏهن سچا اٿندا آهن تہ سياڻا پنهنجي سڃاڻپ وساري ويهندا آهن.

50 سالن کان ورڪرن جي مقدر جا فيصلا ڪندڙ، مزدور مزدور پائي پائي جا ڪوڪلا نعره هڻائيندڙ ۽ ڏسندڙن لاءِ ڪشش پيدا ڪندڙ هي رٽائر شيطان محترم عبداللطيف نظاماڻي جيڪو اڳوڻي هاريل يونين جو مرڪزي چيئرمين پڻ آهي. اهو فرعون جيڪو اڳ پاڻ کي خدا سمجهندو هو. جيڪو هما پکي جيان هر وقت آسمان ۾ پرواز ڪندو رهندو هو. جيڪو پاڻ کي شينهن سڏائي هر وقت ڪتن جي لوڌ ڪنيو وتندو هو. هن کي وڏي مهگي هئي، هي ڪنهن سان سنئين منهن ڳالهائيندو بہ نہ هو، ليبر سان هٿ ملائڻ بہ پاپ سمجهندو هو. هٿ ملائڻ کان پي ڇرڪن، منهنجو هٿ چڻ لوهر آهي (اياز گل) هن کي ڪير سمجهي

تہ هٿ ملائڻ سان هٿن جي گرم جوشي دوستيءَ ۾ استاه وڌائي ڇڏيندي آهي ۽ شينهن جي ڪل پائي ماڻهو شينهن نٿو ٿي سگهي، شينهن ٿيڻ لاءِ شينهن جهڙي دل کپي، هن ڏاڍي رلوڻ جي ڏهڪاءُ کان آفيسر توڙي ليبر ڏڄندي هئي. هن راڪاس سامهون مخالف ٿي بيهڻ جو ڪو سوچي بہ نہ سگهندو هو. هن جو غدار موت جو حقدار هو. هن جو نيٽ ورڪ ايترو تہ تيز هو جو ڪو ٽٽ بہ ڏيندو هو تہ هن کي بروقت خبر پئجي ويندي هئي، ماڻهو خسيس ڪم لاءِ بہ هن کي نعره لطيف جيئي لطيف چئي سجدو ڪندا هئا. پيا در تن لاءِ حرام هئا. حقيقت تان پردو کڄڻ کان پوءِ هاڻ سندس گلشن جو ڪاروبار ٺپ بند آهي. هاڻ هي زنده لاش، ظلم جادوگر پنهنجو جادوئي اثر وڃائي چڪو آهي. هي هاڻ شراب جي خالي بوتل جيان آهي. جنهن کي خالي ٿيندي پياڪ (شرابي) اتڻ کان اڳ وارڊات گم ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين گند ۾ ڦٽو ڪندا آهن.

اسان جو ادارو واپڊا مختلف ڪمپنين ۾ ورهايل آهي، جتي ٻن يونين جي سياست طاقتور آهي هڪ پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽڪ سينٽرل ليبر يونين جنهن جو مرڪزي چيئرمين محترم عبداللطيف نظاماڻي آهي ۽ ٻي پاڪستان واپڊا ايمپلائيز پيغام يونين جنهن جو مرڪزي چيئرمين آهي محترم سراج الدين ثاقب صاحب، تازه پيغام يونين بنا ريفرينڊم جي ڪورٽ ذريعي ڪيس کٽڻ بعد پهريون ڀيرو (CBA) جو اعزاز ماڻيو. هاڻ ورڪر منجهي پيا آهن تہ ڪهڙي طرف وڃجي؟ عبداللطيف نظاماڻي پنهنجو وڃايل رتبو حاصل ڪرڻ لاءِ هائڊرو يونين کي نئون نالو ڏئي انهي مئل گهوڙي ۾ ٻيهر ساهہ ڦوڪڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي. چاڪاڻ تہ هي پنهنجي فوري خيريت ۽ مستقل سلامتي ڏسڻ چاهي ٿو. پر صورتحال هاڻ جذبات کان حقيقت ڏانهن منتقل ٿي چڪي آهي. وقت سان گڏ هن جا دوست، حمايتي ۽ طرفدار هڪ هڪ ٿي چپ چاپ غائب ٿي ويا آهن. هن کي ڪلهن تي کڻڻ وارا اڪيون ڦيري چڪا آهن. هاڻ هن جي اردگرد رڳو قصيده گوه وڃي باقي بچيا آهن. جيڪي سيان اهي بہ نہ رهندا. هاڻ هن وٽ رڳو خالي نعرن ۽ کوکلا اخباري بيان وڃي رهيا آهن. هي هاڻ رڳو پنهنجو ڀرم رکڻ خاطر، اُهي پرفريب نعره هڻائي رهيو آهي. جن مان هن جي جان ڇٽڻي ناهي. مونکي اهي نعره ٻڌي بہ بيحد افسوس پيو ٿئي تہ هن جي هاريل جماعت جا اهي هاريل جواري ۽ منافق، هار جي آڙ ۾ هن جا نہ پر پنهنجا نعره پيا هڻائين. CBA کان سواءِ ليبر جي مسئلن جو حل ناممڪن آهي. هن کي اها ڳالهہ سمجهڻ کپي تہ سياڻي CBA کان ٻاهر ٿيڻ جي صورت ۾ هن جي اڳوڻي جماعت نئين نالي آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين ۽ نئين اڳواڻ اقبال خان جي اڳواڻي ۾ ليبر ۾ اهو ساڳيو گرائونڊ قائم رکي سگهندي جيڪو ڪيس اڳ CBA يونين جي حيثيت ۾ حاصل هو يا مستقبل ۾ اها يونين موجوده صورتحال کي برداشت ڪرڻ جي طاقت رکي ٿي خاص طور تي ان وقت جڏهن هن ۾ عبداللطيف نظاماڻي جهڙو ليڊر ڪورٽ جي مجبورين سبب آئوٽ هجي.

سچا ورڪر

مزدور ورڪر ۽ سچا ڪارڪن ئي ڪنهن تنظيم، يونين يا پارٽيءَ جا اصل پرزا هوندا آهن ائين اهي مزدور ۽ ڪارڪن سڀ پرزا جوڙي هي پيغام يونين ٺاهي آهي. اهي ورڪر ۽ ڪارڪن جن جي دل ۾ هن يونين لاءِ همدردي ۽ سچائي هئي، جيڪي ساري پنڌ ۾ گڏ هئا. جن ڏک سک ۾ مسلسل نڀاهيو، جن اونداهين راتين ۾ اميد جا ڏيئا ٻاريا. جن پنهنجي صلاحيت سان ڏهن ٻارهن سالن کان هن يونين کي ڏوهي هتي پهچايو. جن انتظي کي ٽٽي ٻڌايو. جن پنهنجي شاندار جدو- ـه ثابت قدمي ۽ سچائي سان سومنات مندر جهڙي هائيڊرو جي مضبوط قلعي جون، اهي دو کي جو ديوارون ڏاهي پٽ ڪيون. جن عبداللطيف نظاماڻي جهڙي فرعون کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو ۽ پنهنجي حيثيت مڃرائي. جن جي دعائون، جدو جهد ۽ قرباني جي بدولت پيغام ڦڙتي ڪائي CBA تي.

مندون بدلجي ويون پر هنن جي قسمت نه بدلي، هنن جي اميدن جي موت مايوسي جي صورت ۾ ڏني ويئي. هنن کي پنهنجي يونين مان ڪافي اميدون هيون ته هي ايندي ته سندن سورن ۾ ڪجهه ٿاپر ايندي. هنن کي بهتر تبديلين جا خواب به ڏيکاريا ويا هئا. هنن جا ڪجهه ارمان به هئا، هنن ڪجهه نوان خواب به ڏٺا هئا. پيغام جي ڪاميابي جي پرجوش نعرن ۾ هنن سمجهيو ته هاڻ اسان جا سڀ درد دور ٿيندا پر هي صفا پليل هئا. هنن ورڪرن گهٽو ئي نڀايو پر ساڻن موت ۾ دوکو ڪيو ويو. هنن کي ته ايندي ئي پنهنجي جماعت مان ناس ڪيو ويو، جن مسلسل پو ڳيو. جيڪي عتاب هيٺ آيا، جن کي انتقامي طور تي بدلي ڪيو ويو. جيڪي سچي زندگي لوڏن ۾ رهيا ۽ جيڪي غم ۾ گڏ هئا. تن کي خوشين ۾ به جاءِ ملڻ ڪپي. انهن سان ٿيندڙ ويڌنن جو ازالو ٿيڻ ڪپي. هنن جو قدر ٿيڻ ڪپي. هنن لاءِ محبتن جو مينهن وسڻ ڪپي، هنن کي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏيڻ ڪپي، پيغام ڪجهه ماڻهن جي هٿن ۾ محدود ڇو آهي؟ ڪي سور پيا سهن ته ڪي موجون پيا ماڻن، پراڻا ۽ سچا ساٿي گڏ هوندي به گڏ نه آهن ڇو؟ جيئن پراڻيءَ شيءِ جو پراڻو هجڻ ئي ان جي قدر جو ماڻ نه آهي، تيئن نيئن شيءِ جو نئون هجڻ به ان جي چڱائي جو دليل ڪونهي. سڀ جا سڀ پراڻا ۽ سچا اڄ مئا، هنن جي اجري من کي ميرو ڪيو ويو، ڪين مڪمل نظر انداز ڪري هنن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪيو ويو. پيغام ايندي ئي سک هنن کان ڦرار ٿي ويا. هنن کان پنهنجن ئي منهن ڦيري ورتو. هنن کي دلاسا ڏئي دوکو ڪيو ويو، هنن جون ڪئي اميدون دم گهٽجڻ سان مري ويون هاڻ ته هي پنهنجي اباڻڪ ٿي به روئي نٿا سگهن.

سازشون

پيغام يونين ايندي سازشون ٿي رهيو آهن. ڪجهه منافق ۽ مرو پيا اسان جي صفن ۾ شامل آهن. اهي چالاڪ سازشي عنصر گردي کي فروغ ڏئي رهيا آهن اسان اها پيغام کي ورهائڻ جي سازش سمجهو ٿا. پيغام يونين خلاف جتي دشمن ٽولو سازشون

ستي رهيو آهي. اُتي هن جا پنهنجا به انهن سازشن ۾ برابر جا شريڪ آهن. اها شئي جنهن کي اسان پاڻ ئي حصن ۾ ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ چئون ته اها سچي آهي ته اها عقل سان ناانصافي ٿيندي، پيغام سان سازش ويساهه گهاتي آ. اسان پيغام کي حصن ۾ ورهائڻ هرگز نه ڏينداسون. اسان پيغام ۾ ڏار وجهندڙ رفيع الدين شاهه ۽ خالد خانزادي جونيئر جهڙن چالاڪ سازشين کي سڃاڻون ٿا. اسان اندروني توڙي بيروني سازش جو منهن توڙ جواب ڏينداسون.

بيٺي پير بدلي

"پاڪستان واپڊا ايمپلائيز پيغام يونين" جي مرڪزي چيئرمين محترم سراج الدين ثاقت جي منظوري سان جاري ڪيل نوٽيفڪيشن، جنهن ۾ يونين جي سرگرمين ۽ نمائندگي جا اختيار ڏنا ويا ٿا. جنهن ۾ نان CBA کي به واپڊا اٿارٽي ٽرانسفر نٿي ڪري سگهي، اهو تحفظ حاصل آهي. پر هتي ته CBA جي عهديدارن کي به آئوٽ ڪيو ٿو وڃي. ياد رهي ته پيغام جي CBA واري پوري مختصر دور ۾ مان چيئرمين پيغام يونين حيسڪو هيڊ ڪوارٽر هوس. اهڙو نوٽيفڪيشن پڻ نڪتل هو پر تنهن هوندي به ايڊمن ائنڊ ايڇ آر ڊائريڪٽر محترم علي انور جوکيو صاحب مخالف يونين جي چيئرمين عبداللطيف نظاماڻي جي چوڻ تي مونکي ٻيهر پيرا حيسڪو هيڊڪوارٽر مان اسٽينڊ ريلو ڪيو. هڪ ڀيرو Distt (O&M) ۾ ۽ ٻيو ڀيرو هيلپ لائين 118 تي جڏهن ته اسانجي پيغام يونين جو صوبائي چيئرمين محترم ساجن پنهور نه رڳو ليبر جي مسئلن کان لاتعلق رهيو پر پنهنجي اڳوڻن سچن ساٿين کان به بي تعلق رهيو. جڏهن ته نر هو ڊپٽي مئنيجر محترم محمد عثمان ميمڻ جنهن مڙسي ڪري مونکي واپس آندو.

واپڊا پيغام يونين جي صوبائي چيئرمين محترم ساجن پنهور ڏانهن خط

تون چئه نه ڪچان، تون چئه نه لڄان – پر تو کان هڪڙي ڳالهه پڇان؟

تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندي – اعلان هزارين مان نه رڳو (شيخ اياز)

تنهنجي وڏندڙ ناانصافين مونکي لکڻ تي مجبور ڪيو، مان هيستائين چپ سبي خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس، پر هاڻ مان حق سچ چوڻ ۾ ڪنهن کي به بخش نه ڪندس. سچ جيڪو ڪڙو ٿيندو آهي ۽ ڪم ظرف جنهن کي برداشت نه ڪندو آهي تون پاڻ بابت ڪا مثبت تنقيد به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهين، هونهن به تو ساڻ ڳالهائڻ اجايو آهي. تو کي خبر آهي ته تون ڇا آهين ۽ سچ ڇا آهي. جيڪو سچ ۽ صحيح آهي تنهن کي دنيا ضروري مڃيندي.

ساجن تو ايندي چيو ته "اسان جي يونين نئين نئين آئي آهي، ڪجهه پير مضبوط ڪرڻ ڏيو ته اسين ليبر جا سڀ جا سڀ مسئلا حل ڪنداسون" چوندا آهن ته "سلو اهو جو ڄمنديءَ پلو نڪري" پر تنهنجي ته بسم الله ئي غلط هئي، تنهنجي سچ جو شروعاتي قدم مڪمل ڪوڙ تي رکيل آهي، تو ۾ عبداللطيف نظاماڻي جهڙي

هڪجهڙائي آهي، تو ليبر جو ڪنهو پيو ڪائين، اها ڪيپ تو اڪيلي سر نه ڪو نه ڪئي آهي. پيغام يونين جو تاج رڳو تو لاءِ نه آهي. پيغام ۾ تو ڪان به قابل ماڻهو موجود آهن اسان تو کي جيت ان لاءِ ڪانه ڏني آهي، جو تون اسان کي هار ڏين ۽ اهڙو ويل نه ڪر پيغام جي جيت کي ڪرو مورو نه ڪر. ”انڌي جهڙي پيڪين تهڙي ساهرين“، ”انڌير نگري چرپٽ راجا“، ”ڏاڏي رڌڻ واري ڏهتا ڪائڻ وارا“، ”ماءُ مري ڏيءُ لاءِ ڏيءُ مري لن لاءِ“ اهي سڀ ڪهاوتون تو تي بلڪل فٽ آهن، تون سڄڻ ڪارڪنن کي ٽڙڪائي پيغام کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي. تو پيغام جي گلستان مان انهن سچن ورڪرن کي غير ضروري گاهه جيان ڪٽي ڦٽو ڪيو آهي. اها ڪهڙي مجبوري آهي جو تون سڄڻن کي ڏڪي، دشمن جي فيڪٽري مان پنهنجا سڄڻ پيو تلاش ڪرين. اڄ به ساڳيا ڪندا راهه ۾ تا چين، اها نظاماڻي جي باقيات، اهي پڙوا جيڪي تنهنجي اچڻ ڪان اڳ پهچيو وڃن جيڪي جتي ڪٿي اڳيان اڳيان وينل هجن ٿا. اهي هائيڊرو جا پاڇوڪڙ شوڌا، اٽڪل باز، چالباز ۽ بهروپيا. اهي ٻچا ٻڙا ڏسڻ ۾ اٻوجهه پر اندر جي ڪمينا، منافق، مڪمل بدخواهه، خود پرست، خود غرض نه شڪل نه چاڻ، اٽي تي چٽي، اهي مفت خور هڙ ڪائو هالو چالو ويڪائو مال، اها چورن جي لوڏ جي لوڏ پيغام ۾ ڪاهي پئي آهي، هي جيڪي نقط ۽ فقط پنهنجي ذاتي ڪم جا ڪاريگر آهن. هي جيڪي هائيڊرو جي طاقت کان ٻاهر نڪرڻ بعد ساڳيا ماڻهو آهن جيڪي بدلجي ويا. هي خوشامندڙيا جڏهن پنهنجي مفاد خاطر نظاماڻي سان ڏينهن رات گڏ هئا. جيڪي سڄي زندگي هن جي اوير ۽ نمڪ کائي به هن سان سچا نه ٿيا. اهي راتو رات پيغام سان ۽ تون سان ڪئين سچا ٿيا حيرت آهي. هي جن جي رڳ رڳ ۾ پڙوت سمايل آهي جن جو پڙوت ۾ ڪو ثاني ناهي هي رڳو تنهنجي پڙوت ڪري پنهنجا پير پختا ڪن پيا، هي جيڪي مفادن خاطر هن سان به گڏ هئا تو سان به گڏ آهن ۽ وفاداري هنن جو ڍونگ آهي. هي قصده خوان پنهنجي مفادن خاطر تو لاءِ به قصده ڳائيندا. هنن مردارن جا پليت پير پيغام يونين ۾ پيا آهن شل پيغام جو خدا خير ڪري، مونکي ته پيغام يونين جو آئيندو به هائيڊرو يونين جيان پيانڪ ٿو نظر اچي.

محترم ساجن پنهور تڪبر ۽ غرور تو کي ورثي ۾ مليل آهي. تون ساڳي ريت نياڻي رهيو آهين، دنيا بدلجي وئي آهي پر تون پنهنجي اندر کي بدلائي نه سگهيو آهين. تون اڄا تائين نظاماڻي سان نياڻي رهيو آهين. تون نظاماڻي جي هر ناتي کي معنيٰ ڏئي رهيو آهين. تنهنجي دوستيءَ کي منافقي سان تشبهه ڏئي سگهجي ٿي. اهي اپرندڙ سج جا سلامي. هر ديگ جا چمچا، اهي هر وقت عروج ۾ رهندڙ، ايور گرين جن ڪلهه به خوب مزا ماڻيا هن وقت به تو پاران تن لاءِ ساڳي سخاوت جي نوازش جاري آهي. تون ناني ويڙهو مچائي سخاوت جي جذبي تحت پيغام يونين جي اهم عهدا تحفي طور اهڙي نه فراخدلي سان ورهائي رهيو آهين، جڻ پيغام يونين تنهنجي ابي جي ملڪيت هجي، تون هنن لمحن کي خزانو سمجهي پنهنجي پنهي هٿن سان نه لٽاءِ انهن بي مختيارن کي خودمختيار ڇو پيو ڪرين. هنن بي شرمن کي ٻيهر ڳاڙهو ڇو پيو

Scanned with CamScanner

ڪرين؟ انهي مونئل مڙهه ۾ ڦيهر ساهه ڦوڪي انهن سڪلن کي ڀڪائي گلناز چو پيو ڪرين؟ هنن تقديرن جي ڏڪيلن، جن کي ڀاڳ به ڇڏي ويا، تن جي ڪڏهن تون چو آهين؟ هي موسمي ڏيڏر رڳو بهار ڏسي آيا اٿئي هنن کي پلٽي ڏڪي ڇڏ. هائيڊرو جي ڪريل ملبي ۾ انهن کي ڏڀڄڻ ڏي هي پاڻ ئي پنهنجو موت مري ويندا. تون ممتاز ڊرائيور، سڪندر، جبار عباسي، جلال راجپوت ۽ اشتياق اُڃڻ جهڙا غدار نوازي رهيو آهين. ياد رک هڪ پيرو جو غدار سئو پيرا جو غدار هوندو آهي“. هي گلي جا هار وري به نه ٿيندئي رڳو غدار ٿيندئي. تنهنجا پنهنجا تو کان دور ۽ هي غدار تو کي ايترو ويجها چو آهن؟ غداري جا جراثيم ته تون ۾ به موجود آهن. تون اڳ نظاماڻي جو بار بار پير ڇهندڙ، نمبرون ڪمدار، منظور نظر ۽ رکيل هيئن ۽ اڄ غدار بڻجي سندس اولين دشمن جو اعزاز ماڻي چڪو آهين، تون پيغام يونين جي جائز اولاد کي ڇڏي، نظاماڻي جي اها ناجائز اولاد چو ڪٺي رهيو آهين؟ ڪٿي ائين ته نه آهي تون نظاماڻي جا اڳوڻا احسان ۽ فرض چڪائي رهيو هجين. اهي هڙ جا هڙ حرامي ڀار ڪڻڻ کان بهتر نه آهي ته تون خود ئي پنهنجي اڳوڻي مڙس نظاماڻيءَ وٽ واپس موٽي وڃ. اسان کي سخت اعتراض آهي اسان هنن تي اعتبار ڪري نٿا سگهون اسان کي هائيڊرو جي انهن بهروپين مان پيوند قبول ڪونهي اسانکي تو سميت سموار ايڊا پٽ ڪيل ليڊر نه کپن، اسان غدارن جا بوٽ چمي نٿا سگهون. ياد رک تنهنجا اهي منظور نظر تنهنجا اولين دشمن بڻبا، اهي جيڪي ايندي شرط تنهنجي وجود کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هر وقت سرگردان آهن. هنن اپاهجن جي بيساخن تي هلڻ نه سک منهن پراڇي ڦهڪو ڪندي. احسان فراموش نه ٿي سڄڻن کي بيزار نه ڪر، نه ته اسان سڀ گڏجي تنهنجو مڪمل بائيڪاٽ ڪنداسون، تون مٿان لعنت ملامت ڪنداسون. اسين ڳگدام ۽ بي همت ناهيو. مردانه وار اسان کي به اچن ٿا، اسان تو خلاف پنهنجو اصل هٿيار پروپيگنڊا استعمال ڪنداسون. جنهن سان تون چڪرائجي ويندي. اسان هڪ ڏينهن اندر ڪيئي صفحن تي پنهنجو سچ لکي ڇپائي هڪ ئي ڏينهن ۾ سنڌ جي سمورن دفترن اندر ورهائڻ جي صلاحيت پڻ رکون ٿا. ياد رک ته اسان جهرڪي کي باز سان ويڙهائڻ جو فن به ڄاڻو ٿا. وقت بدلجڻ ۾ دير ئي نه ڪندو آهي. وقت هڏائيندو ته اُٺ ڪهڙي طرف ٿو ويهي، جو ڪرڻو اٿئي ڪري وٺ، ڦير وقت نه ورڻو اٿئي. هر طرف تو لاءِ نفرت ۽ ڪروڌ جي جوت جلي رهي آهي. اها باهه تو کي تباهه ڪري ڇڏيندي، ائين نه ٿي جو تون پنهنجو پاڻ بچائي نه سگهين، ائين نه ٿئي جو پوءِ تون به پلٽي ڏڪيو وڃي. ائين نه ٿئي جو تنهنجو آغاز ئي تنهنجو انجام نه بڻجي. خدا نه ڪري جو تون پوءِ ”ڌوٻيءَ جي ڪتي جيان نه گهر جو رهين نه ئي گاٽ جو.“ ماٺهو کي کهٽ ۾ کهٽ دل ۽ نيت جو صاف هئڻ کپي، محترم ساجن پنهور صاحب پنهنجي دماغ ۾ سمجهه رک. وسيع نظر، ڪليل دل ۽ دماغ رک، درياهه دل ۽ نيڪ نيت ٿي. پيغام جي لاڄ رک، تو کي هنن ڪوئيلن جي ڪوڪ ۾ رڳو درد ئي درد ملندو، هنن ڏي ڏيان ڏي، روئيندڙن کي پرچاءِ سڄڻن ۽ دشمنن جي سڃاڻپ رک. سڄڻن کي ڳولي،

Scanned with CamScanner

سيني لاءِ، دل ۾ سمائي، گڏ ڪٽي هل، سپ سمنڊ جي تري ۾ اٿئي. ليبر سان ڪيل واعدن کي پاڙي ڏي، عملي طور ڪجھ ڪري ڏيکار، اهڙو ڪم ڪر جو تنهنجون ڳالهيون ڳائيجن، هاڻ رڳو تو کي تنهنجي اها ڪارڪردگي ئي بچائي سگهي ٿي. ساجن سائين تون اسان جي دل جو سائين آهين. اسان جي دل ۾ تنهنجي لاءِ عزت آهي. تنهنجي دل ۾ به اسان لاءِ سافٽ ڪارنر هئڻ کپي. عزت وٺبي ۽ ڏبي به ته آهي. تو اسان کي عزت ڏني ته ڏس، يقين ڪر اسين تو کي لک عزتون ڏينداسون. اسين سنڌ واسي عزتن تي سر ڏيندا ۽ وٺندا آهيون. عزت ڏيڻ واري ته هو بي پرواھ ذات آ باقي بندو بندي کي ڇا ڏئي ٿو سگهي.

ڪاڪ جو ميندرو

مونکي پيغام جي اها بلا ڳچي ۾ وجهندڙ محترم خالد خانزاده (سينيئر) هو جو هن ڪاڪ جو ميندرو هو، جيڪو وقت جو مڪمل فائدو وٺڻ بجاءِ لڙهي ويو. جيڪو تو سان دشمني ۾ پلي چڙهي ويو. جنهن جو نظريو هو ته پاڻ ۾ اختلافن جا امڪان يونين کي ڪمزور ڪندا، جيڪو يونين کي ڏانوا ڏول ٿيڻ کان بچائڻ خاطر پنهنجي زندگيءَ بنواس ۾ گهاري رهيو آهي.

ٻري ٻيڙيءَ ۾ واٽيو ڳورو

پيغام يونين جي ڪاميابي شايد مونکي به يانءِ نه پئي. پيغام يونين کي معنيٰ ڏيڻ ۾ جن فردن جو ڪردار هو تن ۾ مان به ته هئس، مون ته چٽي طور تي سچائي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ اڙهانگي پنڌ مون تي ڪيئي مصيبتن جا پهاڙ اچي ڪٽا ڪيا. هر وقت سسپينڊ، بدلي، زندگي آفيسرن سان جهيڙيندي گذاري ڇڏيم. نه اپ گريڊ نه پروموشن، نه سينيارٽي لسٽ ۾ نالو نه مسٽر ول تي نالو، نه ٽريننگ نه اوور ٽائيم، نه ٽي اي، ڊي اي نه رشوت، نه حصو نه پتي انهيءَ ويڌن هوندي به مون پيغام کي نه ڇڏيو. مون تي طرحين طرحين جا ظلم ٿيندا رهيا. منهنجو جيئڻ جنجال بڻجي ويو. مان رڳو قرباني جو پتلو هوس، مون جو هيترو لوڙهيو هو اهو کهڙي ڪاتي ۾ ويندو، هاڻ جڏهن ڪالي گهٽا برسي آهي ته پيغام مون لاءِ اجنبي ڇو، راتين جي گگھ انڌيرن ۾ پيغام يونين جي مشعل منهنجي هٿ ۾ هئي ۽ مان سڀ کان اڳ ۾ هئس، هاڻ ڇو نه؟ هاڻ جڏهن باک ڦٽي آهي ته شبنم جا ڪترا ڏسڻ ڪاڻ منهنجيون اکيون ڇو ڪڏيون پيون وڃن؟ شايد ان لاءِ جو مان پيغام ۾ پرين جا پير ڏسڻ چاهيان پيو، پاپين جا نه، ساجن تنهنجي شاهي دسترخوان تي تنهنجا سڀ جا سڀ مهمان لٽل آهن، صرف مان نه، تنهنجي انهي منافقن جي تڏي تي مان ويهي به نه سگهندس، ڇو جو منهنجو ساھ منجهندو مان هرو ڀرو جي اختلافن کان پري آهيان مان ڪنهن سان به ڦٽائڻ نٿو چاهيان. هي وقت رُسڻ جو نه آهي. اهي عهدا مون لاءِ بيڪار آهن، مان پنهنجن ڪارڪن ۽ ورڪرن جي دلين مان پنهنجي همدردي ۽ پيدا ڪيل عزت وڃائڻ نٿو چاهيان. ماڻهو مڇي ماني وارو هر ڪو آهي، ڪم ڪنهن جو به نه بيهندو. پيغام جي اڙهانگي سفر ۾

Scanned with CamScanner

منهنجا پير پٽون ٿيا آهن. ساجن مون کي چڙي ڏي ته مان ڪجھ ساهي پٽي وٺان. مون لاءِ اهوئي ڪاني آهي ته مون پيغام کي ڏکئي وقت ۾ سات ڏنو. منهنجي اُڪير اڄ به پيغام سان آهي. مان پيغام سان پوءِ به پاڙيندو رهندس.

پيغام يونين زنده باد. سنڌ سلامت سات سلامت سونهن سلامت

نقط واپڊا پيغام يونين جو سچو سالار آغا قيوم

ٽوڪٽي مان هوا نڪري وئي

واپڊا پيغام يونين جمهوري طريقي سان طاقت ۾ نه آئي هئي. بلڪ ناجائز سازشن وسيلي آئي هئي، ان ڪري جلدي ان ٽوڪٽي مان هوا نڪري ويئي. اسان هڪ خرابي کي ڪڍي ٻي کي آندو، انڪري ليبر کي ذهني انتشار ۾ ئي رهڻو پيو. اهي ئي پراڻا دستور. اها ئي اڳوڻي فضا. اُهي آفيسرن جا آزار جڙ ته ڪاميابي رائگان وئي. انهن خود غرض جي ته وڏيڪ الله ٻڏي، هن ساجن پنهور به مزدورن جي ڀلائي لاءِ ڪجھ نه ڪيو مونکي افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو ته هن نوڪري جون 12 سيٽون حاصل ڪري ورڪيون. انهن خود غرض غدارن جون پاڙون پٽي اڇلايون وڃن ها ته هي ڏينهن نه ڏسڻا پون ها. ياد رهي ته 29 مئي 2013ع جي ريفرنڊم ۾ هائيڊرو يونين هڪ نئين نالي آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين هڪ ڀيرو ٻيهر ميدان ماري وئي.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

Scanned with CamScanner

باب ٻارهون: فيملي ۽ رشتا

عيد

اگڻ جي اَڇن عيد ورتي اُن کي (شاهہ لطيف)

*

جا عمر! تو مَل عيد سا سان سوءَ ورتي سومرا!!
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سکڻ کيا شهيد، مارو جي ملير جا. (شاهہ لطيف)

*

ڪتڻ جي ڪانہ ڪرين، سُتي ساهين هڏ،
صباح ايندءِ او چتي عيد اگهاڙن گڏ،
جت سر تيون ڪندءِ سڏ، اُت سڪندين سينگار کي. (شاهہ لطيف)

*

جا براد بتن جي، سا اڄ بک اديسين،
روزا رندر ڪن عيد نہ وڏا ڪاپڙي. (شاهہ لطيف)

*

سڄو ڏيهہ ڏاتا ڪري جي اَيا،
لکين عيد جا چنڊ اُڀري پيا! (شيخ اياز)

*

جڻ تہ جهومي ٿي پئي هي ڪائنات،
تون ڪٿي آهين پرين اڄ عيد رات؟. (شيخ اياز)

*

مس مس پهتي مُند بهار – دلبر آندي عيد بخاري. (استاد بخاري)

*

روشن روشن ميڙا مچندا – خوشبو خوشبو نغما نچندا،
هوندو سهج سُرور پيارا، ايندي عيد ضرور. (استاد بُخاري)

*

عيد جو چنڊ تہ نہ آهيان، جو نهارين مون ڏي،
مان ويل وقت تہ نہ آهيان جو پڪارين مون کي. (امداد حسيني)

*

قسمت ساڻ اچين ٿي تون پي عيدن ۽ تهوارن وانگي (اياز گل)

*

عيد جي ڏينهن بہ دُوري آهي – ڪيڏي نہ مجبوري آهي. (اياز گل)

*

Scanned with CamScanner

جيءَ تي جهڙ ڪنهن جهانجهڻ وڄائي،
لڙڪن هٿي ڪا عيد ملهائي. (ڊاڪٽر بيدل مسرور)

*

او هلان وٽ آهي خوشي پلي عيد ملهائيو،
اسلان وٽ آ ماتم ڏکي هر ڪا آ ديد. (ڊاڪٽر مرتضيٰ کوسو)

*

جهومي تو تن من — الله اڄ عيد ڪئي اکرين. (فلمي گيت)

*

ڏس! موت پيو ملهائي عيدون ڏاڍيون هوليون. (نامعلوم)

*

عيد جا ڪارڊ ڏسندي سندم — هر ڪا ڳالهه ڪندي پئي (سليم چنا)

*

اڄ اکڙين جي ديد ڏس — منهنجي عيد ٿي (آغا قيوم)

*

اڄ نه عيدون سي، جيڪي هيون ڪال — منهنجي دردن آڏو، ڏينهن مان ٿي ڍال،
ڇڪي جلندڙ دردن جي پرسان خدمت حال، منهنجي هٿن جي ڍال، پلو سڄي پاڻيان مان.
(ڊاڪٽر شاهه عنايت موسوي)

*

اڄ نه عيدون سي جيڪي هيون ڪال- اڪيلي عنايت لاءِ آ جڳ سڄو جنجال
تلندڙ هتيو. اجهال پڄي ٿي ڪو پتو ٻم (ڊاڪٽر شاهه عنايت موسوي)

*

ڪنهن غمن وارا عيد ملهائن — سور سدا جن جا ساٿي آهن،
جن جون آهن دلڙيون ڏاروں — نور تهن کان آهن ٻاهرون
سي ڪنهن هٿين مهندي لائين — ڪنهن غمن وارا عيد ملهائن (نجم نور)

*

موت جو منظر هيو جنهن ڏينهن جا — عيد هئي پر تو سوامون ڪان نه ٿي،
اڙي دل ٿي ڪهڙي طرح آسرو ڏين — اڄها عيد آئي، اڄهو يار آيو
الائي جو "اصغر" اڄڪين عيد وانگر- نه هن عيد تي ڀي هو منتار آيو (اصغر سيتائي)

*

عيد ڏياري ياد ڪو — ڏسڻو آهي! او سٽيهڙي جي روپ ۾! (سائل پيرزادو)

*

رئل يار موڻ سان مليو عيد تي — پوي دل سان ياڪر ڪليو عيد تي
لهي غم ويا سڀ، ملي وئي خوشي — لکين خوش پرين اچيو عيد تي

ڏني مون بہ دعوت سڄڻ کي دلي — اڄي منهنجي گهر ۾ رهبو عيد تي
وڇوڙي جون ڳالهيون ويون ٿي ختم — لئين سر لهائڻ ٿيو عيد تي (فقير محمد سنائي)

*

وڪٽوريا گاڏيون گهوڙن جا ٽاپ
سڏ امن جي اڄ وڃ
عيد تي بي اذيت وارا موڪرا پاڪر (خدابخش آزاد)

*

آرزو خون ٿيون، ختم ٿيون اُميدون، تي خوشيون خاڪ ويون، رُسي ويون چڻ عيدون رونقون راک ٿيون، انڌيون ٿيون سڀ ديدون، هر ضرورت جو قتل ٿي ويو، ماتم ڪيو.
(سڪندر آه)

*

سنڌ جي راڻي نياڻي نماڻي شهر شهيد ڪئي
آهي اسان جي من ۾ ماتم — ڪوفين عيد ڪئي

*

مان روز نہ پر عيد تي اگهندس ڳوڙها — تون موڪلي ڏي ريشمي رومال مونکي
(استاد بخاري)

عيدون برادون

دنيا اندر هر ملڪ ۾ ڪيترائي مذهبي ڏينهن يا تهوار ملهايا وڃن ٿا جن ۾ عيدون هولي، ڏياري، ڪرسمس ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ڏينهن اچي وڃن ٿا جن کي ملهائڻ جو مقصد هڪٻئي ۾ خوشيون ورهائڻ آهي. جئين پڪي سارو ڏينهن گهمي ڦري شام جو پنهنجي آکيرن ڏانهن موٽندا آهن. ائين ئي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ اندر موجود روزگار سانگي ويل پرديسي پکيئڙا ٻين شهرن مان عيد ملهائڻ لاءِ پنهنجي وطن شهرن ۽ ڳوٺن جو رخ ڪن ٿا. هر شخص اهو چاهيندو آهي تہ هو عيد جون خوشيون پنهنجي والدين، پنهنجي عزيزن قريبن ۽ يارن دوستن سان گڏ ملهائي، پر افسوس آهي تہ اسان جي ڏيهہ ۾ هڪ پاسي عيد ڏهاڙي تي پنهنجن ماڳن ڏانهن ويندڙن کي ٽرانسپورٽر ٻنهي هٿن سان لٽين ٿا تہ ٻئي پاسي رهي سهي ڪسر دهشتگرد پوري ڪريو ڇڏين. ٻارن کي سارو سال عيد جو انتظار رهندو آهي. نوان ڪپڙا پائڻ ۽ نوان چمپل خريد ڪرڻ جي حسرت رهندي آهي. والدين کين چمپل ۽ لٽا وٺي ڏئي سندس ارمان پورا ڪندا آهن. اسان جي معاشري ۾ موجود غربت ۽ بدحالي جي ڪري غريب هاري، پورهيت ۽ مزدور پنهنجي ٻارن لاءِ قرض کڻي عيد جا ڪپڙا خريد ڪري پنهنجي اولاد جي چهري تي خوشي آڻيندا آهن. شهرن ۽ ڳوٺن جا جدا جدا ۽ عيد ملهائڻ جا طريقا مختلف هوندا آهن غريب غربو عيد ڳوٺن ۾ انتهائي سادگي سان ملهائيندو آهي. هر ماڻهو پنهنجي وس ۾

وٽ آهر عيد خريداري ڪندو آهي. شهرن جا ماڻهو هڪ پاسي عيد جي خريداري وڏي جوش ۽ خروش سان چنڊ رات تي ڪندا آهن. ته ٻئي پاسي تفريح گاهن پارڪن ۽ هوٽلن جو رخ ڪندا آهن. ڳوٺ جا سڌا سادا ماڻهو پنهنجي اوطاقن کي رنگ و روغن ڪرائي ڇڏيندا آهن. عيد نماز پڙهي، قبرستان وڃي، وڏڙن جي قبرن تي گل چاڙهي ڦل پڙهي، پنهنجي گهر موٽي، گهر ڀاتين کي مبارڪون ڏئي، ٻارن کي خرچيون ڏئي. سلام دعا ۽ عيد ملڻ لاءِ وري ٻئي ڪنهن رشتيدار جي گهر وڃن ٿا. جتي گهڙي ڪن ويهي ٻارڙن کي خرچيون ڏئي موڪلائي اتان سڌو ڏو ٻينگ جي اوتاري تي اچن ٿا. وڏن شهرن ۾ رهندڙ عيد ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ايندڙ اهي ڀوتار، سردار، جاگيردار، وڏيرا، ايم پي اي، ايم اين اي، وزير ۽ مشير عام ماڻهن سان يا ته عيد تي يا اليڪشن دوران ملي سگهندا آهن. باقي وقت ته هي ڀوتار دبئي يا اسلام آباد ۾ هوندا آهن. هنن جو ديدار به مهانگو هوندو آهي. عيد وارن ڏينهن ۾ وڏن شهرن جي پڪنڪ پوائنٽ تي ڪافي رش لڳي ٿي. عيد جي موقعي تي لتل ماڻهن جي پيهه ڏسڻ وٽان آهي. نوجوان پڪنڪ يا تفريح تي وڃڻ لاءِ ساٿين جو گروپ ٺاهي نڪرن ٿا. هي پاڻ سان ڪاڏي پيتي جو شيون به کڻي اچن ٿا. عيد جي موقعي تي درگاهن ڏانهن وڃڻ جو لاڙو به رڪارڊ ٽوڙ حدتائين وڌي ويو آهي. نوجوان آثار قديمه تي به اچن ٿا. آثار اندر عيد جي موقعي تي ڊڪڻ ڊوڙڻ ٽپا ڏيڻ. نچڻ کان سواءِ موٽرسائيڪلون کڻي اچي پڻ هلائن ٿا. جن سان آثارن کي پڻ گهڻو نقصان پهچي ٿو. هنن نوجوانن موٽرسائيڪلون هلائي موهن جي دڙي کي پڻ مڪمل تباهه ڪري ڇڏيو آهي. منع ڪرڻ تي جواب ٿا ڏين ته ”تباهه ته هو اڳئي آهي اسان ڇا تباهه ڪنداسون“ سال گذري ويا آهن عيدون برادون خوشيون ۽ غم مون لاءِ سڀ بي معنيٰ آهن.

راڻي باغ

بابو اسان سيني کي عيد تي پڪنڪ يا تفريح تي وٺي ويندو هو. انهيءَ زماني ۾ لنڊي سڙڪ ڏانهن طرف نه هئي رش به گهٽ هوندي هئي، هاڻ ته هنهي پاسي وڏي رش لڳي ٿي. اڳي رڳو ٽانگا هلندا هئا. بگي يا وڪٽوريا، جانورن کي پاڻي پيارڻ جا حوض ۽ مسافرن لاءِ نادين رکيل هونديون هيون جنهن ۾ پخالي پاڻي ڀريندا هئا. اسان عيد ڏينهن روڊ تي خالي ٽانگي جو انتظار نه ڪندا هئاسون ڇو ته بابا عيد تي اسان کي وڪٽوريا ۾ ڄامشورو ۽ راڻي باغ وٺي ويندو هو. جتي اسان پاڻ سان گڏ ڪاڏي پيتي جون شيون کڻي ڪچهري ڪري لطف اندوز ٿيندا هئاسون. مان مٽي ڪوچوان سان گڏ بالم تي ويهندو هوس. المنظر تي پهچي درياهه شاهه جو نظارو ڪري ڄامشورو جي پل وٽان لنگهندي پوءِ پيو ٿيندو هو. سنڌو درياهه به تارو تار پيو وهندو هو. پل وٽ درياهه جو گوڙ ۽ شور اهڙو هوندو هو جهڙو شينهن جو گجگوڙ. پل ڪراس ڪرڻ ڪانپوءِ مس مس وڃي ٻٽ ۾ ساهه پوندو هو. اسان ڪڏهن ڪڏهن گهر کان پنڌ ئي پنڌ راڻي باغ پهچندا هئاسون. حيدرآباد جو هي ميونسپل پارڪ جنهن کي راڻي باغ چون ٿا. هتي پهريون

Scanned with CamScanner

پيرو ان وقت جي ميونسپالٽي جي چيئرمين خانصاحب عبدالله چنا جاڙو ڪرايا هئا. تڏهن حيدرآباد جي هوائن ۾ مستي هوندي هئي. ماڻهو اونهاري جو حيدرآباد جي هڪ واحد تفريح گاهه راڻي باغ ۾ گذاريندا هئا. جتي چوڪاري گهاٽا وڻ ئي وڻ هئا. پکي پکڻ پنهنجي دلڪش انداز ۾ پنهنجون مليون ٻوليون ٻوليندا هئا. پکين کي خوب داڻو ۽ جانورن کي خوب چارو ملندو هو. راڻي باغ جي حيوان گهر ۾ آهي ڇا؟ هاڻ ته ڪجهه به ناهي، هتي پکين ۽ جانورن کي نه وقت تي پاڻي ٿو ملي نه داڻو يا چارو اهڙي طرح هي ڏهرا ۽ هيڻا جانور ۽ پکي ڏسندي ڏسندي بک وگهي دم ڏئي حوالي ڪريو ڇڏين. سڪيلڊو هاٿي راڄا هو اهو به ماري ڇڏيون. شينهن، چيتا سڀ مري کپي ويا. ٻلڪون ۽ للڙا ميري گدلي پاڻي ۾ مثل مڇيون کائن ته اسان نڪ تي رومال رکي ڏسندا هئاسون. هاٿي ته مڇيون به ناهن اسان شرارتي، ڏنگائپ ۾ تت نيون حرڪتون ڪندا هئاسون. اسان شينهن، باندر، واڳون، گدڙ، ٻگهڙ، هرڻ، ٻلڪون، مئو ۽ ٻين پکين ۽ جانورن کي پڃرا، بسڪوٽ ڪيلا ۽ چپس کارائيندا هئاسون. هاڻ ته رهيل سهيل شينهن به بسڪوٽ ۽ ڪيلا کائن تا هنن کان گوشت کائڻ ته وسري ويو آهي. هاڻ هنن پکين ۽ جانورن کي به آزادي ڏيو ته هي پنهنجي فطرتي ماحول ۾ پنهنجو شڪار پاڻ ڪن. راڻي باغ ۾ جهولڻ لاءِ جهولا هئا. نٽ بال کيڏبي هئي. ورزش ٿيندي هئي، اوپن ايئر ٿيئٽر ۾ اصلاحي ڊراما ٿيندا هئا. هاڻ ته بيهودا ڊانس ڪيا تا وڃن. هاڻ ته عيد تي راڻي باغ ۾ گندا ناچن، عشق بازي رنڊي بازي ۽ لونڊي بازي کلي عام ٿي ڪئي وڃي. رڳو پوليس ۽ اسپيشل برانچ جا نٽ آهن. باقي تفريح ڪا نه آهي.

سامان واري ٻُجڪي

(خاص دل) منهنجي هٿ ۾ هميشه ڪپڙي جي هڪ ڳوٿري هوندي آهي. جنهن ۾ منهنجو ذاتي سامان هوندو آهي. اها ٻُجڪي منهنجي سڃاڻپ آهي، مان پنهنجي پيڙائن جي ڳنڍڙي ڪلهي تي کنيو وتان. آغا (آڳا) اپني موت سي ڪوئي بشر نهين، سامان تو سئو برس ڪا هي، پر پل ڪي خبر نهين، چوندا آهن ته "گودڙي پنهنجي چنڙي ئي ڀلي".

منهنجي فيملي جو تعارف

موڪي وقت سان پنهنجي فيمليءَ جو تعارف ڪرائڻ لازمي ٿو لڳي، منهنجي سڃاڻپ آغا قيوم جي نالي سان آهي، پر موڪي دوست پيار لاءِ ڪري سڏيندا آهن. لکڻ ڪمپيئرنگ ڪرڻ، سير و سفر ڪرڻ ۽ فوٽو گرافي ڪرڻ منهنجو شوق رهيو آهي، اڪر پهلوان، لالي پاراٿو ڪتابي سلسلو، روزاني جلاوطن اخبار، ساهه سڳنت سڏڻ پالي جي ڪوٽ علاف ڪٽڻ جو اڻو ڪو مظاهرو ۽ پنهنجي، اٿر ڪيتا اڳهاڙو سچ جي لاثاني تحرير منهنجي سڃاڻپ آهي، مان هڪ پادشاهه زادي جو پٽ آهيان (پادشاهه زادي دراصل منهنجي ماءُ جو نالو آهي) جيڪا هڪ گهريلو سگهڙ خاتون هئي، منهنجو بابا

لالا عبدالڪريم (مرحوم) ولد محمد بچل مغل پاڻ ڪالونائيزيشن آفيس هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد ۾ هيڊ منشي هو، جيڪو 54 سالن جي عمر ۾ اوچتو دل جي دوري پوڻ سبب 18 مئي 1979ع تي وفات ڪري ويو. اسان پاڻ ۾ اٺ ڀاءُ ڀيڻون هئاسون، پنج ڀائرن ۽ ٽي ڀيڻون جن مان هڪ ڀيڻ ۽ هڪ ڀاءُ وفات ڪري ويا. مان ڀائرن ۽ ڀيڻن ۾ پنجين نمبر تي هئس. منهنجو جنم 18 مارچ 1961ع تي نيين پور محلہ شڪارپور ۾ ٿيو. منهنجو اسٽار برج PISCES پايسز آهي، منهنجو طهر (سنت) 23 مارچ 1973ع ۾ ٻارهن سالن جي عمر ۾ ٿيو. جڏهن ته منهنجي شادي 10 آڪٽوبر 1991ع ۾ ٽيهه سالن جي عمر ۾ ٿي. منهنجي سس شمشاد بيگم جنهن کي سڀڪو پيار مان جمي دادا ڪري سڏيندو هو، سا منهنجي سڳي ڦڦات هئي. منهنجو سهرو لالا گل حسن پٺاڻ، انڪم ٽيڪس کاتي هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد ۾ ڊائريڪٽر ايڊمن هو، مان پرائمري گورنمينٽ پروانشلائيز مڊل اسڪول اولڊ وحدت ڪالوني حيدرآباد مان، سيڪينڊري ماڊل اسڪول (اولڊ ڪئمپس) حيدرآباد مان، فرسٽ ائير گورنمينٽ ڪاليج ڪالي موري مان، انٽر سائنس گورنمينٽ مسلم ڪاليج مان ۽ بي اي (Library Science) گورنمينٽ سچل سرمست آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. مان هن وقت واپڊا (حيسڪو) هيڊ ڪوارٽر ۾ 14هين گريڊ ۾ اسسٽنٽ آهيان، مونکي هن کاتي ۾ نوڪري ڪندي 34 سال ٿي چڪا آهن. منهنجي گهروار آغا رفيعہ پٺاڻ 8 اپريل 1967ع ۾ مير شاهہ ٿبي پاڙي شڪارپور ۾ ڄائي هن جو اسٽار (TAURUS) برج ثور آهي هي هن وقت 47 سالن جي آهي ۽ منهنجي هن وقت عمر 54 سال آهي هي مونکان عمر ۾ 7 سال ننڍي آهي، هي پاڻ ۾ پنج ڀيڻون ۽ چار ڀائر آهن ھي ترتيب ۾ ٻي نمبر تي آهي. هن پرائمري لاڙڪاڻي مان مڊل سکر مان ۽ ميٽرڪ ايچ ايم خوجا اسڪول نواب شاهہ مان پاس ڪئي، اسانجي شاديءَ کي 24 سال گذري ويا آهن. ”مور ٿو ٽلي راڻا، مور ٿو ٽلي، راڻا تو مان راڄ ٿيندا“، راڻا تو مان لک ٿيندا. قدرت مونکي هن حق حلال ۽ ڀاڳن ڀري مان ٽي پٽڙا ۽ هڪ نياڻي ڏني الم، جيڪي ماشاءِ الله جوان ٿيا آهن، انهن ڇهن ڀارن کان سواءِ باقي مون باٿ روم ۾ ڌيان ڪري ڇڏيا، چوندا آهن ”جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا“ يا ”ٻچا ڪائون کي بہ پيارا“ اولاد ۾ والدين جو ساهہ هوندو آهي، منهنجي اولاد منهنجي وجود جا ورڪنگ حصا آهن. منهنجي اولاد سان منهنجو سلسلو جڙيل آهي، ٻار گهر ۾ سونهن ۽ والدين جي دل جي روشني هوندا آهن، اولاد جي مستقبل لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ والدين پنهنجي زندگي اولاد لاءِ وقف ڪري پنهنجي خواهشن کي اولاد مٿان گهوري ڇڏيندا آهن، پاڻ کي ماري گهر کي جياريندو پوي ٿو، منهنجا سهورا ٻار، ماءُ سميت الڳ فطرت جا مالڪ آهن، هي سڀ مونکان بلڪل مختلف آهن، هي جڏهن اٿندا آهن تہ طوفان ٿي اٿندا آهن، وڏي وڏي ڳالهه ڳالهه تي اٿندا آهن، اٿندي اٿندي ڀت مٿي تي کڻي ڏيندا آهن، گهر ۾ روزانو فطري ماتم مثل هوندو آهي، هاڻ تہ اسان جي گهر جو پالتو طوطو بہ اها ئي زبان پيو ٻولي،

نين تارا (NAIN TARA)

نينا او نينا، اسي ۾ نينا- سيڪوئي چاهي مجھڪو اسي ۾ نينا

منهنجي هي اڪيلي ڌي نين تارا، جنهن کي اسان پيار ۾ نينا ڪري سڏيندا آهيون. 27 جنوري 1993ع تي اسان جي فيملي ڊاڪٽر محترمہ شميم ارباب جي ارباب ڪلينڪ حسين آباد، حيدر آباد ۾ ڄائي، نينا جو اسٽار (AQUARIUS) دلو آهي، نينا هن وقت 22 سالن جي آهي، هن پرائمري پاڙي جي بي بي بوائز اسڪول مان سيڪينڊري، گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول اولڊ وحدت ڪالوني حيدراباد مان 2009ع ۾ B گريڊ ۾ پاس ڪئي ۽ جڏهن تہ انٽر سائنس B گريڊ ۾ 2011 ۾ مهراڻي ڪاليج آٽو ڀان روڊ حيدر آباد مان پاس ڪئي، ۽ هاڻ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ BSc (Deptt: of Rural Development Studies) Part-IV جي آخري سال ۾ آهي، مان لبرل خيالن جو آهيان منهنجي ناناڻي، ڏاڏاڻي يا سهراڻي خاندان مان منهنجي هي نياڻي نين تارا واحد ڇوڪري آهي جيڪا يونيورسٽي ۾ پڙهي تي. هائي ڪٽن هن جا پاڳ، هي لوڪل گورنمينٽ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ٿيڻ چاهي ٿي. ميڊم آغا جويريا چاهي تہ منهنجي هن نياڻي ۽ جو اهو خواب پورو ٿي سگهي ٿو.

شاهہ رخ خان (SHAH RUKH KHAN)

شاهہ رخ خان منهنجي وڏي پٽ جو نالو آهي، جنهن کي اسين شاهرو ڪري سڏيندا آهيون، هن جي ماءُ جواني ۾ انڊين اداڪار شاهہ رخ خان کان گهڻو متاثر هئي، تنهن لاءِ هن تي پڻ اهو نالو رهيو ويو. هن جو اسٽار (SAGTTATIUS) ٿوس آهي، هي 9 ڊسمبر 1994ع تي ساڳي فيملي ڊاڪٽر محترمہ شميم ارباب جي ارباب ڪلينڪ حسين آباد، حيدر آباد ۾ ڄائو، هي هن وقت 20 سالن جو آهي، شاهہ رخ پرائمري توڙي سيڪينڊري پاڙي جي بي بي بوائز اسڪول ۾ پڙهيو، هن ميٽرڪ 2011 ۾ AI گريڊ ۾ پاس ڪئي. هن انٽر سائين (Mehren College of Science and Technology Hyd) مان 2013ع ۾ A گريڊ ۾ پاس ڪئي، هي هن وقت گورنمينٽ سچل سرمست آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج حيدر آباد ۾ B.Com Part II جو شاگرد آهي ۽ ساڳي وقت ڏينهن جو سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ Deptt: of Library and Information Science ۾ BSc Part I جو پڻ اسٽوڊنٽ آهي. هي پڙهي ساڳي يونيورسٽي ۾ ليڪچرار ٿيڻ چاهي ٿو، هي تمام ذهين، هوشيار ۽ حساس پڻ آهي، هي ماءُ جو لاڏلو ۽ چمچو ڏاڍو ضدي آهي. هي لکڻ پڙهڻ، لڙڻ ۽ جهڳڙڻ ۾ پڻ ڪافي تيز آهي.

Scanned with CamScanner

ماھہ رخ خان (MAA RUKH KHAN)

ماڻھن ۾ مقبول آھي مارو تنھنجو نانءُ
شل چپر تيءُ ۾ چانوءُ، سدا ھن سماج لاءِ (سليم چنا)

ماھہ رخ خان منھنجو ٻيو نمبر پٽ آھي، اسان کيس مارو ڪري سڏيندا آھيون، مارو نالي راجستان ۾ ھڪ قعلو پڻ آھي. مان ھن کي الي منھنجا مارو ڙا ڪري سڏيندو آھيان، ھي منھنجو فل ٽائيم اسسٽنٽ آھي، مارو جو اسٽار (CAPRICON) جدي آھي، ھي 20 جنوري 1996ع ۾ سنڌ ميوزيم لڳ غني اسپتال قاسم آباد، حيدرآباد ۾ ڄائو، ھي ھن وقت 19 سالن جو آھي، ھي پرائمري بي بي بوائز اسڪول ڪڇي آبادي اولڊ وحدت ڪالوني حيدر آباد ۾ پڙھيو، ھن ميٽرڪ بہ 2014ع ۾ D گريڊ ۾ ھتان ئي حاصل ڪئي ۽ ھاڻ گورنمينٽ بوائز ڪاليج قاسم آباد ۾ پڙھي رھيو آھي. ھي فرسٽ ائير ۾ آھي پر ھن مولائي کي پنھنجو نالو سنڌي ۾ بہ لکڻ ڪو نہ ٿو اچي. ھي پڙھائي ۾ تہ جڏو آھي پر ڏاڍو محنتي آھي، ھي ھر ڪم جو جن آھي. ھي شام جو پاڙي ۾ استاد محمد خان بلوچ جي ڌوٻيءَ جي دوڪان تي پارٽ ٽائيم پڻ ڪري ٿو، اھا ھن جي پنھنجي ڪمائي آھي. ھي پاڻ ڪمائي، پاڻ خرچ ڪري، ھي مونکان الڳ خرچ ۽ پڙھائي جا ماھوار ٻہ ھزار پڻ چڪي وٺي، ھي مونکان بہ ٽيون ڪسر آھي ھن جي PR گھٽي آھي جئين شاھہ رو ماءُ جو پٽ آھي، تنھن ھي مارو وري منھنجو پٽ آھي، ھي ٻئي ٻائر شاھہ رخ خان ۽ ماھہ رخ خان ھڪٻئي جي صفا ابتڙ آھن. مارو سڄو ڏينھن گھر کاڻ گڏھہ وانگر وھندو آھي، ھي جيترو گھر ڏانھن جوابدار آھي اُن جي ڀيٽ ۾ شاھہ رو او تروئي لاپرواھہ ۽ بي چيو آھي، ھي ٻئي رڳو ماني کائڻ گھر ايندا آھن. باقي سڄو ڏينھن دوستن سان ھوندا آھن، رات 2 وڳي تائين ڪين گھر ياد نہ ھوندو آھي، گھر ۾ ايندئي ٻاھر ڪتو مچائي ڇڏيندا آھن، جئين جنجال ڪري ڇڏيندا آھن.

ھالار (HALLAR)

سنڌ جو ھي سڀ کان خوبصورت جبل ھالار دادو ضلعي ۽ ڄامشوري ضلعي جي سنگم ۾ واقعي سنڌ جي اولھہ طرف آھي، ھن ھالار جبل جون ٻہ شاخون ڪرو جبل ۽ ڏاڙ ھيارو جبل پڻ آھن. ھالار جبل ھندستان جي برماءِ آسام ٽڪرين سان تشبيھہ رکي ٿو، ھالار جبل کي سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد جو پڻ اعزاز حاصل آھي، ھالار جي خوبصورت وادي ۾ ھڪ خوبصورت ڍنڍ پڻ آھي جتي مڇي ۽ پلو ڄام ٿئي.

مورڙي جي مڇي، ھالار جا پلا، ٻھن واري ڇوري چلو ڪاڏي ڪئين! (لوڪ گيت)

چو تون ھالار جي چوٽيءَ تي آن بيٺو شاعر؟
لفظ ترڪش ۾ سستي تير ڪئي بيٺو ھان!
(استاد بخاري)

Scanned with CamScanner

مون کي ڏنگين ٿيون هي سمنڊ جون لهرون هر هر،
مان تہ هالار جي چوٽيءَ تي مٺي ننڊ ستو هان! (استاد بخاري)

بي حسي ماحول جي اهڙي جو،
ڇڻ برسات ترڪي وئي ڏهي هالار تان (استاد بخاري)

هالار هجي ڏرندو، مهراڻ لڇي مرندو
جي خوف کي ونئندو، دل ديس جي دو دن کان
ڪو سچ، صبح، سيج تي لڇندو ڏٺو اتم (استاد بخاري)

اتر کان هالار مٿان، ٿو ڪيڏو ڪارونيار اچي!
ڏکڻ ڏانهن هلي آ اُڏري، ننڊ نہ ڪر واهبري ۾ (شيخ اياز)

هاڙهو ۽ هالار ڪري وئمن (مير محمد پيرزادو)

گنجو ٿو ڏئي گنج ۽ نروار پڪاري،
هر وقت ٿو هالار جئي منهنجو وطن سنڌ! (الحاج رحيم بخش قمر)

حب رکي جن مان ۾، هڪ جاءِ تي جي بيٺا
هالار جبل جيان بيٺل چست اهي ڪيئن جسندا
سنڌڙين جي ناهي جاءِ، سو رهيہ ڪي ڪي رسندا. (غلام محمد ڏرمنگي)

اڄان هاڙهو هالار، ڪارونجهر، پکو ئوڙهو جبل، لڏيو ناهي نادان، ڌرتيءَ تان!
اسان ماٿرين جا ماڻهو — اڏول هو نداسون جبلن جيان.
جيسين سنڌو، وهندو رهندو — ديس پنهنجو وسندو رهندو. (سيلم چنا)

هالار جي هستي

هالار منهنجي ۽ مرحوم دوستن طارق عالم ابڙي ۽ ڪريم راهو جي پٽن جانالا بہ آهن.

منهنجو هي پٽ هالار منهنجي آخري اولاد ۽ ڪرڙ آهي، چون ٿا تہ "ديگ جي ڪرچڻ پلي ۽ مٺي هوندي آهي." هالار ۳ جولائي 2003 تي مشهور ليڪ ڊاڪٽر شميم انصاري جي عاصم ڪلينڪ قاسم آباد ۾ ڄائو، هن جو اسٽار (CANCER) سرطان آهي، هي ننڍڙو هالار ماشاءَالله آهستي آهستي وڏڻ ويجهڻ لڳو آهي، هي هن وقت 12 سالن جو آهي. هالار هن وقت پاڙي جي بي بي بوائز هاءِ اسڪول ۾ پڙهي ٿو ۽ 6 ڪلاس جو شاگرد آهي. هالار پنهنجي پائرن توڙي پيڻ، ڪلاس توڙي اسڪول ۾ سڀ کان هوشيار،

Scanned with CamScanner

ذهين ۽ تيز يار آهي. هي پنهنجي عمر کان وڌيڪ ذهين ۽ چالاڪ آهي. هن کي ڪائن وارو ڪاٽ ڪمند (ڳنڍيريون) پسند آهن. هي روز صبح جو اٿي ڪمرجي در تي بيهي اينڊز ويندڙ اٿيڙهه جونين ۽ پوڙهين کي "گڊ مارنينگ مس" چئي چڙڻ لاءِ تنگ ڪندو آهي. ڪرائيون روز سندس ماءُ وٽ شڪايت ڪئي ايديون آهن ته هن عمر ۾ پٽڻين ويلو اسان سان عشق ڪري. هي روز صبح جو اٿڻ وقت ڏمچر نه مچائي ته هالار ڪئين سڏجي. هي پاڻي ڪولر جي ٽوٽيءَ ۾ منهن لڳائي پوءِ پيئندو آهي. هي پنهنجي خرچي مان خريد ڪيل شي جو ڀاڱو مجال آ جو ڪنهن ٻئي کي ڏي پوءِ چاهي اهو ڀاءُ هجي، ڀيڻ هجي، پيءُ هجي يا ماءُ هجي. هي ان وقت بلڪل مهاجرن وانگر طوطا چشم ٿي ويندو آهي. هن کي ڪجهه به ياد نه رهندو آهي ته اها خرچي ته ڪجهه دير اڳ بابيءَ ڏني هئي مان جڏهن ڪيس خرچي ٻيڻي (ڊبل) ڪرڻ جي چٽ ڏيندي چوندو آهيان "هالار ڏس مونکي به نتو ڪارائين" ته هي پنهنجي وات جو گرنهه به ڪڍي ڏيندو آهي. پر ڀاءُ ڀيڻ مان جيڪڏهن ڪو هن جي بسڪوٽن جي ٿاريءَ مان اتفاق سان ڪو هڪ ادَ بسڪوٽ ڪڍي به ورتو ته هي طوفان ڪڙو ڪندو آهي. پوءِ ان کي اهو هڪ بسڪوٽ ڏاڍو ڀاري پوندو آهي ۽ ان جي بدلي ۾ ڪيس بسڪوٽن جو ٻه ٿاريون ۽ پيو ڪٽو ڪجهه وٺي راضي ڪرڻو پوندو آهي، تنهنڪري ڪو به هن بلا کي ڪانه ڇڙيندو آهي. ماءُ جو هن ۾ ساهه آهي. هالار ويچاري سان ننڊي هئڻ ڪري سدائين ويل آهي. ماءُ هن کي ٻاهر بلڪل ڪانه ڇڏيندي آهي. هي ويچارو لاچار روئي پٽي سمهي رهندو آهي. ماءُ ڪان پوءِ ممتا حد آهي. فطرتي ۽ قدرتي جذبي تحت ماءُ جي هنج ۾ هي پاڻ کي محفوظ سمجهندو آهي. اڄڪلهه جي مائرن ڪان لوليون ۽ لوڪ گيت وسرندا پيا وڃن. هالار کي ماءُ جهولي ۾ سمهاري هلڪي هلڪي هٿ جي ٿڦڪي سان الله چئي سماريندي آهي ته آهستي آهستي هن جون اکيون ٻوٽجڻ لڳنديون آهن ۽ هن کي ننڊ اچڻ لڳندي آهي ۽ هي سڪون سان سمهڻ لڳندو آهي. هالار جي معصوم مرڪ مون لاءِ ڪائنات جي سڀ کان وڏي خوشي آهي.

اچو ته درد جو حال ٻڌايان

هن درد جي داستان ۾ رڳو منهنجي دل جو درد، منهنجا سور، منهنجا پور ۽ اُڌما ڀريل آهن. دل درد جي ٻلي ٻڌجي ويئي آهي. منهنجي هي دل درد سان ڀريل آهي. دل ۾ هڪ غم جو غبار آهي. دل جلي ماڻهو جي زبان ذرا تلخ ٿيندي آهي. مان ته ٿهيل ٿي سورن جو آهيان. مان نه پليل ٿي ڏکن جو آهيان. هي ڇا مونکي ڏک ڏيندا؟ مون سڄي ڄمار لڙڪن سان منهن ڌوتو آهي. روز هڪ نئون سور هڪ نئون درد آهي. غم ايندا آهن ته ڪٿا ايندا آهن. مون سان سورن ڪڏهن به ڪٽايو ناهي. مون به سورن ۽ تڪليفن جو سٺو پڪو ڪيو آهي. رڳو غم جون ڇاوٽيون آهن. ڪئي درد ڇا لشڪر آهن جيڪي مونکي مارڻ چاهين ٿا. هر رات ماتمي قافلي سان ماتم جون هڏڪيون

سهان ٿو. هر صبح اُميد جو عَلمَ کڻان ٿو ۽ هر شام، شام غريبان جيان گذري ٿي. سور هوندا ئي سٺ لاءِ آهن، درد ۽ تڪليفون هڪٻئي لاءِ لازم ملزم آهن، درد کي ڪو ماضي ڪو حال ياڪو مستقبل ڪونهي، مان زندگيءَ سان ڀرپور آهيان، لطف آزندگي، درد ظاهري تڪليف آهي پر حقيقت ۾ حد درجي جي خوشي آهي. ڏک مصيبتون سڪن جو سينگار آهن. تڪليف ۾ درد جي راحت جي رمز ڳولڻي آهي. جنهن لاءِ حب آهي تن لاءِ ڏک سينگار آهن، مان غم سان لاڳاپيل آهيان. مان سڪن لاءِ ڪڏهن به سڪيو نہ آهي، مون سڪن سان سڀ لاڳاپا سڀ ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن. مون سڀ ڏک لاهي ڇڏيا آهن، هر آس رلي وئي آهي. خوشيون راس نٿيون اچن، سچي زندگي سواءِ سُورن جو ٻيو ڪو بہ ساٿي نہ رهيو آهي. ڏکن ۾ بہ ڪو ڀاڳي پائيوار ناهي، خوشين ۾ ساٿ ڏيڻ تہ ٺيڪ آهي پر ڏکئي وقت ۾ بہ تہ ڪو نڀائي، هر ڏک کان پوءِ بہ مرڪيس پئي، مان ڏکن کي ٿڪن سان ٽارڻ جو عادي آهيان، اهي ڏک لکندي پاڻ مرادو منهنجون اکيون ڀرجي آيون ۽ خوشين تي لکندي منهنجو من جهومڻ لڳو. هن ۾ منهنجي مرڪن ۽ خوشين جا لمحا بہ تہ ويڙهيل آهن، دل ۾ يقين ويهي ويو آهي تہ ڏک ويندا سک ايندا، انهي اميد تي پيو هلان، غم سڀ وسري ويندا، سک جڏهن واڌايون موڪليندا. هتي هر شيءِ جو تعين ڀاڳ ٿو ڪري تہ شل ڀاڳ سٺائو ٿئي. چون ٿا تہ "قسمت ڄمڻ سان ئي تي لکجو وڃي". ڇا واقعي اهو انسان جو مقدر آهي. انسان کي فطرت ۽ قدرت اڳيان جهڪڻو پوي ٿو. منهنجي قسمت ۾ بهتري نہ آهي، مان تہ پنهنجي اباڻ تي روئي بہ نٿو سگهان، ڇا مان هاڻ هر خراب شيءِ (ڏک ۽ سک) کي مڃي وٺان. پر مان بدقسمتي جي هر ڏک تي جهڪندس نہ، مان تقدير کي ڏکي ڇڏيندس، مان بدقسمتي جي هر ڏک کي خوشي قسمتي ۾ بدلائيندس. "دنيا ۾ هجو دنيا ۾ رهو ۽ مڪمل طور تي جئيو. جئيو پر خواهشن کانسواءِ ڇو تہ سيئي خواهشون اوهانکي جيئڻ کان پري ڪن ٿيون". خواهش تہ رڳو هڪ پل جي هوندي آهي. جڏهن زندگيءَ جي ڏور کي ڏوريم تہ سمورا ڏک فرار ٿي ويا. ڏک ۽ غم ڦري سک ٿيا. جڏهن سڪن منهن ڪڍيو تہ سمورا درد لهي ويا. ڏکن کي پختو مروتو اچڻ کان پوءِ هاڻ ڪا ڏکيائي يا بيچيني ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي.

رشتا

گڏ ٿيو، گڏ ٿيو جي مرون تہ گڏ مرون، جي جيئون تہ گڏ جيئون (ڊاڪٽر تنوير عباسي)

جهان جا لڳ لاڳاپا رڳو جيئڻ لاءِ هوندا آهن. انسان کي هڪٻئي جي سهاري جي ضرورت هوندي آهي. انسان پٿر جي دور کان هڪٻئي سان گڏ رهيو آهي، هڪ ئي خاندان جي ماڻهن ۾ اتوٽ رشتو هوندو آهي. ذات، نسل، خاندان، برادري، قوم، فرقو ۽ پاڙي اوڙي ۾ وڏي طاقت هوندي آهي. متن مائٽن رشتيدارن ۽ ويجهن عزيزن قريبن سان رهائي رکڻ کپي. راڄ کي سنيالڻ کپي. رشتا هڪٻئي جي ٽيڪ هوندا آهن. رشتا جسم جو اَنگ ۽ عضوا آهن، رشتا دل جي تسڪين آهن. ذات برادري، اباڻا، ناناڻا، رت جا رشتا،

Scanned with CamScanner

رت ست ۾ شامل تخم جو تاثير، رت کي رت جي ضرورت پوندي آهي. رت دانگي تي به ورندو آهي. خاندان کان دور ۽ پنهنجن جي طاقت کان ٻاهر ڪو جئي نٿو سگهي. پنهنجا نيٺ پنهنجا ۽ ڏاريا نيٺ ڏاريا هوندا آهن، عزيز قريب مٽ مائٽن ۽ سڪ وارن جي مزاج پرستي ڪرڻ کپي. سڪي ستابي خاندان کي پنهنجي غريب مٽ مائٽن کي وقت تي نوازڻ کپي. سيئي ناتہ رشتہ پيار جي قابل آهن، عزت جي لائق آهن، سيني لاءِ اندر ۾ درد ٿئي ٿو. درد کي بہ درد جي طاقت هوندي آهي.

يتيميءَ جو نياڳ

چون ٿا تہ دانگي مٿان رت وري ٿو. سچائي پلا ڪارهي آ انهيءَ ۾، (اياز گل)

بدصورتيءَ سان ڀريل هن سماج ۾ شهر جي فضا ئي بدلجي وئي آهي. هن ڪشمڪش جي دور ۾ ڪير بہ ڪنهن جو ڪونهي. پختن ۽ مضبوط رشتن ۾ ذاتي انائن ۽ نفرتون جنم وٺي ڇڏيو آهي. ڪيئي گهاٽا ۽ ويجها رشتا نفرتن جي وهڪري ۾ وهي وڃن ٿا. اک ڇنڀ ۾ روحن جا رشتا، صدين جا رشتا هڪڙي پل ۾ ڇني ۽ ٽٽي وڃن ٿا. رت جي رشتن ۾ بہ اها قوت ڪانهي جو هو هڪٻئي کي لاڳيتو پاڻ ۾ ڪٺو رکي سگهن، ڪمزور بنيادن تي اتوٽ رشتا ٽٽي وڃن ٿا. معمولي اختلافن تي رشتن کان منهن موڙي لاتعلق ٿي نفرت جي آڙاهہ ۾ ڪرڻ ڪتان جي انسانيت آهي. بس زمانو آ. ٽٽڻ جا بنياد ٿوراءِ نهڻ جا بنياد تمام گهٽا آهن. رشتا ڇا ٿيندا آهن. محبتون ڇا ٿينديون آهن ۽ جذبا ڇا ٿيندا آهن؟ هي پنهجن لاءِ غير بڻيل ۽ زماني سان نوان ناتا ڳنڍڻ جو خواهشمند نئون نسل جنريشن گيپ جي وٿي سبب رشتن جي اهميت کي وساري ويٺو آهي. اڳي رشتا جن کي پيار ۽ محبت جهڙن خوبصورت نالن سان پڪاريو ويندو هو، پر هن جديد دور ۾ سڄي سماج جو ڍانچو ئي تبديل ٿي ويو آهي. جذبا پنهنجي عظمت وڃائي ويٺا آهن. اڳي ماڻهو هڪٻئي جا رازدار ۽ همدرد هئا. هي عجيب ۽ نامعلوم قسم جي ضرورت ۾ ڳنڍيل هئا، محبت جا اُهي اهڃاڻ اڄ ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نٿا اچن. جوائنٽ فيملي (گڏيل خاندان) گم ٿي چڪو آهي. سس ۽ ننهن جو جهيڙو تہ صدين کان هلندو پيو اچي. پر اڄڪلهہ ڪو بہ ڪنهن کي قبول ڪرڻ ۽ اپنائڻ لاءِ تيار ناهي، ڪو بہ ڪنهن ننڍي وڏي جو هٿ جهلي نٿو هلي، ڪو بہ ڪنهن سان گڏ ناهي، رشتا ۽ تعلق بي معنيٰ بڻجي ويا آهن. پيءُ پٽ مان. ڌيءُ ماءُ مان، ڀيڻ ڀاءُ مان ۽ ڀاءُ ڀاءُ مان بيزار آهي. زال، مڙس سان واسطو رکڻ نٿي چاهي. پاڙو اوڙو هڪٻئي کي سڃاڻي نٿو. رشتا تہ اڳ بہ هئا پر هاڻوڪي رشتن کي ڇا ٿي ويو آهي؟ رشتا روايتي قدرن کان عاري ٿي ويا آهن. رشتن جي خوشبو ڪوڏي ٿي پئي آهي، رشتن مان اها ذهني خوشي ۽ روحاني خوشي نڪري وئي آهي. رشتا پيار تہ ڇا همدرديءَ جي قابل بہ نہ رهيا آهن، رشتن ۾ ڪو بہ جذبو باقي نہ رهيو آهي. رشتن تي دز، مير ۽ ڪٽ چڙهي وئي آهي. هر رشتو پنهنجي جوڙ کان هٽيل

آهي، هر ڪو پنهنجي محور کان هٽي غائب ٿي چڪو آهي، هر غير ٻئي ليل آهي، ڪنهن کي ڪنهن جي پرواهه ناهي. هاڻ رشتا ٻئي جي سهاري کان سواءِ رڳو پاڻ لاءِ زنده آهن. رت جو ناتو (مائٽي) هاڻ رڳو پاڻ تي پالي. انهن پاڪ پويل رشتن ۾ يتيميءَ جو نياڳ پرجي ويو آهي. هن هڻ هٽان واري دور ۾ ماڻهو جلبات ۾ لڙهي ويل آهن. رشتن مان احساس ۽ جذبا مري ويا آهن. هنن سچڻن ۾ سچائي ناهي رهي، رشتا ڪولنگام انتها ۽ پوڙا ٿي پيا آهن. هي زنده جسمن ۾ مئل دلون رکندڙ رشتا هاڻ بکواس بڻجي ويا آهن. هر طرف نظر ڦيرائيجي ٿي تہ پنهنجائي پنهجن جا دشمن نظر اچن ٿا. خوني رشتا بہ خوني ٿي پيا آهن. رشتا بگهڙ، راڪاس ۽ ڏائڻ بڻجي کائي رهيا آهن. ڪتو بہ ڪڙم سان سٺو لڳندو آهي. راڄ رشتن کان سواءِ لهي نٿو سگهي.

رشتن جو مان

مان تہ هر ڪنهن کي پنهنجو بنائڻ سکيو آهيان. مان تہ رشتن جو وڏو مان رکندو آهيان. مان ڏارين جي منهن ۾ ڏوڙو جهندو آهيان. مونکي اڄ بہ پنهنجائي پيارا آهن. منهنجو انگ ازل کان هنن سان لکيل آهي. مان تہ پنهنجي سڄي پائپي لاءِ انتهائي اتساهہ ۽ لڳاءُ رکندو آهيان.

ڦرڪو ڦريل

شايد پنهنجن کي مان ڪوڙو آهيان. ڇاڪاڻ جو هي سڀ هر حال ۾ منهنجي بربادي ڏسڻ چاهين ٿا. اسان جي خاندان جو اهو نظام آهي تہ ڪين پنهنجن ۾ ڪو جهائپ ۽ ڏارين ۾ پنهنجائپ جو حسن نظر اينلو آهي. پنهنجا ڇڏي غير ۽ ڏلرين ۾ مٽي ڪندا آهن. پوءِ ڏارين جي نهوست ۽ منهوست خاندان کي تباهہ ڪري ڇڏيندي آهي. سڀ گهيڙ رستا بند ٿي ويندا آهن. مٽ مائٽ منافق بڻجي ڪن، چپ ۽ اکيون بوتي ڇڏيندا آهن. هنن جو ڦرڪوئي ڦري ويندو آهي. هي مغل پٺاڻن مان ڦري. خاصخيلي پٺاڻ، پٽي پٺاڻ، ميمڻ پٺاڻ، جوکيا پٺاڻ، ڦريشي پٺاڻ، جتوئي پٺاڻ بروهي پٺاڻ ۽ شورا پٺاڻ بڻجي ويا آهن. هي ڪتي جي وات ۾ ويلل معتبر رڳو پنهنجن تي ئي ڀوڪندا آهن. هر نامرد رڳو ڇڏ جي ليڪ تي ڪڏندو آهي. هن مان رت جي رشتي (مائٽي) جي سڃاڻپ ختم ٿي ويئي آهي. مونکي دور دور تائين هنن ملاوٽي مائٽن ۾ ڪو سڄڻ نظر نٿو اچي، رڳو دشمن ئي دشمن ٿا نظر اچن. پنهنجو رت ست هوندي هي پٽ ٿي ويل منهنجا اولي ويري، مونکي جيئري ماريندڙ منهنجي رحمن تي ٿولن ڇهبڪ وسائي رهيا آهن، هي سڀ منهنجا نيچ نسر جا مائٽ سٺو ۽ هانو ۾ ڪوڪو ٺوڪين ٿا ۽ نفرتن جا تير وسائين پيا، هي ماري ڇانءُ يا اس ۾ ڦٽي ڪندڙ پنهنجا توڙي ڌاريا ٻئي ماهہ مادر ڇوت آهن. هنن مون سان سڀ ناتا، سو هل ۽ قطع تعلقات توڙي برادريءَ مان بيدخل ڪري ڇڏيو آهي، هنن سڀ رشتا اوراڳهي ڇڏيا آهن. هنن ويرن جي دل ۾ مون لاءِ نفرتن جا

Scanned with CamScanner

آزاد آهن. هنن جي اکين ۾ منافقي جا ڪوپا چڙهيل آهن. هنن مونکي ڀاڙ کان ڪٽي بلڪل الڳ ڪري ڇڏيو آهي. هي سڀ گڏجي مونکي اڪيلو ڪري مارڻ چاهين ٿا. اگر رت جي رشتن ۾ ايتري وفا هجي ها ته ”حضرت يوسف“ مصر جي بازار ۾ نه وڪامجي ها.

الٽي کوپڙي

هي الٽي کوپڙي، هي جاهل، هي منهنجي پٽن جو ڀڙوو ٽائيپ چاچو آغا رشيد بدقسمتي سان منهنجو وڏو ڀاءُ آهي، هن جي ڪل ٽڙيل آهي. هي مروان به زال جو مڄُو يعني رن مريد آهي. هن شُودي ۾ مڙسي جو ٿهس جي آهي، هي بيگانو زال جو ڀانهو هر وقت هي جوءِ جو ترانو ڳائيندو آهي. هي ٻئي زال مڙس طوطي مينا جي ڪهاڻي آهن. ڏڳو ڏڳي جو افسانو آهن ۽ پولڙي ۽ مداري جو تماشو آهن. هي رٽائر ڪوتار جنهن کي هاڻ پنهنجو ڪرياني اسٽور آهي. انهي سيڏي جي دڪان تي لن به نه اٿس، اُتي اڪيلو ويٺو ڪڪڙ وانگر ٻانگون پيو ڏئي يا ڪُتي وانگر پنهنجو لن پاڻ پيو ڏائي، هي سخت طبيعت، زبان دراز ۽ بدمزاج دوڪاندار آهي، هي حقيقي ۽ سڳو ڀاءُ آهي، پنهنجن ۾ پرائو مون تي هر وقت ڏمريل آهي، هي مونکي ڏسي خار کائيندو آهي. هي ڄاڻي واڻي دشمني پيدا ڪري رهيو آهي. هي مونکان الائي ڪهڙي جنم جو بدلو وٺي رهيو آهي. هن کي اجائي ترڙائپ هوندي آهي. هي بي وقوف پاڻ کي وڏو عقلمند ٿو سمجهي، حالانڪ هي جاهل صفا چوت پتل جي آهي، هي وڏو حرامخور جانور آهي. هن جي حرامپائين جون پاڙون پاتال ۾ کتل آهن، نوڙت نياز، ۽ شرافت ڪڏهن هن جي ڀر مان ڪانه لنگهي آهي. هي آهستي آهستي سڀ اخلاقي حدون پار ڪرڻ لڳو آهي. منهنجا هن تي بي انتها احسان آهن، پر هي احسان فراموش ۽ ڏوڪيباز روز رات جون مون سان وڙهڻ جو ترڪيبون سوچي پوءِ سمندو آهي. هي خام خا جا جهيڙا جهتا ڪندو آهي. هن ۽ هن جي ڀر ۾ رهندڙ ننڍي ڀاءُ ماستر صاحب آغا لطيف، ٻنهي ۾ تڪي جو به فرق ناهي. منهنجا پٽ شاهه رخ، ماهه رخ، پنهنجي گهر جي ٻاهران ڪرسيون وجهي ويهندا آهن ته هنن ٻنهي چاچن جي ڳڃي ۾ مرچ پئجي ويندا آهن. منهنجا پٽ اسان ڀائرن جي نفرت جي دوزخ مان نڪري نٿا سگهن، هو ننڍا ايترو ته بي وس آهن جو ڪجهه به نٿا سگهن. انهن ظالم چاچن ڪيترا دفعا هرويرو منهنجي معصومن کي ڏک به هنيا آهن، هي سدائين ان تاڙ ۾ رهندا آهن ته ڪيس ڪوئي وجهه ملي ته هي پنهنجو وير پاڙين ۽ پلانڊ ولن. هن ڪافر يذيد ڀاءُ آغا رشيد 10 محرم تي منهنجي گهر جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو، اهو ڦهر ڪربلا جي ڦهر کان گهٽ هرگز نه هو، هن رمضان جي ڀالاري مهيني ۾ منهنجي گهر جي گئس ڪٽي منهنجي گهر جي چُلهه به وسائي ڇڏي، هن عيد جي ڏينهن گهر جي بجلي ۽ ڪيبل به ڪٽي ٻارن کان ٽي وي جي اڪيلي وندر به کسي ڇڏي. اهي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن هئا. هي دراصل مونکي هتان لڏائڻ جي چڪر ۾ آهي. هي منهنجي وجود کي ختم ڪرڻ چاهي ٿو، هي اهو ئي ڪري ٻي سگهيو جيڪو هن ڪيو. اهو ڏينهن ياد

ڪري اڄ به ٻت ڪاڻيار جي لڳو، اهو سور اڃان تائين ڪو نه ٿو وڃي. هن مان حيا شرم نڪري ويو آهي. هن ۾ ٽڪي جو به شرم ڪو نه آهي، هي وڏو ئي بيغيرت آهي. اهڙين ذليل حرڪتن جي ڪري مان اهڙن شودن ڀائرن کان پاسيرو آهيان. هن جي مونکي نه ڪا پرواهه هئي نه هاڻي آهي. سو دفعا چيو الماس ته ”بابلا اسان ڪڏهن سان نه لڳائي“ منهنجي هلان هرو ڀرو زيان لڳي ويندي. هي منهنجي وس کان ٻاهر ناهي. هي سڌرندو نڌهن جڏهن ساڻس جليون ڪبيون. هن وري تو تازي شروع ڪئي آهي. هي هاڻ وري ترڙائپ جو مظاهرو ڪندو. مان هيل هن جي دماغ مان اها پريل هوا ڪڍي ڇڏيندس.

ڀڙوا به ڀائر ٿا سڏائين

چوندا آهن ته ”لت ڪٽجي پاءُ ڏانهن، ڳالهائجي الهه لڳ.“ هتي ٻي جي ضرورت نه آهي. هتي اهو چاڻٽون آهي ته اڪيلو ڪئين ٽيٽون آهي. هر ڪو هڪٻئي کان ڇرڪيل آهي. ڪير به ڪنهن سان ڪنو ناهي. ماڻهن جي اندر جو انسان مري ويو آهي. هو جيئري ئي مئل آهن. تر سان تر ۽ گهر سان گهر پيو لڙي. پاءُ سان پاءُ به گڏ ناهي. پاءُ پاءُ کي فضول ٿو سمجهي. پاءُ پاءُ جو دشمن ٿي پيو آهي. هت ڀڙوا به ڀائر ٿا سڏائين. اهي ڀڙوا ٿا ٿيپ ڀائر سچا ٿيٽا نه آهن. مان پڻ پنهنجي ڀائرن جي ستم ظريفي جو شڪار آهيان. ڀائرن جيڪي مونکي عذاب ڏنا. مونکي تمام گهڻي اذيت پهچائي. ان اذيتن جاڻ ڪٽ سلسلا روا آهن. مونکي پل پل اذيت ۽ تشدد ڪي منهن ڏيٽو پوي ٿو. اهو سڀ ڪجهه ساڙ ۽ حسد آهي. ڪي خدا مونکي منهنجي ڀائرن کان بچائي، باقي دشمنن کي مان پاڻ منهن ڏيندس. ”منهنجي من ۾ مچ ٿا ٻرن. امان بابا جي وفات کان پوءِ يتيمي جي چادر ۾ ويڙهجي جن ڀائرن جي ڀروسي تي هتي رهيس. منهنجا اهي پانڊي ۽ ڪانڊي ئي ايذائيندڙ ٿين ته مان مسڪين ڪنهن در اڳيان دانهن ڏيان. پيءُ جو پڳدار ۽ گهر جو وارث لالا پاڻ به هيٽي قلم پري هلي اچڻ لاءِ تيار نه هجي ته مان ڇا ڪريان؟ پڪا پڪن سان اڏي ويئل جنم گڏ گڏ لريندڙ غير واسطيدار تي من ۾ غير ر ڪن. اهي اڪيون ڀو تندڙ ڀائر اهو نٿا سوچين ته مان انهن سان ۽ هو مون سان آهن. وري به پاڻ ۾ رت ست آهيون. ننڍپڻ ۾ مونکي انهن ئي ڀائرن ته سانڍيو هو. مان انهن ڀائرن جي ڀاڪرن ۾ پليس. انهن جي چيچ تاڻي هلڻ سکيس. هي رسندا به پاڻ هئا ته پرچندا به پاڻ هئا. مان جنهن وقت ئي ڀين ڀيٽون ۽ ڀائرن کان مختلف هوس ۽ ڀين ڀارن کان پڻ. ان وقت محبتون هيون. پنهنجائپ هئي. بس سڪ ئي ساک هئي. هر وقت گهل هنگامو لڳو پيو هوندو هو. جيڪي پچندو هو سو کائيو هو ۽ جتي جاءِ هٿ ايندي هئي اتي سمهو هو. لو نهاري جي راتين ۾ اڳڻ ۾ سمهبو هو. جڏهن ته سياري جي آڏي ماڏي ۾ ويجي سو ڙهين ۾ گهڙندا هئاسين. صبح تائين سنا پيا هوندا هئاسين ۽ صبح جو ڪلمو پڙي تيار ٿي گڏجي اسڪول ويندا هئاسون. ڏڪيا سڪيا ڏينهن اهين گذاري ڇڏيا. اهڙو ڪو واءُ وريو جو گلزار ئي اجڙي ويو. هاڻ ته ڀائرن ۽ ڀيڻن جي درن ڪي اورانگهڻ جي اجازت ناهي. منهن مهانڊن ۾ هڪ آهيون پوءِ به الڳ ڇو آهيون؟ گهرن جون ڀتيون ته مضبوط آهن پر دلين جو جهريل آهن. گهر جي ديوارن تي

سڪڻ لاءِ هڪٻئي جا ڪپڙا ته ڏسي سگھون ٿا، پر هڪٻئي جون شڪليون نه ڏينهن جو هنن جي گھرن جون مڪيون ۽ رات جو هنن جي گھرن ڪان مڇر ته اسان وٽ روزانو سلام دعا لاءِ اچن ٿا. پر هي ته عيد براد تي به ملڻ ڪو نه اچن، هنن جي ليٽرين جي ڏپ ته اسان محسوس ڪيون ٿا، پر الائي ڇو هنن جي رت جي خوشبو نٿي اچي. هڪ فاصلو جنم وٺي چڪو آهي. ڪيترائي پيره ڀاهر پاڻ ۾ منهن سامهون ٿيا هونداسون پر پڪ سان نه مليا هونداسون. ڪيئن منهن مٿي ڪٽندا. پنهنجاپ جو هنن مروانن ڀائرن ۾ جز ئي نه آهي. پيٽن ڪي ڀائرن ڪان ۽ ڀائرن ڪي ڀائرن ڪان جدا ڪرڻ واريون ڏائڻ جو روپ رکندڙ اهي منحوس ڀاڄائيون خاندان ڪي ڪائي ويون. سڄو راڄ ڀاڳ پورو تي ويو. نه ڀائر رهيا نه ڀائي چارو نه ڀائيپي رهي نه ڪو لحاظ، بيماري سيماري ۾ به مونکي منهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن مان تڪي جي اُميد ناهي، ڇوٽي آهي ته گهر جو ڪتو ڀاڙيو نه ٿي ته گدڙ ڪي مجال جو ڪڪڙ چورائي. اهي رن مريد (جوءِ جا مڄَو) ڀائر خوش هجن، گهريلو معاملن ۽ اندروني اختلافن ۾ ورهائجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويل جسم جي عضون ڪي ڳنڍڻ هاڻ ايترو سترو ناهي. اهو سلسلو هاڻ صرف رب ملائي سگھي ٿو. وڏڙن جي زباني ته رشتا آسمانن ۾ طئي ٿيندا آهن. پاڻ ۾ اختلاف رکندڙ ڀائرن جا پٽ ئي پيءُ جي مئي پڄاڻان چاچن جون ڌيرون پرڻبا آهن، اڄ تائين ائين ئي ٿيو آهي.

چرين ۽ مستن جو جهيڙو

چري ڪينئن چوي "ويران وير وڏو، " تم تير آزمائو هم جگر آزمائيگي.

هي چرين ۽ مستن جو جهيڙو آهي پاڻهي نهي پوندا.

ماءُ پيءُ سان ٻچا. ڀائرن سان ڀينر ۽ ڀاءُ سان ڀاءُ سنو لڳي ٿو، ڀائر ته ڀاءُ لاءِ اکين جو نور هوندا آهن، ڀائر ته سک ساهه هوندا آهن، ڀائرن سان ڀاءُ ٿي گذارجي، ڇو ته ڀائر هڪٻئي جي ٽيڪ هوندا آهن. الائي اُهي گهور ويندڙ ڀائر ڪٿي.

ڀاءُ جي ڀيڻ ڪان شڪايت

چا مون ڪان اها ڳالهه وسري ويندي ته جيڪا ڀيڻ جهليءَ جي جهَلڪن ۾ ڀائرن جا ڳگهر سڪائيندي هئي سا سڳي ڀيڻ پنهنجي ڏيرن جي شادي تي هن ڀاءُ ڪي سڏ ڏيڻ به گوارا نه ڪري، جڏهن ته ان شادي ۾ خاندان جا سمورا مروان مدعو ڪيل هجن ۽ اهي ڪمينا شادي ۾ اڳين قطار ۾ وينا هجن چا منهنجي پيٽوي آغا سهيل جا اُهي مُنافق مائٽ منهنجي سڳي ڀيڻ ڪي مونکان به وڌيڪ ويجهو هئا. فرزانه ڀيڻ مونکي اهو ارمان سڄي زندگي رهندو ته تنهنجي ڏيرن جي ڄڄ منهنجي در وٽان گذري وڃي ۽ اسانکي پنهنجي در تي بيهڻ جي به اجازت نه هجي.

ڪنيرن جو ڪاڄ

ڀاءُ نه ڪاڏو جي ڀاءُ جو پَٽ – ته ڇڻ ڪتجي ويو ٻانهن ڪان هٿ (سليم چنا)

ڪو وقت هو ڳوٺ سان پت برادري ۽ مرٽي پرٽي جو تعلق وڃي رهيو هو. تن به هاٽي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي. هونهن به هاڻ مان مائٽن جي شادي توڙي غمين ۾

Scanned with CamScanner

ڪو نہ وجان، ڇو جو شادين جي شاميانا يا وهانوءَ ۾ يا ڪنهن مرڻي جي ميڙ ۾ اهي منافق بہ تہ اچي گڏجن ٿا. جن سان نہ چاهيندي بہ هٿ ملائڻو پوي ٿو. سچ تہ مان انهن ڪنجرن سان ڪنهن ڪاج ۾ گڏ ويهڻ نہ چاهيندو آهيان.

منهنجي لاءِ اها ڳالهہ تعجب جي نہ آهي تہ منهنجي وڏي ڀاءُ لالا ناظم الدين پنهنجي پٽ آغا امجد جي شادي ۾ يا منهنجي ننڍي ڀيڻ فرزانہ پنهنجي ڌيئرن موتيا ۽ ستارا جي شادي جي دعوت مونکي ڪانہ ڏني پلي نہ ڏين، منهنجي بلا ڪان، مون ڪڏهن ان انتها تي سوچيو بہ ناهي تہ منهنجا واسطيدار منهنجا رشتيدار شادي غمي ۾ مون کي سڏين ڇو نہ ٿا يا عيدن تي ونڊون ورهاستون ڇو نٿا ڪن. مان راڄ توڙي مٽي مائٽي ۾ الڳ ڇو آهيان يا هي ڪناراڪش. خودڪش ۽ سٽل ڪش رشتا سيان منهنجي مئي پڄاڻان منهنجي مڙهہ کي پنهنجي ابائي قبرستان بابن شاهہ ۾ دفنائڻ بہ ڏيندا يا نہ خدا معلوم، مان ڇڻ مئلن جا مڙهہ ڪنيون پيو هلان، هنن مرده دلين ۾ بيداري جي اُمنگ پيدا ڪرڻ اجائي آهي.

ٽُڪ ڇاپ رشتا

مان پنهنجن پروان وٽ ناقابل قبول پئي رهيو آهيان، مائٽن مونکي ايترو تہ بدظن ڪيو آهي جو هنن لاءِ منهنجي دل ۾ ڪا بہ همدردي ڪانهي. هنن منهنجي خاندان وارن ايڏو تہ زهر پري ڇڏيو آهي، جيڪو منهنجي رڳن مان ڦاٽي وهڻ لڳو آهي. مان مائٽن مٽن، سوٽن، سالن، ڀيٽون جو ڏاڍو ايذايل آهيان، جڏهن هي منهنجا مٽ، مٽ ئي نہ ٿيٽا آهن تہ مان ڇو هنن جو زوريءَ جو مٽ ٿيان. جي هنن جي دل ۾ منهنجي لاءِ جاءِ ناهي تہ مان بہ هنن کي ٽُڪ هٽي ڪڍيو آهي.

وڇوڙي جي ويل

اسان سڀ وڇڙي رهيا آهيون ۽ ايندڙ وقت وڇوڙن جو آهي، ڪيئي جيئرا جاڳندا دل وار اڏار ٿي ويا. ٺڏيون هوائون ڀل رُسن پر نفرت جون هوائون نہ لڳن. نفرتن ۾ جوانيون اُجڙيو وڃن. يار بي وفا ٿي ويا. دوستن دغا ڪئي، ڀائر بيگانا رهيا. رشتا ڪٽا ٿي ويا، ڀاڙيسڙين ڀاڙ ڀتي، ڀائرن ۾ ڏڦيڙ، رشتن ۾ ڏڦير، پنهنجن پنهنجو نہ ڪيو. انهن صدمن جا تاب اندر ڪائي رهيا آهن. اهي زخم، اهي گهاءُ پراڻا آهن. اهي سور ۽ زخم تہ پرجڻ جا ناهين، اهي سور تہ ناسور بڻجي پيا آهن. حياتيءَ جي سفر ۾ زندگيءَ جا سڀ رنج ۽ پنهنجي عزيزن جي بي وفائي جي داڻهن ڪنهن در ڏيان. پنهنجن پراون جا ڇاٽائيءَ ۽ اٽڃائيءَ مان ڏنل ڏک ڏکوئي ڇڏيندا آهن، جيڪي اڃان تائين پيو ڳيان پيو.

زندگيءَ کي خطرو

مون رشتن کي توڙڻ جو ٺيڪو تہ ناهي کنيو، مان ڇو پنهنجي سڄڻن کي تباهہ ڪرڻ جي پويان پئجي ويو آهيان، خاندان کي داغدار ڪرڻ ۾ مونکي ڪهڙو فائدو ٿيندو. ساٽن ڳانڍاپا توڙي، سندن زندگي ۾ مداخلت ڪري، سڄو خاندان پنهنجي خلاف

Scanned with CamScanner

ڪري، مٽ مائٽن سان ڦٽائي، اوڙو پاڙو رنجائي پنهنجي زندگي لاءِ خطرو پيدا ڪري رهيو آهيان، موڪي ايندڙ ڏينهن ڏاڍا ڏکيا ڏسڻا پوندا، مان مائٽن جي ڪاوڙ لوڪ لڄا جو پوءِ سڀ ڪجهه وساري ويلو آهيان. مان ڪنهن جي هدايت مطابق زنده رهڻ وارو ماڻهو نه آهيان. ڪو به پنهنجي مفاد مون مٿان مڙهڻ گهرندو ته ظاهر آهي مان به وڙهندس. منهنجا مائٽ غيرت ۾ ٻڏي نه مرن مون، ڪي ڪلور ناهين ڪيا، مون ته صرف سچ کي ظاهر ڪيو آهي.

جان جان هئي جيئري

جان جان هئي جيئري ورچي نه ويٺي، وڃي پون پئي، ساريندي سڄڻن کي (شاهه)

"جيجل! لوڙهي چڙجان ڏارين ۾ نه ڏجان، هي عيد مون کي اباڻن سان ڪرائجان. مان ڇمي مائٽن لاءِ گهنگهر ثابت ٿيس، تنهن ڪان ته ڇمان ئي نه ها، يا ڇمندي ئي مري وڃان ها." ڇا اسان جا وڏڙا عجيب و غريب هئا. اڻ پڙهه، اهو جهڙ ۽ سادا هئا. دنيا جي لقائن کي پوريءَ طرح سمجهي انهن جو ادراڪ نه پئي ڪري سگهيا. وڏڙا آخر رشتن تي ايڏو ساهه ڇو ڏيندا هئا؟ پنهنجن ۾ ڏنل منهنجي هي وڏي ڀيڻ آغا نسيم پنهنجن کي ساريندي آخر 13 مارچ 2015ع تي وڃي پون پئي هن روئندي چيو هو ته منهنجي موت تي نه چاهيندي به سڀ پائر، پيٺون ۽ مٽ مائٽ هڪ تي ويندا ۽ پوءِ واقعيءَ ٿيو به ائين، هاڻ اسين سڀ هڪ آهيون. شل سدائين هڪ رهون. وري ٻئي ڪنهن جي مارڻ جي ضرورت نه پوي.

SHER ALI CHANDIO
QASIMABAD

Scanned with CamScanner

باب تيرهون: موت

چڱ ڀلائي کان عليلائي جو سفر

افسوس برهه جي بيمار حاذق به سڃاڻي ڪين سگهيا. محبوب مٺا منهنجو تو کان سواءِ
نڪي دم ٿو وڃي نڪي غم ٿو وڃي (استاد بخاري)

مان جي بيمار آهيان ته ڇا ٿيو هئي تات تنهنجي سا آهي سا آهي.

جي تون ملندين ته من وهوا — جي نه ملندين تب وهوا (استاد بخاري)

اسان لاءِ محبوب ائين آهي جئين بيمار لاءِ دوا يا قوت بخش غذا. محبوب جڏهن ملي ٿو ته منهنجي شخصيت جا سڀ پهلو هڪ وقت جاڳي پون ٿا.

انسان جي وڏي ۾ وڏي دولت صحت مند جسم آهي. ”تندرستي هزار نعمت آهي“. هڪ تندرست انسان هڪ ڪروڙ بيمار انسان کان بهتر آهي. زندگي جيڪا مڪمل طور تي محبت، ڪل ۽ خوشي لاءِ ارپي وئي آهي. ”جيءُ خوش ته جهان خوش“ جي اصول تي انسان هلندڙ آهي، شين ۾ ملاوٽ آهي، ناقص ۽ خراب کاڌن ۽ آلودا ماحول صحتمند انسانن کي ڪيئي مُوذي مرضن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ٻار پيٽ جي خرابي ڪري اسڪول جي ڊيسڪ تي ويٺي ويٺي ئي پينٽ خراب ڪري وجهي ٿو. بي پرواهه والدين لاپرواهه ڊاڪٽرن ۽ بي اثر نقلي دوائن مان ڏوهه ڪنهن جو آهي؟ ڪنهن به بيماري ۾ مريض فورن ڊاڪٽر ڏانهن ڀڄي ٿو، مهانگي علاج ڪانپوءِ ڊاڪٽر وٽ گارنٽي ڪانهي ته مريض بچندو يا نه؟ اهي مريض جيڪي نه جئين ٿا نه مرن ٿا. تنهنجو صرف الله آهي، غريبن ۽ مسڪينن وٽ ته نه دوا درمل لاءِ پئسو آهي نه ڪا ٽڪي خريد ڪرڻ جي طاقت رکن ٿا، الله ڪنهن به انسان کي سندس وسعت کان ٻاهر تڪليف نٿو سهائي. اڳي بيمار کي ويڄ يا ڏنڀ ڏيندا هئا. ننڍي ماتا نڪرندي هئي ته وڏا چوندا هئا ”ڪنهن ڀنگياڻي کي وچي ڀاڪر پايو“ ماتا جي بيماري جو جوش گهٽائڻ لاءِ عورتون گڏجي خاص آلاپ ۾ ماتا جي لولي ڳائيندڙيون هيون، ڪيئي ماڻهو ماتا جي بيماري ڪري اکين کان انڌا ٿي ويا. شاباس آهي انگريز کي جنهن وڏي ماتا جهڙي بيماري کي فنا ڪري ڌرتيءَ تان ئي مٽائي ڇڏيو. هاڻ پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ جدوجهد ڪن پيا، خوراڪ جي کوٽ ۽ ٿيليسميا جهڙي بيماري سبب هر روز ڪيئي ٻار مرن پيا. اهڙي هڪ سينٽر ذين بيا ۾ منهنجو هڪ دوست دلشاد چانڊيو خدمت ڪري پيو. ٻارن سان ملاقات ڪرڻ کان پوءِ هن مونکي ٻڌايو ته ”هي ٻار ميجر ٿيليسميا جي بيماري ۾ ورتل رهيا آهن هنن ٻارن جي بچڻ جي اُميد گهٽ هوندي آهي“. هي انهن ٻارن جي زندگيءَ جو ڏئيو وسامندي اکين سان ڏسي رهيو هيو پر ڪجهه به ڪري نه پي سگهيو، هر مهيني هنن ٻارن جي جسم مان پراڻو سمورو بلڊ (خون) ڪڍي نئون وڌو ويندو آهي تب هي بچي نه آهن سگهندا، موت جي وات ۾ جئيڻ ڪو سولو ناهي. مليل رپورٽ موجب پاڪستان ۾ هر سال 5 کان 6 هزار ننڍي عمر جا ٻار ٿيليسميا جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا

تي وڃن ٿا هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو ٿيليسميا جي اذيت ناڪ مرض ۾ زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. تقريبن هر ماڻهو جي رت ۾، ٿيليسميا جو اثر موجود رهي ٿو جيڪو پازيٽو هجي ٿو، اهو شمار مائينر ٿيليسميا ٿئي ٿو. پر ميجر ٿيليسميا جي بيماري ۾ هر مهيني جسم جي پوري رت ڪڍي نئين ٿي لڳرائي وڃي. هڪ ئي خاندان ۾ شادي ڪرڻ ڪري اها بيماري ٿئي ٿي. تيز ۽ تڪڙو ڳالهائڻ وارو دل جي عارضي ۾ جلد مبتلا ٿي ويندو آهي، ڪلندي ڳالهائيندي به بلڊ ۾ ڪلاٽ اچي وڃي ٿو. مان پڻ پراڻو هارٽ پئشينٽ آهيان. مان مڪمل طور تي صحتياب نه آهيان. مون بيماري خلاف وڏي ويڙهه ڪئي، مان موت سان ڇڪتاڻ ۾ رڌل هئس، ڪيئي مهينا اها موت ۽ منهنجي وچ ۾ جنگ هلي. ڪجهه ڏک منهنجي تندرستي چورائي ويا. ڪجهه جوڀن جواني جي ڏينهڙن ۾ غلطين سب صحت کي هاجو رسيو. صحت اڄ به سهي نٿي رهي. اڃان به موت جي منهن ۾ مانائتو مهمان آهيان جيون جي جادوگري ۾ جئون ٿا هر مري، سڀ نيڪ تي سگهي ٿو ماڻهو رڳو ڪنهن ڳالهه جي ڳڻتي نه ڪري. ان ساري بيمار معاشري جي مرض جو علاج صرف ۽ صرف منهنجو هي ڪتاب آهي، هي اهو بي حس معاشرو آهي جتي ڊاڪٽر هڪ معصوم جان کي بچائڻ جي به پولي لڳائن ٿا. مسيحا جي پيشي سان لڳاپيل ڊاڪٽر ڪاسائي ٿي ويا آهن هنن کي سرڪاري اسپتالن کان پرائيوٽ ڪلينڪون وڌيڪ پياريون آهن. تپ طبيعت جي ناسازي ۽ بيماري ۾ ماڻهو ضعيف ٿي لڙهي وڃي ٿو. علاج لاءِ ماڻهو سرڪاري يا خيراتي اسپتالن ۾ داخل ٿئي ٿو جتي ڪين بهتر علاج ملي نٿو. بيمار کي چاڪ چوبند ڪندڙ دوائي ڪم ڏيندي آهي، جيڪا ڪين ملي نٿي. ڊاڪٽر مريض جو مرض صحيح سمجهي نٿو، ائين مسيحائن جي اسپتال ۾ اُميد جو ڏيئو اُجهامي وڃي ٿو. اسپتالن ۾ جديد طبعي سهولت هئڻ کپي جنهن کي حاصل ڪري مريض صحتيابي ٿي سگهي. غريب جي مدد ڪرڻ ۽ بيمار جو پرگهور لهڻ پڻ هڪ افضل عبادت آ. عشق به هڪڙي بيماري آهي. جنهن کان جيترو بچجي گهٽ آهي. آخر ۾ مان عبدالقيوم صائب جو هي شعر چوندس ته ”درد وارن کي عطا ٿيو درد آهي لاءِ دوا“

موت جا گيت

اڃا تائين تو نه سکيا ناهن بانبڙا— تنهنجي پويان موت ڪيڏو تڪو پيو ڏڪي! (آسي زميني)

*

جئيڻ اهو ناهه، جئين ڪو ساهه کڻي جيئي — جئيڻ اهو آهه مري ۽ جئيندو رهي (آسي زميني)

*

اسان کي جئيڻ جو طريقو اچي — اسان کي مرڻ جو سليقو اچي
لوهان پنهنجا مقتل سجائي رکو — وڏي ولولي سان وري ڪو اچي. (آسي زميني)

*

Scanned with CamScanner

اسان رسم منصور جا پاسان — اسان ئي بلاول جا مسلڪ ڏٺي
اسان موت جي پهچ ڪان مٿيرا — پلي شو دلعا آزمايو ڪٽي (آسي زميني)

*

اڳو پوءِ آوس مرڻو سڀ ڪي آمگر — مٺان ڪو پروس ڪانئر پلجي ساهه ڏي (آسي زميني)

*

مٺان موت پاڪر پر مونکي پري — اچو ڪي ڏهاڙي هلي آءُ تون (سرتاج جاگيراڻي)

*

موت جي چاخبر موت مئي ڪان اڳي — نانءُ تنهنجي مان هر هر ڪيان ڪو غزل (اصغر سيتائي)

*

ان ڪان وڌيڪ حسين موت جو تصور تي ئي نٿو سگهي
تون گهوري ڏسين ۽ روح پرواز تي وڃي!!! (سائيل پيرزادو)

*

ڪوئي ڪتبو نہ ڪا مزار ڪپي — بس قبر جو نشان ڪافي آ. (اختر درگاهي)

*

ڪڏهن موت ڪي پي تا ماري وجهئون — ڪڏهن ڪوئي ماري وجهي تو اڪ (اختر درگاهي)

*

موت قبولئيون پاڪي جيون — ان پڌ تر پر وينا آهيون (اختر درگاهي)
موت جلدي نہ ڪر — اجا مون ڪي پيار لئہ ڏينهن اُڌارا گهرجن (اختر درگاهي)

*

هر ڪا چيز فنا آ ليڪن — ليهن نہ ٿئي نابود — حق موجود (اختر درگاهي)

*

پاپيهي پيحار ڪيو سعيو سچ جو — ڪين ميائين هار — اڳ مري ويو موت ڪان (اختر درگاهي)

*

مون ڪي مُذمر ڏي موت پري ڏي مت پر — سرڪون ڏي سڏي هميشہ جيل جون (اختر درگاهي)

هنڌ تنين جو هيءُ What is Death موت ڇا آهي ؟

هي ڌرتي ڏاڍي خوبصورت آهي، وقتي طور تي تمام ٿوري عرصي لاءِ هن ڌرتي تي انسان ڏکهي عرصي تائين جئي نٿو سگهي ۽ جلدي مريو وڃي، انسان ڪي تہ صرف مرڻ لاءِ ئي پيدا ڪيو ويو آهي، نبض بيهي جهڪي تہ انسان خلاص، بس هڪ جهٽڪي پر ئي ڪم لئي تا وڃن، مان موت جا اطلاع هر وقت پر واري مسجد مان گهر ويلي پڏان ٿو، سيئي مالهو موت ڏانهن تا وڃن، بس رڳو هل هلان لڳي پئي آهي، ڪيئي فنا ٿي ويا، هي سڀ مري ويا آهن، اسان جن ڪي دفنايو تنهن ڪي مرڻو هو، قضا

ڪي قضا ڇو نہ ٿي اچي! ڇو رب هر ويرو پنهنجي ئي تخليق کي تباھ ڪرڻ جي پليان پهجي ويو آهي؟ حڪم الاهي اڳيان اسين بلڪل بي وس آهيون. اسين روزانو مري رهيا آهيون عزرائيل اسانجو مٽ تہ ناهي، جو اسان سان ڪا رعايت ڪري، موت سان وڙهڻ آسان ناهي، هر وقت نہ مرڻ جي ڪوشش ڪندڙ بہ آخر مري ٿو وڃي. انسان جڏهن پيدا ٿئي ٿو تہ پاڻ رئيندو ٿو اچي ۽ سڄي زندگي روئي گذاري ٿو، جڏهن هن دنيا مان موڪلائي ٿو تہ پويان گهڻن کي رئاريندو ٿو وڃي. فنا تہ انساني وجود جو حصو آهي، موت زندگيءَ جي امانت آهي جيڪا زندگيءَ کي هر صورت ۾ موٽائڻي آهي، موت سان بهرحال ڪو شخص تعلق نٿو رکي، هر ڪو زندگيءَ ۾ ايترو تہ شامل آهي، جو وٽس وقت ئي ڪونهي، پر زندگيءَ جي رستي ۾ تہ موت جي اونهي کاهي آهي، موت برحق آهي، جنهن جو ڏينهن هنڌ ۽ وقت مقرر آهي، هر ماڻهو جي عمر جا ڏينهن رات ڳڻيل آهن. هر هڪ جو حساب تقدير جي ڪتاب ۾ لکيل آهي. وقت پنهنجي ايڪن ۾ محدود آهي ۽ زندگيون سراسري طرح سٺ ستر سالن جي عمر ۾ پنهنجا مدا گذاري ٿيون وڃن. هر انسان پنهنجي زندگيءَ جو سفر ختم ڪري آخرت جو سفر ٿو شروع ڪري. موت انسان جي آخري منزل آهي جتي هو ساھ پٽي ٿو موت ۽ زندگي هڪ ئي سڪي جا ٻہ رخ آهن، زندگي فنا آهي ۽ موت ابد آهي زندگيءَ ۾ حياتي انمول ۽ موت اٽل آهي. مطلب تہ موت زندگيءَ جو ڊراپ سين آهي. مرڳ (موت) کان شهر خموشان (قبرستان) جو اذيتناڪ سفر ۽ اها دائمي جدائي هانو ڇنو ڇڏي.

موت جا قسم

شيءَ وڃي ڏٺيءَ کي پهتي... ويچار سوءِ سورن کان ڇڏي پيو... هي ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا هو... هي سخت غريبي واري حالت ۾ ۾ مئو ... هن جي بچڻ جي اُميد گهٽ هئي ... ويچاري گهڻئي حيلا هلايا ... ڪافي ڀڄ ڊڪ ٿي... ليڪن قضا کي ڪير ٽاري ... آخر زندگي هارائي موت جي ور چڙهي ويو ... ڪمپونڊرن ۽ نرسون کي بہ ويندي ويندي رئاري ويو ... هفتي کان پوءِ سندس شادي هئي ... ويچاري شادي بہ ڪانہ ڪئي ... هن مهان شخصيت هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، هي سنڌ جي هلندڙ گهمندڙ ثقافت هو، هن وڏو نالو ڪڍيو، آخر پنهنجو وارو وڃائي خاڪ مڪان ٿيو، هي مئو آهي پر هن جو نالو نہ مئو آهي. اڄ بہ هن کي سڄي سنڌ ساري ٿي ۽ هر هنڌ هن جون ڳالهيون ڳائجن ٿيون ... هي جڏهن گذاري ويو تہ هن جي منهن تي نور پئي وسيو ... خدا مغفرت ڪريس مڙھ کي وهنجاري ڪفن پارائي، جنازي نماز پڙهي ڏولي کي ڪلها ڏئي، قبر ۾ دفنائي، ڏهاں جماڻا، چاليها، ٻارها ۽ ختما پيا ٿيندا. پر اهي ڳالهيون نہ ڳڻنديون، قضيو، لوتڳي، ڪفن ڏولي، جنازو، مردا خانو، قبر، دفنائڻ، لاڏاڻو، وڇوڙو، صدمو، اهي اُهي سڀ منحوس لفظ آهن، جنهن کي ڪو بہ پسند نٿو ڪري. تب ٻڌڻ پون ٿا. ڪارا ڪپڙا، نغمہ ماتم، مرثيو، نوحو ۽ شام غريبان ڇا دل کي مطمين ڪري سگهندا؟ موت ۽ محبت ۾ بہ

گهڻي هڪجهڙائي آهي شايد هڪ ئي آهن مصيبتن جي شڪل ۾ بہ موت اچي ٿو. اهو پيار جيئرن لاءِ بہ هيڻ ڪپي، هتي مري ويندڙ تہ نئين ڪفن ۾ ٿو دفن ڪيو وڃي ۽ زندہ آهي تہ اگهاڙو ٿو رهي. هتي مرجائيل چهرن ۽ انهن مري ويل چهرن ۾ بہ گهڻو فرق ڪونهي. دنيا جڏهن هنن کان منهن ٿي موڙي تہ هي دنيا مان ئي هلايا ٿا وڃن. موت کان اڳئي جئرو ٿي مرڻ ڪيڏو عذاب آهي. اهي جئري مئل هرگز نہ نا ٿا ٿين اهي تہ هميشہ واري حياتي هت ڪن ٿا.

ڪيڏو بہ ڪر سينگار پر، مهمان مٽيءَ جو آنءَ

ڪنهن بہ جنازي کي ڪلهو ڏيندي ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ پنهنجيءَ وجود جي حصي کي دفنائڻ وڃي رهيو هجان ۽ جڏهن بہ ڪو دل گهريو پنهنجو مرندو آهي ۽ جڏهن کيس لحد ۾ لاٿو ويندو آهي تہ ڄڻ ائين لڳندو آهي تہ قبر ۾ پيو ڪو نہ ڄڻ مونکي لاٿو ٿو وڃي، هي سڀ ڄڻ مونکي پوري رهيا آهن. نيڻ الگ ڏي آهن ۽ اسان وري بہ پوَن ڏانهن ورنداسون. شڪاري شڪار تاڙي ٿو تون ۽ مان بہ شڪار بڻجي ٿا سگهون، بس رڳو وقت جو مسئلو هوندو آهي، ايندڙ سيان انهن مان ئي ڪو شخص قبر ۾ لاٿو ويندو. مان قبرن کي نہ پر ان ۾ سُتل قربن کي گل پارائيندو آهيان. منهنجون اکيون ڪڏهن ڪڏهن پاڻ مرادو بنا سبب جي بہ نير وهائيندو آهين ۽ ڪڏهن مان چاهيندي بہ روئي نہ آهيان سگهندو. الئي چو مونکي روئڻ جي ايڪٽنگ ڪا نہ اچي، مان اهڙن موقعن تي پنهنجي چپن ۾ هڪ تعزيتي ٺهڪ رڪندو آهيان. ڪيئي جگر گوشان اسان کان وڇڙي ويا، ڍول ويا ڍولڻ ويا، ڪي وڇڙي ويا ڪي اُڏري ويا جيڪي پي ميت هيا. پن ڄڻ ۾ وڇڙي ويا، مون رڳو ويڙهيا آهن جگري يارن جي وڇوڙن جا ڪفن، دوستن جي صدمن هانو ڦاڙي وڌو آهي. جڏهن منهنجا سڀ محبوب پنهنجي پنهنجي قبرن ۾ سمهي رهيا تہ مان بلڪل اڪيلو ۽ تنها رهجي ويس. وڻ تي جيئن ويڳاٿو پنڇي وڳر کان وڇڙيل ساٿي ساري رڙندو آهي مان پڻ ائين روئاءِ رڙاٿو.

مان هڪ ليڪ ۽ عاشق آهيان. مونکان ليڪ ۽ معشوق نٽا وسرن عرفان مهدي ۽ معصوم سانگهڙائي جي وڇوڙي جو اچا گهاءُ ئي نہ پريو هو تہ ان کان بہ بري خبر مون لاءِ کهڙي تي سگهي تي تہ حسن درس بہ اسان کان وڇڙي ويو.

منهنجو مرشد سيد عباس علي شاهہ

منهنجي جنم ڏينهن تي مونکان بہ وڏيڪ خوش ٿيندڙ، منهنجو مرشد سيد عباس علي شاهہ جيڪو مرشد گهٽ دوست وڌيڪ هو. جنهن کي هڪ ڏينهن آخر ننڊ ۾ ننڊ اچي ويئي، هن جڏهن پنهنجو آسماني چولو بدلايو تہ مان بلوچستان جي ٽوئر تي هوس، هن کي جڏهن حيدرآباد ۾ غسل ڏنو پئي ويو تہ اُت زيارت ۾ مونکي هن جي جسم جي خوشبو پئي محسوس ٿي. هاڻ هن مٿان هڪ عاليشان مقبرو اڏيل آهي. هي هر وقت سينگار ۾ رهندو هو. "ڪيڏو بہ ڪر سينگار پر مهمان مٽيءَ جو آن". "پل پاڻ

Scanned with CamScanner

سڏائين ٿا ته مهمان مٺيءَ جو آن". اها امر شاعري ڪندڙ هي عظيم شاعر هاڻ پاڻ پڻ سو ين منڻ مٽيءَ ۾ دفن ٿيل آهي. هاڻ اهڙا ماڻهون ڪٿان اچن جو انهن جا ڇڏيل خال پر ڪري سگهجن.

مولانا ملڪاڻي جو ڏوليءَ ۾ سير

چون ٿا ته دادو وارو مولوي غلام احمد ملڪاڻي جيڪريءَ ڪفن پاڻي پاڻ کي ماني (ڏوليءَ) ۾ کڻائي ڦرندو و تندو هو ۽ هر وقت مريدن جو وڏو انبوهه سائنس همراه هوندو هوس. مولانا ملڪاڻي 1935ع ۾ وفات ڪئي.

مرشد سائين حاجن شاهه ماڙي وارو

مان سنڌ ٽي وي جي پروگرام "هڪ ڏينهن اوهان سان" جي رڪارڊنگ لاءِ شڪارپور لڳ ماڙي ڳوٺ، مرشد سائين حاجن شاهه سان ملڻ ويوس ته منهنجي اوچتو نظر سائين جي آستاني ۾ سامهون ديوار تي ٽنگيل سائين جي فريم ٿيل ان تصوير تي پئي جنهن ۾ سائين تي جئيرئي گلن جا هار ٽنگيل هئا ۽ اگربتون ٻري رهيو هيون مان اٽنديءَ سائين کان پڇريون سوال اهو ڪيو ته "سائين مان هي ڇا پيو ڏسان"؟ سائين مسڪرائيندي جواب ڏنو ته "اها ته مريدن ۽ چاهيندڙن جي عقيدت آ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟" ۽ اڄ جڏهن هو پاڻ هن دنيا ۾ موجود ناهي ته سندس انهيءَ فريم ڪيل تصوير تي ڪو به گل يا ڪا به اگربتي ٻرندي نٿو ڏسان ته ڪا به حيرت نٿي ٿئي ۽ مسڪرائيندي سوچيان ٿو ته "اها ته مريدن ۽ چاهيندڙن جي عقيدت آهي، مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟

الطاف حسين جو يادگار

حيرت ته مونکي هاڻ ان تي به ناهي ته حيدراباد کان لطيف آباد ائيرپورٽ ويندڙ روڊ تي لطيف آباد 12 نمبر واقعي چوڪ تي خدا حافظ بورڊ تي جتي اڳ دنيا جو وڏو گولو لڳل هو هٽائي MQM هاڻ پنهنجي قائد الطاف حسين جو جيئرئي يادگار تعمير ڪيو آهي. جنهن ۾ چئين پاسن الطاف جون تصويرون هٽي چارائي ڦَل لڪي ڇڏيا آهن اهڙي يادگار کي سينوتين چئبو آهي، سينوتين (اهو خالي مقبرو جو ڪنهن شخص جي ياد ۾ ٺاهيو وڃي جيڪو ڪٿي ڪنهن هنڌ دفن ٿيل هجي) شل، سنڌن عقيد ساپيا ماٿي (آمين) هي جيسيئن قبر پيڙو ٿئي تيسين ته هن ملڪ جي ماڻ ئي پهي ڇڏي آهي. الله وٽ دير آهي انڌير نه. الله جي ٺهر جو بڪ ٿي آخر ڏاڍو بڇڙو ٿي مرندو. مان هر جمعي تي جمع بازار (کهاڙا مارڪيٽ) ضرور ويندو آهيان ۽ هن ڦَل چوڪ تي چار ڦَل ضرور پڙهندو آهيان ڇاڪاڻ ته مونکي خوشي ٿيندي آهي ته هتان جي مٽي هن جي حفاظت نه ڪري سگهي. الطاف حسين جيڪو ايم ڪيو ايم جي قيادت ڇڏ جي ته هر وقت ڳالهه ڪري ٿو پر هتي اچڻ جي پلجي به ڳالهه نٿو ڪري، هي ته هتي جيڪري هرگز ڪا نه ايندو پر هن جو ڪڏهن نه ڪڏهن هتي لاش ضرور ايندو، جي لاش به نه آيو ته يادگار ته اڳئي قائم ڪري ڇڏيو اٿس.

مان ۽ منهنجو محبوب موت

ايڪ ڏن مٽ جائي گا، ماٽي ڪي مول، جڳ ۾ رهہ جائينگي پياري تيري بول.

منهنجو چهرو قبر تي ويو آهي، منهنجا لفظ لاشا ٿي ويا آهن ۽ منهنجو لهجو سوڳوار ٿي ويو آهي.

اسان تہ جيئري ئي قبر ۾ آهيون، اسان لاءِ تہ جيئري ئي ڏمچر ۽ مٽي محشر آهي. هاڻ جيئري ئي قدر ناهي تہ مٽي خاڪ ٿيندو، پر جي ٿيو بہ تہ اسان تہ هن جهان ۾ ئي نہ هونداسون تہ قدر بدر ڪي ڇا ڪنداسون. هن جيئرن جي قبرستان کان بهتر آهي مري پنهنجن سان گڏ آرامي ٿجي مرڻو تہ اڳي پوءِ آهي، پر "جيئري مر تہ معشوق سان ملين" آهي موت جن ۾ زندگي لڪيل هوندي آهي مونکي بعد پسند آهن. بهادر ۽ دلير انسان پسند جو موت مرندا آهن. مان پڻ پنهنجو پسند جو موت مرڻ چاهيان ٿو. مان باوقار موت تي ترجيحي ڏيان ٿو. من منهنجو موت تاريخ جو انوکو ۽ پراثر احتجاج ثابت ٿئي. مان موت کي بہ ائين ورهائي مرندس جئين مان زندگي کي ورهايو آهي. مان پنهنجي جنم جي ڏينهن کان مري رهيو آهيان. هر گهڙي منهنجي ڪا نہ ڪا شيءِ مري ٿي وڃي. مان پنهنجي زندگيءَ جي لمحن ۾ موت کي تلاش پيو ڪريان، مان خدا کان پنهنجي موت جو ڏينهن بہ تہ پڇي نٿو سگهان، مان سيڪجهہ هارائڻ طرف وڃي رهيو آهيان، ان جوا ۾ مونکي آخر زندگي بہ تہ هاراڻي پوندي ۽ جڏهن مان هر شي هارائي ڇڏيندس تہ اهو منهنجي زندگي جو آخري ڏينهن هوندو. وات تہ وهندڙ آهي پر وک ڪٿي ٿي وڃي. جسم جو آخري گهر روح مسافر خانو آهي. مان ڏکهي عرصي تائين جئيندس يا ائين جلدي مري ويندس خدا معلوم. مان هميشہ تہ نہ رهندس. زندگي تہ هڪ موقعو آهي نيٺ تہ هليو وڃڻو آ. اهو ياد رکو تہ مان هن طبعي جسم ۾ سدائين تہ رهي نٿو سگهان ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن تہ مونکي اهو ڇڏڻو پوندو، مان زندگيءَ جا 54 سال جي چڪو آهيان، مان ڪالي جي چڪو آهيان، مان هاڻ گهڻو عرصو جي نٿو سگهان. ڪنهن بہ وقت آهہ ڪندي پساهہ پورو ٿي ويندو. منهنجا پل ڇڄندا ٿا وڃن، عمر منهنجي مونکي ڇڏي پئي وڃي، دل جي تال بي تالي ٿيندي پئي وڃي، مون ۾ هاڻ ساهہ کڻڻ جي بہ طاقت ناهي. هاڻ موت سڏ پنڌ تي اچي پهتو آهي موت جو فرشتو عزرائيل يا موت جو ديوتا (يمراج) گهوڙي تي سوار آهي، هو اسپيڊ ۾ اگهاڙي تلوار لهرائيندو پيو اچي، مونکي گهوڙي جي سنبن مان اٿيل دز پري کان نظر پئي اچي. مان ساهہ جي آخري تند ٽٽڻ تائين تهن سان وڙهندس ۽ پوءِ جڏهن "منهنجي ساهہ جو آواز بہ مون تائين نہ پهچندو، تڏهن مونکي اها خبر بہ نہ پوندي تہ مان ڪو مري چڪو آهيان. انتهائي زوال جي وقت جڏهن زندگيءَ جي مسافري جو آخري ٽڪ پهچي مان هالاڻو ڪندس تہ منهنجي ناپاڪ وجود کي غسل ڏئي پاڪ ڪري ڪفن ۾ ويڙهي انهيءَ ساڳي کٽ تي رکيو ويندو جنهن تي مان روزانو ويهندو، لکندو ۽ سمهندو هوس. منهنجي ميت

جڏهن منهنجي روح مان منهنجي گهر کان نڪرندي ته اها منهنجي هن گهر کان آخري موڪلائي هوندي، جنازي ۾ ڪير ڪير شريڪ هوندو، تعداد ڪيترو هوندو، ان سان مونکي ڪو فرق نٿو پوي جنازي نماز کان پوءِ منهنجي ميت کي بابن شاهه قبرستان آندو ويندو. لحد ۾ لهڻ کانپوءِ جڏهن قبر تي مٽي پوندي ته منهنجا پنهنجا لٽن سان مٽي ڏئي قبر جوڙيندا، جڏهن مان هميشه لاءِ رسي ويندس ته ڪيترا ڳوڙها ۽ ڪيترا گل منهنجي قبر مٿان هوندا خبرناهي؟ جڏهن مان قبر ۾ بي فڪري ننڊ جي آغوش ۾ سمائجي رهيو هوندس ته منڪر نڪير حساب ڪتاب وٺڻ وارا فرشتا ايندا ۽ ايندي شرط ٻڌي ڪي تڏاهڻي چوندا ”آتي پٽ هاڻي حساب ڏي“ جڏهن ڏوڙ ۾ لتبس ته مٽي سان مٽي ٿي ويندس آخر مٽيءَ جو ڍير، منهنجي جڏهن جي خاڪ به زمين جو ڀاڱو بڻبي ۽ انهي قبرن جي ڍير سان منهنجي قبر به ڪتبي لاءِ واجهائيندي رهندي. شل مونکي به هن ڌرتي جي مٽي نصيب ٿئي، جڏهن مان دنيا ۾ ئي نه هوندس ته منهنجي ڪرت پڻي محسوس ٿيندي. تڏهن مونکي هن شهر حيدرآباد جون هوائون ۽ وحدت ڪالوني جون گهٽيون پيون تلاش ڪنديون. مان هن ڪتاب ذريعي تحريري ۽ زباني ”ول“ وصيت ٿو ڪريان ته ”منهنجي موت کان پورن بعد منهنجي ڊيڊ باڊي عطي طور ڏني وڃي ته جيئن منهنجي جسم جا ڪار آمد حصا ڪنهن جي ڪم اچي سگهن. منهنجو لڱ ته ڪارائيتو ناهي، باقي ڳئي وڏي ڪم اچي ٿي سگهي، منهنجو موت اڃان ڪيئي قصا ۽ ڪهاڻيون ڇڏي ويندو، مان ته فنا جي اوڙاهه ۾ ڪٿي گم ٿي ويو آهيان. مان ته ڏکي عرصي کان مرڻ جي لاءِ جي رهيو آهيان، شايد عزرائيل به گهڻو مصروف آهي. هي اڪيلو آهي ويچارو، سڄو ڪم اڪيلو ئي ڪري ٿو. مونکي شايد اڃان موت جو اوسيئڙو ڪرڻو پوندو تڏهن وڃي منهنجو وارو ايندو. مان ڪري به ڇا ٿو سگهان، هن اڃان سوڏو پينڊنگ ۾ پيل پراڻن فائلن کي ئي نه اڪلايو آهي، بهتر اهوئي آهي ته هي اڳ ۾ پيل ڪمن کي پهرين نمٽائي وٺي پوءِ منهنجي ڳڻ ڪري تيستائين مان ڪجهه وڏيڪ جي وٺان ۽ آدم خور قبر به پل ته پنهنجا آنڊا وڏا ڪري وٺي. چنبيلي جي ول جيڪا سڙڻ کان اڳ پنهنجي حياتيءَ جا سڀ کان سهڻا گل ڏيندي آهي. ائين مان پڻ مرڻ کان اڳ پنهنجي زندگيءَ جا ٻه گل اُگهاڙو سچ ۽ گول مال پنهنجي آتم ڪٿا جي صورت ۾ اوهان کي ڏيو پيو وڃان. چون ٿا ته ”زندگي توڙي موت جو ويس هوندو آهي“ پنهنجو ته يارو زندگي ۾ ويس به اگهاڙپ هو ته مئي به ويس ساڳيو ئي رهندو ۽ ياد رکجو ته منهنجو موت ئي دراصل منهنجو جنم هوندو.

فيملي فوٽو



بابا مرحوم لالا عبدالكريم

امڙ بادشاه زادي

Scanned with CamScanner

اڳئي ائين هياس،
جو پنهونءَ ڌوتم ڪپڙا

آغا قيوم

هاڻ ائين ٿياس
جو جت ٻ ناهيون نيهن سين

جڏهن هي سچ پچ لاليءَ هو

آغا قيوم عرف **لاليءَ** کي آئون 1980ع واري ڏهاڪي کان سڃاڻان جڏهن هي سچ پچ **لالي** هو. هن ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون موجود آهن. هن ٻاراڻي رسالي **لالي** ذريعي تمام گهڻي ميڄتا ماڻي. هن جون لکڻيون ادبي رس چس سان ڀرپور آهن. پر مونکي سندس ان انداز سان سخت اعتراض آهي. جنهن کي هي **اُگهاڙو سچ** چوي ٿو. منهنجي خواهش آهي ته هي پنهنجن صلاحيتن کي هاڪاري اندازي ۾ استعمال ڪري ۽ پنهنجي لکڻين ذريعي پنهنجو اهڙو ڪردار ادا ڪري جنهن سان پاڻ به مطمعن ٿي سگهي ۽ سندس دوست به خوشي محسوس ڪن.

مرتضيٰ سيال

ڪڙوءِ ڪرو لڪي ٿو

آغا قيوم هڪ باصلاحيت ۽ سڄاڻ ليکڪ آهي. هي اُگهاڙو سچ جو دعويدار آهي. ڪڙو لڪي ٿوءِ ڪرو لڪي ٿو جيڪڏهن انهن سچائين کي وڌيڪ تخليقي انداز سان، علامت ۽ ٻين فني خوبين سان سينگاري ڪنهن ادبي حدبنديءَ اندر لکجي ته پوءِ ماڻهن کان لڪائي چوريءَ پڙهڻ جي ضرورت محسوس نه ٿيندي **آغا قيوم** انهيءَ ڳالهه کي سمجهي ٿو پر هي چاهي ٿو ته ماڻهو سندس ڪتاب کي عام ڪتابن وانگر نه پڙهن.

ادل سومرو

بي حد پيارو دوست

آغا قيوم منهنجو جان من دوست آهي. بي حد پيارو جنهن سان زندگيءَ جا بهترين سال گڏ گذاريا آهن. سنڌ جو سير ۔ ڪيئي يادگار سفر گڏجاڻيون ۽ هن لنڊي پار، وانگر هر هنڌ منهنجي بي پناه عزت ڪئي ۽ احترام ڏنو ۽ اهو سڀ منهنجي زندگيءَ جو بهترين سرمايو آهي. هن انتهائي بولڊ موضوع تي هي ڪتاب لکيو آهي ۽ لنڊي ڪنڊ ۾ اهڙي ڪتاب لکڻ جي جرئت هن ئي ڪئي آهي. زنده باد آغا قيوم زنده باد

نصير مرزا

سڀ کان وڌيڪ وڪرو ٿيندڙ ۽ ڪيئي ايوارڊ ماڻيل ڪتاب